# پيارَ ڪهاڻي

نجم عباسي



سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ.

# پيارَ کهاٽي

(ناول)

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

نجم عباسي

سنڌي ساهت گهر - حيدرآباد سنڌ
1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : پيارَ ڪهاڻي
ليکڪ : نجم عباسي
ڇاپو : پهريون
ڇپجڻ جي تاريخ : آگسٽ 1996ع
: (ٻيو ڇاپو مئي 1996ع)
ڪيليگرافي : راڻو ميگهواڙ
قيمت
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر (87)

PYAR KAHANI (Original Sindhi Novel)
By: NAJAM ABBASI
Published by: NAZ SANAI
Chairman, Sindhi Sahat Ghar,
3- Nizam Lodge, Gari Khato, Hyd. Sindh
Book No. 87
Rs. = Only

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻہ اکر

سنڌيءَ ۾ اصلوڪن ناولن جي ڪافي کوٽ آهي ۽ هي ناول "پيارَ ڪهاڻي" ٻہ ان کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ، اسان جي پياري قلمڪار مرحوم نجم عباسي تحرير ڪيو هو. جيڪو ان وقت پڙهندڙن ۾ انتهائي مقبول ٿيو ۽ هاڻي ٻہ ساڳي طرح سان ان کي پڙهيو ويجي ٿو.

سنڌي ساهت گهر طرفان، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي سمورن ڪتابن کي فوري طور ٻيهر ڇپائڻ جو جيڪو فيصلو ڪيو ويو آهي، هيءُ ڪتاب پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي. اميد تہ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جا ٻيا ڪتاب ٻہ ترت پڙهندڙن تائين پهچايا ويندا.

۱۴ آگسٽ ۱۹۹٦ع

۲۰ صائمہ پلازا،

هالا ناڪو حيدرآبادسنڌ

– ناز سنائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارَ جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجو چوڏهون ڪتاب

## ١- مئي ١٩٨٤:

مان چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو ۽ مون کي پورو احساس آهي تہ منهنجا پڙهندڙ، مون کان ڇا ڇا چاهن ۽ منهنجي لکڻين ۾ ڪهڙي اميد ٿا رکن. اها بہ حقيقت آهي تہ انهن جي چاهہ واريون ۽ انهن جي اميدن مطابق، منهنجي ڪهاڻين ۽ لکڻين جا مون وٽ ڍير ٿي ويا آهن. ساهت پنهنجي دور جي عڪاسي ڪندو آهي. پر ڪي دور اهڙا ايندا آهن. جنهن جي عڪاسي تہ بروقت ڪئي ويندي آهي. البت ان جي پڌرائي، ان جي گذري وڃڻ کان پوءِ ئي ممڪن ٿيندي آهي. ڪي ليکڪ اهڙا ٿيندا آهن، جن جون لکڻيون، هنن جي جيون ۾ عوام تائين پهچي نہ سگهنديون آهن.

هي منهنجو پهرين ڇپجندڙ ناول آهي، پر پهريون لکيل ناول نہ آهي. سال ١٩٧٩ع شروع ٿيڻ سان منهنجي ذهن ۾ خيال اڀريو هو تہ هي سال منهنجي لاءِ ناول لکڻ جو سال آهي ۽ هر حالت ۾ هن سال ناول لکندس ۽ پوءِ ان سال ئي هڪ ناول لکي پورو ڪيو هوم. پر اهو اڄ تائين ڇپجي نہ سگهيو آهي. تازو هڪ ڏينهن، گفتگوءَ ۾ مسٽر فيروز احمد ميمڻ سان انهيءَ ناول ۽ ان جي موضوع جي ڳالهہ ڪيم. هن چيو تہ توهان ڏاڍا تيز لکندڙ آهيو، ڪو "رومانوي ناول" لکي ڏيو تہ هڪدم ڇپجي ويندو. مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن منهنجي دل جي ڳالهہ چئي هئي ۽ ان گهڙيءَ کان ذهن ۾ ولوڙ پيدا ٿي ۽ سٽاءُ سٽجڻ لڳو. مون کي احساس ٿيو تہ گهڻي وقت کان مون اهڙي قسم جو ناول لکڻ چاهيو هو. اصل ۾ ان جا ڪي ٽڪرا ڪهاڻين جي صورت ۾ لکيا بہ هئم..... پوءِ مون نوٽس وٺڻ شروع ڪيا. ١١-جنوري ١٩٨٤ع تي هي ناول باقاعدي لکڻ شروع ڪيم ۽ ١٤- فيبروري ١٩٨٤ع تي پورو ڪيم. ان جي ٻي نظر اچا پوري بہ ڪانہ ڪئي هئم تہ ڇپائي شروع ٿي وئي. اهو نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو انتظامي ڪمال آهي، جو هيڏو وڏو ڪتاب، ايترو جلدي تيار ٿي ويو. منهنجي آرزو هئي تہ هڪ ٿلهي ڪتاب جو مصنف بڻجان ۽ هي ڪتاب ٽِئن سوَن صفحن جو آهي.

ڪهاڻيپڻو. ننڍي ڪهاڻي توڙي ناول ۾ ٿئي ٿو. فرق آهي مقدار جو. ناول، ننڍي ڪهاڻيءَ کان ڊگهو ٿئي ٿو. تمام گهڻو ڊگهو ۽ تمام گهڻو ويڪرو پڻ، انهيءَ لاءِ تہ ان ۾ موضوع جو يا موضوعن جو، ڪردار يا ڪردارن جو تفصيل ڏئي سگهجي ۽ گهرائيءَ ۾ وڃي سگهجي.

منهنجي ساهتي جيون جي شروعات شاعريءَ سان ٿي، پر ڪهاڻين لکڻ کان اڳ مون هڪ ناول لکڻ شروع ڪيو هو. ان جو نالو رکيو هوم: "عشق جي راهہ اٿانگي". اهو ان وقت جي عام رواج ۽ منهنجي اوستا مطابق داستاني طرز تي هو. اهو ناول ٿورو ئي لکيو هوم ۽ اڌ ۾ ڇڏي ڏنل آهي. ان جو ديباچو بہ مون لکيو هوم. ان ديباچي ۾ هي ٽڪرو پڻ لکيو هوم: "اگرچہ هي خيال قصو آهي، تڏهن بہ ان ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪين آهن، جي ناممڪن يا ناشدني هجن، جئن ڪيترن قصن ۽ ڪهاڻين جا مصنف، ديون ۽ پرين جي باري ۾ ڪندا آهن."

پنهنجي ان اڻپوري ناول جو مسودو اڄ بہ مون وٽ موجود آهي ۽ ڪنهن مناسب موقعي تي اصل صورت ۾ ڇپرائيندس. ان ديباچي هيٺان جا تاريخ ڏنل آهي، سا آهي: ١٢- جولاءِ ١٩٤٣. ان وقت مان لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهہ ۾ پنجون درجو انگريزي (هاڻي جي حساب موجب اٺون ڪلاس) پڙهندو هوس.

هھڙو ٿلهو ڪتاب، جو منهنجو پهريون ڇپيل ناول پڻ آهي، منهنجي ساهتي جيوت جي حوالي سان، منهنجي لاءِ خوشيءَ جي خاص بلندي ميسر ڪري ٿو..... جيئي سنڌ!

٩٥- بي، يونٽ نمبر ٢،
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ.

**نجم عباسي.**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ڪان منهنجي خوشيءَ جو ڪاٿو ئي ڪونهي. منهنجي لڱ لڱ ۾، منهنجي رڳ رڳ ۾ راحت جون لهرون اڀري رهيون هيون. مون کي زندگي وري رهڻ لائق لڳي رهي هئي. مون ڳائڻ تي چاهيو ۽ پنهنجي بي سُري آواز جو احساس هوندي به، اسڪوٽر هلائيندي، زور زور سان ڳائڻ لڳس. فلمي گانا، جي مواد جي خيال کان ٻاراڻا ۽ واهيات سمجهندو هوس، سي مون کي زندگيءَ جون حقيقتون لڳي رهيا هئا. ائين پيو سمجهان ته هڪ هڪ گيت، منهنجي خيالن ۽ جذبن کي لفظن جي صورت ڏئي رهيو آهي. اسپتال مان موٽندي، رستي تي مون کي هر ماڻهو خوش تي نظر آيو. هر شيءِ وڻندڙ تي ڏٺي، هر آواز منو تي ڀاسيو. هونءَ مان ڏماڙي انهن ئي رستن تان لنگهي ويندو هوس، ڪابه چيز دلچسپ محسوس نه ٿيندي هئي، ڪنهن به وٽ ڏيان ڪونه چڪايو هو. ٿڪل جو هوندو هوس.

انهن گهڙين جي خمار ۾ ڪم سمر، پتو ناهي ڪيئن گهر پهتس. اهو هوش نه هوم ته ڇا پيو ڪاوان، ڇا پيو ڏسان، ڇا پيو ڪريان! دماغ، اهو تصور وري وري پئي ورجائڻ چاهيو. دل، مستي ۽ عجيب خوشيءَ سان ڇلڪي رهي هئي. ننڊ ئي نه تي آئي. ڪيترائي ڀيرا ننڊ مان جاڳي پيس. جاڳندي به منهنجي دل ۽ دماغ ۾ هوءَ سمايل هئي ته سپنن جي سورمي به هوءَ هئي. ريڊئي جي راڳن ۾ اڄ اچانڪ ايترو رس اچي ويو هو، ايتري ڪشش پيدا تي وئي هئي. دنيا اوچتو ڪيڏي نه روشن بنجي وئي هئي، جيون ڪيترو نه خوبصورت لڳي رهي هئي. دل ۾ جذبن ۾ دماغ ۾ خيالن جو جيڪو ساگر لهرون هڻي رهيو هو، ان کي لفظن جا ڦڙا پاڻ ۾ ڪٿي تا سمائي سگهن!

مون اڏامڻ تي چاهيو مون نچڻ تي چاهيو. اڄ صبح جو جڏهن وهنجڻ ويس، تڏهن مون سچ پچ نچيو به. پنهجو پاڻ ۾ به ته اڄ دلچسپي وڌي وئي آهي. ڏاڙهي ڪوڙڻ ۾ الاهي وقت ورتم. هونءَ هڪ صافي ڏيندو آهيان، اڄ به ڏنم. وهنجڻ مهل صابڻ سان به مرتبا بدن مهتيم. ڪپڙا، جي سنيءَ ۾ سنا موجود هئا، سي پاتم. جوانيءَ ۾ ئي جي ايڪڙ ٻيڪڙ وار اچا ٿيا اٿم، انهن تي اڄ ڀهريون ڀيرو ايترو غصو آيم. سيلهه ڪنڌا تي مٿي ۾ چيڻ لڳا. هاڻي خضاب ونبو ۽ باقائدي لڳائبو.

اڙي مان ته پنهنجي پچار ۾ لڳي ويس. هوءَ ته ڏاڍي سهڻي آهي. گل محمد ڪترِيءَ جو زندهه شاهڪار. ڪترِيءَ جي مومل جي چتر ۾ مون کي به شيون خاص

پسند آهن، هن جون اکيون ۽ هن جا هٿ.... هن جون اکيون به ڏاڍيون دلڪش آهن ۽ هن جا هٿ به بيحد وٽندڙ. هن جو قد ڊگهو ۽ هن جي چيلهه ٻولاڻي آهي. مان هن کي به مومل ڪوٺيندس.

هوءَ سدائين مرڪندي رهندي آهي ۽ مرڪندي ئي نظرون هيٺ ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ان حالت ۾ به هن جي مرڪ محسوس ٿيندي رهندي آهي. اڃا ته ٿورو پئي ڳالهائي. ڪيترن سوالن تي ڪنڌ هيٺ ڪري، ماٺ ٿيو وڃي. هن جو رنگ ڪڻڪ رنگو آهي. جنهن ۾ ڪجهه نمڪيني به پرپل آهي. عمر پندرهن سال ٿيندس. اسڪول جي شاگرداڻي آهي.

اهي شرميليون نگاهون، اهڙو حسن، منهنجي ايترو ويجهو اچي وڃي، اها خوشي ۽ خوشفهمي مون کي آسمانن تي پئي اڏائي.

ائين به نه آهي ته هيءَ پهرين ڇوڪري آهي، جنهن سان منهنجو واسطو پيو هجي. پر انهن ۾ ڪابه اهڙي ڪانه هئي جنهن کي سهڻي چئي سگهجي. بلڪ اهي گهٽو ڪري ڪوجهيون ئي هيون ۽ عمر جون پڪيون پڻ. هيون به زياده تر واهيات. ائين ڪٿي چئجي ته هنن ئي مون کي ڦاسايو يا ڪوشش سان پاڻ ڏانهن ڇڪيو. يا گهٽ ۾ گهٽ اڳرائي هنن ڪئي. مان طبيعت جو بزدل ماڻهو آهيان ۽ ڪا حرڪت ڪرڻ جي همت ڪا ورلي ساري سگهندو آهيان. جن ڇوڪرين کي مون پسند ڪيو ۽ سهڻيون هيون تن مان ڪنهن به مون کي رخ ڪونه ڏنو. ائين به نه آهي ته مان شڪل شبيهه جو وٽندڙ نه آهيان. نه، منهن مهانڊي جو به مان ناهوڪو آهيان. ان جو ڪيترن ئي دوستن ۽ عورتن کي به اعتراف آهي. ڪن جو خيال آهي ته مون ۾ ڪوٽ اها آهي ته سنئون سڌو ۽ سادو سودو آهيان ۽ زبان ۽ ڳالهائڻ جي چالاڪيءَ کان محروم. مون حسن ۽ شباب جي قرب حاصل ڪرڻ جو آسرو لاهي ڇڏيو هو. ڏاڍي حسرت ٿيندي هئم.

رات حسن جي هڪڙي پيار پري نگاهه، محبت پرئي هڪڙي گفتي، مدهوشيءَ مان هٿن جي ڇهاءَ ۽ گرم چپن جي ميلاپ مون کي نئين روح سان مالا مال ڪري ڇڏيو. سونهن ۽ پيار، جيون ۾ ڪيڏي نه خوشي ۽ رنگيني پيدا ڪري ٿا ڇڏين.

اڳتي خبر ناهي ته هن جو رويو ڇا ٿئي. پر جي ڪنهن کي جيون جي صرف هنئڙي هڪ رات ملي وڃي جا اهڙي مسرت، امنگن، خواهشن ۽ رنگين خيالن سان پرپل ٿئي، جنهن ۾ هر مسرت، هر امنگ، هر خيال ۽ هر خواهش جو تصور اهڙي

خوبصورت ڇوڪريءَ سان ڳنڍيل هجي جنهن وٽان پيار مليو هجي تہ اها هڪ رات بہ پوري حياتيءَ جي برابر آهي. مون حسن کي ساري عمر پٺيءَ ڏٺو آهي: ڪاليج ۾، شهر جي بزارين ۾، ڪلبن ۾، هوٽلن ۾، سئنيما جي پردي تي، پر اهو حسن حاصل ڪيئن ڪجي، ان جي ويجهو وڃڻ جي جرئت بہ هجي!

هيءَ رات، منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. اڄ ڪانپوءِ ڪجهہ ملي يا نہ ملي، هن رات جي ياد، مون ۾ حسين جذبن جي لهر ڊوڙائيندي رهندي.

گذريل ٻن سالن ۾ هن کي ٻہ چار ڀيرا ڏٺو هوم. ڪا سهڻي ڇوڪري ڏسندو آهيان تہ دل ۾ چوندو آهيان ۽ دوستن کي ٻڌائيندو آهيان تہ فلاڻي ڇوڪري شادي ڪرڻ جهڙي آهي. اهو منهنجو ماپو هوندو آهي. ڪنهن ڇوڪريءَ کي بي انتها پسند ڪرڻ جو. هوءَ اسپتال ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايندي هئي. جتيءَ طرح ياد اٿم تہ هن جو منهن ۽ هن جون اکيون ڏاڍيون وڻيون هيون. ايترو بہ ياد آهي تہ هوءَ مرڪندي رهندي هئي.

هيءَ تہ آهي ان ڏينهن جي وارتا، جنهن ڏينهن باقاعدي ڊائري لکڻ جو پهہ پچايم. ان کان ڪجهہ ڏينهن اڳ جي خبرچار هن ريت آهي:

## ١٥ - سيپٽمبر ١٩٦٣ع:

هوءَ پنهنجي علاج لاءِ آئي. ٻڌايائين تہ ٻن مهينن کان فلاڻي تڪليف اٿم. ٻين هنڌان دوا ورتي اٿم پر فائدو ڪونهي. مون هن کي چڪاسيو ۽ نسخو لکيو. هڪ دوا بزار مان وٺڻ لاءِ لکي ڏني مانس. ڪيتري نہ من موهن منهن مهانڊي واري آهي. دل چاهيو تہ وري وري پٺي اچي. هوءَ هڪ اٺن نون سالن جي ٻار سان آئي هئي.

## ١٦ - سيپٽمبر ١٩٦٣ع:

هن کي دوا وٺڻ واسطي صبح جو اچڻ ڪيندو هو. پر هوءَ هڪ چوڏهن سالن جي عمر واري ڇوڪري سان شام جو آئي. چيائين بزار واري دوا آندي اٿم. ان جي استعمال جو طريقو ٻڌايو. پڇيومانس تہ مون واري دوا پيتئي؟ چيائين رڳو هڪ اڄر پيتي اٿم. ان مان ڪوڙ فائدو پيو آهي. مون چيو ان دوا جا ٽيئي وزن هڪ ڏينهن ۾ پيئڻا هئا. تو ٻن ڏينهن ۾ فقط هڪڙو پيتو آهي. چيائين تہ ان ساميري ۾ ڏاڍي سست آهيان. دوا ٽئي بہ تہ ڪوڙي تي. مون چيو اها دوا پيءُ ۽ ڪجهہ ڏينهن پيءُ تہ اها پراڻي بيماري پاڙان پٽجي وڃي. مرڪي، ماٺ تي وئي. مون کي پوءِ

خيال آيو تہ هوءَ ان دوا جي استعمال جو طريقو ڪنهن ٻئي جي هٿان بہ پڇرائي ٿي سگهي.

## ١٨ - سيپٽمبر ١٩٦٣ع:

هوءَ ويهن ٻاوهين سالن واري ڇوڪري سان آئي ۽ زناني ڪونٽڙيءَ ۾ وڃي ويٺي. چيائين اڳين بيماري تہ ڇڏي وئي، وري بي تڪليف ٿي پئي آهي. دوا وٺي وئي. هن ڪي ڏسي، منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي آهي. سوچيان ٿو تہ هاڻي ايندي تہ ڪجهري ڪندوسانس. پر ڪهڙي موضوع تي؟ اهوئي تہ مون لاءِ مشڪل مسئلو آهي. هوءَ ٿي چار ڏينهن ڪانہ پيدا ٿي.

## ٢٢ - سيپٽمبر ١٩٦٣ع:

سانجهيءَ جو ٻن ننڍن ٻارن سان آئي. سدائين وانگر مرڪي پئي. چيائين اڄ اهڙي تڪليف هئي جو اسڪول بہ وڃي نہ سگهيس. مون ڪيس ڏوهہ ڏنو تہ دوا باقاعدي استعمال نہ ٿي ڪري. چيومانس تہ مون ڪي الائي ڇو انتظار ٿي پوندو آهي تہ تون دوا وٺڻ ضرور ايندينءَ. توکي مان تندرست ڏسڻ ٿو چاهيان. منهنجي دل جي دڪ دڪ تيز ٿي وئي هئي. سندس اکين جي ساراهہ ڪرڻ جي همت تہ ڪانہ ٿيم. البت نبض ڏسندي چيومانس: ”توکي ننهن تي پالش ڏاڍي ڀلي ٿي لڳي.“ ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيائين. شرمائجي وئي. صرف هڪ هٿ جي آڱرين جا ننهن وڏيل ۽ پالش ٿيل هئا، ٻئي جا نہ. پڇيومانس: ”ٻئي هٿ سان اها بي انصافي ڇو؟“ جواب ڪونہ ڏنائين. ڪنڌ هيٺ هوس. مون ئي وري ڳالهہ ڳنڍڻ لاءِ چيو: ”شايد فئشن ائين آهي.“ هوءَ مرڪي رهي هئي. دل سان گڏ منهنجي هٿن ۾ بہ لرزش اچي وئي هئي.

ڇاتيءَ جي چڪاس ڪندي، هن جي نرم بدن، مون ۾ هيجان برپا ڪري ڇڏيو. ڇاتي. تپاسٽي (Stethos cope) کي ٿورو دٻايم. هڪدم هن ۾ تبديلي اچي وئي. هن جي منهن ۾ سوڻ پئجي ويو ۽ اکين ۾ غصو ڏسڻ ۾ آيو. مان گهبرائجي ويس. ائين سمجهيم تہ اجهو ٿي چڙٻ ڏئي يا ٺقڙ وهائي ڪڍي. فوراً چيومانس: ”ڏکهو ساهہ کڻ!“ اهو ظاهر ڪرڻ خاطر تہ جڻ مون ڏکهو ساهہ کڻائڻ لاءِ ئي اشاري طور سندس ڇاتيءَ تي زور ڏنو هو. شايد هوءَ ان خوشفهميءَ ۾ اچي وئي ۽ هن جي چهري تي دستوري چمڪ موٽي آئي.

## ٢٣ - سيپٽمبر ١٩٦٢ع:

صبح جو ئي اچي نڪتي. هن کي پنهنجي پوڙهي ماءُ سان زناني ڪونڙيءَ ۾ گهڙندي ڏٺم. منهنجي دل جو ڪدڙ جاڳي پيو. ڪٿي ائين ته نه آهي ته هن پنهنجي ماءُ سان مون واري ڪالهوڪي حرڪت جو حوال ڪيو آهي ۽ هوءَ هينئر مون سان لڙڻ آئي آهي. مان سچ پچ ڏڪي ويس. جيڪي مريض موجود هئا. انهن مان جلدي جند ڇڏايم ته جيئن جهيڙي جي حالت ۾ هو مون کي بي عزتو ٿيندو نه ڏسن. پنهنجي نيڪ نيت جي ثبوت ۾ قسم کڻڻ لاءِ به تيار ٿي ويس.

اندر گهڙيس هوءَ به ڪاوڙيل نظر نه آئي ۽ ماڻس به مشڪي چيو: "هن کي اوچتو هينئر فلاڻي تڪليف ٿي ... ي آهي." مون سامت جو ساهه کنيو. هن کي چڪاسيم پئي ته ماڻس چيو: "ڊاڪٽر سائين! توهان جي علاج مان هن کي ڏاڍو فائدو پهتو. جنهن بيماريءَ لاءِ هن ٻن مهينن کان ڪيترن ئي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جو علاج پئي ڪيو. سا بيماري توهان جي ٻن ڏينهن جي دوا سان ڪافور ٿي وئي."

فخر کان منهنجو ڳاٽ اوچو ٿي ويو.

هوءَ وري شام جو آئي. هڪ ننڍو ڇوڪرو گڏجي آيو هوس. مون اول ئي سوچي ڇڏيو هو ته ڳالهائڻ ۾ رنيائڻ لاءِ کهڙيون ڳالهيون پڇندوسانس. اتفاق سان پندرهن ويهه منٽ ٻي ڪابه مريض عورت ڪانه آئي. مان هن کان سوال ڪندو رهيس: ڪيترا ڀائر اٿئي؟ ڪيتريون ڀينرون؟ ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهندي آهين؟ اوڏانهن ڪيئن ويندي آهين. بس ۾ يا پنڌ؟ اتي ڪيتريون شاگرياڻيون آهن. ڪيتريون ماسترياڻيون؟ ۽ ٻيا اهڙي قسم جا سوال. هن جواب تمام مختصر ٿي ڏنا ۽ ڪن سوالن جا جواب ئي ڪونه ٿي ڏنائين. رڳو ڪنڌ ٿي هيٺ ڪري ڇڏيائين. ٿورو ڳالهائو ٿي ڏسجي.

"صبح جو اسڪول ڪونه وئينءَ ته گهر ۾ ڇا پئي ڪئي؟"

"ائين ٿوري ننڊ اچي وئي."

"ڇو، رات ننڊ نه آئي هئي ڇا؟"

"نه" مشڪي وراڻيائين.

"ڇو، بيماريءَ ڪري سور هو ڇا؟"

"نه، سور به ڪونه هو." هن جو مشڪڻ جاري هو.

”صفا ٺيڪ آهي؟“ هن مرڪي وراڻيو.

”ڏاڍو چڱو ٿيو جو تون منهنجي هٿان صحتياب ٿي وئين.“ وري ڳالهه کي اڳتي هلائڻ لاءِ چيم ”تو هي ٻه مهينا ڪنهن کان علاج ڪرايو؟“

هن هڪ ڊاڪٽر، هڪ هوميوپيٿ ۽ ٻن يوناني طبيبن جا نالا ٻڌايا.

”توهان جي گهر وارا ته اڪثر مون کان علاج ڪرائيندا آهن؟“

”ها، پر ڪن پاڙي وارن جي چوڻ تي اما مون کي ٻين وٽ وٺي وئي هئي. هاڻي هن کي به پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو آهي.“ هوءَ مشڪي رهي هئي.

ويهي ويهي چيائين ”اڄ پلا دوا ونان ڇا؟ شيشي ته کڻي آئي آهيان.“

منهنجي اندر ۾ خوشيءَ جي لهر اٿي. دوا جي ضرورت نه ٿي سمجهيائين. پوءِ به آئي آهي. ڪٿي هيءَ ڳل مون ڏانهن ته نه ڇڪجي رهيو آهي! اهڙا ڀاڳ ڪٿي! ههڙو حسن مان ڪيئن ماڻي سگهندس!

”دوا پي پي ته ڪڪ ٿي پئي آهيان!“

پنهنجي دل ۾ چيم: باقي ڪهڙي پياس آهي؟

اوچتو بجلي بند ٿي وئي. اسپتال اندر نوڙي ٻاهر رستي تي اوندهه ٿي وئي. مون کي اوندهه جو فائدو وٺڻ جي همت نه ٿي ۽ نه مناسب ئي سمجهيم. هي نازڪ ۽ سندر سرير، اڏنگاين ۽ زبردستين لاءِ نه هو. هڪدم ڪمري مان نڪري آيس. لالٽين، جو اهڙي مهل لاءِ موجود هوندو آهي، سو ڪمپائونڊر ٻاري اچي رکيو ۽ مان به وري اچي ويٺس. ڪجهه بجليءَ وارن جي باري ۾ ڪجهه هِتان هُنان جون بي معنيٰ ڳالهيون ڪندو رهيس.

”تون منهنجي ڳالهين تي بور ته ڪونه ٿي ٿئين؟“ مون پڇيومانس.

”جي بور ٿيان ها ته هتي ڇو اچان ها.“ هن جي چهري تي نئين رونق نظر آيم. اهو جواب ٻڌي، منهنجي دل خوشيءَ کان ٽپا ڏيڻ لڳي. هن ٿيو ڏينهن پنهنجي پر واري ڪرسيءَ تي مون کي وهڻ لاءِ چيو هو. اڄ هوءَ چاق هوندي به دوا وٺڻ جي بهاني سان آئي آهي. هوءَ چوي ٿي ته بور ٿيان ها ته اچان ڇو ها. هي خوشين جا خزانا ڪٿان کلي رهيا آهن!

”تون ٺيڪ ٿي وئي آهين، هاڻي ته ايندينءَ نه؟“

”پڻيو ته وري جلدي بيمار ٿيان.“

ٻنهي کلي ڏنو. هن جي کل، چانديءَ جي گهنٽين جو سنگيت هئي.

مون هن کي ڇهڻ جي خواهش هيٺ، هن جي نبض تي هٿ رکيو.

"توهان کي منهنجا هٿ ڏاڍا پسند آهن." هن چيو.

"ها. بيحد." منهنجي رت جو دورو تيز ٿي رهيو هو ۽ دل ۾ اميدون بيدار ٿي رهيون هيون. نبض تان هٿ هٽائي، مون هن جو اهو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ دٻايم. هن مرڪي ڏنو.

نئڊو ڇوڪرو منهنجي پٺيان وينو هو ۽ هيءَ حرڪت ڏسي نه ٿي سگهيو.

مون ان هٿ کي ٿورو مهٽيو. هن ڇڏائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. آهستي آهستي، ڏڄندي ڏڄندي هن جو اهو هٿ کڻي اچي پنهنجي ڇپن سان لڳايم. ناراضگيءَ جو اهڃاڻ ظاهر ڪونه ٿيو. مون هٿ هيٺ ڪيو ۽ هن جوهٿ پنهنجي ان هٿ ۾ رهڻ ڏنم. ڳالهايو ڪنهن به ڪونه ٿي. هن جون اکيون منهنجي اکين ۾ هيون ۽ منهنجيون اکيون هن جي اکين ۾. ٻئي مرڪياسين پئي. ٻئي خوشيءَ سان ٽمٽار هئاسين. پوءِ هن منهنجو هٿ پنهنجي چپن سان لاتو. مان خوشي جي آڪاس تي اڏامڻ لڳس.

مون آهستي چيو "هاڻي تون ڪونه ايندينءَ؟"

"ڇا ڪريان. اڄ به ڪوڙ ڳالهائي آئي آهيان. ورنه مون کي ڪا بيماري ڪانهي."

"اهو نه ظلم ٿيندو."

"جئن چئو تئن ڪجي؟"

"مان توکي سين جو ڪورس لکي ٿو ڏيان. مائٽن کي چؤ نه اهي گهرائن. ڏهه سيون ٿينديون. ان بهاني سان ڪجهه وقت نه ملنداسين پيا."

"ڪهڙا نه خود غرض آهيو. مون کي سين جو ايذاءُ ڏيڻ ٿا چاهيو." هن جي مرڪ ۾ شرارت جو جزو ملي ويو هو.

مان ٿورو ڪڪو وڪو ٿي ويس.

"نه. ائين ناهي. انهن مان توکي سچ پچ فائدو ٿيندو. تون جو ڪمزوريءَ جي شڪايت ڪندي آهين، اها دؤر ٿي ويندي." مون چيو.

"چڱو لکي ڏيو. ڪا دوا به ڏيو. متان مائٽ خالي شيشي ڏسي آڏي پڇا شروع ڪن."

مون ڇوڪر کي چيو نه ٻاهر اچي دوا وٺ. هن کي نسخو لکي ڏنم. هو

نسخو ڪٽي ڪمپائونڊر وٽ ويو. مان تپ تپاسڻي ڪٽي وري اندر گھڙيس، جڏھن ته بخار ڏسڻ ٿو ويچان. بجلي به اچي وئي ھئي.

ھن جو ڪنڌ ھيٺ ھو. مون ھن جي ڪاڏيءَ ھيٺان ھٿ ڏئي، ھن جو منھن پنھنجي سامھون ڪيو. ھوءَ مرڪي رھي ھئي. مون ھڪدم ھن جي چپن تي پيار ڪرڻ چاھيو. مان جھڪيس. منھنجي نيت جو اندازو ڪري ھن جي منھن ۾ سوئڊ پيو. اھڙوئي جھڙو ان ڏينھن واري حرڪت ڪرڻ سان ڏنو ھوم ۽ منھن پري ڪرڻ لاءِ ڪنڌ کي جھٽڪو ڏنائين. مان جوش ۾ ھوس. پڪڙي زوريءَ چپن تي مٺي ڏني مانس.

ڪنھن جي اچڻ جو آواز ٿيو. مون خواھ مخواھ تپ تپاسڻي ڪري ھن جي وات ۾ وڌي. ھڪ عورت اندر داخل ٿي.

ان عورت سان ڳالھائيندي، مون اک ٽيٽ ڪري ھن ڏانھن نھاريو. پر ڪاٿو ڪري نه سگھيس ته ھوءَ ناراض ٿي آھي يا نه. پوءِ ڏٺم ته ھوءَ لڪي لڪي مون سان نظرون ملائڻ جي ڪوشش ڪري رھي ھئي. مائي جو نسخو لکڻ لاءِ ٻاھر ٿي نڪتس ته ھن چيو "ڊاڪٽر صاحب، مون کي سيون لکي ڏيو ته مان وڃان."

مون کي افسوس ٿيو ته تڪڙ ڪري ھن کي چو مٺي ڏنم. مون کي ائين ڪرڻ نه کپندو ھو. تڪڙ جي ضرورت به ڪھڙي ھئي. ھن تي ان جو اثر الائي ڪھڙو ٿيو. متان ناراض نه ٿي وڃي. اھا ھرڪر ڏاڍي رھي..... ھا، جنھن مھل چيائين ته دوا به ڏي، خالي شيشي ڪٽي وڃڻ ٺيڪ نه آھي. تڏھن اھو به چيائين ته ننڊ جي گولي به ڏجان. اڄ ننڊ اچڻ محال آھي. ھن جو مطلب پروڙي مون مرڪي ڏنو ٻن ٽن ڏينھن کان چيائين پئي ته ننڊ نه ٿي اچي. ان جو مطلب پڻ ھينئر سمجھيم ۽ دل بھار بھار ٿي وئي.

چيومانس "تون دوا جا پئسا نه ڏيندي ڪر."

جواب ڏنائين "اھو مناسب ناھي. پئسا توھان کي وڻڻا پوندا."

"نه. جئن مان چوان ٿو ائين ٿيندو."

مون کي پنھنجي ابھرائي ڏاڍو ڪتڪي ٿي. ھوءَ ناراض ڪٽي نه به ٿي ھجي، پر ھھڙي نرم ۽ نازڪ جسم، ھن مرڪندڙ طبيعت تي اھا خسيس گستاخي به گران گذري ھوندي. پوءِ ھن جي وڃڻ وقت، ھن جو مون ڏي ڏسڻ ۽ مرڪڻ مون کي ياد اچي ويو ۽ ھن جي ناراضگيءَ جا ھڙئي وھم ۽ وسوسا، ڪاري بورڊ تي چاڪ سان

دڪ دڪ تيز ٿي وئي. هُن بيمارن کي ڇڏي زناني پاسي ويس. هن سان گڏ آيل ڇوڪري کي ٻاهر وڃي وهڻ جو اشارو ڏنو. هن پهرين ڳالهه اها ڇئي تہ مون کي پنهنجي تصوير ڏي. مون هن کي سمجهايو تہ تو وٽ منهنجي تصوير رهڻ ٺيڪ نہ آهي. تنهنجي گهر جو ڪو ماڻهو ڏسي وٺي يا ٻيو ڪوبہ تہ بدنامي ٿيندي. پاڙي جا ماڻهو مون کي سڃاڻن ٿا. هن ضد ڪيو. اصل رسي منهن ٻئي پاسي ڪري ويهي رهي.

مون پرچائڻ جي پياري ڪوشش ڪئي. ڏاڍو مزو آيو.

منهنجي هٿ ۾ پيل منڊيءَ ڏي اشارو ڪري چيائين "تنهنجو مڱڻو ٿيو آهي جا جو منڊي پاتي اٿئي؟"

مون جواب ڏنو "ترسان ٿي تہ ٿيو آهي."

چيائين "تو وٽ فون آهي؟"

"نہ."

"فون هجي تہ ساهيڙين وٽان يا ٻئي ڪنهن هنڌان. هڪ ٻئي جي سامهون نہ هوندي بہ گهٽ ۾ گهٽ ڳالهايون تہ خوب پيا. هاڻي فون وٺڻ جي ڪوشش ڪر."

"تنهنجي اها خواهش پوري ڪبي."

"هن ڏينهن اها ڪهڙي عورت تو وٽ ويٺي هئي؟"

هن جو اشارو نرس طرف هو. رات جنهن مهل هوءَ آئي، ان مهل اها نرس ويٺي هئي، ميز وٽ ڪرسيءَ تي منهنجي سامهون.

رقابت جي آگ شروع ٿي وئي هئي.

مون بهانو ناهيو: "هوءَ ڏنڌي جي سلسلي ۾ ايندي آهي. زنانن ڪيسن ۾ هن جي مدد جي ضرورت پوندي آهي."

هوءَ ٿورو ماٺ ٿي وئي، پوءِ چيائين "پر تون ڪنهن بہ ٻي ڇوڪريءَ سان نہ ڳالهائيندو ڪر. مون کي الائي ڇا ٿو ٿئي، بس تون انهيءَ نرس کي بہ پاڻ وٽ نہ وهاريندو ڪر."

مون ڪلي ڇيو "حاضر!"

مون کي اندر ويهارو منٽ ڪن ٿي ويا. ٻاهرين ماڻهن کي ضرور عجب لڳو هوندو تہ ڇا معاملو آهي. ساڻس آيل ڇوڪرو بہ هاڻي جهاتيون پائي رهيو هو. چيومانس: "تون ترس تہ مان هنن بيمارن کي ڏسي اچان ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيمارن مان جلدي جلدي جند ڇڏايم.

هن سان ڪچهري ڪندو رهيس. اوچتو ڪتمنڙا ياد اچي ويم. ڪيسي ۾ ڪٽي آيس. هڪ سندس وات ۾ وڌم. ان جو اڌ چپن ڪان ٻاهر جهلي، اشارو ڪيائين ته تون به چڪ هڻ.

ڳالهين ڪندي چيومانس "تون برقعو لاهي ڇڏ. مون اڄ تائين توکي بنا برقعي نه ڏٺو آهي." ماٺو ڪري انڪار ڪيائين. مون سندس سامهون وارا برقعي جا بٽڻ کوليا ته هوءَ ٻيٺي ٿي وئي ۽ منهن ڪري منهنجي سيني ۾ لڪايائين.

هن سان مسخري ڪندي، منهنجي قميص جو مٿيون ٻيڙو کلي پيو. اهو بند ڪيائين. وري به کلي پيو چيائين:

"هر هر ڇو ٿو کلي پوي؟" چيومانس: "بند ڪرڻ واري جو ملي وئي اٿس."

پڇيومانس "ماءُ ڪونه پڇندي اٿئي ته ايتري دير ڇو لڳايئي؟"

"ها پڇندي آهي. پر مان چوندي آهيان ته بيمارن جي ڏاڍي رش آهي."

پاڻ واري دل گهرئي دوست کي سڀ ڪجهه پئي ٻڌايو اٿم. هن چيو: "مان سمجهان ٿو ته هي هن جون پهريون Adventure نه آهي." مون کي ۽ اها ڳالهه چڀي پئي، پر چپن تي آڻڻ نه پئي چاهيم. هوءَ ڪافي Bold (دلير) ٿي نظر آئي، عمر جي لحاظ کان. ائين به ٿي سگهي ٿو ته هن ۾ اها دليري پيار پيدا ڪئي هجي.

## ۴- آڪٽوبر ١٩٦٣ع:

اڄ ته منهنجي دل جون مرادون پوريون ٿيون. سوچيندو هوس ته هوءَ چار پنج ڪلاڪ اچي مون وٽ وهي ته مان هن سان خوب ڳالهيون ڪريان، جيءُ ڀري پيار ڪريان.

اڄ صبح جو اچڻ لاءِ چئي وئي هئي. صبح کان انتظار ڪري مان نااميد ٿي ويو هوس. اسپتال بند ٿيڻ ۾ باقي ڏهه منٽ هئا جو هوءَ اچي پهتي. هوءَ اڪيلي آئي هئي ۽ ٽي ڪلاڪ مون سان گڏ رهي. اهي ٽي ڪلاڪ گذري به جڻ اک ڇنڀ ۾ ويا. بيمارن جي اچڻ جو وقت ختم ٿي ويو هو. هڪ بجي کان ڇهين بجي تائين اسپتال بند رهندي هئي. اسان کي ڪافي آزادي هئي.

"گرل گائيڊ واعدي جي پڪي ٿيندي آهي" هن جي ان چوڻ ۾ خوشي به هئي ۽ ادا به هئي.

"ها ڪهڙي بلا ٿيندي آهي؟"

"توکي اها بہ خبر ڪانهي؟" ائين چئي هن چيلهہ تائين برقعي جا بٽڻ کوليا.

"هيءَ تہ ڪا يونيفارم آهي" مون چيو. هن کي اڇي قميص هئي جنهن جي پاسي، چاتين مٿان کيسا هئا. سائو تهہ ڪيل رئو V جي شڪل ۾ ويڙهيل هو ۽ چيلهہ ۾ چمڙي جو پٽو.

"اڙي تون تہ سپاهڻ لڳي پئي آهين!"

"اڄ اسان جي پريڊ هئي، اتان پئي اچان."

پهرين تہ هوءَ گهبرائڻ لڳي تہ ٻاهر ويٺل ڪمپائونڊر ڇا خيال ڪندو. ان ڪري هن جلدي وڃڻ چاهيو. پر مون هن کي تسلي ڏني تہ ان ڳالهہ جو خيال نہ ڪري، هو کي مون پاڻ ئي چوڪيداري ڪرڻ لاءِ وهاريو آهي. پوءِ هوءَ ٿي ڪلاڪ ويٺي رهي. گهڻئي ڳالهيون ڪيوسين. اهڙيون ڳالهيون جي ٻين کي ٻاراڻيون ۽ بي معنيٰ لڳن. پيار جون شرارتون بہ جاري رهيون. هوٽل تان ڪمپائونڊر ماني وٺي آيو. هڪ ٻئي کي وات ۾ گرهہ وڌاسين. مستيون گهڻيون ڪيوسين. ڪاڏوسين گهٽ.

هن جي ڳالهين مان اندازو ڪيم تہ هوءَ بہ مون وانگر سوچيندي رهي آهي ۽ تڙڦ ۽ اوجاڳي جو شڪار رهي آهي. هن پڇيو "تو ان رات منهنجي ڇاتيءَ تي ڇو زور ڏنو هو؟"

مون ساڳي ڇيڙڇاڙ ڪندي چيو "اڃا بہ تو اهو نہ سمجهيو آهي. پر سچي ٻڌاءِ، اهو توکي برو لڳو هو؟"

"پهرين واقعي ئي مون کي برو لڳو هو، پر پوءِ مون کي ان هنڌ مٺي مٺي ڪتڪتائي ٿيندي رهي."

پڇيائين "ان ڏينهن مون توکي پنهنجي پر واريءَ ڪرسيءَ تي وهڻ لاءِ چيو. تون ويٺين ڇو نہ؟" وري چوڻ لڳي "تو جڏهن چيو تہ تون منهنجو انتظار ڪندو آهين تڏهن مون کي بہ محسوس ٿيو تہ مون کي بہ توکي ڏسڻ لاءِ انتظار ٿو رهي ۽ سڪ ٿي لڳي."

چيائين "مان هونءَ تہ ڪوڙ دفعا ٻين سان گڏجي تو وٽ آئي هئس پر پنهنجي لاءِ صرف هڪ ڀيرو، سو بہ سال کن ٿيو تہ دوا ورتي هئم. ان ڀيري تو مون کي هڪ ڳالهہ چئي هئي سا مون کي اڃا بہ ياد آهي."

"ڪهڙي؟" مون پڇيو.

”تو چيو هو تہ توکي ڪِلڻ جي بيماري آهي ڇا؟“

مون کي ياد آيو تہ هن کان جو سوال مون پڇيو ٿي تہ جواب ڏيڻ بدران رکو مرڪيائين پئي. ان تي مون سڌيون جملو چيو هو.

چيائين ”تو مون تي اهڙو اثر ڪري ڇڏيو آهي جو تو واسطي ڪجهہ ڳالهيون پئي سوچيندي آهيان. تون ڊاڪٽر آهين. وڏو ماڻهو آهين. مان تہ اڃا مئٽرڪ بہ پاس ڪانہ ڪئي آهي. مان تنهنجي لاءِ ڪهڙي اهميت رکي سگهان ٿي! اهو خيال ڏاڍو ستائيندو اٿم تہ ڪهڙي خبر تون ٻين ڇوڪرين سان بہ پيار ڪندو هجين. گهڻئي پيون تو وٽ اچن. مان خيال بہ ڪري نہ ٿي سگهيس تہ مان پنهنجو پاڻ ڪنهن جي بہ ائين حوالي ڪري ٿي سگهيس.“

مون هن جي برقعو لاٿو ۽ اڄ پهريون ڀيرو هن جو جسم بنا برقعي ڏٺم: چيلهہ سنهڙي ۽ بدن وٽندڙ آهي. قد جي لحاظ کان سنهڙي ٿي لڳي. چيومانس: ”ٿورو ٿلهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪر.“ چيائين: ”هاڻي تہ پاڻ سنهي ٿيندس. تنهنجي پيار جي خوشيءَ ۾ پوري ماني بہ ڪونہ ٿي کائوان.“

مون هن کي ڏاڍو پيار ڪيو. هن جي يونيفارم واري قميص کي آڏو ٻيڙا هئا. مون اهي لاهڻ شروع ڪيا. هن هڪدم ڪٽي هٿ پڪڙيو. ”ڏس تون حد وڌي رهيو آهين.“ هن مرڪي چيو.

”پوءِ ٻڌائي ڇڏ تہ حدون ڪهڙيون آهن.“ مون چيو.

هن جي مرڪ ۾ واڌ اچي وئي.

”تون گهبرائين ٿي. مان تہ توکي خوب پيار ڪرڻ ٿو چاهيان.“ مون وري چيو.

”مان گهبرايان تہ ڪونہ ٿي. مون تہ پنهنجو پاڻ تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، پر خبر ناهي ڇو دل ٻڏڻ ٿي لڳي.“

مون دل ۾ چيو: ڪهڙا خيال ۽ ڪهڙا اثر آهن. جي انسان جون وٽندڙ خوشيون برباد ڪريو ڇڏين ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجو قاتل بنايو ڇڏين؟

هن اوچتو پڇيو ”تون نماز پڙهندو آهين؟“

”هيءَ نماز نہ آهي ڇا، ڪنهن جي دل وندرائڻ بہ تہ نماز آهي.“ مون فلم ۾ ٻڌل جملو دهرايو.

”تون پڙهندي آهين؟“

"گهٽ ۾ گهٽ ٽي وقت تہ پابنديءَ سان پڙهندي آهيان. گهر جو وايو منڊل اهڙو آهي. تون بہ پڙهندو ڪر."

"منهنجي عبادت هيءَ آهي، جا توکان سواءِ ادا ٿي نہ ٿي سگهي، تون ايندينءَ پئي تہ اهو فرض ادا ٿيندو رهندو."

پهرين هن جي منهن ۾ پراڻو اٽوٽندڙ سونڊ پيو، پرپوءِ خوش ٿي وئي، ڏاڍو خوش ٿي وئي.

مون هن کي خوب پيار ڪيو. هوءَ سسندي وئي. چيومانس: "حد تہ ڪونہ وڌي رهيو آهيان." ۽ پوءِ چيڙائڻ خاطر گهڙيءَ گهڙي ائين چوڻ شروع ڪيم تہ "حد کان تہ ڪونہ وڌي رهيو آهيان." ڪجهہ شرمندي ٿي مرڪندي رهي.

"تون تہ منهنجي جسم جي ذري ذري تي پيار جي مهر پيو هڻين." هن چيو.

"تون تہ مون کي پيار ئي ڪونہ ٿي ڪرين، رڳو مان وٺ پڪڙ لڳايو وينو آهيان."

"مون کي پيار ڪرڻ نہ ٿو اچي. ورنہ مان توکي بيحد پيار ڪريان ٿي، منهنجي دل کان پڇي ڏس."

بينچ تي هن جي سٿرن کي وهاڻو بنائي ننڍي پيس. هوءَ منهنجي وارن سان کيڏڻ لڳي. آرزو ايري: ڪاش: زندگي ائين ئي گذري وڃي!

"تون ايترو دير سان ويندينءَ، گهر ۾ آڌي پڇا تہ ڪونہ ٿيندءِ؟"

"مان پريڊ تان سڌو تو وٽ آئي آهيان. صبح ئي امان کي ٻڌائي آئي هيس تہ چار بجي ايندس."

"تو لاءِ گرل گائيڊ بنجڻ لازمي آهي يا تون پنهنجي مرضيءَ سان ٿي اها سکيا وٺين؟"

"پنهنجي مرضيءَ سان."

"ڪهڙي خيال کان؟"

"پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ."

سئنيما بابت سوال ڪيومانس، چيائين: "اما ۽ بابا تہ سخت خلاف آهن، پر مان پائرن پينرن يا ساهيڙين سان ڪڏهن ڪڏهن ڪيل ڏسندي آهيان."

اڄ بہ تہ تصوير لاءِ ڏاڍو ضد ڪيائين. قسم وڌائين، منٿون ڪيائين. نيٺ چيومانس تہ مان توکي ڪو ناول آڻي ٿو ڏيان، توکي مڙئي منهنجي ڪا شيءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي نہ؟

ان تي چيائين ”توکي خبر آهي تہ مان اڪ تيت ڪري ڏسندي آهيان تہ تون ڪهڙا ڪتاب پڙهين ٿو ۽ ڪهڙا ڪتاب تنهنجي ميز تي رکيل آهن. ڪي ڪتاب تہ انهن اديبن جا هوندا آهن، جي منهنجي پسند جا بہ آهن.“

”مثال طور ڪهڙا اديب؟“

”امر جليل ۽ نجم عباسي.“

اڄوڪا هي ٽي ڪلاڪ صدين تائين ياد رهندا.

سوچيندو رهيو آهيان تہ هن کي ڪهڙي پيار جي نالي سان پڪاريان؟ پتلي يا گڏي؟ هن جي منهن مهاندي مان اهي ئي نالا ذهن تي ايرندا رهيا. اڄ جذبن جي جوش ۾ منهنجي وات مان نڪري ويو. ”تون منهنجي مومل آهين!“ هاڻي سوچيو اٿم تہ هن کي مومل ئي سڏيندس. هن تہ مون کي ڊاڪٽر پنهون خان مان ”پنهل“ بنائي ڇڏيو آهي.

## ٥- آڪٽوبر ١٩٦٣ع:

شام جو ڪجهہ دير ٿي ويم. اسپتال پهتس تہ اول ئي موجود هئي. هڪ پنجن سالن جو ڇوڪرو ساڻ هوس. هن کي نظرن کان پري، پاسيرو ڪري وهاريوسين. ويهارو منٽ ڪن قرب وندليوسين ۽ ڪچهري ڪئيسين. ٻاهر مريض وڌي رهيا هئا. چيائين: ”ڪالهہ واري منهنجي هيڏي اڄڻ جا اما کي خبر ڪانہ هئي، ان ڪري اڄ پاڻ ئي چيائين تہ سئي وجي هٽائي اڄ. هاڻي ڪوڙ ڪوڙ ۾ سئي هئي ڇڏ. جئن هي ننڍڙو ڇئي سگهي تہ سئي لڳي. مان پاڻيءَ سان سرنج ڀري آيس. ان مان هڪ هلڪو ڦوهارو هن جي چهري تي هنيم. هن جي چهري تي ڦڙا ائين ٿي بيٺا جئن گل جي پنکڙين تي ماڪَ جا قطرا.

تصوير لاءِ اڄ بہ ضد ڪندي رهي.

ٻاهر ويٺلن جو ڌيان نہ ڇڪجي، ان ...ال کان ڌهن منٽن کان پوءِ ٻاهر آيس ۽ تپ تپاسڻي ڪٽي وري زناني ڪوٺڙيءَ ۾ گهڙيس، جڻ تہ مريضياڻيءَ جو ٽيمپريچر ڏسڻ پيو وڃان. وري ڏهاڪو منٽ ترسي رت جو داٻ (بلڊپريشر) ڏسڻ وارو اوزار اندر ڪٽي ويس.

”گرل گائيڊ جي ٽولي سکر ۽ لاهور سير سفر تي ٿي وڃي، ٻن هفتن واسطي. مان بہ وڃان؟“ مون کي هن جي ان سوال تي ڏاڍو پيار آيو.

پر اُهي شهر مون اول ئي ڏٺا آهن ۽ منهنجي خوشي ته هتي آهي!" مرڪڻ هن کان ڪير کسي. هن جي مرڪڻ سان ڪهڙي وٽ برابري ڪري سگهي. هينئر ته هن جي مرڪڻ ۾ پيار هو، پاٻوهه هو، شرارت هئي.

"پوءِ ڪٿي نه وڃ." مون دل جي ڳالهه چئي ڏني.

## ٧ - آڪٽوبر ١٩٦٣ع:

اوسيڙو ڪٽڻ جو ناهي. هن سان سلاقات کان پوءِ طبيعت هلڪي ۽ ناپر واري محسوس ٿئي ٿي. پر ٿوري ئي مهل گذرڻ تي وري تانگهه شروع ٿئي ٿي. جيئن ذيابطيس جي مريض جي اڃ اجهندي ناهي. گهڻو وقت هن بابت پيو سوچيان: هوءِ هينئر ڇا ڪندي هوندي؟ مون کي ياد ڪندي هوندي يا نه؟ هن کي به ايتري تڙپ آهي؟ گهر ۾ ويني ويني به اهو پيو سوچيان ته جيڪر هينئر هوءِ اوچتو هتي اچي نڪري. سمهڻ وقت اها تمنا ايري ته هوءِ منهنجي پاسي ۾ هجي. جام شوري طرف هڪڙو مريض ڏسڻ ويس. دلفريب نظارو هو. دل چاهيو ته هوءِ هتي مون سان هجي ۽ هن ماحول ۾ ڳالهائيندا رهون. گهمندا رهون. پيار ڪندا رهون. هن کي مٺي ڏيڻ ۾ ڪيتري نه راحت هوندي آهي. اهڙي راحت اڄ تائين حاصل نه ٿي هئم. هوءِ مدهوشيءَ جي عالم ۾ پهچي ويندي آهي ۽ مون تي نيم بيهوشي ڇائنجي ويندي آهي.

خيال پيو ڪريان ته هن کان اڳ تائين جن عورتن سان بيحڙائي (ها. بس اها بيحڙائي هئي، ڪو پيار ته نه هو) ڪئي اٿم. سي ڪهڙيون نه ڪراهت جهڙيون هيون. پنهنجن انهن ڪرتوتن ڪري مون کي پنهنجو پاڻ کان به بيجان پئي اچي. ان ڪري مون تي اهو اثر ويٺل هو ته اها شيءِ هڪ بحڙائي ئي آهي. پيو خيال هي ٿو اچي ته ناولن ۾ پڙهندو هوس ته هيترو ڪي هيترو وقت عاشق ۽ معشوق ملندا رهيا ۽ نويڪلائي به هئي پر هو صرف ڪچهري ۽ چمين ڀاڪرن تائين محدود رهيا. تڏهن انهن ڪتابن جي ليکڪن تي غصو ايندو هوم ته هو انساني سڀاءَ کان غير واقف آهن. يا ڄاڻي واڻي غلط نمونو پيش ڪن ٿا. پر هاڻي احساس ٿيو اٿم ته پيار جي حالت ۾ اها پيحاڙڪي خواهش اهڙي زور واري نه آهي، جهڙي سمجهيم پئي. هن Romance ۾ جو مزو آهي سو ان پيحاڙڪي خواهش ۾ڪٿي!

شام جو آئي. پندرهن ويهه منٽ خلاصگائي ملي. ڪجهه ڳالهيون. ڪجهه ڪچهري، ڪجهه قرب، ڪجهه ڏوراپا. تصوير لاءِ ڏاڍو ضد ڪيو اٿس. هن لاءِ

هڪڙو ڪتاب وٺي آيو آهيان، پر ڏنومانس ڪونہ. خيال ڪيو اٿم تہ پيا بہ وٺي ڪڏي ڏيندوسانس. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ عورت کي سوکڙي ڏيڻ تي دل ڪانہ ٿي اٿم. اهي ان جي لائق ٿي ڪٿي هيون! هن لاءِ دل پئي چئي تہ هن جي پسند جي ڪا سوکڙي ڏيانس. ان لاءِ سوچڻو پوندو ۽ هن کان پڇڻو پوندو. ائين نہ ٿئي جو ڳالھ کلي پوي ۽ بدنامي ٿئي.

## ٨ - آڪٽوبر ١٩٦٣ع:

اڄ سئيءَ جو وارو تہ ڪونہ هوس، پر سندس هڪ مائٽياڻيءَ کي دوا لکي ڏني هئم، اها خريد ڪئي هئن، ان جو وزن پڇڻ جي بهاني سان آئي هئي. ڪجھہ ڪتمنڙا ڪٽي ويس. ڪيسو تہ ڪونہ هوس، سو چولي اندران وجھي چيومانس: "حد تہ ڪونہ وڌي رهيو آهيان!" هوءَ مرڪندي رهي، هوءَ کلندي رهي، زندگي مرڪندي رهي، زندگي کلندي رهي.

## ٩ - آڪٽوبر ١٩٦٣ع:

سانجهيءَ جو آئي. اڌ ڪلاڪ ويٺي پر بيمار ضاعفون هڪ ٻئي پٺيان ايندين ويون. گهٽي ٺلاصڪائي ڪانہ ملي سگهي. ناول ڏنومانس. فوٽوءَ لاءِ ضد جاري آهي.

هوءَ ويڻ جي ڪندي آهي، مان روڪيندو رهندو آهيانس. هوءَ دانهون ڪندي آهي تہ گهر ۾ نہ پيما ٿئي، ٻاهر ويٺل مريضن کي نہ شڪ پوي. مان اهو سڀ ڪجھہ سمجهندي بہ روڪيندو آهيانس. هن کي ڇڏڻ تي دل ئي نہ چوندي آهي. پر هن جي منهن تي گهٻراهٽ ۽ بي آرامي ڏسي ڇڏڻو پوندو آهي. هوءَ چوندي آهي: "اسان کي اهڙو رستو وٺڻ نہ گهرجي جو منهنجي مائٽن کي ڄاڻ پئجي وڃي ۽ اسان جو ملڻ سدائين لاءِ بند ٿي وڃي!"

ڳالھ تہ عقلمنديءَ واري پئي چوي.

ڪي ڳالهيون سچ پچ ائين ٿيو پون جئن مان سوچيندو آهيان. يا ڪي ڳالهيون اسان ٻئي ساڳيون سوچيندا آهيون. ان کي صرف اتفاق Co-incidence ئي چئي سگهجي ٿو:

هڪ ڏينهن ٻڌايائين تہ "اسان جي گهر جي ڇت تان توهان جي اسپتال نظر ايندي آهي." هڪ پيري خيال آيم تہ هن سان وقت مقرر ڪري، مان اسپتال جي در وٽ بيهان ۽ هوءَ ڇت تي. ڪجھہ درشن تي ويندو. ان جي ٻئي ڏينهن تي آئي تہ

چيائين: "تون پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿندو به آهيان يا نه؟" مون پڇيو "ڇو؟" چيائين: "ڪالهه ڪيتري مهل ڇت تان واجهائيندي رهيس ته تنهنجي ڪا جهلڪ نظر اچيم!"

هن جي پرسان آهيان ته منهنجا هٿ هر وقت هلندا رهن ٿا. هن جي ڇهري کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي چپن، ڳلن ۽ اکين کي پيو مٺيون ڏيان، هن جو نڪ پيو پٽيان، هن جا زلف پيو سنواريان، هن کي ڇهنڊڙيون پيو هڻان، هن جي هٿن ۾ هٿ وجهي زور ڏيان ۽ ٻي ڇيڙ ڇاڙ ڪريان. عجب ٿو لڳيم ته هوءَ ڪڪ ئي ڪانه ٿي ٿئي. انديشو به هر وقت هوندو آهي ته ڪا بيمار عورت اوچتو نه اندر لنگهي اچي. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو گهبرائجي ويندي آهي ۽ مان ٿورو پريرو هٽي ويهندو آهيان ته چوندي آهي "ايترو دور!"

اڄ هن چيو "ٻانهن ۾ سين سور ڪري وڌو آهي. اڳتي ڪنهن ٻئي هنڌ هٽج." هن جي ان چوڻ ۾ ڪا چلولائي يا شرارت به نظر ڪانه آيم. هوءَ پوري طرح گنڀير هئي پر تنهن هوندي به مون کي هن جو ائين چوڻ نه وڻيو.

هاڻي منهنجي بي آراميءَ ۾ ڪي قدر گهٽتائي ٿي آهي. هڪ ته اها وڏيڪ پڪ ٿي اٿم ته هوءَ به مون کي چاهي ٿي. ٻيو ته هيءَ ڊائري لکڻ ڪري به طبيعت گهڻي هلڪي ٿيو پوي. پنهنجي دوست سان حالي حوالي ٿيڻ ڪري به فرحت محسوس ڪندو آهيان.

نرس ڏاڍو اڇڻ شروع ڪيو آهي. چوي ٿي ته عشق ۾ اصل ڦاٿان ٿي. مون کي ڏاڍي ٻچان ٿي اچي. چاهيان ٿو ته هوءَ اچي ئي نه. رخ به ڪونه ٿو ڏيانس، جئن مومل سان انجام ڪيو هوم. پر هيءَ ته جان ئي نه ٿي ڇڏي.

## ١٢ - آڪٽوبر ١٩٦٢ ع:

گهٽو ڪري، ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ڏهاڙي اچي ٿي. منهنجي دنيا خوشين، خوشبوين ۽ روشنين سان ڀرجي وئي آهي. اڄ منو ڪلاڪ وهٽو ويس. هن ڪان پوءِ اينڊڙ عورتن کي ڏسندو ويس، پوءِ به نويڪلائيءَ جو وجهه نه مليو. هن سان هڪ ڏهن سالن جي ڇوڪر آئي هئي. لڪائي هڪ چٺي مون کي هٿ ۾ ڏنائين. هن جي رڳو چٺي ڏيڻ ئي مون کي خوشيءَ جو نئون احساس ڏئي ڇڏيو. واندڪائيءَ وقت اهو خط کولڻ لڳس ته منهنجي دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. هي مومل جو پهريون خط هو. ان ۾ لکيو اٿائين:

اهڙ ڪنهن پسند نہ آهي. ان ڪري هو ٻئي نالي سان ڇپائيندي آهي.

مون کان منهنجي ائڊريس پڇيائين. مون ڪيس ٻڌائي. منهنجي دل چاهي ٿي تہ مون کي خط لکي ۽ ڍڳها ڍڳها خط لکي. پنهنجي ائڊريس پاڻ ئي ٻڌايائين.

"مان تہ توکي خط لکي ئي نہ ٿو سگهان." مون چيو. ڇو نہ ٿو لکي سگهين. بس هيئنان لکندڙ جو نالو ڪنهن ڇوڪريءَ جو لکجان. مثال طور "نازان" هن وراڻيو.

"پر مون کي خط لکڻ ئي ڪونہ اچي، مٿان منهنجي خط جو آسرو رکين." مون چيو.

## ١٦- آڪٽوبر ١٩٦٣ع:

رات ڏاڍي گهري ننڊ اچي وئي. صبح ٻو سوير ئي سجاڳ ٿي، ٻاهر نڪتس. پرهہ ڦٽي رهي هئي، رستي تان چڪر هڻي اچي ڇپر تي وينس. آڪاس ڪڪرن سان ڍڪيل هو. ٿڌي هير لڳي رهي هئي، جهرڪين جي چين چين سرندي جو آواز محسوس ٿي رهي هئي. ڏاڍي فرحت محسوس ٿيم. جيڪر مومل هن وقت گڏ هجي. هر خوشي هر فرحت هن کان سواءِ اڌوري ٿي لڳيم.

جنهن وقت اسپتال وڃڻ لڳس، ان مهل مينهن جون سنهيون ڪٽيون پئجي رهيون هيون. اڄوڪو ڏينهن تہ مومل سان ملي نظارن ڏسڻ جهڙو هو. هن بابت سوچيندو ويس.

جلد ئي پهچي ويس ۽ جيستائين اسپتال بند ٿيڻ جو وقت ٿيو. هوءَ ويٺي رهي. ساڻس گڏ ٽن چئن سالن جي ڪڪي آئي هئي، جنهن جي موجودگي اسان لاءِ ڪنهن رخني جو ڪارڻ نہ بني. هن کي ڪتمنڙن سان وندرائيندا رهياسين. بيمار بہ آيا ٿي. انهن کي اڪلائيندو ٿي ويس. برسات بہ ٿوري گهٽي پئجي رهي هئي، ان ڪري گهٽا بيمار ڪونہ آيا ۽ پوءِ بارش ٿوري تيز ٿي تہ اسين گهٽي قدر بي فڪر ٿي وياسين. ڏاڍيون ڳالهيون ڪيوسين. ڏاڍو قرب ونڊيوسين.

"اسان جو اڄوڪو پيار هڪ هنڌ گڏ ٿي سگهي تہ هماليہ جبل جيڏو جبل تيار ٿي وڃي." مون چيو.

"خدا ڪري اهو جبل ڪڏهن نہ ٽٽي" مومل چيو.

"جبل ٽٽندا نہ آهن."

"اڄ تو مون کي ايترو پيار ڪيو آهي، جو سال جي ڪوتا پوري ٿي وئي.

هاڻي پورو سال تو وٽ نہ ايندس. ٺيڪ آهي نہ؟"

"ڏسان منهنجي پيار کان سواءِ تون ڪيترو وقت رهي ٿي سگهين!"

جيڪي ڳالهيون پئي ڪيونسين، اهي سلسلي وار ٻڌائڻ مشڪل ۾ پين لاءِ بي معنيٰ آهن.

سئي هٽائڻ مهل اسپرٽ جي بوءِ ايندي آهي. اها تنهنجي ويجهائي ۾ تنهنجي ڇهاءَ جي حوالي سان مون کي ڏاڍي وڻڻ لڳي آهي. گهر ۾ ويٺي ويٺي اها بوءِ محسوس ٿيندي اتم ۾ ايئن پائيندي آهيان تہ جڻ تون پاسي ۾ ويٺو آهين. ڪڏهن اهو احساس ايتري قدر زوردار ٿي ويندو آهي، جو ڪنڌ ورائي پڪ ڪندي آهيان تہ واقعي ئي تون آهين تہ ڪونہ!" هن ٻڌايو.

اهڙو واقعو هڪ ڀيرو مون سان بہ ٿيو آهي. اڪيلو ويٺي ويٺي، هن جي بدن جي جا هڪ خاص سرهاڻ آهي، سا محسوس ٿيندي اتم ۾ ائين پائيندو آهيان تہ جڻ هوءَ هتي موجود آهي ۾ هن کي ڏسان، هن کي ڇهان.

"هيءَ ننڍڙي ڳالهہ گهر ۾ هلي تہ ڪجهہ نہ ٻڌائيندي؟"

"ها. هيءَ هلي پنهنجي ماءُ کي ٻڌائيندي تہ اما ڙي اما. ڊاڪٽر تہ پڪيءَ کي پيار پيو ڪري" هن شرير نظرن سان نهاريندي، کلندي چيو.

مان خوشين جي آسمان تي اڏامندو رهيس. هوءَ پورا چار ڪلاڪ ويٺي رهي. ڏاڍي شوق سان، ڏاڍي اطمينان سان، ڏاڍي ناپر سان، ڏاڍي پيار جون ڳالهيون ۾ مستيون ڪيائين. مينهن لاءِ خدا جي رحمت هجڻ تہ ٻڌندو ٿي آيس، پر هينئر مينهن سچ پچ مون لاءِ رحمت ثابت ٿي رهيو هو. مينهن جي ڪري مريضن جو اچڻ بند ٿي ويو هو.

هوءَ منهنجي سٽرن تي مٿو رکي ليٽي پئي. نہ ڳالهيون ٿي ڪئيون، نہ پين شين مان ڊؤ ٿي ٿيو.

"تو مون کي الائي ڇا ڪري ڇڏيو آهي!" هن چيو.

مان محسوس ڪري رهيو هوس تہ هن جون خواهشون چوٽ چڙهڻ لڳون آهن.

"گهر ۾ ڇا ويٺو ڪندو آهين؟"

"ڪتابن جي صفحن تي توکي تلاش ڪندو رهندو آهيان"

"اتي پيو توسان ڪڏ ڪير ٿو رهي؟"

"هڪ نوڪر ۽ هڪڙي پوڙهي بورچياڻي."

"پوڙهي آهي، جوان ته نه آهي نه؟" ائين چئي هوءَ اهڙي دلڪش مسڪراهٽ سان نهارڻ لڳي، جو جي اها مسڪراهٽ درياءَ هجي ها ته مان ان ۾ ٽپي، خودڪشي ڪرڻ کان به نه مڙان ها. پر هينئر رڳو ان جي اکين کي منيون ڏيندو رهيس.

"تون ڪهڙي نه سٺي آهين!"

"توکان گهٽ!"

"مومل جان!"

"پنهل پيارا!"

"اڄ تون ڪيئن اچي وئين؟ مون توکي ڏاڍو ساريو پئي. رُت به ته اڄ ملڻ جهڙي هئي."

"اسڪول کان موڪل آهي نه. مون کي به توڏانهن ڇڪ ٿي رهي هئي. ساهيڙيءَ جي بهاني وجهه ملي ويو."

هوءَ اڪثر مون کان پڇندي رهي ٿي: "هن سين هٽائڻ جي بهاني کان پوءِ ڪيئن ملي سگهنداسين؟" مان چوندو آهيانس: "تون پاڻ ئي ڏسندينءَ ته ڪيئن نه اهي طريقا تنهنجي اندر جاڳن ٿا!"

ان کي سوکڙي ڏيڻ جي ڏاڍي چاهنا پئي ٿئيم. ڪنهن شيءِ جي هوءَ تمنا ڪري، ڪا چڱي چوکي سوکڙي. اها شيءِ ونڊ وقت هن جي چهري تي جا خوشي ايندي، جا رونق ايندي، جا مرڪ ايندي، جا چمڪ ايندي. بس مون کي پنهنجي تحفي جو بدلو ملي ويندو. البت اهڙي شيءِ ڏيڻي پوندي جو گهر ۾ هن کان آڏي پڇا نه ٿئي ته ڪٿان آندءِ.

"وري ڪڏهن ايندينءَ؟"

"اڄ تو مونکي ايترو پيار ڪيو آهي، جو سڄي سال ۾ مس ڪري سگهين ها. هاڻي سال کانپوءِ ايندس."

"پر منهنجي دل نه پري ٿي ڪانهي، تنهنجي دل پرچي وئي ڇا؟"

"نه، مان ته توکان وڌيڪ پياسي آهيان. پر گهڻو ملڻ پيار نه گهٽائي ڇڏي. چڱو، به ڏينهن وچ تي رکي پوءِ ايندس. ڪانهه ته بڌ. مان پنهنجي گهر جي ڇت تان ڪوڙ پيرا نهارڻ ايندي آهيان، پر تون ته سامهون اچين ئي ڪونه؟"

"ها" وقت مقرر ڪيوسين. اها منهنجي پهرين مهر هئي. مان ڏاڍو خوش هوس. ائين پئي سمجهيم ته ان ڇوڪريءَ لاءِ مان ئي پهريون مرد آهيان. سچ پچ ان وقت مون ايمانداريءَ سان محسوس ٿي ڪيو ته ڪنهن بئي مرد هن کي هٿ نه لاتو آهي. عمر جي ايڏي ننڍي ۽ معصوم ٿي لڳي. پنهنجي سونهن تي ناز ٿي ڪيم ته ڪيئن نه اهڙي ناهوڪي ڇوڪريءَ کي گهايل ڪري وڌو اٿم. سارو ڏينهن اهڙا خيال پچائيندو رهيس. اهو به ضروري سمجهيم ته پار ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ ائين نه ٿئي جو هوءَ معصوم ڇوڪري ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي وڃي ۽ مان به بدنام ٿيان. ان ڪري برٿ ڪنٽرول جو بندوبست موجود رکيم.

هوءَ پوري وقت تي هڪ پوڙهيءَ سان گڏجي آئي. منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ اهڙي تيز ۽ زوردار اڳ ڪڏهن نه ٿي هئي. بهار بهار به ٿي ويس. مان اول ئي سوچي ڇڏيو هو ته پهرين چا ڪندس ۽ پوءِ ڪيئن اڳتي وڌندس. هوءَ ڪپڙا پاڻ اصل نه لاهيندي، ضرور ماٺو ڪندي ۽ ڇڪتاڻ ٿيندي، جڙ جو آهي.

پوڙهيءَ کي هڪڙي ڪمري ۾ وهاري، مان هن ڇوڪريءَ کي ساڻ ڪري ٻئي ڪمري ۾ آيس. در ۽ دريون بند ڪري، ڪٽي جو هن ڏي نهاريان ته هن برقعو لاهي پري ڦٽو ڪيو هو ۽ هيٺيون ڪپڙو لاهي رهي هئي ۽ لاهي اهو به پري اڇلايائين. مان اچا حيرانيءَ ۾ ئي هوس ته چيائين: "ڊاڪٽر جلدي ڪر، مون کي جلدي وڃڻو آهي."

منهنجا طاق لڳي ويا. ڏاڍي مايوسي ٿي. ڏاڍي بيچان آئي. منهنجي Romance جو محل ڍهي اچي پٽ تي پيو.....

مومل ڏاڍي پياري ڇوڪري آهي. پياري ۽ فضيلت واري. فضيلت واري ۽ وٺندڙ. وٺندڙ ۽ خوبصورت. وڏي ڳالهه ته مون کي چاهي ٿي ۽ بيحد چاهي ٿي.

خيال پيو ڪريان ته سڀ ڪجهه ٿيڻ کان پوءِ هن لاءِ جو چاهه اٿم، جو لڳاءُ اٿم، سا سڪ ۽ انتظار آهي، تنهن ۾ ڪمي ته اچي ڪانه ويندي. ٻين عورتن سان چاهه ڪڏهن نه هوندو هو ۽ سڀ ڪجهه پورو ٿيڻ کان پوءِ هنن کان اهڙي نفرت ٿيندي هئي جو پاڻ ته زهر جي سئي هٽي اتي جو اتي ختم ڪري ڇڏيان. هنن سان وڌيڪ ڳالهائڻ يا سامهون وهڻ کان سخت بيچان ايندي هئم ۽ چاهيندو هوس هڪدم هليون وڃن. پاڻ کي ڏاڍو پست سمجهندو هوس.

پر مومل هڪ پوڄڻ جهڙي ڇوڪري آهي. اعڙي نازڪ. اهڙي سهڻي. اهڙي

"امان کي چئي آئي هئس تہ هڪڙي ساهيڙيءَ وٽ ٿي وڃان."

"پوءِ؟"

"پوءِ ان وٽ وئي هئس ۽ هن کي چئي آيس تہ مان وڃان ٿي پر ائين سمجهہ تہ بہ ڪلاڪ اچا گهر نہ پهچندس ۽ تو وٽ ئي آهيان."

"اڙي تو ان ساهيڙيءَ کي تہ مون بابت ڪجهہ نہ ٻڌايو آهي؟"

"ٿورو ٿورو."

"ائين تہ نہ ڪندي ڪر. ڪنهن کي بہ مـــون بابت ۽ هن پيـــار بابت نہ ٻڌائجانءِ. ڪنهن تي اعتبار ڪونهي."

"دل تي جبو تہ ڪنهن سان تنهنجيون ڳالهيون ڪندي رهان."

هوءَ هاڻي ڳالهائڻ لڳي آهي. بلڪ ڳچ ڳالهائڻ لڳي آهي ۽ قرب جو ڏيکيو پڻ ڪري ٿي.

اڪيلائيءَ جو احساس ختم ٿي ويو آهي. اڪيلائيءَ ۾ هن جو تصور گڏ رهي ٿو ۽ ڏاڍو وٽندڙ آئت بنجي ٿو. هن جون پيار پريون ڳالهيون ياد ڪري خوشي ٿئي ٿي ۽ هن جا مزيدار گفتا دل ۾ ورجائڻ سان مرڪڻ لڳان ٿو. هن سان نيون نيون ڳـالهيون ڪندو رهان ٿو ۽ هن سانِ ايندڙ ملاقات واسطي نيون نيون مستيون سوچيندو رهان ٿو.

رات ڏاڍي بيقراريءَ ۾ گذري.

## ۲۱ - آڪٽوبر ۱۹٦۳ع:

ڏنم تہ پان چباڙي رهي هئي. هن جا چپ، زبان، ڏند ۽ مهارون ڳاڙهسرا ٿي ويا هئا. مون کي ان چيز کان ڏاڍي بڇان ايندي آهي. ان جي بوءِ ئي برداشت ڪري نہ سگهندو آهيان. هڪدم چيومانس:

"پان کـائڻ اسـان جي تهذيب ۾ نہ آهي. تون ڪڏهن کـان اهو کـائڻ سکي آهين؟ هن کان اڳ تہ مون توکي پان کائيندي ڪونہ ڏٺو آهي."

"مون کي اها عادت تہ ڪانهي. ڪو ورلي وات جو خراب ذائقو متائڻ لاءِ کائيندي آهيان. پر مون تہ سمجهيو هو تہ پان کائڻ اسان جي تهذيب ۾ شامل آهي. بہ ٽي ڏينهن ٿيا تہ مون ڪتاب ۾ پڙهيو تہ راجا ڏاهر جنهن وقت جنگ ۾ وڙهي رهيو هو، ان وقت هڪ چوڪري هن کي تير ڏئي رهي هئي ۽ ٻي چوڪري پان ٺاهي هن کي پيش ڪندي ٿي وئي. اهو پڙهندي مون کي هڪ چرپائپ جو خيال بہ آيو

ھو تہ اھڙو موقعو ملي، جو توھين سنڌ لاءِ لڙو ۽ ان وقت مان توھان کي پان ڻاھي ڏيندي وڃان.“ ھوءَ مرڪڻ لڳي.

”ھن دور ۾ بہ قومي جنگ لڙڻ لاءِ تون ڇوڪرين جو ڪم اھو ئي ٿي سمجھين!“ مون چيو.

”چيم نہ تہ اھو ھڪڙو چريائپ جو خيال ھو.“

”پان کائڻ ھن وقت اسان جي تھذيب جو حصو نہ آھي. ڊاريا، تاريخ لکندي، ڌرتيءَ جي سورمن کي غلط نموني پيش ڪندا آھن. ان وقت ڪٿي پان کائڻ جو رواج ھجي. پر ھڪ ڌرتيءَ جو سرويچ، ساٿيھہ جو سورھيہ. جنگ جي ميدان تي ان مقصد لاءِ ڇوڪرين کي وني ڪونہ ايندو آھي. ڇوڪريون ديس خاطر وڙھڻ واسطي پاڻ ئي جنگ جي ميدان تي آيون ھونديون ۽ راجا ۽ سپاھين کي تير ڏينديون ويندڙيون ھونديون يا خود بہ تير ھلايا ھوندائون. بھرحال پان سونھن توڙي صحت لاءِ ھاڃيڪار آھي.“

پان کائڻ جي سزا ۾ ھن جا چپ قرب کان محروم رھيا ءِنھن بہ اھو محسوس ڪيو.

”اھڙو ڪو رستو ٻڌاءِ جو اسين ڏھاڙي ملي سگھون؟“

رات بہ پاسا ورائيندي ڪاٽي اٿم. جيتوڻيڪ ڪالھہ اسين ڇھہ ڪلاڪ گڏ ھئاسين. پر دل ئي نہ ٿي پرجي.“

## ٢٢ - آڪٽوبر ١٩٦٣ع:

ايترو گڏجون ٿا جو انديشو آھي تہ ڪنھن جي نظر ۾ نہ ٿي پئون ۽ بدنامي نہ ٿئي. حقيقت ۾ ڪمپائونڊر ٻڌايو تہ پاڙي جي ھڪ ماڻھوءَ ٽوڪ ھڻي تہ ڊاڪٽر عيش پيو ڪري. اھا ڳالھہ ٻڌڻ کان پوءِ ڏاڍي بيقراري تي پئي اٿم. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان جون ملاقاتون صفا بند ٿي وڃن.

اسڪول ڏانھن ويندي ڏھاڪو منٽ ڪن مون وٽان ٿيندي وئي.

”ڪالھہ بزار وئي ھئس، تو لاءِ بہ ڪجھہ آندو اٿم. پر پاڻھي ڳولھہ.“ مون بنا دير ان جاءِ ڏانھن ھٿ وڌايو. ڇھنڊڙي بہ پاتيمانس ۽ اھا سوکڙي ڪڍيم.

"Thank you" مون چيو.

”ھون، وري بيائيءَ جون ٻوليون.“ ھن وراڻيو.

مون کي ھن تي ڏاڍو پيار آيو.

سوچيان پيو تہ منهنجي جواني نہ هن وانگر نئين آهي ۽ نہ سچر. پاڻ تي ڪنٽرول بہ ڪري ٿو وڃان. جيئوٽيڪ حالت اهڙي ٿيندي اٿم جو محسوس ٿيندو آهي تہ مامرو ڪنٽرول کان نڪري ويندو. بهرحال پاڻ تي ڪنٽرول ڪري سکهان ٿو ۽ تنهن کان سواءِ مون لاءِ ٻيون بہ راهون آهن. پر هن جو تہ نئون شباب ۽ نوان امنگ آهن ۽ خواهشن جو ڏاڍو غلبو ٿيندو اٿس. ڏيري تي ڏرڪي پئجي رهندي آهي. صفا پاڻ منهنجي حوالي ڪري ڇڏيندي آهي. هوءَ تہ جلندي هوندي. ائين نہ ٿئي جو هوءَ الائي ڪهڙا خيال ڪري نااميد ٿي وڃي. مون وارو دوست بہ چوي سو تہ غلطي ڪري رهيو آهين. پڪي هتن مان اڏامي ويندو.

هن جي ڏڌ سرهاڻ جي شيشڙي. قميص جي کيسي ۾ دل جي ڀرسان پئي آهي. ان جو ڇهاءُ نئين لذت ڏئي رهيو آهي. اها هن جي پهرين سوکڙي آهي. ڪهڙو نہ وڻندڙ احساس ۽ نئين خوشي بخشي اٿائين سوکڙي ڏئي!

## ٢٤ - آڪٽوبر ١٩٦٢ع:

هڪڙي ساهيڙيءَ سان گڏ آئي. سندس ساهيڙي بنا برقعي ٽپ ٽاپ ۽ نيڪي لباس ۾ هئي. قد لانيرو. رنگ سانورو. پر منهن مهاندا وڻندڙ اٿس. مون هن کي بہ ڪيڪاريو. ساهيڙي جلد ئي هلي وئي. مومل هن جو نالو طوطي ٻڌايو.

مومل ڏاڍي خوش ٿي نظر اچي. منهنجو پيار ملڻ ڪري هوءَ سچ پچ فخر پئي محسوس ڪري. چوڻ لڳي: "تون تہ ڪٿي ئي نظر ڪونہ ٿو اچين. اسان جي اسڪول بس. شهر جي ڪيترن ئي رستن تان لنگهندي آهي. مان انهيءَ آسري ۾ دوڏا ڦاڙي نهاريندي ويندي آهيان تہ شايد ڪٿي تون نظر اچي وڃين. ڇت تان وچي تنهنجي اسپتال ڏي نهاريندي آهيان. دل چاهي ٿي تہ توکي گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ڀيرو ڏينهن ۾ ضرور ڏسان. توکي صرف ڏسڻ سان ئي مون کي گهڻو ڪجهہ ملي ٿو وڃي. هاڻي تہ سيون بہ ختم ٿي ويون آهن. ڏاڍي مشڪل سان ۽ الائي ڪهڙا ۽ ڪيترا ڪوڙ ڳالهائي. لڪي لڪي تو وٽ اچان ٿي. نماز کان پوءِ تنهنجي لاءِ ڏاڍيون دعائون گهرندي آهيان. مان توکي ايترو ٿي ياد ڪريان جو تون ان جو اندازو بہ لڳائي نہ ٿو سگهين. هاڻي تہ اسڪول جي ڪتابن ۾ بہ دل نہ ٿي لڳي. تنهنجي صورت هر وقت آڏو رهي ٿي. منهنجي ننڊ بہ تو ڪسي ڇڏي آهي. مون سان واعدو ڪر تہ تون مون کي وساري نہ ڇڏيندين. تون ڪهڙو نہ وڻندڙ آهين. ڏس متان ٻين ڇوڪرين کي Lift ڏين. مان توسان ڏاڍو وڙهنديس."

ڏسڻ لاءِ ويٺو هو. اها ڳالهه ٿي وسري ويم. هڪ ماڻهو گهر ڏانهن وٺي هلڻ لاءِ آيو. هن کي تاري ڇڏيم. دروازي ۾ اڪيون هجن. شايد اچي وڃي، شايد اچي وڃي. اڄهو آئي، اڄهو آئي. مڇيءَ وارو ڦتڪو هو. اهوئي سوال پئي اندر ۾ اڀريم ته هوءَ ڇو نه آئي؟ صفا نااميد ٿي ويس، جو هوءَ اچي پهتي. مسڪرائيندي سامهون لنگهي وئي. جڻ سڄ دٻائڻ سان سوجهرو ٿي ويندو آهي تئن هوءَ ڇا آئي، بس پوري بهار آئي، زندگي آئي، روشني آئي. منهنجو سارو انتظار، انديشا، غصو، غم، سڀ ڪجهه هن جي هڪ جهلڪ سان ئي ڪافور ٿي ويو. خيال ڪيو هوم ته ڪوڙ ڪوڙ ۾ هن کي ڪاوڙ ڏيکاريندس، پر ائين ڪرڻ به ياد نه رهيو. ڪالهه نه اچڻ جي ڪارڻ جي باري ۾ ٻڌايائين ته گذريل گهمري ٻڌهن مون وٽ آئي هئي، تڏهن گهر پهچڻ ۾ دير ٿي ويس ته مائٽن هن جي ان ساهيڙيءَ وٽ ماڻهو موڪليو. هوءَ اتي ته ملي ڪانه ۽ ان تي هن کان ماڻس آڏي پڇا ڪئي. مومل ماءُ کي ٻڌايو ته هوءَ ڪنهن ٻي ساهيڙيءَ وٽ وئي هئي. اصل ۾ جنهن ساهيڙيءَ لاءِ هوءَ ماءُ کي چئي وئي هئي سا ڪانه ملي هئس. ان ڪري ٻي ساهيڙيءَ سان مون وٽ آئي هئي. بهرحال دٻ نڪتس ۽ ڪالهه هيڏانهن نه آئي. اڄ گرل گائيڊ جي پريڊ هئي ۽ هوءَ مون ڏانهن کسڪي آئي هئي. چار ڪلاڪ گڏ هئاسون. قرب ڪچهري، مستيون ۽ شرارتون وقت ڪيترو نه جلدي گذري ويو.

”منهنجي شادي، منهنجي سوٽ سان ٿيندي، جو مون کي اصل پسند نه آهي. مون کي هن ڪان هاڻي ته سخت نفرت ٿي پئي آهي. هو سڪل ڪاٺيءَ جهڙو سنهڙو ۽ ڪارو آهي ۽ عادتون به واهيات اٿس. پر مائٽن جي مرضيءَ کان جند ڇڏائڻ ناممڪن آهي.“

مان خاموش رهيس.

”منهنجي هن شاديءَ جو ٻڌي تو ڇرڪ به ڪونه ڀريو. ڪو اعتراض به ڪونه ورتو، ان جو مطلب ته تون مون کي سچي دل سان ڪونه ٿو چاهين.“

هن جا هي گفتا ٻڌي مان هيسجي ويس، ڄڻ منهنجي اندر جو چور پڪڙجي پيو هو.

”توکي منهنجي پيار ۾ شڪ هجڻ نه کپي.“ مون هن کي پيار ڪندي چيو.

پنهنجي سوٽ جي ڪافي گلا ڪندي ۽ مذاق اڏائيندي رهي ته هو ڪيئن نه هن جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ خوشامد ڪندو آهي، تحفا ڏيندو آهي، فئشن

ڪندو آهي.

هن ٻڌايو تہ گرل گائيڊس ۾ هن کي هيڊ گرل Head Girl جو لقب مليو آهي ۽ هوءَ ٢١ ڇوڪرين جي مهندار آهي.

"تو مون کي ڪڏهن چاهڻ شروع ڪيو؟" مون اڄ وري پڇيو.

"جڏهن ڏيڍ بہ سال اڳ مون توکي پهرين ڏٺو. دل پئي چئي توکي وري وري ڏسان. موقعو ملندو هو تہ تو وٽ ايندي هئس. مثال طور گهر جي ڪنهن مريض سان گڏ ايندي هئس. هڪ ڀيري تون هن ڪوٺڙيءَ ۾ گهڙيئين تہ مان هڪدم اٿي بيٺس. ان تي تو چيو: مان ماستر ٿورو ئي آهيان جو اٿي ٿي بيهين. مان واجهائيندي هئس تہ تون مون ڏانهن ڇڪجين. پر تون مون کي لفٽ ئي ڪونہ ڏيندو هئين." هن چيو.

مومل جون اهي ڳالهيون تہ مون کي ماري ٿيون وجهن. هن جو پيار ئي تہ منهنجو هن سان پيار وڌائي رهيو آهي.

"اڙي چار ڪلاڪ گذري ويا. ڪٿي گهڙي تہ غلط نہ آهي!"

## ٣٠- آڪٽوبر ١٩٦٢ع:

اسڪول مان موٽندي، ٻن ساهيڙين سان آئي. رابيل ۽ نازان. رابيل تہ ڏاڍي سهڻي آهي. باقي نازان ڏکي، سڪل ۽ سيپڪڙي جهڙي سلهہ جي مريضياڻي. نہ رنگ نہ ڍنگ ماٺهوءَ هن کي ڏنو جڻ ڪوئنين جو ڪوڙو مڪسچر پيتو. مون چانهہ جي صلاح ڪئي مان پر تڪڙيون هيون.

مان سمجهان ٿو تہ ڇوڪريون هڪ ٻئي کي پنهنجا عاشق ۽ يار ڏيکارڻ ۾ فخر ۽ خوشي محسوس ڪنديون آهن.

هوءَ ٻين سان گڏ هلي وئي، پر منهنجي پياس وڌائي وئي. ان مامري ۾ مان ڏاڍو خود غرض ٿي پيو آهيان. چاهيان ٿو تہ هوءَ روز اچي، اڪيلي اچي ۽ يڪو ويٺي رهي. هوءَ چوي ٿي: "توکي خيال ڪونہ ٿو ٿئي تہ مان بہ اهو ئي ٿي چاهيان، پر مان ڇوڪري آهيان ۽ تو وانگر آزاد نہ آهيان. توکي اندازو ڪونهي تہ ڪهڙي مشڪل سان ڪوڙ سوڙ هڻي، لڪي ڇپي تو وٽ اچان ٿي. هي رستي وارا دڪاندار مونکي برقعي هوندي بہ سڃاڻن ٿا. هتي تو وٽ جي مريضياڻيون اچن ٿيون. سي بہ مون کي سڃاڻن، اهي نہ ڪڏهن وڃي منهنجي گهر چغلي هڻن. ائين نہ ٿئي جو اسان جي ملڻ تي صفا بندش پئجي وڃي."

مون کي پنهنجي بيچينيءَ جو علاج ڪونہ ٿو سُجهي. ڇا اها صرف Sex جي ڪشش آهي يا هي ڪي پيون تارون آهن. جي اسان کي ڳنڍينديون ٿيون وڃن. Sex ڇا آهي؟ ان جون حدون ڪهڙيون آهن؟ ٻئي جسماني ناتي کي سماجي طرح ايترو خراب نہ ٿو سمجهيو وڃي. جسماني ڳانڍاپي جي فقط پچاڙڪي ڏاڪي کي ايترو خراب ڇو ٿو سمجهيو وڃي ۽ پاپ جي ليبل لڳائي وڃي؟

وچڻ وقت هڪ بند لفافو ڏئي وئي هئي. ان ۾ سندس نندپڻ جو فوٽو هو.

## ۳- نومبر ۱۹۶۳ ع:

"مان توسان نہ ڳالهائيندس."

"اڙي اهو وري ڪيئن. رنئي آهين ڇا؟"

ڪنڌ ڌوڻي ها ڪيائين.

"پر بہ ڇو؟"

ماٺ.

"ٻڌاءِ تہ سهين؟"

ماٺ.

"آخر مون کي بہ ڪجهہ تہ خبر پوي."

"تون اتي آئين ڇو نہ؟"

"ڪٿي؟"

"مون جو توکي ٻڌايو هو تہ ڄام شوري پڪنڪ تي ويندي يوسين."

"پر مان اتي ڇوڪرين جي وچ ۾ ڪيئن ٿي اچي سگهيس ۽ تو اچڻ لاءِ تہ چيوئي ڪونہ هو ۽ نہ وقت جي خبر هئم."

"بين جا آيا ۽ مان حسرت وچان تنهنجي واٽ ڏسندي رهيس."

اڳين ملاقات ۾ ٻڌايو هئائين تہ سندس ڪلاس جون ڇوڪريون ۽ ماستريائيون هن پڪنڪ تي وڃي رهيون آهن. بس ايتري ئي ڳالهہ ڪئي هئائين. اڄ چيائين تہ سندس ٻڌائڻ جو مطلب اهو هو تہ مان اتي اچان. مون کي تہ اهڙو خيال ئي ڪونہ آيو هو ۽ نہ پاڻ ئي منهنجي اتي پهچڻ لاءِ ڪو پروگرام مون سان رٿيو هئائين.

"اتي ڪيترين ئي ڇوڪرين جا Boy Friends (سنگتي ڇوڪرا) پهچي ويا ۽ سيدا پنهنجي سان گهمڻ لڳي. خود ماستريائين جا دوست بہ پهچي ويا نہ ڪا

جهل نه پل. سيڪا پسي پرينءَ کي وارو ڏيک هو. اسين فقط چار ڇوڪريون اهڙيون وڃي بچيون سين جي اڪيليون پاڻ ۾ گهميوسين."

"اڙي مون کي ڇتيءَ طرح ٻڌائين ها ته مان پنهنجي اسڪوٽر تي تو تائين پهچي وڃان ها. اهڙن سندر نظارن ۾ توسان گڏ گهمڻ ۾ ڪيڏو نه مزو اچي ها." مون ظاهري ته ائين چيو. پر چڱيءَ طرح ڄاڻان تي ته ائين ڪرڻ جي همت ڪانه هئم.

اڄ صبح آئي ته شام پڻ. سندس پيئرون آيل اهن. انهن جا ٻار بيمار آهن. انهن کي آندائين.

هن لاءِ تحفو آندو هوم. سو ڏنومانس. اهو ڏسي هوءَ ٽڙي پئي ۽ هن جي منهن تي مسرت پري مسڪراهٽ مڙي وئي ۽ ڪجهه شرمائجي به وئي. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ خوشي پڌري ڪرڻ ۾ دير به ڪانه ڪيائين.

"توهان جي پسند ڪهڙي نه پياري آهي." هن چيو.

"منهنجي پسند جو ته دنيا داد ڏيندي." مون شرارت سان ڪيس پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ آڻي چيو. هوءَ منهنجو اشارو سمجهي وئي ۽ مرڪي. شرمائجي چيائين:

"هان آن!"

اڄ ڏينهن تائين مون پنهنجي واسطي به ڪا وٿ خريد ڪرڻ وقت اهڙي فراخدليءَ کان نه ڪم ورتو آهي، جهڙو مومل واسطي هي تحفو خريد ڪرڻ وقت. جا شيءِ وڻي هئي، سا بزار ۾ اوچي ۾ اوچي جا ملي، سا ورتم.

## ۴- نومبر ۱۹۶۳ع:

اڄ به صبح جو آئي ته سانجهيءَ به. صبح جو ٻارن سان ۽ سانجهيءَ جو اڪيلي.

"مان پيئرن سان فلم ڏسڻ ويندس. پوءِ توکي اچي ٻڌايان ٿي ته ڪهڙي سئنيما ۾ ۽ ڪهڙي شو ۾. تون به اها فلم ڏسڻ اچجانءِ." هن چيو.

"ان مان ڪهڙو فائدو؟"

"بس اهو احساس خوشي ڏيندو ته تون ۽ مان ساڳي فلم هڪ ئي وقت پيا ڏسون."

"پر توسان گڏ ته ويهي ڪونه سگهندس."

سانجهيءَ جو ڏاڍي دلچسپ نموني ۾ آئي. مان اسپتال ۾ ڪھڙيس تہ ھڪڙو مريض ويٺو ھو. ھن ڪي چڪاسي نسخو لکيم. ڪمپائونڊر ھن کي دوا ڏني. مريض ھليو ويو. ڪمپائونڊر کي بہ ڪنھن ڪم سان ٻاھر موڪليم. اڪيلو ٿيس ۽ مومل جي باري ۾ پئي سوچيم تہ ائين محسوس ٿيو تہ زناني ڪونڙيءَ واري در اندران ڪو ليا پيو پائي. ڪٺي جو نھاريان تہ مومل! ھيءَ بھار اوچتو ڪٿان آئي! خوشيءَ ۾ ڦونڊجي ويس. وڃي ڀرانڊي پاتيمانس.

"اڙي تون ڪيڏيءَ مھل آئينءَ؟"

"مان تنھنجي اچڻ کان اڳ آئي آھيان ۽ ھتي انتظار ڪري رھي آھيان."

"ڪمپائونڊر بہ توکي ڪونہ ڏٺو ڇا؟"

"ھن ٿي تہ چيو تہ وھو. اجھو ٿو صاحب اچي."

ھوءَ ڏاڍي خوش ھئي. تازگي، خوشي، جيون ۽ پيار سان ڀرپور.

"تون تہ فلم تي وڃي ھئينءَ؟"

"پينرون تہ ويون ۽ مان ساھيڙيءَ جي بھاني سان ھيڏانھن ھلي آيس."

ھن کي ڏاڍو پيار ڪيم. ڪالھہ مون ھن کي توڪ ھنئي ھئي: "تون ھاڻي لاڳيتو ٽي ٽي ڏينھن ڪونہ ٿي اچين."

"توکي منھنجي مجبورين جو احساس ڪونھي." ھن چيو ھو. حقيقت ۾ مون کي ھن جي مجبورين جو پورو پورو احساس آھي ۽ مان عجب ڪائيندو آھيان تہ اھا ڪھڙي سگھہ آھي، جا ايترين پابندين ھوندي بہ ھن کي مون تائين پھچائي ٿي.

"مان اچي نہ سگھندي آھيان تہ پنھنجي گھر جي ڇت تان تنھنجي اسپتال ڏي ڏسي سڪ لاھيندي آھيان." ھن چيو ھو.

"تون خود غرض آھين. تون تہ سڪ لاھيو وٺين ۽ مان ھتي تنھنجي اوسيڙي ۾ پيو تڙڦان." مون وراڻيو ھو.

تنھنڪري ھينئر چيائين "ھاڻي تہ تون مون کي خود غرض ڪونہ سڏيندين نہ. ڏس ٻن ڏينھن ۾ چار دفعا آئي آھيان."

مون ڪيس ڏاڍو پيار ڪيو.

اڄ ھوءَ غرارو پائي آئي ھئي.

"تون غرارو بہ پائيندي آھين ڇا؟"

"ڪڏھن ڪڏھن. فقط ھڪ غرارو اٿم." ھن ٿورو شرمائجي چيو.

"اها تہ لکنوي تهذيب آهي." مون ٽوڪ هنئي.

"مان سمجهي ويس. وري هرگز نہ پائنديس." هن بہ کليو. مون بہ کليو.

هن جي چال بہ غضب جي آهي. جڏهن اندر ايندي يا ٻاهر ويندي منهنجي سامهون لنگهندي آهي تہ هن جي هلڻ ۾ ڏاڍي دلڪشي محسوس ٿيندي اٿم. هوءَ جڻ تہ هر وک سوچي ۽ سمجهي کڻندي آهي. هر وک تي هن جي جسم جو مٿيون حصو اڳتي تي لڏندو آهي ۽ وري پوئتي ايندو آهي. پنيان، هن جي برقعي مان بہ اپريل ڏڏين جي لکن جي لوڏ پڌري هوندي آهي.

مومل جو خاندان آهي تہ چڱو مڇي مانيءَ وارو. واپاري ماڻهو آهن. پر مومل جي ڪپڙا لٽا سادا هوندا آهن. فئشن ۽ ميڪ اپ بہ معمولي. هن جي چپن تي سرخي يا چهري تي پائوڊر ڪڏهن ڪونہ ڏٺو اٿم. البت ننهن تي پالش باقاعدي هڻندي آهي. تيڏي لباس جو شوق هوندي بہ نهرائي نہ تي سگهي. انهن ڳالهين جو سبب شايد هن جي گهر جو ماحول آهي ۽ خاندان بہ وڏو اٿن. مومل ڪان تي پيرنر وڏيون آهن. سيني جي شادي تي چڪي آهي. هنن جو پيءُ ڌين کي گهڻي تعليم ڏيارڻ جي خلاف آهي. مومل ٿي خاندان ۾ پهرين ڇوڪري آهي جا مئٽرڪ تائين پهچي سگهي آهي نہ تہ ٻيون فقط ٻہ ٽي درجا پڙهيون. هوءَ چوي ٿي تہ مئٽرڪ پاس ڪرڻ سان سندس تعليم بہ ختم ڪئي ويندي.

منهنجي هڪ شوقين مزاج دوست کي اعتبار ئي نہ اچي تہ مان هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سان پنج ڇهہ ڪلاڪ گڏ ٿو گذاريان. اڪيلائي بہ آهي ۽ موقعو بہ. پيو سڀ ٺئي ٿو. باقي پچاڙڪي ڏاڪي ڏانهن ڪونہ ٿو وڃان. هن جو خيال آهي تہ جي اهو سچ آهي تہ پوءِ پڪ اها ڇوڪري نااميد ٿي جلدئي نوڪي ڇڏي ويندي.

منهنجي شاگرديءَ جي زماني جي ڳالهہ آهي. پهرين پهرين اسپتال ۾ ڪم سکڻ شروع ڪيو هوم. ان وارڊ ۾ هڪڙي سهڻي سنهڙي ڪرستان نرس هئي. نرسون شروع ۾ اسان کي ڪم سکڻ ۾ ڪافي مدد ڪنديون آهن. هيءَ نرس مون ۾ ڏاڍو چاهہ وٺندي هئي. شروع ۾ شاگردن کي سيون هڻڻ جو ڏاڍو شوق ٿيندو آهي. هيءَ نرس ڪجهہ سيون ٻين شاگردن کي ڏيندي هئي تہ بيمارن کي هڻن. باقي سڀ مون لاءِ رکي ڇڏيندي هئي. پوءِ مون سان گڏ هلندي رهندي هئي ۽ مان سيون هڻندو وتندو هوس. اهڙي طرح سان ٻيو Practical ڪم بہ مون لاءِ ڪجهہ رکندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن منهنجا ڪتاب لڪائي ڇڏيندي هئي ۽ مان اهي ڳوليندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ائين چوڻ سان تون مون کي پڙڪائڻ چاهين ٿي ته مان ويهي تنهنجي سونهن جي واکاڻ ڪريان. پر گهٽ ۾ گهٽ هن وقت تنهنجي اها آرزو پوري ڪانه ٿيندي."

هوءَ کلڻ لڳي. وايو منڊل ۾ چانديءَ جا گهنگرو وڄڻ لڳا.

"توکي خبر آهي ته منهنجي دل چاهيندي آهي ته تون بنا برقعي منهنجي پاسي ۾ هجين ۽ اسين رستي ۽ بزارين ۾ هلندا هلون ۽ دنيا وارا ڏسن ته ڪهڙي نه سهڻي ڇوڪريءَ جو ساٿ مليو اٿس. هو هلندي هلندي ڪنڌ ورائي توکي ڏسڻ ۾ منهنجو ڳاٽ خوشي ۽ فخر کان اوچو ٿي وڃي."

"نيٺ منهنجي واکاڻ ڪرڻ کان رَهي نه سگهئين!"

"تون مون کي خط لکندو ڪر. ڇوڪري بنجي ۽ خط به ڏکيو هجي."

هن چيو.

"پر ڇوڪري بنجي مان توکي ڇا ٿو لکي سگهان. پيار جون ڳالهيون ته ڪري ڪونه سگهندس، باقي ڇا رهيو لکڻ لاءِ؟"

"اڙي واهه. منهنجي هڪڙي ساهيڙي آهي. اها مون کي ڏاڍيون پيار جون ڳالهيون لکندي آهي. اسان هڪ ٻئي کي اينترو چاهيندڀون آهيون. جو جي هن کي خبر پوي ته مان توسان محبت ٿي ڪريان ته هوءَ مون سان وڙهي پوي. رقابت ۾ سڙي وڃي."

هن ساهيڙيءَ بابت وڌيڪ به ڪجهه ٻڌايائين. مون کي ته مامرو هم جنسي ناتي (Lesbian) جو ٿو نظر اچي. ڪنهن ٻئي موقعي تي ان بابت تفصيل سان پڇندوسانس.

اڄوڪي ڇهن ڪلاڪن جي ڏکي ۾ ڏکي گڏجاڻيءَ کان پوءِ، دستور موجب موڪلائڻ مهل به محبت جو مينهن وسائيندي وئي.

مان پاڻ کي ڏاڍو تازو توانو محسوس ڪري رهيو هوس. جيون ۾ نئون اتساهه اڀرڻ لڳو هو. هونءَ کان ڪجهه مٿيرو ٿي اڏامي رهيو هوس. جيڪي اڄ ٿيو هو، ان تي پنهنجي جذبن جو جائزو ورتم. نه ڪا پريشاني هئي، نه پشيماني. نه پاپ، نه پڇتاءُ جو احساس. مومل لاءِ پيار ۾ ڪا گهٽتائي محسوس ڪانه ڪيم من جو ساڳيو حال جيڪو ٻين گڏجاڻين ۾ ٿيئي رهيو آهي. جيڪي ٿئي پيو، سو پنهنجائيءَ جي امنگن سان. مومل ۽ پيار مون کي جيون جي نئين جوت، نئين خوشيءَ سان آشنا ڪيو آهي. هن سان ڳالهائيندو. هن بابت سوچيندو، هن لاءِ انسنا ڪندو ٿي سمهي پيس ۽ اهڙي فرحتي ننڊ آئي جو صدين ۾ نه آئي هئم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي انهيءَ روش جي خبر آهي. خود مومل ئي مون کي ٻڌايو آهي ته هوءَ طوطيءَ کي اهي ڳالهيون ٻڌائيندي آهي. هن سماج اسان کي اهڙي قسم جي ٻچاپڙائي سيکاري آهي. اسان جيڪي لڪ چُپ ۾ ڪريون، سو ٻين جي سامهون نه ڪريون. اسان جيڪو عملي طرح ڪريون. ان کي ظاهري زباني طرح برو چئون.

## ٢ - ڊسمبر ١٩٦٣ع:

پڙرو هو ته هوءَ اڄ ڪونه ايندي. تنهن هوندي به آسرو نه لاٿو هوم ۽ اوسيڙو ڪندو رهيس. منهنجي حالت بري ٿي وئي هئي. نه ننڊ آيم ۽ نه ڪاڌو وٺيم. ائين پيو محسوس ٿئي جڻ سچ پچ محبت ٿي وئي اٿم ۽ هن کان سواءِ جيون گذارڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو. هوءَ ته مون وٽ پهچي ويندي آهي، پر مان هن تائين ڪيئن پهچان. پرڇايانس. هاڻي هتي اچي ته پرڇايانس. الائي ڪڏهن اچي؟ جي ڪڏهن به نه اچي ته؟ اهڙي ڳالهه سوچي ساهه سڪي ٿي ويم.

## ٧ - ڊسمبر ١٩٦٣ع:

ٻه ڏينهن هن جون واٽون ڏسي، مجبور ٿي ٽئين ڏينهن هن کي ٻهريون خط لکيم، چوڪري نازان ٻنجي. انتظار ڪري ڪري مس اڄ هن جو خط آيو ۽ پوءِ پاڻ به اچي نڪتي.

هن جي خط جا ڪجهه ٽڪرا هن ريت آهن: توهان صحيح لکيو آهي ته منهنجو غصو جلدي لهي ويندو آهي. پنهنجن سان ڪو ناراض ٿيو آهي. مان ناراض ڪونه آهيان. توهان جي ان حرڪت تان مون کي ڏاڍو ڏک پهتو هو. اهو ڏک به توهان جي هن خط ڏسڻ سان ئي لهي ويو. توهان جي خوشيءَ ۾ منهنجي خوشي آهي. توهان کي شايد معلوم نه هجي ته توهان لاءِ مون کي ڪيڏي نه عزت آهي. ٻن سالن کان مان توهان جي راهه تڪيندي رهيس. توهان پنهنجي ڪم ۾ ايترو مگن هوندا هئا. جو اهو به احساس ڪونه ٿيو ته ڪو توهان جو چاهڻ وارو پئدا ٿي چڪو آهي. توهان جو خيال ايندو هوم. پر چوندي هئس ته توهين رخ ڏيندا يا نه. پر شڪر آهي جو قسمت سات ڏنو. اهو ڏينهن، مون کي پيار ملڻ جو ڏينهن. منهنجي لاءِ ڪيترو نه سٺو هو ۽ مان ڪيتري نه خوش هئس. اهي ڳالهيون قلم ڪٿي ٿو بيان ڪري سگهي.....

اڄ ڇهن ڏينهن کان پوءِ هن کي ڏٺم ته ذري گهٽ روئي ڏنم. هوءَ اچي وئي.

"تڏهن بہ خبرداري ڪرڻ گهرجي متان چغلي نہ وجي هڻي." نازان جو خيال هو.

"هن ڪي همت ئي نہ ٿيندي جو منهنجي خلاف چغلي هڻي يا اما کي ٻڌائي. اسان ڇوڪرين کي هڪ ٻئي جا راز معلوم آهن ۽ اسين هڪ ٻئي جو ڍڪ ٻنجنديون آهيون. ان ڇوڪريءَ جي رازن جي مون کي بہ خبر آهي. هوءَ ڪجهہ نہ ڪندي." مومل اعتماد سان چيو.

## ١٤ - ڊسمبر ١٩٦٢ع:

اڄ نوين بجي اچڻ جو چئي وئي هئي پر آئي يارهين بجي. انتظار ڪري ڪري ٿڪجي پيو هوس. بہ ساهيڙيون گڏ هئس، جي هن کي ڇڏي پاڻ هليون ويون. مان بہ اهو ئي چاهيندو آهيان تہ ساهيڙيون نہ وهن. نوبڪلائيءَ ۾ رخنو ٿيون ٻنجن.

"خير اٿو ڪيڏانهن ويون هيوسين؟" هن پڇيو.

"ضرور اهڙي جڳهہ جا مون کان وڌيڪ اهم آهي."

"اڙي اڙي، توهين تہ ڪاوڙيل ٿا ڏسجو!"

"پيو تڏهن."

"پر جي ٻڌندا تہ مان ڪيڏانهن ويئي هئس تہ خوش ٿي ويندا."

"سچي؟"

"سچي!"

"پوءِ جلدي ٻڌاءِ"

"ووٽرن جون لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ جي حق ۾ جيڪي بہ ڇوڪريون بک هڙتال تي ويٺيون آهن، تن وٽ وهڻ ويون هيوسين. هنن کي گلن جا هار پارائڻ."

"جيئي جئي!" مون نعرو هڻندي هن کي ڀاڪرڙي پاتي.

"هاڻي آئي ڳالهہ سمجهہ ۾؟"

"پلا اتي ڪهڙي گفتگو ٿي؟"

"پنهنجي ڌرتي ۽ مادري زبان جون ڳالهيون. اسين سڀ ڏاڍي جوش ۾ ڳالهائي رهيون هيوسين. مون هڪڙي اهڙي ڳالهہ چئي، جا ٻئيءَ ڪنهن بہ نہ چئي."

"ڪهڙي؟"

"مون چيو تہ پنهنجي مادري زبان کي ان ڪري بہ اهميت آهي جو اسين ان ۾ پوري طرح پنهنجي پيار جو اظهار ڪري سگهون ٿا. ڌاري ٻوليءَ ۾ ڪوبہ پنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلي جذبا صحيح ۽ مڪمل نموني پڌرا ڪري نٿو سگهي. ان ڪري ڌاري ٻوليءَ وارو اسان جا اصلي جذبا سمجهي نٿو سگهي. ان ڪري ٻين تضادن سان گڏ، ان تضاد جي موجودگيءَ ۾ ڌاري ٻوليءَ واري سان دلي پيار ٿي نٿو سگهي. هي پويون جملو توهان جو ٻڌايل هو. جو مون اتي ورجايو."

منهنجي ڳراٽڙيءَ جو گهيرو وڌيڪ سوگهو ٿي ويو.

## ١ -جنوري ١٩٦٤ع:

عيد جي مناٺي ڪٺي آئي ۽ نئين سال جون واڌاريون.

"اڄ اسان جو ملڻ ضروري هو. هاڻي سارو سال سٺو گذرندو." هن چيو.

چار ڪلاڪ گڏ هئاسين. پنهنجي خاندان جون به ڪجهه ڳالهيون ٻڌايائين:

"اما مون کي ٻڌايو ته بابي به عشق ڪيو هو. هڪڙي هندو وڌوا سان. اما سان شاديءَ کان پوءِ به ملاقاتون جاري رهيس. پر هوءَ مري وئي. اڄ تائين هن سان گڏ نڪتل تصويرون هو سانڍيندو اچي. ان مامري ۾ اما جي به پرواهه ڪونه ڪندو هو. هن سان بيحد محبت هوندي هئس."

"ماءُ کي پنهنجي ڪنواري ڌيءُ سان ته اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ کپن." مون چيو.

"مان هاڻي گهر ۾ اڪيلي آهيانس. ٻيون ڀينرون ته پرڻجي ويون. تنهن ڪري مون سان ئي زماني جون ڳالهيون ڪرڻيون پونديون اٿس."

ٻيو ٻڌايائين ته سندس وڏو ڀاءُ ڪن ڇوڪرين سان ملڻ ويندو هو ته هن کي گڏ وٺي ويندو هو. هوءَ ان وقت ڇئن ڇيجن سالن جي هئي. پوءِ هو هن کي ڪاٺڻ جون شيون ۽ رانديڪا ڏئي وهاري ڇڏيندا هئا.

مان سوچيان ٿو ته ڪهڙي نه اتساهه ڀري زندگي بنجي پئي آهي. پيار جي هڪڙي گهڙي، منهنجي جهوليءَ ۾ ڪائنات جون هڙئي خوشيون ڀري ٿي ڇڏي. اخبارن ۾ پڙهيم ته گذريل سال دنيا واسطي منحوس ثابت ٿيو آهي. پر منهنجي جيون جو اهو بهترين سال ٿيو آهي. مون کي پيار مليو. پيار جو ٻوٽو وڌي وڻ ٿيو. ٽڙ مان تاريون ٿيون. تارين مان گونج ٿيا. گونچن مان پن ٿيا. پوءِ ٻور ٿيو. ٻور مان مکڙيون ٿيون، مکڙين مان گل ٽڙيا. ساوڪ ٿي، سونهن ٻهڪي، سرهاڻ پکڙي. مومل جو پيار مون کي نين خوشين ۽ نون جذبن سان روشناس ڪرايو آهي. عورت ۽ مرد جي سنبنڌ جو پورو مزو ئي تڏهن ٿو حاصل ٿئي، جڏهن ساٿي، جذبن

ڪانہ ڪاڏي ۽ رات پاسا ورائيندي بي آراميءَ ۾ گذري. مومل جو ڇا حال هوندو؟ آئيندي ڇا ٿيندو؟......

## ٢٣- جنوري ١٩٦٤ع:

هي بہ ڏينهن نہ پوري ننڊ آئي آهي ۽ نہ ڪاڏو وڃبو اٿم. گذريل ڇئن مهينن ۾ جيڪو اتساهہ، جيڪي امنگ، جيڪا خوشي ٿي آهي، سا ڇا هاڻي هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي؟ هي دلڪش ترڦ، سهڻو انتظار، حسين تصور، پيار جون شيرين شرارتون، محبت ڀريون رهاڻيون، سڀ ائين پوريون ٿي ويون؟

ائين ڪيئن ٿيندو؟ مومل مون کان سواءِ ڪيئن رهي سگهندي! هوءَ مون کان وڌيڪ تڙڦي رهي هوندي. اسان جي پيار جو ٻوٽو اهڙو ڪچو ڪونهي جو ابترو آسانيءَ سان پٽجي وڃي. دنيا جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪري هوءَ مون وٽ ايندي رهي آهي، ڏينهن ۾ ٻہ ٻہ ڀيرا بہ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏ پئي گذاريا اٿئون. مون وٽ هوندي آهي تہ ڪيڏي نہ خوش هوندي آهي. مون اهڙو خوش انسان ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي. مون کي تہ هن جي خوشي ڏسي، خوشي ٿيندي آهي. مون کي هن جي پيار سان پيار آهي. هن خوشيءَ ۽ پيار مون کي زندگيءَ جو نئون امنگ بخشيو آهي.

جنهن وقت هوءَ اسپتال ۾ گهڙندي آهي ۽ منهنجي هن تي ڀهرين نظر پوندي آهي، بس اهي پل منهنجي جيون جا مسرور ترين پل هوندا آهن. مان زندگيءَ جي انهيءَ خوشيءَ کان ڪنهن بہ قيمت تي محروم ٿيڻ نہ چاهيندس.

گذريل ڏينهن جون خوشيون ياد اچي رهيون آهن. ڪالهہ بزار ۾ ويس. دڪان تي ڪا سني ۽ سهڻي شيءِ ڏسندو آهيان تہ خيال ايندو اٿم تہ اها مومل لاءِ ونجي. مگر هاڻ ڇا ٿيندو؟

مون ان واقعي جو حوال ڪونہ ڪيو آهي، پر هوءَ اڪثر ياد ڪندي آهي. هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ دوا وٺي، شيشي هٿ ۾ ڪٺي، ٻاهر وڃڻ لاءِ منهنجي سامهون لنگهي تي تہ هٿ مان شيشي ڪري پيس. مون ڏانهن نهاريندي تي لنگهي. پرسان هڪ پوڙهي بيٺي هئي، تنهن ٽوڪ هڻي چيو "اڄ جي ڇوڪرين جو ڪهڙو حال اهي، هلندي پيون ٿيڙ کائين." ان تي مومل ڪجهہ شرمندي ٿي مون ڏي نهاري مرڪي. مون بہ مرڪيو. هن جي اها مرڪ منهنجي دل ۾ چڀي وئي. هن جي ان مرڪ ڪري ئي مون ان ڏينهن هن بابت سوچيو ۽ هن جي وري اچڻ جو انتظار ڪيو. اها ئي اسان جي پيار جي ابتدا هئي.

ايترو ملندي ٻہ اسين هڪ ٻئي کي الاهي خط لکندا رهيا آهيون. هوءَ منهنجو خط ملڻ تي بيحد خوشي محسوس ڪندي آهي. جيتوڻيڪ مان اهي خط چوڪري بنجي لکندو آهيان ۽ ڪليءَ طرح ڪجهہ نہ لکي نہ سگهندو آهيان. سدائين زور ڀريندي آهي تہ ڊگها ڊگها خط لکان. هينئر هن کي خط لکڻ جي ڏاڍي خواهش پئي ٿئي. اهو تہ ڪنهن نموني معلوم ٿيڻ گهرجي تہ هن سان ڇا وهيو واپريو؟ پر خط لکڻ مناسب نہ آهي. هر ڳالهہ تي چوڪسي ٿي رهي هوندي.

شام جو اچي نڪتي. ساڳئي چمڪي، ساڳئي سوجهري ساڻ. مون تہ سمجهيو هو تہ وري هن جو مک ڏسڻ نصيب ٿيندو الائي نہ. هن خير جي خبر ڏني:

"ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو آهي. مون کي ڪنهن بہ ڪجهہ نہ چيو. هر معاملو سدائين وانگر آهي."

مون هن کي سڀ ڳالهيون ٻڌايون. هوءَ هيسجي وئي.

"اڳتي مان گهٽ ايندس ۽ پوري خبرداريءَ سان." هن چيو.

هڪ ڳالهہ جو اطمينان ٿيم تہ هوءَ مون کي نہ ڇڏيندي.

"مان تنهنجي آهيان، هر حالت ۾ تنهنجي!"

مون کي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

## ٢٨ - جنوري ١٩٦٤ع:

"اڄ مان پنهنجي چيز کڻي وينديس." مومل چيو.

"بندوبست ٿي ويو؟"

"ڇا ڪجي. ناٽڪ رچائڻو تو پوي."

مان ڪلان ٿو.

"پيار ۾ مان ڏاڍا ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ بهانا بنائڻ سکي وئي آهيان. سي بہ پيءُ ۽ ماءُ جهڙين هستين سان. اڳي تہ مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ مون خاص ڪري ماءُ سان ڪو ڪوڙ ڳالهايو هوندو."

"هي سماج ئي اسانکي ٻچاڙائيءَ ۽ منافقت سيکاري ٿو."

"منهن ۾ تہ پاڻ تي ٿوري گهڻي ملامت ڪندي هئس. پر هاڻي تہ تو الائي مون تي ڪهڙو جادو ڪري ڇڏيو آهي جو پاپ کي پاپ ڪونہ ٿي سمجهان ۽ ماءُ جهڙي هستيءَ کي دوکو ڏيڻ ۾ بہ ضمير جي ڇهنڊڙي ڪانہ پويم."

"ڪنهن نہ ڪنهن کي مون کي بہ دوکو ڏيڻو پوي ٿو. ڪوڙ ڳالهائڻو پوي

تو، بهانا بنائڻا پون ٿا. اهڙي دوکي يا پاپ کي بغاوت به چئي سگهجي ٿو، سماج سان بغاوت."

"توکي ته خبر آهي ته ناٽڪ رچائڻ واسطي مون کي ڇا ڇا ڪرڻو پيو آهي. مهينو کن اڳ جڏهن توهان اها سينگار پيتي مون لاءِ وٺي آيا ته مون توهان کي چيو هو ته خالي هٿي ئي رکو جيستائين مان گهر ۾ اها ڪٽي وڃڻ جو بندوبست ڪريان. ان ڏينهن ئي مون امان کي چيو ته مان بزار ۾ هڪڙي ڏاڍي سٺي سينگار باڪس ڏسي آئي آهيان، مون کي ڏاڍي وڻي آهي. مون وٽ پنهنجي خرچيءَ مان گڏ ڪيل ڪجهه پيسا آهن ۽ وڏيڪ گڏ ڪري مان اها خريد ڪندس. ڪالهه پاڻ ئي اوچتو ياد اچي ويس ۽ مون کان پڇيائين ته سينگار باڪس واسطي پيسا ڪٺا ڪيئي. مون چيومانس ته پندرهن رپيا ڪن ميڙيا اٿم. پڇيائين اها گهٽي ٿي ملي. مون چيومانس ويهين رپئين، جيتوڻيڪ توهان ٻڌايو هو ته اها سٺ جي آهي. پر اما کي هنن شين جي ڪهڙي جاڻ. هن کي خبر ئي ڪانه پوندي ته هيءَ اهڙي قيمتي وٿ آهي ۽ منهنجي لاءِ ته تنهنجي ڏنل هر شيءِ املهه آهي."

"پوءِ تنهنجي اما ڇا چيو؟"

"هن چيو ته چڱو باقي ڪتل پنج رپيا مان ٿي توکي ڏيان. سياڻي وڃي اها سينگار باڪس وٺي اچجان. منهنجي ٻچڙي هيترن ڏينهن کان پئي ٿي سڪي."

ٻئي کلڻ لڳاسين.

"اڄ طوطي منهنجي گهر آئي ته مان اما کي چيو ته هن سان سينگار باڪس وٺڻ وڃان ٿي. طوطي مون کي هتي ڇڏي وئي. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ مان هن جي گهر ويندس. هوءَ مون کي منهنجي گهر ڇڏڻ هلندي ۽ منهنجي هٿ ۾ توهان جو پيارو تحفو هوندو ۽ اما سمجهندي ته بزار مان وٺي آئي آهيان."

ڪڏهن به هن کي قيمتي سوکڙي ڏيندو آهيان ته هن کي اهڙي قسم جو سانگ رچائڻو پوندو آهي، هوءَ چوندي آهي ته اها وٿ منهنجي خرچيءَ جي حيثيت کان مٿي آهي. هڪڙي ڀيري هن لاءِ ڪپڙا وٺي آيس. عيد ويجهي هئي، سو ماءُ کي چيائين ته مون کي پئسا ڏجان ته مان ساهيڙين سان وڃي پاڻ پنهنجي پسند جو ڪپڙو وٺي ايندس. اهڙي طريقي سان اهو ڪپڙو گهر کٽي وئي. پيسا ڏهين رپئين وال جي حساب سان مليا هئس، جيتوڻيڪ ڪپڙو ويهين رپئين وال وارو هو. ماءُ کي ڏهين رپئين جو اگهه ئي ٻڌايائين.

هن کي سوکڙيون ڏيڻ تي ڪيترو نه دل تي چوي. هن کي سوکڙي ڏيڻ وقت ڪيڏي نه خوشي ٿي ٿئي. سوکڙي ڏسندي ۽ سوکڙي وٺندي هن جي چهري تي ڪيڏي نه رونق، چمڪ ۽ سرهائي اچي ويندي آهي. هن جي اها سرهائي ڏسي، مون کي به ڪيڏي نه سرهائي ٿيندي آهي. بزار ۾ يا ڪٿي به ڪا وڻندڙ، سهڻي يا انوکي چيز ڏسندو آهيان ته دل چاهيندي آهي ته مومل واسطي وٺان. ڪنهن چوڪريءَ کي ڪو نهندڙ ۽ نهڪندڙ لباس ڏسندو آهيان ته شوق ٿيندو اٿم ته مومل اهڙو پائي. عيد يا ٻئي موقعي تي هن واسطي ڪو تحفو خريد ڪرڻ لاءِ بزار ويندو آهيان ته ڪو تحفو چونڊ ڪرڻ واسطي جدا جدا دڪانن ۾ رکيل شيون ڏسندي ۽ اهو فيصلو ڪرڻ جي دوران ته ڪهڙو تحفو وٺان، مون ۾ هڪ عجيب خوشي پيدا ٿيندي آهي. جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام ۾، ماڻهوءَ جي ذهنيت "وٺڻ" واري ٿي پوندي آهي. ٻين کان وٺڻ، ٻين کي ڦرڻ، ٻين جي ڪمائي هڙپ ڪرڻ. اهڙي ماحول ۾ فقط پيار جو جذبو آهي جو "ڏيڻ" جي ذهنيت کي جنم ڏئي ٿو. هوءَ به ته ڪيسي خرچيءَ آهر، سنيون سنيون سوکڙيون مون کي ڏيندي رهندي آهي: سُرهاڻيون، رومال، فائونٽن پين، ٽاءِ، جيتوڻيڪ مان هن کي منع ڪندو آهيان ته تون شاگردياڻي آهين، پنهنجي خرچي ائين خرچ ڪري ٿي ڇڏين ته هوءَ چوندي آهي ته مون کي ان خوشيءَ کان محروم ٿيڻ لاءِ نه چئو.

تازو Erich Fromm جو ڪتاب Sane Society پڙهيم. هڪ هنڌ هن پنهنجا ويچار ڪجهه هن ريت ڏنا آهن: پيار ڇُرپُر پريو (Active) عمل آهي. "ڏيڻ" ڇُرپُر پريو عمل آهي. ان جي ابتڙ "رَسڻ" جي عمل ۾ ماٺائي (Passivity) آهي. پرماري نظام ۾ "ڏيڻ" کي، محروم ٿيڻ سمجهيو ويندو آهي. جي ماڻهو سدائين وٺندا رهن، ذخيرا ڪندا رهن ۽ ٻين جي ڪمائي ڦبائيندا رهن، تن جو ذهن "ڏيڻ" کي فقط اها ئي معنيٰ پهرائي سگهي ٿو. يا اتي ماڪيٽ واري مناسَتا (Exchange) وارو ڏيڻ آهي. ڪي ماڻهو "ڏيڻ" ۾ قرباني يا خيرات سمجهندا آهن. يا قرباني يا خيرات ڪرڻ جي خيال کان ڪجهه ڏيندا آهن..... پيار جي حالت ۾ ماڻهو "ڏيڻ" ۾ پنهنجي سگهه، پنهنجيون خوبيون ۽ پنهنجي زندگيءَ جي چرپر محسوس ڪري ٿو ۽ اهي احساس هن کي نئين خوشي ڏين ٿا. پيار ڪندڙ سڀ ڪجهه هڪ ٻئي کي ڏين ٿا. هڪ ٻئي کي پنهنجو پاڻ ارپن ٿا. "جو نه سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏيومانءِ!" فقط پيار ڪرڻ وارن جي هڪ ٻئي لاءِ سوچ هوندي آهي.

ڏيڻ کان پوءِ ئي هن کي خوشيءَ جي دولت حاصل ٿيندي آهي. پيار ۾ مادي شين جي ڏيڻ جي اهميت ايتري نہ هوندي آهي. پيار ۾ ماڻهو پنهنجي شخصيت ڏيندو آهي، جوڪجهہ هن جي شخصيت ۾ زندهہ هوندو آهي: پنهنجي خوشي، پنهنجي سونهن، پنهنجو اتساهہ، پنهنجي گرمجوشي، پنهنجيون دلچسپيون، پنهنجو ڏک ۽ غم پڻ. پنهنجي شخصيت جون زندهہ خصلتون ٻئي کي ڏئي، هو ٻئي جي شخصيت جي زنده خصلتن کي اجاگر ڪري ٿو، انهن خصلتن جو احساس پيدا ڪري ٿو، انهن خصلتن لاءِ اتساهہ وڌائي ٿو. هڪ ڪجهہ "رَسڻ" لاءِ نہ ٿو ڏئي، پر خود "ڏيڻ" ئي هن لاءِ خوشيءَ جي انتها جو باعث بنجيو پوي. "ڏيڻ" خود "رَسڻ" جو روپ آهي. پر پيار جي ڏيڻ سان ٻئي جي شخصيت ۾ جيڪي زندگيءَ جون خوبيون پيدا ٿين ٿيون، سي ان شخص کي "ڏيندڙ" بنايو ڇڏين ۽ پيار ڪندڙ هڪ ئي وقت هڪ ٻئي جا "ڏيندڙ" ۽ "رَسندڙ" بنجيو پون ۽ هڪ ئي وقت خوشين جي خزانن سان مالا مال ٿيو وڃن. "ڏيڻ" تخليق ڪري ٿو، "ڏيڻ" خالق بنجيو وڃي. ان حوالي سان پيار اهڙي سگهہ آهي جا پيار پيدا ڪري ٿي، ورنہ اهو پيار ئي نہ آهي. پيار باهمي ناتي کي جٽبو آهي. پيار ۾ ڏيڻ باهمي ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو پيار، پيار پيدا ڪري نٿو سگهي ۽ پاڻ کي محبوب بنائي نہ ٿو سگهي تہ ان جو مطلب ٿيو تہ توهان جي شخصيت جي اظهار ۾ "ڏيڻ" پيداوار يا تخليق نہ ٿو اپاري.

مان سوچيندو آهيان تہ جي مون کي مومل جو پيار، جو گهرو ۽ باهمي آهي، نہ ملي ها تہ جيون جي بهترين نعمت کان پالهو رهجي وڃان ها.

مومل هڪ پار جي دوا وٺڻ لاءِ ان پار سان گڏجي آئي هئي. هن ٻڌايو تہ هينئر بہ ان ڏوتيءَ مون کي هيڏانهن ايندي ڏٺو. ٻنهي گڏجي ان ڏوتيءَ کي خوب گاريون ڏنيون.

سوچي رهيو آهيان تہ ملڻ لاءِ ڪا ٻي جاءِ ڳولجي.

هن ڊائري لکڻ تي هاڻي ايترو دل نہ ٿي چوي.

## ٢ - فيبروري ١٩٦٤ع:

هن جو خط مليو آهي: پهرين اهو ٻڌايو تہ مون ڪهڙي خط جو جواب دير سان لکيو آهي. جڏهن توهان لکيو آهي. مون کي تہ پنهنجو خط توهان وٽ پهچائڻ جي ايتري بيتابي هوندي آهي جو يا تہ خود توهان کي ڏيڻ ايندي آهيان يا ڪنهن

سهيليءَ هٿ موڪليندي آهيان. جڏهن اهي وسيلا موجود نہ هوندا آهن تہ پوءِ ٽپال جي دٻي ۾ وجهندي آهيان...... مهرباني ڪري پنهنجي خط ڪي اينرو مختصر ڪرڻ کان باز اچو. اينرو انتظار ڪرڻ کان پوءِ مس توهان جو خط اچي ۽ کوليان تہ هيانءَ سڙيو وڃي. جيڪڏهن هاڻي توهان جو اينرو ننڍڙو خط ڏنم تہ پڙهڻ بنا واپس ڪري ڇڏيندي سانءِ. يا ڪا ٻي سزا!

منهنجي پڙهائي برابر ٿي رهي آهي. مان تہ توهان وٽ روز اچي سگهان ٿي. پر هوءَ منحوس ڏوتي منهنجي پٺيان پئجي وئي آهي. جڻ تہ اسان جي خاندان جي عزت جي حفاظت ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو اٿس. هن جو ڪهڙو علاج ڪريان؟ ان ڏينهن جو مان توهان وٽ آئي هئس تہ هوءَ اما وٽ آئي ۽ هن کي چيائين تہ ڊاڪٽر وٽ موڪلڻ لاءِ توهان وٽ مومل کان سواءِ ڪو ٻيو ماڻهو ئي ڪونهي ان تي امان کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ هن کي ڏاڍي چنبڪ ڪڍيائين ۽ چيائين تہ جي ڊاڪٽر اهڙا ٺيڻ لڳن تہ پوءِ هنن وٽ علاج لاءِ ڪير ويندو ۽ نہ وري منهنجي ڌيءُ اهڙي آهي. مطلب تہ هن کي ست سريون ٻڌائي ڪڍي ڇڏيائين. ان جو مطلب تہ ڏوتي هاڻي اسان سان وڏيڪ چپ پوندي ۽ ثبوت هٿ ڪري ڏيڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪندي. ائين نہ ٿئي تہ مان اما جي چاڻ کان سواءِ توهان وٽ اچان يا آويلي وقت اسپتال ۾ هجان تہ هيءَ ڏوتي، اما کي وٺي اچي مٿان ٻيهي.....

## ۵ - فيبروري ۱۹٦۴ع:

ٽيو ڏينهن آئي هئي. اسڪول مان جلدي موڪل ملي هئس تہ اهي ٻہ ڪلاڪ مون وٽ اچي گهاريا هئائين. پوءِ گهر وئي هئي. اڄ سندس خط مليو آهي. لکيو اٿائين تہ سندس ماءُ کي اسان جي ملاقاتن جو هڪ وڏيڪ ۽ پڪو ثبوت ملي ويو آهي. ٽيو ڏينهن جو هوءَ مون وٽ ويني هئي تہ پاڙي جي هڪ بيمار مائي دوا وٺڻ آئي. اها پنهنجي ڪنهن ڪم سان مومل وارن جي گهر، ان شام جو وئي هئي. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هن جي ماءُ کي ٻڌايائين تہ تنهنجي ڌيءُ ٻہ تہ بيمار آهي. هن کي اهو ٻہ ٻڌايائين تہ ڊاڪٽر وٽ ويني تہ مون کان اول ئي هئي، مان پوءِ ويس تہ ٻہ ڊاڪٽر پهرين مون کي ڏنو ۽ جيڪي ٻئي مريضياڻيون آيون انهن کي ٻہ ڏنائين ۽ مومل اچان ويٺي هئي. مائيءَ جي وڃڻ کان پوءِ ماءُ. مومل کي ڏاڍي دٻ ڪڍي ۽ ڌمڪي ڏني تہ جي باز نہ آئي تہ پڙهڻ کي بند ڪرائيندي. اهو ٻہ حڪم ڪيائين تہ ان اسپتال ۾ منهنجي اجازت کان سواءِ ساهيڙيءَ لاءِ دوا وٺڻ وئي هئي پر ڳالهہ ڪانہ

نهي. ماءُ سڀ ڪجهه سمجهي وٺي آهي.

مان سمجهان ٿو تہ هاڻي خلاصي ملاقات لاءِ. ٻي ڪنهن جڳهہ ڪان سواءِ چارو ڪونهي.

## ٢٩ - فيبروري ١٩٦٤ع:

هن جو اچڻ بند ڪونہ ٿيو آهي. مون کي هن جي جرئت ۽ سچائيءَ تي حيرت ٿي لڳي. گهڻو ڪري گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ سان ٿي اچي، پر ڪڏهن ڪڏهن ٻُل ملڻ تي اڪيلي بہ اچيو نڪري. هاڻي خطن ۾ سلسلو تيز ٿي ويو آهي. ٻئي ٽئين ڏينهن هن جو خط ضرور ملي ٿو. ڪڏهن ٽپال رستي اچي، ڪڏهن ڪا ساهيڙي ڏيو وڃي. ڪڏهن خود ئي اچي تہ لڪايو منهنجي هٿ ۾ ڏيو وڃي يا منهنجي کيسي ۾ وجهيو ڇڏي. مان بہ ڇوڪري ٻنجي هن کي خط موڪليندو رهان ٿو. ان ۾ خير خيريت يا اشاري لفظ (Code-words) ۾ڇيڙڇاڙ يا مسخري هوندي آهي. هن جي ڪن خطن جا ٽڪرا هي آهن:

”هن وقت پروگرام پورو ٿيڻ ڪري، ريڊيو سيلون تان سندن قومي ترانو اچي رهيو آهي. يعني رات جا سادا ڏهہ ٿيا آهن. ساري ڏينهن جي ٿڪاوٽ ۽ پڙهائيءَ ڪري اکيون ڳوريون ٿي رهيون آهن ۽ ننڊ پرجي آئي آهي. پر دل اکيون بند ڪرڻ تي نہ ٿي چوي. دل چوي ٿي تہ هي خط پورو ڪريان. خبر ناهي تون منهنجي خطن جو قدر ڪرين ٿو يا نہ.“

”اما مون سان ابڏي جُٺ ڪئي، تڏهن بہ تو وٽ اچڻ کان نہ مڙيس. مون کي وري اڄ آيل ڏسي، توهان ضرور سوچيو هوندو تہ هيءَ ڪيڏي نہ بي حيا ڇوڪري آهي. خبر ناهي تنهنجو چهرو ڏسي، ڇو منهنجو سارو غم رفوچڪر ٿي ٿو وڃي. اما جو منهن هاڻي سڄيل رهي ٿو. مصيبتن جو سارو پهاڙ منهنجي مٿان اچي ٽٽو آهي. توکي ڇيم تہ ڪجهہ ڪر تہ تو ورندو مون کان پڇيو نہ ڇا ڪريان؟ هاڻي هڪ ڇوڪري ان جو ڪهڙو جواب ڏئي! مان تو وس آهر ڪريان پئي. ڪوڙ ڳالهائي ٿڪجي پئي آهيان..... اڄ مون کي توسان گهڻيون ئي ڳالهيون ڪرڻيون هيون. پر طوطيءَ جي موجودگيءَ ڪري ڇئي ڪونہ سگهيس. هوءَ اسان جي ڪينري بہ رازدار آهي. تڏهن بہ ڪن ڳالهين لاءِ اسان کي خلاصڪائي کپي.... تنهنجي دوست جي جاءِ جي چاٻي ملي يا نہ؟“

”اسان جي خاندان ۾ شادي آهي. گهر جا مڙئي ڀاتي ان ۾ رڌل رهندا. مان

متحان ڪري شريڪ نہ ٿيندس. مان آسانيءَ سان تو وٽ اچي سگهان ٿي. پر اسپتال ۾ نہ. تو واري دوست جي گهر ۾. مون کي ۷ يا ۸ تاريخ ۽ وري ۱۲-۱۳ ۽ ۱۴ مارچ جهون تاريخون وجهہ ملي ويندو. شرط اهو آهي تہ مون کي ٿوري سائنس بہ پڙهائيندين. امتحان جي تياريءَ لاءِ. رڳو عشقبازي نہ ٿيندي..... ڏوتي، طوطيءَ جي گهر بہ پهچي وئي. هن جي ماءُ اسان ٻنهي کان پڇيو. مون چيو تہ ڊاڪٽر وٽ ڪير نہ ويندو آهي. هي ڊاڪٽر تہ اسان جو فئملي ڊاڪٽر آهي. مان تہ اتي ويندي آهيان. پر طوطي ڪڏهن نہ وئي آهي. هن ٻيون بہ ڏکيون ڳالهيون ڪيون. جي مان توکي روبرو ٻڌائيندس."

"اڄ هڪڙو خط اول ئي لکي چڪي آهيان. جيءُ ئي نٿو پرجي. پرينهن پنهنجي دوست جي جاءِ ۾ صبح جو ٻارهين بجي اسان جو انتظار ڪجان. تون منهنجي ساهيڙي کي بہ سوکڙيون ڏيڻ لڳو آهين. چو ٿو پنهجو گهر لٽائين. مون کي اها ڳالهہ نہ ٿي وڻي، طوطيءَ مون کي اها سوکڙي ڏيکاري آهي. توکي منهنجو عيد ڪارڊ چو نہ مليو. ڪٿڪو ٿي پيو اٿم. خير ان تي منهنجو نالو تہ لکيل ڪونهي، پر تنهنجي ڪري ٿي گهبرايان."

منهنجو هڪڙو وڏيرو دوست. جو تمام پري هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندو آهي، تنهن جي هن شهر ۾ جڳهہ آهي. پاڻ مهيني ماسي شهر ۾ ايندو آهي، ورنہ سارو وقت جڳهہ خالي رهندي آهي ۽ تالو چڙهيل هوندو اٿس. هن اها جڳهہ منهنجي حوالي ڪري ڇڏي آهي ۽ تالن جون چاٻيون نهرائي ڏئي ڇڏيون اٿائين. جڳهہ عاليشان ۽ خوبصورت فرنيچر واري آهي. مومل کي اها ڏيکاري اٿم. پروگرام سٺي، اتي ملڻ شروع ڪيو اٿئون.

منهنجي زال تائين افواهہ پهچي ويا آهن. هن بہ ٽي ڀيرا مون کان آڌي پڇا ڪئي آهي. مان آڏا ابتا جواب ڏيندو آهيانس. هاڻي منهنجي ڪوڙن ڳالهائڻ جو وارو آهي. ائين ٿو محسوس ڪريان تہ منهنجي زال کي هن مامري جي خبر پوڻ ڪري نہ مان ڊنو آهيان ۽ نہ ڪو ارمان ٿيو اٿم.

تازو مومل منهنجي گهر واريءَ کي ڪنهن زالن جي جشن ۾ ڏٺو.

"تنهنجي زال توکان عمر ۾ ڪافي وڏي ٿي لڳي." هن چيو.

"ها، ڏهہ سال مون کان وڏي آهي." مون وراڻيو.

"تنهنجي ڏاڏي پوٽي مان آهي؟"

"اسين هڪ ئي خاندان جا آهيون. هوءَ منهنجي نالي ڪئي وئي هئي، يا ائين سمجهه تہ مان هن جي نالي ڪيو ويو هوس."

"هوءَ ڪمزور بہ ڏسجي ٿي."

"هوءَ ڪيترن سالن کان دائمي مريض آهي. مان هن جي علاج تي پورو ڌيان ڏيندو آهيان."

"توهان کي بہ ٻار آهن نہ؟"

"ها."

"مون کي سڀ خبرون آهن."

"اها خبر اٿئي تہ مان توکان ڪيڏو وڌو آهيان."

"ان ڳالهہ تي مون ڪڏهن سوچيو ئي ناهي. منهنجي لاءِ تون، تون آهين. جئن آهين، منهنجو ان سان پيار تي ويو ۽ پيار آهي ۽ ان کي چاهيان ٿي!"

## ۳- مارچ ۱۹۶۴ع:

اڄ پروگرام اهو هو تہ مان ڪين اسڪول جي سامهون ملندس. هو اتي بيٺيون هيون. اڄي دوست جي گهر پهتاسون. هو. منهنجي اهڙي گهر جون انتظار ڪرڻ تي حيران ٿي ويون.

"مومل جو ڪاڪ محل آهي." مون چيو.

"خبر اٿئي تنهنجي مومل اڄ مار کاڌي آهي؟"

طوطيءَ چيو.

"ڇا مطلب؟" مون پڇيو.

"مان کي سڀ خبرون پئجي چڪيون آهن. هن ماريو آهي." مومل غمگين ٿي چيو.

"ڇا سچ پچ ماريائين؟" مون پڇيو.

"نہ، هن رڳو منهنجا ڪن پٽيا."

مون مرڪي ڏنو.

"ياد اٿئي اڳئين مهيني ۾ تون پنهنجي ماءُ سان اسپتال ۾ آئي هئينءَ. تنهنجي ماءُ بيمار هئي. مون هن جي چڪاس ڪري بس ڪئي تہ تون ڏاڍي ادب سان چيو: ڊاڪٽر سائين مون کي ڪن ۾ سور آهي، مون کي بہ ڏسجو. شايد توکي خواهش ٿي هئي تہ مان توکي ڇهان. پوءِ چڪاسڻ جي بهاني سان مون تنهنجو ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهٽيو هو.“

هن مرڪي ڏنو. هن جي اصلي مرڪ، جيون سان ٽمٽار مرڪ.

”هاڻي اسان جي ڪتنب جو ڪوبہ ماڻهو توهان وٽ علاج لاءِ ڪونہ ايندو ۽ مان بہ هاڻي اسپتال ۾ نہ ايندس. ايتري جاسوسي آهي جو هر هڪ ڳالهہ جي خبر گهر پهچي وڃي ٿي.“

چار ڪلاڪ گڏ هئاسون. طوطي بہ هئي.

اڳ هڪڙو خط گم ٿي ويو هو ۽ نہ مليو. ٻيو خط بہ ائن ڏينهن کان گم هو. اڄ مليو اٿم. اهو ڪنهن کولي ۽ وري بند ڪيو هو. لفافي جي ڪنڊ تي ڪولينڊڙ لکيو هو: ”تون ۴۲۰ آهين.“

هوءَ ضد ڪري رهي آهي تہ مان سائنس وانگر ڪيس ڏکيا ڏکيا خط لکان. منهنجو چوڻ هو تہ مون کي چوڪري بنجي لکڻو پوي ٿو ۽ ٽپال ذريعي موڪلڻو پوي ٿو. ان ڪري نہ مان کلي تو لکي سگهان ۽ گهٽو تو لکي سگهان. هن چيو تہ پوءِ توهان لکي رکندا ڪريو ۽ جڏهن ملاقات ٿئي تہ روبرو مون کي ڏيندا رهجو. انهيءَ لکيت کي هوءَ ڊائري سڏي ٿي.

## ۴- مارچ ۱۹۶۴ع:

مون هن لاءِ هي خط لکيو: مومل منڙي! ڪالهہ تون هلي وئينءَ ۽ مان غم جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو رهيس. غم ان ڳالهہ جو تہ توکي منهنجي ڪري ڪيترين نہ تڪليفن سان منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ هيءَ تڪليف تہ ٻين سيني تڪليفن کان ڳوري آهي، جو تنهنجي ماءُ، جا توکي ايترو پيار ڪندي آهي، تنهن پهريون ڀيرو توتي هٿ کنيو. سچ پچ تہ ان ويچار مون کي بيچين بنائي ڇڏيو آهي. پر هڪڙي حقيقت ٻڌايانءِ. مون کي خوشي بہ ٿي. اها ان ڪري تہ ان هوندي بہ تون مون سان ملڻ آئينءَ. اهو ثبوت هو تہ تون مون کي دل سان چاهين ٿي. هونءَ بہ پيار ۾ اهي ڏاکا ايندا آهن.... بدنامي، سختيون، بندشون.....

تنهنجو پيار پختو نہ هجي ها تہ ملڻ ڪيئن اچين ها. ڏنو وڃي تہ آخر مون ۾ رکيو ئي ڇاهي؟ ڪڏهن ڪڏهن تہ سوچيندو آهيان تہ تو مون ۾ آخر ڇا ڏٺو؟ پر تو تہ مون کي نئين جيون عطا ڪئي آهي. مون تنهنجي پيار ۾ جي خوشيون ڏٺيون آهن، اهي اڄ ڏينهن تائين نصيب نہ ٿيون هئم.

مومل ڊارلنگ! تون تہ منهنجي زندگي آهين، منهنجي بندگي. تنهنجي پيار مون

ڪي هر چيز کان بي نياز بنائي ڇڏيو آهي. نه زال جي ناراضگيءَ جو خيال ۽ نه ماڻهن جي گلا جو. مومل جو پيار مليو اٿم. ڪوئي به منهنجو ڪجهه بگاڙي نه ٿو سگهي. يا مون کي ڪنهن بگاڙ جي پرواهه ئي نه رهندي. مون واسطي تنهنجي پيار جو اطمينان ڪافي آهي.

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ، اڪيلائي ۽ اداسيءَ ۾ سوچيندو رهيس. ڏاڍو اداس ٿي پيس. توکي جا تڪليف سهڻي پئي ان ڪري ۽ ان خيال ڪري به ته مان هاڻي تنهنجي ماءُ جي نظرن ۾ ڪري پيس. هاڻي تنهنجي گهر وارا مون وٽ علاج واسطي ڪونه ايندا. تون به ان بهاني سان ايندي هئينءَ ۽ گهر جي ٻارن کي به بيماري سيماريءَ ۾ تون ئي وٺي ايندي هئينءَ. هاڻي نه خود تون بيمار ٿيندينءَ، تڏهن به مان توکي نه ڏسي سگهندس. هڪ ڳالهه. جڏهن توکي ڪنڌ ۾ سور پيو هو ته مان سڄي رات سمهي نه سگهيو هوس. ڊاڪٽر جو جڏهن ڪو پنهنجو پيارو (يا پياري) بيمار ٿيندو آهي، ته هن جي دل ۾ ڪيئي انديشا ۽ وسوسا پيدا ٿيندا آهن ته متان فلاڻي خطرناڪ بيماري نه هجي. يا ان بيماريءَ مان فلاڻي خرابي نه اپري. ان رات مان اهي ڳالهيون سوچيندو رهيس ۽ تون اهڙي بي پرواهه نڪتينءَ جو منهنجي تاڪيد هوندي به پئي ڏينهن نه آئي هئينءَ ۽ مون کي تنهنجي خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ چوڪري بنجي، توکي خط لکڻو پيو هو. شل تون هاڻي ڪڏهن به بيمار نه ٿين!

تون ته مون وٽ اچڻ واسطي ڪوڙ ڪوڙ ۾ به بيمار ٿي پوندي آهين. اڙي ان ڏينهن طوطيءَ سچ پئي چيو ته تون پنهنجي بدن تي ڪا شيءِ ملي، مصنوعي شاپاڪي جي بيماري پيدا ڪندي هئينءَ، جئن توکي اسپتال اچڻ جو عذر ملي؟

اهو پاڻ ياد رکجانءِ ته هاڻي توکي ڪنهن به پئي ڊاڪٽر جي دوا فائدو ڪانه ڏيندي ۽ تنهنجي اما کي توکي مون وٽ ئي علاج واسطي آڻڻو پوندو. (آمين)

هاڻي تون هيڏانهن نه ايندينءَ ته مان هڪ وڏي مسرت کان محروم رهجي ويندس. جڏهن تون دڪان ۾ داخل ٿيندي آهين ۽ منهنجي نظر تنهنجي مرڪندڙ چهري تي پوندي آهي ته ان گهڙيءَ مون کي اها خوشي حاصل ٿيندي آهي، جو ان هڪ گهڙيءَ تان سڄي حياتي قربان ڪري ڇڏيان. ڇا مان هاڻي ان خوشيءَ کان وانجهو رهجي ويندس. دنيا وارا ڇو ڪنهن جي خوشي برداشت نه ٿا ڪن؟ (هيءُ جملو فلمي ته معلوم ٿئي. پر آهي سچ).

مومل، هاڻي تون ڪڏهن ايندينءَ پنهنجي پنهل جي اسپتال ۾؟ تنهنجو اوسيڙو

اجا بہ رهير ٿو. اکيون تنهنجي راهہ تڪينديون رهن ٿيون تہ شايد تون اچي وڃين!

چگُو تہ مان توکي ٻڌائي رهيو هوس تہ تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مان اداس ٿي ويس. کوڙ ڳالهيون دماغ ۾ ايندديون ويندديون رهيون. جي مان خلاصگائي نہ ملڻ ڪري، تون سان نہ ڪري سگهيو هوس. مون کي تہ ايترو پيار اچي رهيو هو جو سوچيم تہ طوطيءَ جو خيال نہ ڪري، توکي پنهنجي آغوش ۾ پڪوڙي ڇڏيان. تون انهيءَ فراڪ ۾ ڪيتري پلي لڳي رهي هنئينءَ اصل صفا گڏي (متي نہ جڙهجان جي متي چڙهڻ جو ارادو هجئي تہ منهنجي سامهون متي چڙهجانءَ تاڪ جي ڪِرڻ لڳين تہ بچائڻ لاءِ مان موجود هجان).

پوءِ سڌو گهر پهتس. ٿي وڃي چڪا هئا. زال دير جو سبب پڇيو. اڌ ماني مس کاڌم. زال چوندي رهي تہ تون ضرور ڪجهہ کائي آيو آهين. مون چيو طبيعت ٺيڪ نہ آهي. هوءَ مون کي شڪي نگاهن سان ڏسندي رهي. مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو. طبيعت ايتري اداس رهي جو زال بار بار پڇندي رهي تہ کهڙي ڳالهہ آهي اڄ ڇا ٿيو آهي؟ پنج وڃي ويا. اسپتال وڃڻ تي دل نہ ٿي ٿِي. هاڻي تہ تنهنجي اچڻ جو آسرو بہ ڪونهي تہ پوءِ اسپتال ۾ شوق ۽ پابنديءَ سان وڃڻ ڪيئن ٿيندو. مگر وڃڻو تہ هو.

تنهنجي گهر جي ڇت ڏانهن گهڙيءَ گهڙيءَ نهاريندو رهيس. ڏاڍو بيقرار هوس. بيقراريءَ جو سبب اهو هو مان تنهنجي ماءُ جي نگاهن ۾ پست ٿي ويس ۽ هاڻي تنهنجي گهر وارا مون وٽ نہ ايندا. مان تہ ان گهر کي پنهنجو گهر ٿو سمجهان ۽ تنهنجي عزيزن کي پنهنجو عزيز. هنن کي ڏسي بہ مون ۾ خوشيءَ جي لهر اپرندي آهي. (تنهنجي ساهيڙين کي ڏسي پڻ خوشي ٿيندي اٿم.) دل چاهيو ٿي تہ ڪنهن سان تنهنجيون ڳالهيون ويهي ڪريان. دلي دوست تہ هتي هو ڪونہ. دل ئي دل ۾ توسان ڳالهائيندو رهندو آهيان. خبر ناهي منهنجي دل جو آواز تو تائين پهچندو آهي يا نہ؟

اچڻ سان ئي پليٽ جي تلاش ڪيم. اها پليٽ جنهن ۾ تون مون لاءِ پنهنجي هٿ جا پڪايل چولا آندا هئا ۽ جنهن لاءِ تو چيو ٿي تہ ڪمپائونڊر تنهنجي سامهون مان ڪنهن کي ڏئي ڇڏي آهي. اها موجود هئي. پنهنجي ڪٻٽ ۾ رکي اٿم. ڪمپائونڊر کان پڇيم. هن ٻڌايو تہ اسان جي مامري بابت هن پنهنجي زال يا سس کي ڪجهہ نہ ٻڌايو آهي. مون تہ توکي چيو هو تہ هو پروسي جهڙو ماڻهو آهي.

اهڙي ٽڙرائي ڪونہ ڪندو. باقي عيد ڪارڊ جو اچا پتو ڪونهي. خبر ناهي اهو ڪنهن جي هٿ چڙهيو؟

رات جو بہ ماني ڪانہ وٽي. هاڻي ڏسندينءَ تہ مان بہ تو جهڙو سنهڙو ٿي ويندس. مون کي پنهنجي مومل جهڙو بدن ناهڻو آهي. يا تہ تون ڪجهہ ٿلهي ٿيءُ. ريڊيو ٻڌڻ ۾ بہ مزو ڪونہ آيو. ٻارهين بجي ڏاري اک لڳي ۽ وري ٽين بجي جاڳي پيس. ان وقت توکي ئي خواب ۾ ڏسي رهيو هوس.

تون پنهنجي ڇت تي برقعي ۾ ويٺي هئينءَ. (هي برقعو ڪيترو نہ تنهنجي قريب رهي ٿو) پوءِ ننڊ اچڻ مشڪل ٿي پئي. منهنجي دل ۽ دماغ تي مومل ڇانئي رهي. صبح جو ايتري ٿڪاوٽ ۽ سستي هئي جو اسپتال وڃڻ تي دل نٿي چيو.

جيستائين تنهنجو پيار نہ مليو هو ۽ ان خوشيءَ کان آشنا ڪونہ ٿيو هوس، تيستائين تہ ڪجهہ احساس ئي ڪونہ هو. پر هاڻي سوچيان ٿو تہ توکان سواءِ منهنجي حياتي ڪيئن گذرندي؟ اهڙي خوشي مون کي ٻيو ڪٿان ملي سگهندي. تو کان جيڪڏهن جدا ڪيو ويس تہ حيدرآباد ڇڏي ڏيندس يا شايد جيون بہ. عجيب عجيب خيال اچي رهيا آهن. تون مغرور تہ ڪونہ ٿي ويندينءَ. ائين تہ ڪونہ ٿي سمجهين تہ پنهل مون واسطي مري ٿو..... اهڙي غلط فهميءَ ۾ نہ پئجانءِ. اڙي چري! مان تہ تو واسطي جيان ٿو!

مومل ڊارلنگ مون کي اهو ڏينهن چڱيءَ طرح ياد آهي. جڏهن اسان جي پهرين ڀيري ملاقات ٿي هئي. جمعي جو ڏينهن هو. سادا ٻارهن وڄڻ وارا هئا جو تون مرڪندي اچي پهتينءَ. تنهنجي هٿن ۾ ڪتاب هئا ۽ توکي گرل گائيڊ واري يونيفارم پهريل هئي. پوءِ مان ان Head Girl سان پيار ڪندو رهيس. ان ڏينهن تو چيو هو تہ "توهين منهنجي جسم جي هر حصي تي پيار جي مهر هڻندا ٿا وڃو." اٿئي نہ ياد؟ ان ڏينهن پهريون ڀيرو مان تنهنجي گود ۾ مٿو رکي ليٽي پيو هوس ۽ تون منهنجي وارن کي سنواريندي ۽ کيڏندي رهينءَ.

هينئر رات جا سادا اٺ وڄي رهيا آهن. هيءُ خط لکڻ کان پوءِ طبيعت ڪجهہ هلڪي محسوس ٿئي ٿي. مومل هڪڙو ڪم ڪر. ڪا اهڙي ترڪيب سوچ جو منهنجو خط تو تائين پهچي سگهي. پوءِ اهو ڪنهن ماڻهوءَ ذريعي هجي يا ٽپال رستي. طوطيءَ کي چئي ڇڏ تہ هوءَ بہ مون کي خط لکندي رهي. ان مان بہ مون کي توري ٿوري آسيس ملي ويندي آهي.

چڱو مومل جان. شل تنهنجي عزت سلامت رهي ۽ تون امتحان ۾ ڪامياب ٿين. تون هر جڳهه سرخرو رهين منهنجي پياري، پياري، پياري، پياري مومل.

## ۵- مارچ ۱۹٦۴ع:

ڪلهوڪو خط جاري رهيو: پياري مومل! هن وقت سادا يارهن وڳا آهن. بيمار پنهنجي رفتار سان ايندا ويندا رهن ٿا. مگر اميد نه هوندي به مان تنهنجي اوسيڙي ۾ آهيان. سامهون نظر اٿم ۽ هر آهٽ تي دل ڌڙڪي ٿي اٿي ته شايد مومل هجي، جا رڪجڻ واري ناهي. شايد وجهه وني اچي نڪري، صرف پنجن منٽن واسطي. ٽپاليءَ جو پڻ ڏاڍو انتظار ٿي پيو اٿم. ٽيو ڏينهن ٿي ته مليا هئاسون. پر ڪيئن ٻڌايانءِ ته مون کي ڪيتري بي چيني آهي (جيتوڻيڪ چانهه ۾ خوب چيني وجهي پي آيو آهيان) دل چاهي ٿي ته روز روز اسان جو مڪاميلو ٿئي ۽ مان توکي ٻڌايان ته منهنجو ڏينهن ڪيئن گذريو ۽ منهنجي رات ڪيئن بسر ٿي ۽ توکان به ٻڌان ته تو ڪهڙي ريت وقت ڪاٽيو؟

اڄ خميس آهي. شام جو ريڊيو تان اها فرمائش اچڻ واري آهي، جا دنيا جا سڀ ڪم ڇڏي مان ٻڌندو آهيان. تنهنجو ۽ منهنجو اهو گڏيل فيصلو آهي ته حيدرآباد ريڊئي جو اهو "توهان جي پسند" پروگرام ضرور ٻڌنداسون. ان وقت اهو ئي تصور رهندو اٿم ته تون به ڪٿ تي اونڌي ليٽي. اهي راڳ ٻڌي رهين آهن. (نيڪ ٿو چوان نه؟)

منهنجي جندڙي! تون ڪهڙي حال ۾ آهين؟ وقت ڪيئن پيو گذري؟ سامهون اهي طاقت جون گوريون رکيون آهن، اهي به ته کٽي وڃ. ڊاڪٽر جي پرينءَ کي ڪمزور ٿيڻ نه گهرجي ۽ هي هيڏانهن ميز جي خاني ۾ ڏس. تو لاءِ معمولي سوکڙيون ۽ ڪتمنڙا وني رکيا اٿم. دنيا وارا به ڪهڙا آهن، اسان جون هي ننڍڙيون ننڍڙيون پتڪڙيون خواهشون به پوريون ٿيڻ نه ٿا ڏين. تو چيو هو ته مٽي تي استعمال ٿيندڙ مان ڪابه شيءِ توکان نه وٺنديس (اهي تنهنجا پيارا پيارا وسوسا) ان ڪري هيءَ سرهي تيل جي شيشي شايد طوطيءَ کي ملندي يا رابيل کي.

ٻڌ، اڳتي جو خط لکين ان ۾ طوطيءَ کي نندي پيڻ ۽ رابيل کي سالي سڏيندي ڪر. مان سمجهي ويندس. هنن خطن جي ٻين جي نظرن ۾ چڙهڻ جو خطرو رهي ٿو. خط دل کولي لکندي ڪر ۽ سڀ ڪجهه لکندي ڪر. مون کي ڏکهو خط گهرجي. هينئر تنهنجو امتحان ويجهو آهي، ان ڪري معاف نو ڪريان. امتحان کان

پوءِ ڪو بهانو نہ هلندو. تون چوندي آهين تہ منهنجو مختصر خط ڏسي، تون سڙي وبندي آهين. هاڻي تہ خوش ٿي وئينءَ نہ. ڏس پورو ناول لکيو اٿم. حقيقت ۾ منهنجو هيءُ پهريون ئي خط آهي. ٽپال رستي جي خط موڪليان ٿو، سي دل ڪولي لکي نہ ٿو سگهان. هي خط لکي تہ رهيو آهيان، پر پڪ نہ اٿم تہ تو تائين پهچندو بہ يا نہ؟ روبرو ئي ڏئي سگهندس.

منڙي مومل! مان ايترو خود غرض ٿي ويو آهيان جو دل ٿي چوي تہ توکي ڪير بہ نہ ڏسي. تون ساري دنيا کان پردو ڪر. مون کي لطيف سائين جي هن بيت ۾ ڏنل جذبن جو احساس هاڻي ٿيو آهي:

اکين ۾ ٿي ويهہ تہ توکي واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، مان نہ ڏسان ڪو ٻيو.

تنهنجي زبان مان تنهنجي مڱيندي جو نالو ٻڌي، مان سڙي ڪامي ويس. ان وقت تو شايد منهنجو چهرو ڪونہ ڏٺو هو. جيتوڻيڪ مون کي پورو يقين آهي تہ تنهنجو پيار مون سان آهي.

هيءُ گانو وڄي رهيو آهي: "موسم آهي رنگيلي، مومل وٺي اچ پيارا."

پر توکي تہ بنا موڪل ئي اچڻو پوندو. منهنجو هڪڙو دوست اهو گانو ٻڌي چوندو آهي تہ ڪا سهڻي ڇوڪري ائين چوي تہ موڪل تہ ڇا پر استعيفا ڏئي بہ هليو اچجي.

خط پڙهندي پڙهندي ٿڪجي تہ ڪونہ پئي آهين؟ جي ٿڪجي پئي هجين تہ چانهہ پي تازي ٿي وٺ. اجا تہ ڳچ ڳالهيون ڪرڻيون آهن..... خبر ناهي توسان ڪهڙو ويل ٿي رهيو آهي. وري ڪا گڙٻڙ تہ ڪانہ ٿي؟ ڪمبخت ٽپالي بہ اجا ڪونہ آيو..... اڄهو هو اچي پهتو ۽ سامهون اها چيز رکيائين، جنهن منهنجي لاءِ چوڏهين سوجهرو ڦهلائي ڇڏيو، جنهن جي مون کي تلاش هئي. مون کي انتظار هو. هي ٽپالي تہ شهنشاهہ آهي شهنشاهہ. دل چاهيو تہ هن کي دل گهريو انعام ڏيان.

پر مومل تو هي لکيو آهي تہ مون توکي اڪيلو ڇڏي ڏنو آهي ۽ اهڙي وقت تنهنجو ساٿ نہ ٿو ڏيان. پستول سان گولي هڻين ها، اهڙي ڳالهہ نہ چوين ها. تنهنجي ان واقعي ٻڌائڻ کان پوءِ، منهنجي جا حالت بڻي. سا اول ئي لکي چڪو آهيان. تون مون کي هر چيز کان پياري آهين. تنهنجي عزت کي مان پنهنجي عزت کان وڌيڪ عزيز ٿو سمجهان. مون توکان اهو ان ڪري پڇيو تہ ڇا ڪيو وڃي جو

تہ منهنجو خيال هو تہ گڏجي صلاح ڪري ان معاملي ڪي منهن ڏجي. جيڪڏهن تنهنجي ماءُ مون وٽ آئي تہ مان هر طريقي هن سان شڪن دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. پليٽ منهنجي قبضي ۾ آهي. باقي بيو ثبوت عيد ڪارڊ آهي. ان جي باري ۾ تہ ڪا خبر ئي ڪانہ ٿي پوي. مون کي جو تو بابت فڪر آهي. سو پاڻ بابت نہ آهي.

شڪر آهي جو توکي احساس آهي تہ تنهائي. تنهائي آهي. پيار تنهائي گهرندو آهي (نہ فقط قرب واسطي. پر رهاڻين واسطي پڻ.)

ڪڪيءَ جي باري ۾ تنهنجي همدرديءَ ڏسي. منهنجي دل پرجي آئي. تون ڪيتري نہ سٺي آهي. هن کي هاڻي تپ چڙهي ويو آهي.

(٧-بجا شام) اڙي هي تہ تنهنجي گهر وارا هينئر اسپتال ۾ گهڙيا آهن. هنن کي ڏسي مون کي خوشي ٿي رهي آهي.... پار جي دوا ورتائون.

چڱو ملاقات تائين موڪلاڻي ڪانهي.

## ١١ - مارچ ١٩٦٤ع:

(خط جاري آهي): ڪالهہ تنهنجو خط مليو آهي. توکي تہ غصو بہ اچي ٿو وڃي. پر مون کي ڪوشش ڪرڻ تي بہ توتي غصو ڪونہ ٿو اچي. ورنہ ان ڏينهن مان ڪافي پريشان ٿيو هوس. پورو ڪلاڪ اسڪول جي آسپاس وارين گهٽين ۾ ڦرندو رهيس ۽ بس اسٽاپ وٽ انتظار ڪندو رهيس. تو نوين بجي جو ٽائيم ڏنو هو. مان پوڻين ڏهين بجي تائين تنهنجي راهہ تڪيندو رهيس. پتو ناهي تون ڪٿي بيٺي هئينءَ. رابيل کي مون چوڪرين سان ويندي ڏٺو. هن بہ ڏٺو يا نہ. سا خبر ناهي. جي ڏٺائين تہ واپس اچي مون سان ڳالهايائين ڇو نہ؟ خير. هوءَ تنهنجي سهيلي آهي.

بس اسٽاپ تہ هڪ ئي آهي. تون ڪنهن ٻئي هنڌ تہ ڪونہ وڃي بيٺي هئينءَ؟ هاڻي تہ بهتر اهو ئي آهي تہ تون بہ سڌو ان گهر ۾ هلي اچجانءِ. مان اڳواٽ ئي اتي موجود رهندس. منهنجي خيال ۾ ان گهر جو رستو تون هاڻي سمجهي وئي هوندينءَ ۽ اتي پهچڻ تائين ڪا دقت محسوس نہ ڪندينءَ.

تون اڳي چوندي هئينءَ تہ مان هاڻي هفتي ۾ هڪ ڀيرو ملندس. پوءِ مهيني ۾ هڪ ڀيرو ۽ پوءِ سال ۾ هڪ ڀيرو. شايد خدا تنهنجي ٻڌي آهي ۽ ائين ئي ٿي رهيو آهي. پر خدا رکو تنهنجي ڇو ٿو ٻڌي. منهنجي بہ ڇو نہ ٿو ٻڌي. مان تہ دعا

گهرندو آهيان تہ اسين ڏهاڙي ملون. بلڪ هر وقت گڏ هجون.

مومل ڊارلنگ! ڏس هتي ڪيتري ويراني آهي. ڪاش، تون اچي وڃين تہ بهار ٿي وڃي، هيءَ چڪاس ڪونڙي هبڪار سان پرجي وڃي ۽ اسپتال خوشيءَ جي سوجهري سان ٻهڪڻ لڳي. هينئر دل ئي دل ۾ ڳالهيون ڪري رهيو هوس. مومل واسطي ڏاڍو بيقرار آهيان. هڪ ڊگهو خط لکي رکيو اٿم ۽ ان ڏينهن روبرو ڏيڻ لاءِ کڻي آيو هوس. پر تون ملينءَ ڪونہ. دل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ وري هي بہ لکي رهيو آهيان. ڳالهيون توسان ڪج ڪرڻيون آهن. توکي خبر آهي تہ اڪيلائي ۾ توسان مان ڪئي ڳالهيون ڪري سگهان ٿو.

خبر ناهي هن ڀيري بہ ملاقات ٿيندي يا نہ. الاهي ڏينهن گذري ويا آهن. توکي ڏسڻ لاءِ دل بيحد چاهي پئي. هينئر ملندس تہ توسان آئيندي زندگيءَ جي باري ۾ پروگرام بنائيندس. اهڙو ڪو طريقو اختيار ڪجي، جو اسين سدائين ملندا رهون. مون ڪي پنهنجي دوستن جي باري ۾ بہ توکي ٻڌائڻو آهي.

تو اهو ڪيئن سوچيو تہ مون توکي دوکو ڏنو آهي ۽ جاڻي واڻي پروگرام موجب نہ آيس. توکي تہ اهو سوچڻ کپندو هو تہ يا تہ مون کي خط نہ مليو يا تہ وقت ۽ جڳهہ بابت ڪا غلط فهمي ٿي وئي آهي. اهڙي حالت ۾ هڪ ٻي ڳالهہ جي ڳڻتي بہ ڪندي ڪر تہ شايد پنهل سان ڪو حادثو ٿي پيو.....

مومل، تون تہ منهنجي جيون آهين. تون مون لاءِ سڀ ڪجهہ آهين. تون گڏ هوندي آهين تہ مان دنيا جو هر غم ۽ هردڪ وساري وهندو آهيان. تون ملينءَ، تنهنجو پيار مليو. ڪوئي ارمان ڪونہ اٿم. اهو تہ ٻڌاءِ تہ توسان گهر ۾ ڇا پيو وهي واپري. هوءَ ڏوتي ڏسندو آهيان تہ ٻاهہ وني ويندي اٿم. هن اسان جي خوشي ڀرين گهڙين ۽ بهار آئيندڙ ڳالهين جو خاتمو ڪري ڇڏيو. شل ٻيڙي غرق ٿئيس. مون وارو دلي دوست چوي ٿو تہ هن کي خريد ڪرڻ سولو هو. صرف ڪجهہ رپيا. پر اهڙي اٽڪل تہ مون کي اچي ڪانہ ۽ نہ ان روش کي ذهني طرح قبول ڪريان ٿو ۽ نہ تنهنجو منهنجو ناتو ڪو واهيات ناتو آهي.

تنهنجي پڙهڻ جو ڪهڙو حال آهي؟ شل امتحان ۾ سوڀاري ٿئين.

طوطيءَ معرفت خط لکيو اٿم. اميد تہ ملي ويندءِ. اهڙي ڪا ترڪيب سوچ جو مان   کي خط لکندو رهان.

اڄ ٻارهين تاريخ آهي ۽ ٻارهن وڳا آهن. اڃا تہ پورا بہ ڏينهن پيا آهن. ڪيئن

ڪتبا؟ هڪ هڪ پل ڳڻي رهيو آهيان. ڪيترو دل گهري ٿي ته هن دم اچي وڃين. اسپتال ۾ روشني پکڙجي وڃي. فرمائش ضرور پڌندي ڪر. اها شيءِ مون کي ڏاڍي پياري ٿي پئي آهي. ان مهل منهنجي دماغ ۾ جو تصور پيدا ٿيندو آهي، ان مان بيحد لطف ايندو اٿم.

مون اهڙيون ڳالهيون لکيون آهن. جي پڙهي تون ضرور مٿي چڙهي ويندينءَ. مان به اهو ئي چاهيان ٿو ته تون مٿي پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهين ته ڪ مان تنهنجو درشن ڪري سگهان.

تنهنجي طبيعت ته نيڪ آهي نه؟

## ١٢ - مارچ ١٩٦٤ع:

ڪلهوڪو خط جاري رهيو: مومل ڊارلنگ! هڪ ڏينهن پيو به گذري ويو. سياڻي جي ملڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ هڪ ساعت ڳڻي رهيو آهيان. گڏوگڏ گهبراهٽ به ٿي رهي آهي. جي سياڻي به ملاقات ڪان وانجهو رهجي ويس ته پوءِ ڇا ٿيندو. هي خط پڻ توکي روبرو ئي ڏئي سگهان ٿو. پهريون خط به اجا رکيو آهي. اهو به ڏيٺو آهي.

رات ننڊ تمام گهٽ آئي. "داستان" ڏسڻ ويو هوس. چڱي فلم آهي. سارو وقت اها ئي تمنا رهي ته تون منهنجي پاسي ۾ هجين ها. ڪالهه تنهنجي اسڪول طرف هڪڙو بيمار ڏسڻ ويو هوس. هينئر به اتان اچي رهيو آهيان. تون ڪٿي به نظر ڪونه آئينءَ. پهرين ته مريض ڏسي موٽندو هوس ته اميد هوندي هئي ته شايد تون اسپتال ۾ ويني هوندينءَ. هاڻي ته اهي اميدون به ٽٽي پيون آهن. مومل منڙي، اهي ڏينهن وري ڪڏهن ايندا، جو تون منهنجي اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي چڪاس ڪونڙيءَ ۾ لڪي وهندي هئينءَ. مان توکي ڏاڍو ساريان پيو. ڪاش، تون هن گهڙيءَ اچي وڃين. يا ته دعا ڪر جو ڪم ايترو وڌي وڃي جو توکي ياد ڪرڻ جي فرصت ئي نه ملي. ڏينهن ائين گذري وڃي ۽ پوءِ رات ۽ تنهنجي تات.

سياڻي ته ملندينءَ نه. جيڪڏهن نه ملينءَ ته اهڙي مار ڪيندوسانءِ جو بس ياد رکندينءَ. اڙي ڏس، وري مون کي گهبراهٽ ٿي رهي آهي. جي سياڻي به ملاقات نه ٿي سگهي ته پوءِ؟؟؟

هي خط سنڀالجانءِ. اڳي به هڪ به خط تو پنهنجي چوليءَ اندر لڪايا هئ ۽ پگهر لڳڻ ڪري ڪيترا اکر ميسارجي ويا هئا.

## ١٢- مارچ ١٩٦٤ع:

اڄ اڪيلي آئي. دوست جي گهر پورا پنج ڪلاڪ ڏاڍي موج ۽ مستيءَ ۾ گذريا. اهڙي اطمينان ۽ ناپر واري گذجاڻي اڳ نہ ٿي هئي.

اڄوڪو ڏينهن بہ ياد رهندو.

## ١٤- مارچ ١٩٦٤ع:

مومل خط ۾ لکيو آهي: مون کي پڪ آهي تہ تون اڄ ڏاڍي موج ۾ هوندين ۽ موج ۾ بہ ڇو نہ هجين. ڪالهہ جو پنهنجي مومل سان مليو آهين ۽ پنهنجو هر امنگ پورو ڪيو آهي. خوشيءَ کان تنهنجا پير زمين تي نہ ٽڪندا هوندا ۽ توکي اينترو هوش بہ نہ هوندو تہ ڪو تپ ۾ بہ امتحان جو پيپر ڏئي آيو ۽ ٿورو آرام ڪري، وري توکي خط لکڻ وينو آهي....... توسان خط لکڻ جو انجام جو ڪري چڪي هئس.

شام جو پنجين بجي ١٠١ ڊگريون بخار هو. هنيئر جهڪو آهي. بخار تنهنجي لاءِ تانگهہ وڌائي آهي. پر بيوس آهيان.

اما مون تي هٿ کنيو. توکي ڏک ٿيڻ کپندو هو ۽ ٿيو بہ. پر اما بہ پنهنجي جڳهہ تي صحيح آهي. مان تہ چڙي چاند آهيان ۽ رڳو تصور ڪري سگهان ٿي. پر توهان پاڻ سوچيو تہ جي توهان جي ڌيءُ (هوءَ تہ اڃا ننڍڙي ۽ معصوم آهي، پر مثال خاطر ٿي چوان) جي اهڙي ڳالهہ ٻڌو تہ تنهنجو ۽ تنهنجي بيگم جو موٽ عمل ڇا ٿيندو؟ اها ئي ڳالهہ آهي تہ سڀ ڪجهہ سمجهندي ۽ ماءُ پيءُ جي عزت جو سوچيندي بہ پاڻ کي روڪي نٿي سگهان. الائي ڪهڙي سگهہ آهي جا مون کي توڏانهن ڇڪيو. توسان ملڻ ۽ تو ۾ پيهي وڃڻ تي مجبور ٿي ڪري!

مان تہ خاموشي اختيار ڪئي آهي. ڪوڙ ڳانهائي ڳانهائي ٿڪجي پئي آهيان. اما چيني تہ بہ مان. ماڻهو طعنا هڻن تہ بہ چُپ. مان سمجهان ٿي تہ اها ٿوري خاموشي، هزار مصيبتن کان بچائي ٿي. اما جو بہ ڪهڙو قصور. هر طرف کان جو اهي ڳالهيون ۽ ميهڻا ٻڌائين. مون تي هٿ کڻڻ جو هن کي بہ صدمو آهي. انهيءَ هوندي بہ جڏهن ڪافي دير تائين مون کي پڙهندي ڏسندي آهي تہ اچي پير ۾ وهندي آهي ۽ ڳالهيون ڪندي آهي ۽ مون کي ڪير يا چانهہ پياري پوءِ منهنجي ڪمري مان ... ويندي آهي.

مان به تنهنجي ساراهه جا ڍڪ پريان ٿي، پر دل ئي دل ۾. جي توکي ٻڌايم ته خط ۾ لکيم ته ڍپ ٿو ٿئيم تـه تون مٽي . ڙهي ويندين ۽ مان اڪيلي رهجي ويندس ۽ پوءِ منهنجو ڇا ٿيندو! پر هڪڙي ڳالهه هيئر لکڻ کان رهي نٿي سگهان: جڏهن منهنجي هٿ مان شيشي کسڪي ڪري ڀڃي پئي هئي ته تنهنجي مسڪراهٽ ۾ ڪجهه عجيب ڪشش نظر آئي هئم. ان کان ڪجهه ڏينهن پوءِ اوچتو تنهنجو هٿ خبر ناهي ڇا ڪرڻ تي ويو ۽ گهبراهٽ ۾ مون تنهنجو اهو هٿ پڪڙي هٽايو هو. شايد توکي ياد نه هجي ته هڪدم منهنجي نظر تنهنجي اکين تي پئي هئي. ڪجهه عجيب طرح سان مون کي ڏسي رهيو هئين. انهن اکين ۾ ان وقت مون پنهنجي تقدير ڏٺي هئي. اهڙين حسين ۽ اهڙين پيارين اکين وارو ٿي ڪري مون کان پڇين ٿو ته مون تو ۾ ڇا ڏٺو آهي. شايد تون ڳالهه ابتي ڪري وٺين. اصل ۾ تو چوڻ ٿي چاهيو ته "اي مومل! تو ۾ ڇا آهي جو مان توکي پيار ڪريان؟"

مون کي ته جاني، خيال ٿو ٿئي ته تون منهنجي ڪري پاڙي ۾ بدنام نه ٿي وڃين. تون ڊاڪٽر آهين ۽ انهن ڳالهين جو تنهنجي ڌنڌي تي اثر پوندو. ان ڪري مان دل ئي دل ۾ شرمسار ٿي رهي آهيان. هڪڙي ڳالهه مون به محسوس ڪئي آهي ته مون تنهنجي اسپتال ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ته جڻ ماڻهن جي هيانوَ تي ٿڌو ڇنڊو پيو آهي ۽ تنهنجي ۽ منهنجي باري ۾ هاڻي ايتري ڇوٻڇو ڪونه ٿا ڪن. اسان کي منڍ ۾ ئي سوچي قدم کڻڻ کپي ها ۽ ايتريون ملاقاتون نه ڪيون ها. اهو سڀ ڪجهه منهنجي ڪري ٿيون. پر مان به ڇا ڪريان، پاڻ کي روڪي نٿي سگهيس. فلمي پاڳل نه پر اصلي پاڳل ٿي پئي آهيان. پر هاڻي تون نه رکو پاڻ کي روڪجان پر مون کي به روڪجان هاڻي اسان جي نئين "پريم نگر" ۾ گڏجاڻين جو سلسلو جلدي جلدي ٿيڻ نه کپي. اهو نه وسارجي ته پيار ڪرڻ وارن جا هر دور ۾ دشمن پئدا ٿيندا رهيا آهن.

مان نه تنهنجي اکين ۾ وهڻ لاءِ تيار آهيان. ان کان وڌيڪ خوبصورت وٿاڻ منهنجي لاءِ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو!

ٿڪل به آهيان، بيمار به آهيان، پر توکي خط لکڻ مان جيءُ ئي نه ٿو پرجي. ڏاڍو وڻندڙ آٿت ملي رهيو آهي.

مون سئنبل واسطي ناٽڪ تيار ڪري ڇڏيو آهي، فقط آخري سين رهي ٿي. مون نه گهٽو ئي انڪار ڪيو. پر تون پنهنجيءَ تي ٿي بيٺين ته هڪڙي دڪان تي

روزانو ٻيهڻ لاءِ لک قرب. هونءَ تہ خبر ناهي پر مون واسطي تہ تون حد کان وڌيڪ واعدي جو پڪو ۽ وقت جو پابند آهين. سارو ڏينهن انهيءَ انتظار ۾ گذرندو آهي تہ ڪڏهن ٿي رات ٿئي ۽ ٽَو وڄن. ڇت تان توکي ڏسي سڄ پچ تہ منهنجو اڌ پاءُ رت وڌي ويندو آهي. ان ڪري ئي تہ اڄڪلهہ منهنجي صحت ڏاڍي نيڪ ٿي وئي آهي . ساري ڏينهن جي بوريت ۽ ٿڪاوٽ دور ٿي ويندي آهي.

اڄ اما تنهنجي ڪمپائونڊر جي سس جي گهر وئي هئي ان وقت ڪمپائونڊر بہ اتي هو ۽ ٻنهي ۾ سخت جهيڙو ٿي رهيو هو. اما چيو تہ هي ڪمپائونڊر تہ ڏاڍو بدتميز ماڻهو آهي. ڊاڪٽر کي بہ اهو ئي بدنام ڪندو هوندو. مون کي تہ ڊاڪٽر ۾ ڪا برائي نظر نہ ٿي اچي. ٻارن ٻچن وارو آهي. ڇـو ٻين جي ننگن ۾ نظرون وجهندو. مون بہ دل ۾ چيو: "هائو. ڊاڪٽر پنهون خان (منهنجي پنهل) ۾ ڪا بہ برائي ڪانهي." چڙهي وئين نہ مٿي اهي منهنجيون ڳالهيون ٻڌي.

عيد ڪڏهن ملون؟ مون طوطي ۽ رابيل سان پروگرام ناهي ڇڏيو آهي ۽ ٢٥- تاريخ تي هو مون کي وٺڻ ايندين گهر مان ۽ "پريم نگر" ۾ ڇڏي ويندين. تون مقرر وقت کان اڳ اهو گهر کوني وينو هججان.

## ٢١ - اپريل ١٩٦٤ع:

هي خط لکڻ شروع ڪيم: منڙي! پنهنجو پاڻ کي گهٽو ئي روڪيم تہ خط نہ لکان. پر مجبور ٿي شروع ڪري رهيو آهيان. ڏاڍي بيقراري ٿي پئي آهي (تون تہ چوندينءَ تہ اهوئي بيقراريءَ جو پراڻو راڳ شروع ڪري رهيو آهي.)

مومل ڇا ٻڌايانءِ. هڪ ڏينهن بہ تنهنجو درشن نہ ٿو ٿئي يا خط نہ ٿو ڇي تہ ڏاڍو بيقرار ٿو ٿي پوان خبر اٿئي اڄوڪي بيقراريءَ جو سبب ڪهڙو آهي؟ چانڊوڪيءَ هوندي بہ تون نظر نہ آئينءَ. نہ گذريل رات جو ۽ نہ اڳين رات جو.

ٻڌ. لسي گهرائي اٿم. مون کي گرمين ۾ لسي ڏاڍي وڻندي آهي ۽ لسي بہ ها جا مٺي هجي ۽ جنهن جي مٿان گجي موجود هجي. گجي ڇپن تي ڇڄڻ وقت ڏاڍي ڀلي محسوس ٿيندي اٿم..... پر جو مٺاس تنهنجي رس ڀريل ڇپن ۾ آهي. اهو هنن شين ۾ ڪٿي!..... ها تہ مان ڇئي رهيو هوس تہ لسيءَ جو گلاس اڳيان رکيو آهي. مـان پنهنجي مومل کي خط بہ لکي رهيو آهيان ۽ ڍڪ ڍڪ ڪري اها بہ پي رهيو آهيان. ڏاڍو لطف پيو اچيم. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ اچي ٿو. تون هن وقت ڇا ڪري رهي آهين؟ ٻڌاءِ نہ!

اسان جي گذريل گذجاڻي به ڪيتري نه خوشين پري ٿي هئي. هر پيري ائين محسوس ٿيندو اٿم ته مون کي اينتري خوشي ڪڏهن حاصل نه ٿي آهي. پر هي سماج وارا به ڪيڏا نه احمق آهن. اسان جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ بدران، اسان جي خوشين جو مزو خراب ڪرڻ چاهين ٿا. بين کي خوش ڏسي، خوش ٿيڻ ڪپي. اصل خوشي، گذيل خوشي آهي. منهنجي جنهن خوشيءَ ۾ تون به شامل هوندينءَ، ان خوشيءَ جو مزو چؤٽو پنجوٽو ٿي ويندو.

ڏس. نسيءَ جو گلاس خالي ٿي ويو، پر منهنجي پيار جو پيالو اجا به وڌيڪ پرجي ويو. دل چاهي ٿي ته هيئر جو هيئر تو وٽ پهچي وڃان. مگر ان معاملي ۾ مان مجبور آهيان. توکان به وڌيڪ مجبور.

اهو پڌاءِ ته تون رات چت تي ڇو نه موجود هئينءَ؟ يا بيٺي هئينءَ ۽ منهنجيون نظرون دوکو کائي ويون. تنهنجي هڪ جهلڪ به مون کي خوشيءَ جي آسمان تي پهچائي ڇڏيندي آهي ۽ منهنجي رات سڄي ۽ فرحت پري ٿي ويندي آهي. تون به ته ان گهڙيءَ جي اوسيڙي ۾ هوندي آهين.

هاڻي ته منهنجي حياتيءَ جي هر خوشي توسان ڳنڍجي وئي آهي. ڏينهن توسان ملڻ جي اوسيڙي ۾ گذري ٿو. سپنن ۾ تون اچين ٿي. ڪپڙا پهرڻ وقت اها تمنا ٿئي ٿي ته مومل مون کي ان لباس ۾ ڏسي. اسپتال ۾ هوندو آهيان ته تنهنجي خط ملڻ جو آسري جي خوشي هوندي آهي. (هن پيري ته تو اٺن ڏينهن ۾ هڪ ئي خط اماڻيو آهي.) هي ڳالهيون پڌي تون سمجهنديءَ ته هي منهنجي واسطي مري ٿو. ائين هرگز نه آهي. مان تنهنجي ڪري مران ڪونه ٿو، مان تنهنجي لاءِ جيان ٿو. مون کي تنهنجي پيار سان پيار آهي تنهنجي پيار مون کي نئين حياتي بخشي آهي. (متي نه چڙهجانءَ)

تون ڳالهائين جو نه ٿي. ڏس ڪيتري خواهش ٿي رهي آهي ته مومل جو آواز پڌان. مان عنترو پيو ڳالهايان، تون ته ڪجهه پڌائين نٿي!

## ٢٤ - اپريل ١٩٦٤ع:

ساڳيو خط جاري: اڄ مان تنهنجي راهه ڏسي رهيو آهيان. شايد تون عيد ملڻ اچين ڪالهه ته مون توکي پري ڪان. راڻي باغ ۾ ڏٺو ۽ منهنجي عيد ٿي وئي. اڳي آءٌ جڏهن به ان باغ ۾ ويندو هوس تڏهن سوچيندو هوس ته راڻي باغ ۾، راڻي ته آهي ئي ڪانه، رڳو باغ ئي باغ آهي. پر ڪلهه پهريون پيرو محسوس ٿيو ته هي واقعي

ئي زاڻي باغ آهي.

تنهنجي خط مان معلوم ٿو ٿئي تہ تون بيمار ٿي پئي هئينءَ. پلاڻي ڪري پيو جيڪي وٽئي سو ڪندي ڪر، پر بيمار نہ ٿيندي ڪر. تنهنجي بيماريءَ جي حالت منهنجي سهڻ کان ٻاهر ٿيو وڃي.

تو اهو صحيح لکيو آهي تہ ڪابہ ماءُ. ڌيءُ جي اهڙي روش برداشت ڪري نہ سگهندي. تنهنجا ماءُ پيءُ بہ موجود آهن ۽ منهنجا پيءُ ماءُ بہ جيئرا آهن. هاڻي جيڪڏهن ڪو مون کان پڇي تہ جئن مومل ۽ تون پاڻ ۾ آهيو، تون چاهيندين تہ تنهنجي ڌيءُ بہ اها راهہ اختيار ڪري؟ اتي سوال ٿو اٿي تہ اسان جو ڪجهہ ڪريون ٿا، سو ڪو پنهنجي پنهنجي پيءُ ماءُ کان پڇي پيا ڪريون؟

الاهي ڳالهيون ڪرڻيون اٿم توسان. سڀاڻي واري ملاقات جي شوق ۽ خوشيءَ ۾ اڄ جو باقي ڏينهن ۽ رات سٺي گذري ويندي.

## ٢٦- اپريل ١٩٦٤ع:

مومل لکيو آهي: هيترا ڪلاڪ توسان "پريم نگر" ۾ گڏ هئس. پر هتي پهچڻ سان وري رات جي نوين بجي جو انتظار ٿيڻ لڳو ۽ نوين بجي وارو تنهنجو درشن ڪري وري اچي خط لکڻ ويٺي آهيان. ڏاڍي اڪيلائي ٿي محسوس ٿئي. تون تہ گهر وڃي پنهنجي زال ۽ ٻارن سان جنبي ويندو هوندين ۽مان ياد بہ ڪانہ رهندي هوندس. هرويرو ائين بہ نہ هوندو. تون ۽ مان هڪ ٻئي جي اينترو ويجهو اچي ويا آهيون تہ ظاهر آهي تہ توکي منهنجو خيال ايندو ئي هوندو.

اڄوڪي ملاقات بہ موج ۾ گذري، پر پڇاڙيءَ ۾ مون کي رئڻ اچي ويو. تو مون کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سبب پڇندو رهئين. مون ڏنو تہ تون ڏاڍو ششدر ٿي ويو هئين ۽ ڪجهہ شرمساري محسوس ڪري رهيو هئين. پاڻ ملي جڏهن جدا ٿيندا آهيون تہ مون کي ڪي خيال وڪوڙي ويندا آهن. پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندي آهيان ۽ تنهنجي زال لاءِ ساڙ جا جذبا پيدا ٿيندا آهن. اهو بہ سمجهان ٿي تہ هن جو توتي پورو حق آهي. پر مون وٽ تہ رڳو تنهنجو تصور رهجي ويندو آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ بہ اهو تصور ئي مون کي پلئہ پوندو. اسين ڪيترو نہ اڳتي وڌي چڪا آهيون. تون تسلي تہ ڏيندو آهين ۽ ڊاڪٽر جو ڪم آهي تسلي ڏيڻ. خبر ناهي ان وقت تون ڊاڪٽر بڻجي تسلي ڏيندو آهين يا پيار ڪندڙ..... تون تہ دعا بہ ڪونہ گهرين ۽ ٻانگ ٻڌڻ سان تنهنجي ننڊ خراب ٿيندي آهي. منهنجي نہ

مجين ته رات جو اٿي دعا گهر ۽ خدا جو فضل طلب ڪر. نماز ۽ دعا جا ڪيترائي موقعا آهن. خدا جي رحمت جو سمنڊ ڏاڍو گهرو آهي، جو ڪڏهن به ختم ٿي نه ٿو سگهي ۽ جنهن ڪان تلاش ڪرڻ وارو ڪڏهن به محروم نه ٿو ٿئي..... تون چوندين ته اڄ هيءَ ملياٽي ڪٿان اچي وئي. شايد بور به ٿيو هوندين.

مان توکي اهو نه ٻڌايو آهي ته مان هاڻي منجهند جو هڪ بجي، جنهن وقت اسڪوٽر تي تون پنهنجي گهر ڏانهن ويندي، اسان جي گهر جي گهٽيءَ مان لنگهندو آهين ته پنهنجي گهر جي هڪ ڳڙڪيءَ مان توکي ڏسندي آهيان.

## ٢٩ - مئي ١٩٦۴ع:

مومل کي نکيم: منڙي مومل! هيءَ جمعي جي شام آهي. پر تڏهن به اسپتال ۾ اچي وينو آهيان (هونءَ نه بند رکندو آهيان) خبر اٿئي ڇو؟ تون ڏاڍو ياد اچي رهي آهين. ڪمبخت ٽپالي منجهند جو اسپتال بند ٿيڻ کان پوءِ به ايندو آهي. هينئر فقط ان آسري تي آيس ته شايد تنهنجو خط آيو هجي. پر سؤ فيصدي نااميدي حاصل ٿي. اڪيلو وينو آهيان. سامهون مٽي به چار ڀيرا نظر ڪيم. پر منهنجو چنڊ نظر ڪونه آيو. پوءِ تنهنجي تصوير ڪڍي، ان کا ڏاڍي شوق ۽ پيار جي نظرن سان ڏٺم. ڇا ڪريان، تو تائين ڪيئن پهچان؟ توسان ملي به هفتا ٿي ويا آهن. جيستائين چاندوڪي هئي، تون رات جو ڇت تي نظر ايندي رهين. ڏسندي آهين ته مان ڪيترو وقت ويٺو رهندو هوس. جي سامهون ماٺهو دڪانن تي ۽ رستي تي نه وينا هجن ته مان جيڪر سڄي رات ويٺو رهان ها ۽ توکي ڏسندو رهان ها. پس منظر ۾ چنڊ ڏاڍو خوبصورت لڳندو آهي. خبر ناهي چنڊ جي خوبصورتي تنهنجي ڪري هوندي آهي يا تنهنجي خوبصورتي چنڊ جي ڪري. بهرحال مان منڊجي ويندو آهيان. اڳاري ڏينهن ٻيني ٻيني پاڙي وارن جي ريڊئي تي وڄندڙ فرمائش به ٻڌندو رهيس ۽ توکي به ڏسندو رهيس. پوءِ ڪي پاڇا تنهنجي پاسي ۾ اچي بيٺا. خيال ڪيم ته مون کي سڃاڻندا نه هجن. ان ڪري دروازي وٽان هٽي، ديوار جي پاڇي ۾ ٿي بيٺس.

جنهن ڏينهن تنهنجي خط ۾ تنهنجي اکين جي آپريشن جو پڙهيم. ان ڏينهن منهنجي پريشانيءَ جي حد نه رهي. اهو ئي سوچيندو رهيس ته ڪنهن به ريت مان تنهنجي آپريشن وقت تو وٽ موجود رهان ۽ آپريشن کان پوءِ تنهنجي ٽهل ٽڪوڙ مان ئي ڪريان. سڄي سڄي رات جاڳي توکي سنڀاليندو رهان ۽ ستائيندو رهان.

وري خيال آيم تہ تنهنجيون اکيون تہ بند هونديون پوءِ مان توکي ستائيندس ڪيئن؟.... منهنجي هر طبيعت واسطي ذميوار تون آهين. مان خوش آهيان تہ بہ تنهنجي ڪري، جي اداس آهيان تہ بہ تنهنجي ڪري.

## ٢٧ - جون ١٩٦٤ع:

مومل جي تازن خطن مان ڪي ٽڪرا:

ڪالهہ منهنجي ڏينڻ واري سس آئي هئي. منهنجو نڪ ٽوپڻ لاءِ. ڏاڍو انڪار ڪيم پر خاندان جي رسم آهي ۽ اڪيلي هئس. اسان جو پيار بہ ڪهڙو آهي جو مصيبت وقت هڪ ٻئي جو سات نہ ڏئي سگهون. يا هي پيار ڳو پريم نگر ۾ ملڻ لاءِ آهي؟ منهنجي نڪ ۾ زبردستيءَ سئي ٽنبي وئي. غصو بہ آيو ۽ سور بہ ڏاڍو ٿيو. وڏن جي سامهون ڇا ٿي ڪري سگهيس. هوءَ منائي بہ ڪٽي آئي هئي. هيڏانهن هي تياريون ٿي رهيون آهن ۽ هوڏانهن تون هٿ تي هٿ رکي آرام سان ويٺو آهين. گهر ويٺي جو ملي ٿي وڃانءِ!

تون ڏاڍو ياد اچين ٿو. هر ڪم ۾ تنهنجو خيال اچي ٿو ۽ سوچڻ لڳان ٿي تہ تون هن وقت ڇا ڪري رهيو هوندين؟ ڪتاب پڙهان ٿي تہ توسان گهاريل گهڙين جون تصويرون سامهون ڦرڻ لڳن. ڪڏهن تہ ايتري سڪ ٿي لڳيم جو ڊوڙندي مٿي ڇت تي ويندي آهيان تہ شايد تنهنجي جهلڪ نظر اچي وڃي. منجهند جو هڪ بجي ۽ رات جو نوين بجي تہ ڏهاڙي درشن ڪريان ٿي. ٽڪڪجي ليٽندي آهيان تہ دل چاهيندي آهي تہ تون پاسي ۾ هجين تہ توسان ڪجهہ نخرا ڪريان. تون بہ ڇا ياد ڪندين تہ هڪ 'ديواني ڇوڪري گلي پئجي وئي آهي. يا تہ هفتي ۾ هڪ خط لکي يا تہ روز روز خط لکي بور ٿي ڪري. سچ ٻڌايانءِ مون کي تنهنجي "ياد" ايتري پياري ٿي وئي آهي جو تنهنجي پرواهہ ئي ڪانہ رهي اٿم. پر توسان ملڻ لاءِ بہ دعائون گهرندي رهندي آهيان تہ توکي پنهنجي ياد ڏيندي رهان. متان وساري نہ ڇڏين.

تو منهنجو رول نمبر پڇيو آهي. هاڻي مون کي اخبار جي صفحن تي بہ تلاش ڪندين. پر مون کي پنهنجي رزلٽ سڄهي ٿي. ان وقت نہ توکي احساس هو ۽ نہ مون کي. مستين ۾ پورا هئاسين.

منهنجي ساهيڙي رابيل جو پيءُ گذاري ويو. ويچاري ڏاڍو پئي رئي. مان ۽ ٻيون ساهيڙيون روز هن وٽ وينديون آهيون. تون بہ ڇوڪري بڻجي هن کي پرچائي

جو خط ضرور لکجان. توکي تہ اندازو هوندو تہ منهنجيون هي ساهيڙيون اسان کي ڪيترو نہ ڪم اچن ٿيون.

توکي تہ اهڙن لفظن ۾ جملن کان چڙ ايندي آهي تہ "مان تنهنجي ٻانهي آهيان" يا "مان تنهنجي داسي آهيان" يا "مان تنهنجي قدمن جي مٽي آهيان" پر سچ ٿي چوان تہ مان اهي جذبا دک کان مجبور ٿي ظاهر ڪندي آهيان ۽ پاڻمرادو وات مان نڪري ويندا آهن يا نڪرڻ چاهيندا آهن.

## ١ - جولاءِ ١٩٦٤ع:

مومل کي خط: منڙي! مون کي چڱي طرح ڪاٿو آهي تہ اڄ تون ڪيترو نہ غمگين هوندين. توکي مون تي ڪاوڙ بہ ڏاڍي هوندي. مان جو ڪجهہ هينئر لکندس، تون سمجهندين تہ مان مکڻ لڳائي رهيو آهيان. (تنهنجي چوڻ موجب مان تنهنجي زخمن لاءِ لوڻ تہ ٿي نہ ٿو سگهان) پر جو ڪجهہ منهنجي دل ۾ آهي، سو ئي لکان ٿو.

قصور منهنجو بہ آهي. خبر ناهي مون کي ڇو يقين هو تہ تون ڪڏهن بہ ناپاس نہ ٿيندين. تون ايتري ذهين ۽ هوشيار آهين جو مان تصور بہ ڪري نہ ٿي سگهيس تہ تون ڪو فيل ٿيندين. توکي ڪيترو نہ ڏک هوندو. معلوم ناهي گهر ۾ توکي ڇا ڇا چيو ويو هوندو ۽ ٻين توکي ڪهڙا ميهڻا ڏنا هوندا. تو جهڙي پياري صورت واري ڇوڪريءَ جي ڏکن جو سبب مان ئي آهيان. مون کي پشيماني ٿي رهي آهي. مون کي تنهنجي پڙهائيءَ جو خيال رکڻ کپندو هو.

اڄ مون کي تنهنجي محبت جو وڌيڪ اندازو ٿي رهيو آهي. تون مون کي ايترو پيار ڪرين ٿي. جو دنيا جي هر شيءِ پلجي وڃين ٿي ۽ مان ايترو خود غرض آهيان، جو تنهنجي ڪاميابيءَ طرف گهٽو توجهہ ئي ڪونہ ڏنم. تون بہ ملاقاتن ۾ مگن رهين. ههڙي خلاصي جڳهہ جو ملي وئي آهي. پريم نگر ۾ تنهنجيون ساهيڙيون تہ پنهنجي ڪتابن کي لڳي ويندون هيون. پر پاڻ ٻئي جدا ڪمري ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ قرب جي ڪچهرين ۾ گذاريندا هئاسون. ڪيتري نہ مدهوشيءَ ۾ هوندا هئاسون.

مون سمجهيو هو تہ تون رات جو نظر نہ ايندينءَ پر دستور موجب تون ڇت مٿان موجود هئينءَ ۽ مان مشڪل سان پنهنجا ڳوڙها روڪي سگهيس. تون ڪيتري نہ سٺي آهين. تون ڪيتري نہ پياري آهين. تنهنجيون اهي ڳالهيون ئي تہ مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي مارن ٿيون (نہ جيارن ٿيون.)

تون چوندي هوندينءَ تہ پيار جا ٻہ ٻول لکي دل ٿو وندرائي يا مکڻ ٿو لڳائي. (نيڪ آهي منهنجي پياري ڊبل روٽي).

پهرين سنڌي اخبار ڏٺم ۽ وري انگريزي اخبارون پڙ. پر جنهن ڳالهہ جي ڳولا هئي، اها نظر نہ آئي.

هاڻي گهٽئي ماتم ٿيو. چڱو، هاڻي ڪجهہ ٻيون ڳالهيون ڪريون. سچي ٻڌاءِ، رزلٽ ڏسي، تنهنجي دل ۾ مون بابت ڪهڙو خيال پيدا ٿيو؟ ڪهڙيون ڪهڙيون گاريون ڏنئي، مٺيون مٺيون يا ڪؤڙيون ڪؤڙيون؟ تو ڪيترو رنو. يعني ڪيترو وقت رنو، ڪيترو زور سان رنو ۽ ڪيترا ڳوڙها نڪتا (گلاس جي حساب سان)؟

تنهنجي ٻيءَ توکي چا چيو، ماءُ چاءُ چيو؟ منهنجي تہ دل چاهي ٿي تہ تسلي ڏيڻ لاءِ تو وٽ پهچي وڃان، پر خبر ناهي تون مون کي چا چا ٻڌائيندينءَ ۽ ڪيترو پٽيندينءَ. پر ائين ڪرڻ سان گهٽ ۾ گهٽ تنهنجو جيءُ تہ هلڪل ٿي پوندو. چڱو ٻڌاءِ توکي مون تي ڪيترو غصو آهي. تمام گهڻو! چڱو مون کي سزا ڏي. جيتري وڻيئي. تنهنجيون مون لاءِ تجويز ڪيل سزائون بہ ڪيتريون خوبصورت ۽ پياريون هونديون آهن.

## ٢- جولاءِ ١٩٦٤ع:

ساڳيو خط هلي پيو: مومل! اج تون ذري گهٽ ٻيوهہ بنجڻ کان بچي وئينءَ. ان حادثي لاءِ جوابدار تون ئي آهين. سامهون بس اچي رهي هئي. منهنجي دل ۽ دماغ تي سوار هئينءَ ۽ مان اسڪوٽر تي سوار هوس. ٿورا انچ بس کان پري وڃي ڪريس. اج جيڪڏهن مان ختم ٿي وڃان ها تہ پڇاڙڪو خيال جو منهنجي دماغ ۾ هو، اهو تنهنجي ئي هو ۽ اهو ڪيترو نہ ناهوڪو موت ٿئي ها. جڏهن اسين مرنداسين، تڏهن توکي ٻڌائيندس تہ ان وقت مان چا سوچي رهيو هوس.... اج بہ تنهنجو خط ڪونہ آيو.

## ٧- جولاءِ ١٩٦٤ع:

مومل جي خط جو ٽڪرو: زندگيءَ کان پيارا پنهل! تو تہ منهنجي فيل ٿيڻ تي اهڙو ماتم جو خط نکيو آهي، جڻ تہ مان مري وئي آهيان. پر مون کي پنهنجي

ناپاس ٿيڻ جو ملال ڪونهي. پيار جي بدلي ئي ته فيل ٿي آهيان. پيار ۾ ته فيل ڪونه ٿي آهيان. اسڪول جي امتحان ۾ فيل ٿي آهيان، پيار جي امتحان ۾ ته فيل ڪونه ٿي آهيان. پيار ۾ جو ڪجهه ملي رهيو آهي، امتحان پاس ٿيڻ سان ان جي ذري به حاصل ڪونه ٿئي ها. پر امتحان ۾ ناپاس ٿيڻ جي مون کي خوشي آهي. خبر اٿئي ڇو؟ ان ڪري جو اجا مان اسڪول وڃي سگهندس. پاس ٿيان ها ته، جئن بابو چوي ٿو، مئٽرڪ کان پوءِ مون کي، تعليم ختم ڪرائي گهر ۾ وهاريو وڃي ها. ناراض نه ٿجو. متان سمجهو ته مان ڄاڻي واڻي فيل ٿي آهيان ۽ محنت ڪانه ڪيم. مان ته توهان جي تاڪيد موجب پڙهائيءَ ۾ خوب محنت ڪندي رهيس ۽ هاڻي سپليمينٽريءَ لاءِ به پوري پوري محنت ڪندس، رڳو توهان ناراض نه ٿجو.

## ٢٣ - آگسٽ ١٩٦٤ع:

مومل جي خط جو ڪجهه حصو: خبر نه ٿي پوي ته مان ڇا ڪريان. توڏانهن خط لکي، ان تي تنهنجي ائڊريس لکي لڪائي رکيو هوم ته ٻاهر نڪرڻ تي ٽپال جي دٻي ۾ وجهندس. خبر ناهي اهو خط ڪيئن گهر ۾ پڪڙجي پيو. هاڻي ته سڀ لفافا مون کان کسيا ويا آهن ۽ منع ڪئي وئي آهي ته مان ڪنهن کي به خط نه لکان. مائٽن جي شڪ کان بچڻ لاءِ حالي رات جو ڇت تي ڪونه ٿي وڃان. تون مون کي نه ڏسي ناراض ته ٿيو هوندين. مان ته ٻن ٻاهين جي وچ ۾ اچي وئي آهيان. پر تون ته ناراض نه ٿي. پلي سڄي دنيا مون کان ناراض ٿئي پر تون نه ٿيءُ. تون ته مون کي سمجهي سگهين ٿو. مائٽن تي ته عزت جو ڀوت سوار آهي. مان توکان معافي ٿي گهران (تون هن قسم جا گفتا پسند نه ڪندو آهين، پر مان لکڻ تي مجبور آهيان). تون ته مرد آهين، آزاد آهين. هاڻي ته جي مون کي ٻاهر نڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي ته ڪو گهر جو ڀاتي ساڻ هلي ٿو. هي خط مشڪل سان رابيل کي لڪائي ڏنو اٿم.

## ٦ - سيپٽمبر ١٩٦٤ع:

مومل جي خط جو هڪ ٽڪرو: مصيبت مٿي مصيبت اچي رهي آهي. اڄ توسان پريم نگر ۾ ملاقات ڪري گهر پهتس ته اتي مون لاءِ پادر پُسيا پيا هئا. خدا کان پوءِ تون ئي منهنجو رکپال آهين. بس اسٽاپ وٽ منهنجي پيءُ جي هڪڙي ڳهاٽي دوست جو گهر آهي. هو مون کي نندي هوندي کان سڃاڻي. وري ڪڏهن ڪڏهن سهيلين سان بيٺي هوندي آهيان ته ٻوسٽ ڪري برقعي جو نقاب مٿي ڪري ڇڏيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. هن مون کي ڪيترائي ڀيرا اتي ڏٺو آهي. اڄ به ڏٺائين ۽ مان اڪيلي پريم نگر ڏي اچڻ لڳس تہ هو بہ منهنجي پٺيان آيو ۽ مون کي ان گهر ۾ گهڙندو ڏٺائين. پاڙي جي ڪري هن کي خبر آهي تہ ان جاءِ (پريم نگر) جو مالڪ ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي ۽ هن جا ٻار ٻچا هتي نہ آهن. هو بابي کي ڳوليندو ڳوليندو، اسان جي گهر آيو. بابو گهر ۾ هو ۽ پوءِ ٻئي گڏجي پريم نگر ڏي روانا ٿيا. منهنجي هتي پهچڻ سان امان مون تي ڏاڍي ٺڪ لعنت ڪئي ۽ اهي ڳالهيون ٻڌايائين. مون کي تہ تنهنجو خيال ٿي پيو آهي تہ بابي جن تنهنجي ان گهر مان نڪري وڃڻ کان اڳ نہ پهتا هجن. مان تہ هاڻي بابي جي نظرن ۾ بہ ڪري پيس. ڀاڄائيءَ کي بہ اڄ ٻُل ملي ويو آهي. امان کي پئي چوي تہ مان چوريءَ جي ڪرتوتن بابت توهان سان ڪوڙ ٺورو ٿي ڳالهائيندي هئس، مون تي يقين ڪريو ها تہ هيستائين حد نہ پهچي ها. مان تہ روئي روئي ڪن ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڳالهہ ٺاهڻ جي بہ گنجائش ڪانہ رهي آهي. ان ڪري جو سوال ٿئي ٿو، جا جٺ ٿئي ٿي ان جو جواب ۾ رئندي رهان ٿي. تو وٽ ڪو اچي تہ پنهنجي نموني دليريءَ سان منهن ڏجان. منهنجو فڪر نہ ڪر. هاڻي طوفانن سان منهن ڏيڻ سکي وئي آهيان. مان سمجهي وئي آهيان تہ تنهنجو پورو ساٿ هوندي، تنهنجو پورو خلوص هوندي، تنهنجو پورو پيار هوندي حالتون اهڙيون آهن ۽ اهڙيون رهنديون جو مونکي طوفانن سان اڪيلي سر ئي مقابلو ڪرڻو پوندو...... هن حالتن هوندي بہ ڏس، توکي هي خط لکي رهي آهيان ۽ پڪ اٿم تہ تو تائين پهچائي بہ سگهندس.

ڏيڍ سال کان پوءِ منهنجي کهاڻي ۾ کهاڻي ساهيڙي مُنيران اچي وئي آهي. هن واسطي ئي تہ مون توکي چيو هو تہ جي خبر پويس تہ مان توکي پيار ڪرڻ لڳي آهيان تہ ساڙ ۾ سڙي ويندي. هوءِ ٻئي شهر ۾ وڃي رهي هئي. هاڻي واپس هتي اچي وئي آهي.

## ۸ - سيپٽمبر ۱۹٦۴ع:

ڇهہ مهينا ٿي ويا آهن. ڪوشش ڪندي بہ هيءَ ڊائري لکڻ تي دل ڪانہ ٿيم. هڪ بہ ڀيرو قلم تيار ڪري نوٽبڪ کولي ويٺس، پر سوچي سوچي وري بند ڪري ڇڏيم. رڳو هڪ ٻئي جا خط ڏنا اٿم.

هن ڇهن مهينن ۾ کهڻائي واقعا پئي ٿيا آهن. هاڻي اسين دوست واري جڳهہ ۾ ملندا آهيون. جنهن کي "پريم نگر" جو نالو ڏنو اٿئون. هن جو اسڪول ان جي

ويجهو آهي. مومل خط رستي پروگرام ڏيندي آهي. جنهن ۾ ڏينهن وقت نڪندي آهي. مان مقرر وقت کان اول وڃي وهندو آهيان. بعضي ساهيڙين سان ايندي آهي، بعضي اڪيلو. ڏاڍي آرام ۽ اطميناان سان وقت گذرندو آهي.

هڪ ٻي جو ديدار ته اسين روزانو ڪري سگهندا آهيون. اسپتال کان هن جو گهر ٻه گهٽيون پري آهي. وچ ۾ ڪجهه گهر آهن. پر هن جو گهر ٻماڙ تي آهي ۽ اسپتال جي سامهون آهي. مومل پنهنجي ڇت تي بيهندي آهي ته منهنجي اسپتال صاف ڏسڻ ۾ ايندي آهي. مان در وٽ بيهندو آهيان. پهرين ته ڏينهن جو وقت مقرر ڪندا هئاسين. هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان دل ۾ خوشيءَ جون لهرون پئدا ٿينديون آهن. پوءِ وري خيال ڪيوسين ته ڏينهن جو ٻين جي نظر پوي ٿي، ان ڪري رات جو ديدار ڪجي. نوين بجي جو وقت مقرر ڪيوسين. هن کي ته مان نظر ايندو هوس. پر اونداهين راتين جو مان هن جي جهلڪ ڏسي ڪونه سگهندو هوس. پر رڳو اهو احساس ته مومل مون کي ڏسي رهي آهي، عجيب خوشي پئدا ڪندڙ هو. البت چانڊوڪين راتين جو مان به هن کي ڏسي سگهندو هوس. پوءِ وري هن ٿا ڪيو جو مٿي هڪڙو بلب ڪٽي لڳايائين. انهيءَ بهاني سان ته هوءَ ڇت تي آرام سان پڙهي سگهندي. هوءَ گهڙيءَ گهڙيءَ اچي بلب جي روشنيءَ ۾ بيهندي آهي ۽ مان بهار بهار ٿي ويندو آهيان. سارو ڏينهن نوين بجي جو اشارو مقرر ڪيوسين. جنهن ڏينهن ملڻو هوندو آهي، ان جي اڳين رات جو هوءَ بلب ڪٽي ڪناري واري پٽ مٿان رکندي آهي. ٽائيم جو اول ئي فيصلو ٿيل هوندو آهي.

ملاقات جي انتظار واري رات به عجيب خوشيءَ ۾ گذرندي آهي. ڪيترائي پيرا ننڊ مان جاڳي پوندو آهيان ۽ آسمان طرف ڏسي، يا ڪڪڙن يا ٻانگ جو آواز ٻڌي، وقت جو اندازو لڳائيندو آهيان. پوءِ تمام سوير اٿي، پنهنجي بدن جي چند ڦوڪ ۾ وقت گذاريندو آهيان. بک ته ائين محسوس ڪانه ٿيندي آهي. باقي ملاقات پوري ٿيڻ کان پوءِ ننڊ به ڏاڍي ايندي آهي ۽ بک به ستائيندي آهي. ڪائڻ لاءِ ڪتمنڙا، ميوو وغيره وني ويندو آهيان. ڪڏهن هوءَ به کائڻ لاءِ ڪجهه آڻيندي آهي. پر مومل کائيندي تمام ٿورو آهي. چوندي آهي "اهو وقت به چو نه پيار ڪرڻ ۽ پيار جي رهاڻين ۾ گذاريون." حقيقت ۾ منهنجي دل به ائين گهرندي آهي. هڪ ٻئي کي کارائڻ ۾ به لطف آهي. مان پاڻي پئندو آهيان ته گلاس مان پهريون ڍڪ مومل کي پيرائي پوءِ پاڻ پئندو آهيان. هڪ ئي بسڪوٽ کي ٻئي ڄڻا هڪ ئي وقت چڪ

هٿندا آهيون.

اسپتال جو ملڻ بند ڪيوسين ته اتي ملڪ مانيٽو تي ويو آهي. ڏوتيءَ به چڪر هڻڻ ڇڏي ڏنا آهن. ڪنهن کي به ڪجهه چوڻ جو موقعو ڪونه ٿو ملي. مومل جي گهر وارن به سمجهيو ته اهو سڀ ڪجهه سندن ڏيءَ تي بهتان هو. هنن وري علاج واسطي اچڻ شروع ڪيو. البت مومل کي اڪيلو نه موڪليندا هئا. انهن ڇهن مهينن ۾ هوءَ مون وٽ فقط به گهمرا آئي. هڪ گهمرو لکي ۽ ٻيو گهمرو وڏي ڀيڻ سان گڏجي.

مئٽرڪ ۾ ناپاس ٿي پئي. چوي ته صفحن جا صفحا پڙهي ويهان، پوءِ وري جو ڪٿي ڏسان ته منهنجي دماغ ۾ ته سارو وقت تنهنجو خيال پئي هليو ۽ ڪتاب مان ته ڪجهه به ڪونه سمجهيم. امتحان وارن ڏينهن ۾ ملاقاتن جو پروگرام رهندو هو. طوطي ۽ رابيل ته پريم نگر جي وراندي ۾ پڙهنديون هيون ۽ اسين ٻئي پنهنجين مستين ۾ پورا. چوي پئي ته پيپر هلندي به اها تڪڙ ته جلدي وقت ختم ٿئي ته اچي توسان ملان. پتو ڪونه پوي ته ڇا پئي لکان. اڳئين سال ته پنهنجي ڪلاس ۾ ٽيون نمبر بيٺي هئي. پر مون ڏنو تي فيل ٿيڻ جو هن کي ارمان ڪونه ٿيو هو. چيائين "مون کي تون گهرجين، تنهنجو پيار آهي ته ٻي ڪنهن ناڪامي جو افسوس ٿي نه ٿو سگهي." مون کي هن جي ناپاس ٿيڻ تي ڏک ٿيو. مون ته هن جي پاس ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ جشن ملهائڻ جو سوچيو هو.

اسان پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جو سڀ ڪجهه هڪ ٻئي کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. ڀهرين ڀهرين مون کي خيال آيو هو ته مان هن لاءِ ڀهريون مرد نه آهيان. پر اها منهنجي غلطي هئي. مون کي رڳو هن جي ڳالهائڻ ٻولائڻ ۽ جلدي منهنجي بنجي وڃڻ ڪري غلط فهمي ٿي هئي. پر پيار اهڙي شيءِ آهي جو هڪ پل ۾ ائين محسوس ٿيڻ لڳندو آهي جڻ ته ورهين ڪان لاڳاپو پئي رهيو آهي. حجاب جا پردا هڪدم هٽيو وڃن. وري شهري ڇوڪري هجڻ ڪري، ناولن ۽ سئنيما جي اثر ڪري پڻ هن جي گفتگوءَ ۾ ڪڙائي ٽڙائي پيدا ٿيو وڃي.

پرينءَ کي سوکڙي ڏيڻ ۾ ڪيترو نه مزو آهي. ان جو ڪاٿو ٻيو ڪير ڪري نه سگهندو. بزار ۾ اڪي به ويندو هوس، پر هاڻي وڃڻ جو لطف ئي ٻيو آهي. نظرون سڀني ۽ سندر وٽ جي تلاش ۾ رهن ٿيون ۽ هر دلپسند شيءِ مومل کي ڏيڻ تي دل چاهي ٿي. سوکڙي خريد ڪرڻ جو ارادو ڪري بزار وڃڻ ۾ لطف هي

سوڪڙي ڳولڻ ۾ مزو حاصل ٿئي ٿو. سوڪڙي خريد ڪرڻ ۾ خوشي ملي ٿي ۽ پرينءَ کي اها ڏيڻ وقت ۽ ان تي هن جي ٻهڪڻ کي ڏسي ماڻهو مسرت سان پرجهو وڃي. اڄ ناڻين مون کي ڪنهن لاءِ ڪا چيز وٺڻ ۾ ايترو شوق نہ ٿيو آهي ۽ نہ ايتري خوشي ملي آهي. هيءَ بہ جيون جي هڪ وڏي خوشي آهي. ڪي سوڪڙيون اهڙيون هونديون آهن. جي گهر کٽي وڃڻ مومل واسطي مسئلو هوندو آهي. البت ڪتابن جي سوکڙيءَ ۾ ائين ڪونہ ٿئي ۽ هوءَ ڪتاب پڙهڻ جي شوقين بہ آهي. مان بہ چاهيندو آهيان تہ هوءَ سنڌي ڪتاب گهڻا پڙهي. ان ڪري ڪتاب هن کي جام وٺي ڏيندو آهيان.

مان سمجهندو هوس تہ مومل سان سڀ دوريون اورانگهڻ ڪان پوءِ شايد مون لاءِ هن ۾ ايتري ڇڪ نہ رهندي. پر ڳالهہ صفا ابتڙ نڪتي. هوءَ منهنجي لاءِ وڌيڪ دلڪش ٿيندي وڃي. حجاب جا پردا هٽڻ سان، نئون نئون حسن، نئين نئين جاذبيت پئدا ٿيندي رهي ٿي. هوءَ محبت جي مامري ۾ ڏاڍي Submissive آهي. قرب مان هوءَ خود بيحد خوشي حاصل ڪري ٿي ۽ ان خوشيءَ جو اظهار بہ ڪري ٿي. هن کي خوش ڏسي ۽ دلچسپي وٺندي محسوس ڪري پاڻ وڌيڪ سرهائي حاصل ٿئي ٿي.

مون کي هاڻي سڌ پئي آهي تہ سمهڻ ڪوٺيءَ جي سونهن (Bed Room Beauty) بہ ٿيندي آهي. لباس اندر جن عضون جي سونهن لڪل رهي ٿي. سا سمهڻ ڪوٺيءَ ۾ پڌري ٿئي ٿي. ان ڪان سواءِ بيجان بت واري سونهن ڪافي نہ آهي. چرپر، زندگيءَ جي نشاني آهي. چرپر، ناز، ادا ۽ مستيءَ جي سونهن ئي مست ڪندڙ ٿئي ٿي.

ڀهراڙيءَ جا ڪيترا ڪامورا ۽ وڏيرا ۽ خود نوجوان شاگرد، شهرن ۾ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اچڻ ڪان پوءِ، پنهنجيون سهٽيون سيبتيون سوتيون ماساتيون. جن سان هنن جو مڱڻو يا پرڻو ٿيل هوندو آهي، تن کي ڇڏي، هو شهري ڏارين ڇوڪرين سان شادي رچائيندا آهن. اهڙين شهري ڇوڪرين جي ڇڪ. ظاهري ڏيک ويک. نٽ ناٽکر، ناز نخري، ڪڙائي تڙائي ۽ فئشن ڪري بہ ٿي سگهي ٿي، پر ان ڇڪ جو بنيادي ڪارڻ سمهڻ ڪوٺيءَ جي سونهن (Bed Room Beauty) ٿي سگهي ٿو. ڀهراڙيءَ جي ڇوڪرين ۾ سمهڻ ڪوٺيءَ جي سونهن نہ ٿي ا... پابنديون ڪري، پنهنجن جذبن جو اظهار نہ وات سان ڪن ۽ نہ جسم

سان. گهر جي تربيت ۽ ڳوٺ جو ماحول هنن کي پنهنجيون خواهشون دٻائڻ سيکاري ٿو. عورتون هن سماج ۾ غلامن جون غلام آهن. هڪڙي سماج ۾ طبقاتي غلامي ۽ ٻيو گهر ۾ مردن جي غلامي. ان ڪري هو جهڙيون ٻاهر هيسيل تهڙيون سمهڻ ڪوٺيءَ ۾ هيسيل. جنسياتي جذبي سان پاپ جو احساس ڳنڍيل هجڻ ڪري، ان جي اظهار ڪي ئي پاپ سمجهن. غلام ماڻهوءَ ۾ نه زندگي ٽيندي آهي نه زندگيءَ جو اظهار. نه سونهن جو اظهار ۽ نه پيار جو اظهار. هڪ ٻوٽي ۾ ڪهڙي زندگي، ڪهڙي سونهن، ڪهڙو پيار. جيتوڻيڪ نالي ۾ سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو ۽ پيار. آزاديءَ جي جذبي سان مالا مال ڪري ٿو.

ٻڌندا رهيا آهيون ته بت پرستي گناهه آهي، بت پرستي حرام آهي، بت پرستي ناجائز آهي..... پر انسان بنيادي طرح بت پرست آهي. پيار جيون جو مرڪزي جذبو آهي ۽ بت پيار جو محور آهي. انسان لاءِ سندر ۾ سندر، سهڻي ۾ سهڻي، حسين ۾ حسين وٿ انسان جو بت آهي، انسان جو بدن، انسان جو سرير. هن واسطي دنيا ۾ ٻي ڪابه شيءِ ايتري ڪشش نه ٿي رکي، جيتري انسان جو بت. هو جڏهن پنهنجي من پسند انسان جي بت ۾ مگن ٿي ويندو آهي ته هن کي دنيا جي ٻي ڪابه وٿ پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري نه سگهندي آهي.

انسان بنيادي طرح بت پرست آهي. سهڻي ۽ خوبصورت بت جي پوڄا، بدن جي ذري ذري سان پيار ڪرڻ، انگ انگ کي چمڻ، لڱ لڱ مان لذت حاصل ڪرڻ، ان ئي پرستش جون پڌاريون آهن. جنسياتي بک ۽ جنسياتي هيجان جي حالت ۾ خوبصورت ته نهيو، بدصورت ۽ ڪوجهي بدن جي به انسان پرستش ڪري ٿو: ان کي پيار ڪري ٿو، ان کي چمي چٽي ٿو، سڀ ڪجهه ان کي ارپي ٿو.

شعر، نغما، غزل، قصا، داستان، ناول، ڪهاڻيون، چترڪاري، مورتيسازي، راڳ، ناچ ۽ هر فن، بت پرستيءَ جو نتيجو ۽ پڌرائي آهي.....

اسان کي پنهنجي ڳالهين ۾ اهڙو مزو ايندو آهي، جو ٻين بابت تمام گهٽ ڳالهائيندا آهيون.

هڪ ڏينهن پڇيومانس "تنهنجي هنن سهيلين جا به دوست هوندا ۽ تون به هنن جو ائين ڍڪ ٻنجندي هوندينءَ، جئن هو تنهنجو ڍڪ ٻنجن ٿيون."

چيائين "رابيل جو به دوست آهي ۽ طوطيءَ جو به. مان طوطيءَ سان به چار دفعا ڪڏجي، هن جي دوست جي گهر وئي آهيان. جتي سندس ان دوست جي زال به

موجود هوندي آهي. مان هن سان ڳالهائيندي ضرور آهيان، پر برقعي اندران."

هڪ ڏينهن مومل چيو "طوطي چوي ٿي تہ اسان کي ڪا ہي جڳهہ ڪانهي، ان ڪري اعتراض نہ هجي تہ مان پنهنجي دوست کي هتي ٺي ملان."

مون کي اها ڳالهہ پسند ڪانہ آئي. پر جڏهن طوطي، مومل جي رازدار هئي ۽ وقت بوقت اسان جي مدد پڻ ڪئي اٿائين، ان احسان هيٺ قبول ڪيم. پر ان شرط تي تہ مون بابت هن کي ڪجهہ نہ ٻڌايو ويندو. هو پنئين دروازي مان اچي ڪمري ۾ طوطيءَ سان ڪچهري ڪندو ۽ هيڏانهن نہ ايندو ۽ نہ مون سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو.

مومل ٻڌايو تہ طوطي پنهنجي دوست کي ڪڏهن بہ اسان بابت ڪجهہ نہ ٻڌايو آهي، جو تہ تنهنجي ڊاڪٽر هجڻ جي نازڪ مسئلي جو هن کي بہ احساس آهي ۽ هن کي اهو چيو ويو آهي تہ هي مومل جي ماسيءَ جو گهر آهي.

اهڙي طرح هن جون ٽي چار ملاقاتون ٿيون آهن. اها ڳالهہ مون کي پسند ڪانهي. مومل بہ اهو سمجهي وئي آهي ۽ چيو اٿائين تہ اڪثر جڏهن بہ طوطي پنهنجو پروگرام رکندي تہ مان بهانو بنائي ٽاري ويندس يعني ان ڏينهن اسان کي پنهنجي ملاقات ملتوي ڪرڻي پوندي. ٻي ڳالهہ تہ در جي پٺيان هو طوطيءَ جي دوست سان ڳالهائيندي هئي. اهو ڏسي، ڪاوڙ ڪان منهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويندو هو. هڪ لڳا غصي مان ان تي چڙٻ بہ ڏنيمانس. هن وري ائين نہ ڪرڻ جو انجام ڪيو.

مومل بعضي روئي بہ ڏيندي آهي. پهريون پيرو هن ريت رنائين: ليٽيا پيا هئاسين ۽ پيار ۾ مدهوش تہ اوچتو چيائين. "تون مون کي ڇڏي تہ نہ ڏيندين؟" ائين چئي اچي رئڻ ۾ ڇٽڪي، مان ڪجهہ سمجهي نہ سگهيس. سڏڪا ڀري پئي رنائين. اکين مان لڙڪ بند ئي نہ ٿين. مان گهڻو ئي پرچايومانس. پيار ڪيومانس. پر جواب ڪونہ ڏئي. ان رئڻ جو ڪارڻ اڄ ڏينهن تائين ٻڌائي نہ سگهي آهي. چوندي آهي: "الائي ڇو اکين جو بند ٽٽي پيو."

هڪڙي ڏينهن خط ۾ لکيائين: "هاڻي تہ مون کي فرصت ڏي تہ ڪجهہ پڙهان." مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ هاڻي مومل کي منهنجو خط بہ بار ٿو لڳي، جو هن کي اهو پڙهڻ جو فرصت ڪانهي. ٻئي ڏينهن جو ملياسين تہ مان منهن ٻئي پاسي ڪري ليٽي پيس ۽ هن سان نہ ڳالهايم. هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي، ڪيترائي

سوال پڇيائين پر مان چپ. نيٺ سندس خط ڪڍي سامهون ڪيومانس ۽ اهو جملو ڏيکاري چيومانس: "هاڻي توکي منهنجي خط پڙهڻ جي به فرصت ڪانهي. اها آهي تنهنجي محبت!" منهنجو ايترو چوڻ هن جي نيڻن جو بند ٽٽي پيو. پوءِ وري مون کي هن کي پرچائڻو پيو. چيائين: "خبر ناهي مان اهو جملو ڪيئن لکي ويٺس. ورنه هر وقت توکي ياد ڪندي رهندي آهيان ۽ تنهنجي مختصر خط جو به الاجي ڪيترو انتظار ڪندي آهيان ۽ اهو بار بار پڙهندي آهيان. مان ڪيئن تنهنجي خط کي بار سمجهنديس. مون کان غلطي ٿي، مون کي معاف ڪر."

مون کي احساس ٿيندو آهي ته مومل کي پيسن جي ضرورت پوندي هوندي. شاگردياڻي آهي، محدود ڪيسي خرچي ملندي اٿس. هن کي مون تي به خرچ ڪرڻو پوي ٿو. مون وٽ اچڻ واسطي ٽانگي يا رڪشا جو ڀاڙو، تحفا به ڏئي پئي، کائڻ جي شيءِ به ڪڏهن ڪڏهن وٺيو اچي.

هڪ ڀيري چيومانس: "توکي پيسن جي ضرورت پوي ته حجاب نه ڪجانءِ."

چيائين "مون کي منهنجي ضروتن لاءِ ڪافي خرچي ملي ٿي. مان تمام سادي ۽ ڪفايت شعار آهيان."

هڪ ڏينهن چيائين "هڪڙي ڳالهه چوندي لڄي ٿي ٿيان. خبر ناهي توهين ڇا سمجهندا."

ڪافي ڏيکهه ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايائين ته هن مائٽن کان پنجاهه رپيا امتحان جي فيءِ وغيره لاءِ ورتا هئا. پر اهي ڪٿي ڪري پيا. ان ڪري حالي مان هن کي ڏيان، پوءِ واپس ڪندي. مان ڪجهه غصو ڏيکاريندي چيو هومانس: "واپسيءَ لاءِ چو ٿي چوين. ڇا منهنجا پيسا تنهنجا نه آهن. تو ايتري ڏيکهه چو ڪئي، سڌو سنئون حجت سان چوين ها ته هيترا پيسا ڏي."

چيو هئائين "جي واپس نه وٺندين ته مون کي نه کپن."

ڪن مهتي چيو هومانس "ڪٿو نه ڳالهاءِ."

"مون توهان سان هڪ ڀيري ڪوڙ ڳالهيو هو."

"ڪڏهن جي ٿي ڳالهه ڪرين؟"

"مون توهان کان پنجاهه رپيا ورتا هئا. ان جي باري ۾."

"ڪيئن پلا؟"

"توهان کي مون اهو نہ ٻڌايو آهي تہ منهنجي ساهيڙي نازان تمام غريب آهي. ايتري قدر جو اسڪول جي في بہ پوري ڪانہ سگهندي آهي. مان پنهنجي کيسي جي خرچيءَ مان ڪڏهن ڪڏهن هن جي مدد ڪندي آهيان. اما کي اها سُڌ آهي، هوءَ بہ مدد ڪندي اٿس. ان ڏينهن مئٽرڪ جو فارم ڀرڻو هو. هن وٽ فيءَ جا پئسا ڪونہ هئا. ڪٿان بہ انتظام ڪونہ ٿي سگهيو. ان ڪري توهان کان ورتا هئم."

هن جي اها ڳالهہ ٻڌي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هن تي پيار آيم.

"تون هن عمر ۾ ئي اهڙا خير جا ڪم پئي ڪرين."

"پر اڄ اهي پئسا واپس ٿي ڪريان. پنهنجي کيسي خرچيءَ مان ڪڏ ڪيا اٿم."

"وري اهي ٻاراڻيون ڳالهيون. تو ۾ ۽ مون ۾ ڪهڙو فرق آهي. منهنجا پيسا، سي تنهنجا پيسا."

"پر مون کي شرم ٿو اچي، تون الائي ڇا سمجهندين."

"مان تہ بس اهو ئي ٿو سمجهان تہ تو نهايت عظيم ڪم ڪيو."

ان هوندي بہ پنجاهہ رپيا زوريءَ منهنجي کيسي ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. مون انڪار ڪيومانس ۽ وري واپس سندس ٻٽوڻ ۾ وڌم. وري موڪلائڻ وقت ڪٽ تي پيسا رکيائين.

"ڏس مومل، جي هي پيسا نہ کڻنديءَ تہ مون کي صدمو رسندو ۽ مان ناراض ٿي ويندوسانءِ."

"خدا جي واسطي ائين جيڪي وٽي سو مون سان ڪر، پر مون سان ناراض نہ ٿيندو ڪر."

"تہ پوءِ اهي پيسا پاڻ وٽ رک ۽ وري اهڙي ڳالهہ نہ ڪجانءِ."

نيٺ پيسا واپس کڻا پيس.

بہ ٽي ڀيرا مون هن جي ٻٽوڻ ۾ ڪجهہ رپيا وجهي ڇڏيا. خبر پوڻ تي موٽائي ڏنائين.

منهنجي سڄي دوست هن کي پيڻ بنايو آهي. صرف اهو ئي هڪ دوست آهي، جنهن جي سامهون مومل کي آندو اٿم. هن کي تہ اهڙي وٽي جو مون کي چيائين تہ هن کي ڪنهن بہ قيمت تي نہ ڇڏجان، چاهي شادي ئي ڇونہ ڪرڻي پوئي.

عيد تي اٿڪل سوچيم. جڏهن ملياسين تڏهن منائيءَ جو پڙو ۽ ويهه رپيا ڏيندي چيومانس "هي تنهنجو ڀاءُ (مون واري سچي دوست) تو لاءِ عيد جي خرچي ڏئي ويو آهي."

آخر اهي ونٺا پيس.

ڪڏهن ڪڏهن ڏوراپو ڏيٺو هوندو اٿس. تہ چوندي آهي "مان توکي آسانيءَ سان گهر ويٺي ملي وئي آهيان. ان ڪري قدر ڪونہ ٿو ڪرين. ورنہ جڏهن مهين جا مهينا منهنجو پيڇو ڪرڻو پوئي ها. گهر جي چوڌاري چڪر ڪاٽڻا پونئي ها. منهنجي هڪ جهلڪ ڏسڻ خاطر ڏينهن جا ڏينهن انتظار ڪرڻو پوئي ها. جئن ٻين ويچارن عاشقن کي ڪرڻو پوي ٿو. پوءِ پتو پوئي ها."

"تون چوين ٿي تہ تو ئي مون کي اول پيار ڪيو. پوءِ مان بہ توکي سولائيءَ سان حاصل ٿي ويس."

"سولائيءَ سان ٿو چوين! مان تہ ٻن سالن کان تنهنجي پيار جي نگاهہ جي بکي هئس. توکي ڪڏهن احساس بہ ڪونہ ٿيو تہ ڪونہ ٿيو تہ ڪو تنهنجو چاهڻ وارو پيدا ٿي چڪو آهي." هوءَ کلڻ لڳي.

اتفاق سان اسان کي ملڻ جون بي شمار سهوليتون پئي ميسر ٿيون آهن. ان سان گڏ دوستن ۽ سهيلين جي مدد ۽ مهرباني.

ڊاڪٽر وٽ اچڻ ائين بہ سولو آهي. شيشي هٿ ۾ کنئي، پوءِ هيڪڙ جو سوال ئي ڪونهي. پنهنجي اسپتال ۾ ڏاڍي مزي سان ملندا رهياسين. ڏينهن ۾ ٻہ ٻہ، ٽي ٽي دفعا بہ آئي. هتي ڳالهہ کلڻ کان پوءِ دوست جي جنهن جاءِ ۾ ملندا آهيون، اها سدائين خالي رهندي آهي. اهو دوست مهيني ۾ هڪ ٻہ ڏينهن بہ مشڪل سان اچي رهي. وڏي ڳالهہ تہ اها جاءِ مومل جي اسڪول کي ويجهي آهي. پنيان بہ دروازو اٿس. هر سهوليت موجود. هڪ ٻئي سنگتيءَ جي جڳهہ بہ آهي. هو ڇڙو رهندو آهي. پريم نگر وارو دوست آيل هوندو آهي تہ، ان سنگتيءَ واري جڳهہ ۾ پروگرام رکندا آهيون.

مومل چوندي آهي: "ماڻهن وٽ رهڻ لاءِ جاءِ ڪانهي، ۽ توکي عشق ڪرڻ لاءِ اينٽريون جايون آهن."

انهن ملاقاتن کان سواءِ اسين روز رات جو نوين بجي هڪ ٻئي جو درشن ڪندا آهيون. ان وقت جو بہ ڏاڍو انتظار رهي ٿو. مومل تہ بعضي بعضي اٺين بجي

اچيو بتي ٻاري ڇڏي. مان پنهنجي اسپتال ۾ هلندي هلندي انهيءَ احساس ۾ بيحد خوش پيو هلان تہ هوءَ منهنجي انتظار ۾ ويٺي آهي ۽ مون کي ڏسي رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن فلم جو پروگرام پڻ رکندا آهيون. هوءَ پنهنجي ڪنهن پيڻ يا ڀاڄائيءَ سان ايندي آهي. مان بہ پهچي ويندو آهيان. لڪي لڪي هڪ ٻئي کي ڏسي سگهندا آهيون. حيدرآباد ريڊيو جو "توهان جي پسند" وارو پروگرام ضرور ٻڌندا آهيون. گڏجندا آهيون تہ هڪ ٻئي کان انهيءَ پروگرام جي ٻڌڻ جو ضرور پڇندا آهيون. اها بہ اسان جي هڪ پياري پابندي بڻجي وئي آهي.

هن جي خوشي، منهنجي خوشي بڻجي وئي آهي ۽ منهنجي خوشي، هن جي خوشي بڻجي وئي آهي. دل چاهيندي آهي مومل مون سان منهنجي هر خوشيءَ ۾ شامل هجي. ڪابہ چڱي چيز خريد ڪندو آهيان تہ دل گهرندي آهي تہ هوءَ بہ اها ڏسي. گهر جي سينگار لاءِ ڪي شيون ورتم، دل چاهيو تہ مومل بہ اهي ڏسي سگهي ها. هن کي انهن چيزن جو ٻڌائيندو تہ ضرور آهيان. هوءَ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندي آهي. دنيا جي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ بہ مومل جو ڏاڍو ڏڍ ٿيندو اٿم. اهو احساس تہ مومل مون کي پيار ڪري ٿي، مون کان دنيا جا ڏک درد وسارڻ لاءِ ڪافي آهي.

اسان جون ملاقاتون ڏاڍيون فرحتي پئي ٿيون. مومل جا مٽ مائٽ بہ وري علاج لاءِ ايندا ٿي رهيا. رات جو بہ ڏهاڙي درشن ٿيندو ٿي رهيو. خطن جو بہ ڏم لڳي پئي هئي. هوءَ تہ الاهي خط موڪليندي ٿي رهي. روز يا ٻئي ٽئين ڏينهن. ٽپال رستي، ساهيڙين رستي، هٿون هٿ. اسين فل ٽائيم عاشق بڻجي ويا هئاسين.

اوچتو طوفان آيو.

اڪيهين مهيني جي يارهين تاريخ مومل جون بہ وڏيون ڀينر آيون. مون ڀانيو دستور موجب دوا وٺڻ آيون آهن. منهن تي مرڪ پيدا ڪري، آجيان ڪئي مان.

"اسان جي ننديءَ ڀيڻ توهان کي جيڪا عطر جي شيشي ڏني آهي، اها واپس ڏيو." هنن مان وڏي هڪدم چيو.

مان هن اوچتي حملي کان گهبرائجي ويس.

"مون وٽ هن جي ڪا عطر جي شيشي ڪانهي، هوءَ مون کي ڇا لاءِ ڏيندي." مون صفا ڪوڙ ڳالهايو.

"اها شيشي اسان خود توهان وٽ ڏٺي آهي."

”توهان کي غلط فهمي ٿي آهي. شيون هڪجهڙيون ٿي سگهن ٿيون.“

”اسان ٻڌو آهي ته هوءَ توهان سان ملندي رهي ٿي؟“

”توهان سان ئي ڪڏهن ڪڏهن هتي علاج واسطي ايندي آهي.“ مان ڪوڙ تي سندرو ٻڌي بيٺو هوس.

”اها ڳالهه نيڪ ناهي. توهان ڊاڪٽر آهيو. ائين ڪرڻ توهان کي نه ٿو سونهين. اسين عزت وارا ماڻهو آهيون. ڇوڪريءَ جو مڱڻو ٿيل آهي. انهن ڳالهين جو چڱو نتيجو نه نڪرندو.“

”توهان کي ساري غلط فهمي ٿي آهي. ڪابه اهڙي ڳالهه ڪانهي.

منهنجي نرڙ تي پگهر اچي ويو ۽ اندر سارو ڪنبي رهيو هو. اتفاق سان ان مهل ڪوبه مريض ڪونه هو.

اصل قصي جو پوءِ خبر پئي.

ان جي اڳئين ڏينهن تي مومل جي ياجائي دوا وٺڻ آئي هئي. وڃڻ وقت هوءَ ڪاڏي جي ڪِري پوڻ لاءِ منهنجي ميز وٽ آئي. پرسان ڪيٽ ۾ هن جي نظر ٻن شين تي پئجي وئي. هڪڙي عطر جي شيشي ۽ ٻيو زالاٽو ٻٽون. اها عطر جي شيشي مومل کان ملي هئم. اها شيشي مومل جي پاءُ لاهور مان هن واسطي آندي هئي. گهر جي سيني ياتين اها ڏني هئي ۽ ياجائي سڃاڻي ورتي. اهو ٻٽون وري مون مومل لاءِ ورتو هو. ان ڏينهن ملڻ جو پروگرام هو. ٻٽون ڏنومانس جو هوءَ گهر کڻي وئي. ياجائيءَ اهو به ڏٺو.

”ڪٿان آندو اٿئي؟ ياجائيءَ پڇيو.

”طوطيءَ ڏنو آهي.“ مومل وراڻيو.

هن وڃي مومل جي ماءُ سان ساري حقيقت ڪئي. ماءُ اچي مومل کان آڏي پڇا ڪئي. مومل. ڳالهه هن طرح ٽاهڻ جي ڪوشش ڪئي ”هي ٻٽون مون کي طوطيءَ ڏنو آهي ۽ عطر واري شيشي مون هن کي ڏني آهي.“

ڳالهه پڌري هئي. مومل تي اعتبار ڪرڻ جو سوال ئي ڪونه هو. هن کان پڇيو ويو ته تون ڊاڪٽر سان ڪيئن ۽ ڪٿي ملين؟. ضرور لکندي هوندينءَ. مومل هر ڳالهه کان انڪار ڪيو. ماءُ کي ڏاڍو غصو آيو ۽ جوان ڌيءُ کي ٺڦڙ هڻي ڪڍيائين. هنتي بندش وڌي وئي ته هوءَ نه اڪيلي ٻاهر نڪرندي ۽ نه ڪنهن کي خط لکندي.

ان رات نوين بجي هوءَ ڇت تي ڪانہ آئي. مون کي فڪر ويڙهي ويو. ان رات گذارڻ لاءِ مان هڪ دوست سان فلم ڏسڻ ويس ۽ هُن سان مومل جي مامري بابت ڳالهائيندو رهيس. سمهيس بہ هن وٽ. ننڊ تہ خير ڪا آئي. بڪ ئي مري وئي. ڪجھ سمجھ ۾ نہ پيو اچي. مومل مصيبت ۾ ڦاٿي هئي. مون کي ڪجھ تہ ڪرڻ کپي. طبيعت ڏاڍي بي مزي ٿي پئي.

ٻي رات جو روشني نظر آئي ۽ هن بہ جهلڪ ڏيکاري هن کي ڏسي جڻ وڏو بار لهي ويو. انتظار هو تہ هوءَ خط لکندي ۽ سارو احوال ڏيندي. پر خط ڪونہ آيو. البت رات جو هن جو درشن ٿيندو هو. پنجن ڏينهن کان پوءِ ڇت تي روشني ٿيڻ بہ بند ٿي وئي. منهنجي بيقراري وڌي وئي صبح انهيءَ اميد ۾ گذرندو هو تہ ٽپالي خط آڻيندو ۽ شام جو اهو آسرو تہ هوءَ ڇت تي بيهندي. پر نااميدي ئي نااميدي ملي. طوطيءَ کي خط لکيم تہ احوال ڏي، پر هن بہ جواب ڪونہ ڏنو.

جيتوڻيڪ اما پوري خاطري هئم تہ مومل جو ساٿ مون سان آهي. سختين ۽ بندشون ڪجھ ڪري نہ سگھنديون. ان هوندي بہ بي آراميءَ جي ڪا حد ڪانہ هئي. نہ کاڌو ٿي وڻيم ۽ نہ پوري ننڊ ٿي آيم. ننڊ ۾ مومل جا سپنا ايترا ڏسندو هوس، جو اڳ ڪڏهن بہ ايترا نہ ڏٺا هئم. وري رابيل کي خط لکيم تہ مومل جي سڌ سماچار ڏي. نيٺ ٢٦- آگسٽ تي مومل جو خط مليم. هن سارو احوال ڏنو هو. لکيو هئائين تہ بہ خط لکي وري ڦاڙڻا پيا. جو ٽپال جي دٻي تائين پهچائڻ جو ٻَل نہ مليو. رات جو نہ بيهڻ لاءِ لکيو هئائين: "مان ان رات تو ڏانهن نهاري رهي هئس ۽ تون بہ سامهون پنهنجي اسپتال وٽ بيٺو هئين. اتفاق سان پاڇائي مٿي چڙهي. مان هن کي پنيري هئس، ۽ هن جي اچڻ جي خبر ڪانہ پيم. هن سمورو رنگ ڏٺو ۽ ڇا ڪيائين جو واپس وڃي اما کي چيائين تہ مٿي وڃي ڏيٺين جو تماشو ڏس. هوءَ مٿي آئي ۽ مون کي بہ ڏنائين ۽ توکي بہ. نہ ڪيائين هم نہ تم. وڃي جوٽيءَ کان پوئتي گهلي، ڏاڍي مار ڏنائين."

ان ڪري هوءَ رات جو نہ بيهندي هئي. ملڻ لاءِ لکيو هئائين : "٣- سيپٽمبر امتحان جو پروگرام پڇڻ لاءِ اسڪول ويندس. پر اما چوي ٿي تہ مان گڏ هلنديس. جي هوءَ نہ هلي تہ پوءِ پاڻ ملنداسين. انتظار ڪجانءِ."

مون کي آٿت آيو.

ان رات نوين بجي ڇت ڏانهن نگاھ ڪيم تہ سَئي ڏينهن ملڻ جو اشارو

موجود هو. هن جي جهلڪ به نظر آئي منهنجي خوشيءَ جي حد نه رهي. پوءِ ٻڌايائين ته اها مڙسي رابيل ڪئي هئي. هوءَ منهنجي خط پهچڻ تي هن جي گهر وئي ۽ اسڪول ۾ ضروري ڪم جو بهانو بنايائين ته ٻئي ڏينهن ضرور هلڻو آهي. ان رات نوين بجي گهر جا ڀاتي ڪونه هئا. ان ڪري هوءَ مون کي بلب رستي اطلاع ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

ٻئي ڏينهن رابيل سان گڏ پريم نگر ۾ اچي پهتي پيار ڪرڻ تي اچي رئڻ ۾ چنڪي. ڪيترو وقت رئندي رهي. چيائين: "مان ڪنهن به قيمت تي توکي ڇڏي نه ٿي سگهان." مان هن کي تسلي ڏيندو رهيس. پوءِ سڀ خبرون چارون ذري پرزي ٻڌايائين. چيائين: "اما چيو آهي ته مان توکي اسڪول مان ونڻ اينديس. پر اها رڳو ڌمڪي ڏني اٿائين، اُيندي ڪانه."

پر ٻي ملاقات ۾ ٻڌايائين ته هن جي ماءُ ان ڏينهن هن کي ونڻ اسڪول اچي پهتي هئي، پر اتفاق سان ان وقت مئٽرڪ ڪلاس جون سڀ ڇوڪريون ريڊيو پاڪستان گهمڻ ويون هيون. ان ڪري هوءَ موٽي وئي ۽مومل جو بچاءُ ٿي ويو. هوءَ هن ملاقات ۾ به ڏاڍو خوش هئي، موج ۾ هئي.

اُهو ڏاڍو افسوس ٿيم ته رات وارو درشن بند ٿي ويو. مصيبتن جو اڃا خاتمو نه ٿيو هو.

۵- سيپٽمبر طوطيءَ آئي. چيائين ته ڏهين بجي پهچجانءِ. مومل اڪيلي پهچي وئي. اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ چيائين ته مان اسڪول مان ٿي اچان. سيٽ نمبر ونڻو اٿم. مون به چيو ته مان تيستائين اسپتال مان چڪر ڏئي ٿو اچان. وري واپس ملياسون. طوطي ۽ رابيل به اچي ويون ۽ ڏهه پندرهن منٽ ترسي هليون ويون. ڏيڍ بجي تائين ڏاڍو. مزي ۾ وقت گذريو. دنيا جي پرواهه ئي ڪانه هئي.

پوءِ خط ۾ لکيائين: "مان نئين مصيبت ۾ ڦاسي وئي آهيان. تو وٽان گهر واپس اچڻ تي، اما لڪڻ سان اچي ورتو. رتو رت ڪري ڇڏيائين. ان وقت بابو منهنجي پنيان پريم نگر ڏانهن آيل هو. خبر ناهي تنهنجي نڪرڻ کان اڳ پهتو يا پوءِ. ڪانهه هن طرح آهي ته مون توکي ٻڌايو هو ته بابي جو هڪڙو گهرو دوست جو مون کي به چڱي طرح سڃاڻي، پريم نگر جي ويجهو رهندو آهي. هن مون کي ٻه چار دفعا ان جڳهه جي در وٽ بيٺل ڏٺو هو ۽ ٻه چار ڀيرا اندر گهڙندو به ڏٺو هئائين. هو ان جڳهه جي مالڪ جو واقف آهي ۽ اها به سُڌ اٿس ته ان گهر ۾

عورتون ڪونہ ٿيون رهن. اڄ بہ مون کي اتي ويندو ڏسي ورتائين. سڌو آيو بابي وٽ. هن کي اچي چيائين تہ پاڻ هلي معلوم ڪر تہ ان گهر ۾ ڪنهن وٽ ۽ ڇو ٿي وڃي. بابي کي تہ اڄ ڏينهن تائين اسان جي مامري جي خبر ڪانہ پئي هئي. هو سڌو گهر آيو ۽ اچي مون بابت پڇيائين تہ ڪيڏانهن وئي آهي. پوءِ بابو ان جڳهہ ڏانهن روانو ٿيو. باقي بابو بچيل هو. هاڻي هن کي بہ پتو پئجي ويو. جيتوڻيڪ امان مون تي ڪک رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ بابي کي ٻڌايائين تہ سندس ان دوست ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ کي مومل سمجهيو آهي."

خط پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيم. مومل تي مصيبت مٿان مصيبت اچي رهي هئي ۽ مان ڪجهہ ڪري نہ ٿي سگهيس. رابيل معرفت خط لکيومانس، آٿت جو.

اسان تہ هن مهيني پنهنجي پيار جي سالگرهہ ملهائڻ جو سوچيو هو. هوءَ دوا وٺي منهنجي ميز جي پرسان لنگهي رهي هئي. هن جي هٿ مان شيشي ڪسڪي وڃي پٽ تي ڪري ۽ پرزا پرزا ٿي وئي. هن مون ڏانهن مرڪي نهاريو ۽مون هن ڏانهن. هن جي مرڪ منهنجي دل ۾ پيهي وئي. دل چاهيو، هوءَ ائين مون ڏانهن نهاريندي مرڪندي رهي. اهي اکڙيون، اهو مکڙو، اها مرڪ وري ڏسڻ جي خواهش پيدا ٿي.

هي سک ۽ پيار جو سال، هي انتظار ۽ تڙڦ جو ورهہ ڪيئن نہ خوشين ۾ گذري ويو. منهنجي جيون جي هي بهترين سال آهي.

سوچيندو آهيان تہ مومل سان منهنجو پيار ڇو ٿيو ۽ ڇو آهي؟ سنئين سڌي ڳالهہ آهي تہ هوءَ سهڻي آهي ۽ پاڻ منهنجي جهول اچي پئي. پر حقيقت اينتري نہ آهي. مان پيار جو بکايل هوس. ٻار ئي هوس جو هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ واسطي پنهنجي ڳوٺڙي کان تمام پري شهر ۾ وڃي رهڻو پيو. بورڊنگ هائوس ۾ رهندو هوس. پوءِ ڪاليج، پوءِ نوڪري ۽ پوءِ شهر ۾ خانگي اسپتال، ان ساري عرصي دوران رڳو موڪلن ۾ ڳوٺ پئي ويو آهيان. اهڙي طرح ننڍي هوندي کان ئي ماءُ پيءُ کان پري رهيو آهيان. ماءُ پيءُ کان پري معنيٰ ماءُ پيءُ جي پيار کان پري. پيار ويجهائي سان ٿيندو آهي. موجود ئي ڪونہ هوندس تہ پيار ڪيئن ملندو. اهڙي نموني ماءُ پيءُ جي پيار کان پالهو رهيس. ٻي جوڙ شادي ڪري زال جو پيار ملي ڪونہ سگهيو. ڪاليج ۽ ڊاڪٽريءَ دوران ڪوڙ ڇوڪرين سان واسطو پيو ۽ لهہ وچڙ ۾ آيس. انهن ۾ ڪي ڏاڍيون سهڻيون ڇوڪريون هيون ۽ ڏاڍيون وڻنديون هئم. پر مون ۾ اڪيلي وڏڻ ۽ اڳرائي ڪرڻ جي دنيري ڪانہ هئي. پنهنجي شرميلي

طبعيت ڪري ڪنهن سان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪري ڪونہ سگهيس. شرميلي طبيعت ڪري دوستن جو دائرو نهايت ننڍڙو هو. تنهائيءَ جو احساس ڏاڍو رهندو هو. مطلب تہ ٻي ڪنهن بہ ڇوڪريءَ مون کي ايترو نہ چاهيو. مومل مون کي ٻي انتها چاهي ٿي. هن جو مون سان چاهہ، مون سان لڳاءُ، مون سان سچائيءَ ۽ هن جي پيار جي اونهائي ڏسي مان خوشيءَ جي بلندين تي پهچندو آهيان، پر حيرت بہ لڳندي اٿم تہ هوءَ مون کي ايترو چاهي ٿي. مان تہ محسوس ڪريان ٿو تہ مون کي هن جي پيار سان پيار آهي. ائين تہ هن مون کي سمهڻ ڪونيءَ جي سونهن جو احساس بہ ڏياريو آهي. اسين ٻئي ساڳئي مڊل ڪلاس جا آهيون، انڪري طبقاتي ذهنيت ساڳي آهي ۽ ڪيترن خيالن ۾ هڪجهڙائي پڻ. ٻئي سنڌي ڪتابن پڙهڻ جا شوقين آهيون خاص ڪري قومي ۽ سماجي موضوعن وارا. هڪڙي قوم جا آهيون. ساڳي ڌرتي. ساڳي جاگرافي. ساڳي ٻولي ساڳي تاريخ جو ناتو.

هن سان منهنجو ايترو پيار آهي. ان ۾ منهنجي انا بہ شامل ٿي سگهي ٿي. هوءَ مون سان پنهنجي ٻي انتها چاهنا جو اظهار لفظن کان وڌيڪ پنهنجي وهنوار سان ڪري ٿي: هوءَ مون سان ڇهڻي پوي ٿي، مون ۾ پيهي وڃڻ چاهي ٿي. زبان سان، جذبن سان، امنگن سان، سرير سان پنهنجي پيار جي پڌرائي ڪري ٿي. وڏي ڳالهہ تي هيترا خطرا ۽ جوکم کڻي مون وٽ اچي ٿي ۽ بار بار اچي ٿي، ڏهاڙي ملڻ ٿي بہ روز پيار جا خط لکي ٿي. ڪڏهن تہ هڪ ڏينهن ۾ ٻہ ٻہ ٽي ٽي خط. نہ هن ۾ پاپ جو احساس ٿو ڏسجي ۽ نہ مائٽن جي عزت جو ڏيکاءُ ۽ نہ پنگت جي پرواهہ. ڇا مان ايتري جي لائق آهيان! مون کي هن جي پيار سان پيار آهي. اڄ تائين تہ مان ڪنهن بہ ڇوڪريءَ ۾ پيار جي هڪ ڇولي بہ پئدا ڪري ڪونہ سگهيو آهيان ۽ هيءَ ڇوڪري منهنجي پيار ۾ ڇولين جو سمنڊ بڻجي وئي آهي!

هن کي "منهنجي مومل" چوڻ تي دل چاهيندي هئي يا پاڻمرادو وات مان نڪري ويندو هو. هاڻي اهو لفظ ٻي معنيٰ لڳي ٿو ۽ ائين چوڻ ۾ هلڪڙائي محسوس ٿئي ٿي. ان سان ملڪيت جو تصور ڳنڍيل آهي ۽ مان انسان کي وکري جي وٽ نہ ٿو سمجهان. زال ۽ مڙس جو تصور خانگي يا شخصي ملڪيت جي ريت سان گڏ پئدا ٿيو. هاڻي ڏسجي پيو تہ دنيا ۾ طبقاتي سماج پوين پساهن ۾ آهي ۽ غير طبقاتي سماج ۾ زال يا مڙس جو خانگي ملڪيت هجڻ واري تصور ۾ بہ ڦيرو اچي ويندو.

## ١٠ - سيپٽمبر ١٩٦٤ع:

هن جون به ساهيڙيون اسپتال ۾ آيون. هڪڙي رابيل ۽ ٻي منيران. منيران ڪي اڄ پهريون ڀيرو ڏٺم: ڏکي، ڪٽڪ رنگي، منهن مهاندو ٻي ڪشش. مومل ٻڌائيندي رهندي آهي ته هيءَ سندس ڳهاٽي ۾ ڳهاٽي سنگتياڻي آهي. ڏيڍ سال ڪان پوءِ وري واپس هن شهر ۾ آئي آهي. مومل هن ڪي منهنجي ۽ سندس باري ۾ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي.

"اسين مومل جي چوڻ تي آيون آهيون ته تنهنجي خيريت جي خبر لهي اچون." هن چيو.

"پهرين هن جي خيريت جي خبر ٻڌايو؟ مون پڇيو.

"ماڻس لڪڻ سان مار ڏني اٿس، ٻيو سڀ خير آهي. توکي ڏاڍو ٿي ياد ڪري، پاهر نڪرڻ تي سخت پابندي اٿس. ملاقات مشڪل ٿئي."

منيران ڏاڍي همت واري ڇوڪري نظر آئي. هن جي ڳالهين مان ڏاڍو ڏڍ مليو:

"اسين ڪوشش ڪري جلد ئي توهان جي ملاقات ڪرائينديوسين." وڃڻ وقت هن پڪ ڏني.

## ١٥ - سيپٽمبر ١٩٦٤ع:

اڄ ڏاڍو اداس هوس. دل پئي چاهيو ته ڪنهن به نموني مومل سان ملان. اڄ اسان جي پيار جي سالگره آهي. اڄ ئي ته هڪ شيشي ڀڳي هئي ۽ به دليون ڳنڍجي ويون هيون. اسپتال ۾ ويٺي ويٺي ائين پئي ڀانيم ته مومل اجهو آئي ڪي آئي. پر منهنجيون نگاهون نااميد رهيون. مومل ڪيئن ٿي اچي سگهي؟

ويٺي هن جي بدن مان خاص هبڪار محسوس ٿي اينتري قدر جو سمجهيم ته پنيان اچي بيٺي آهي ۽ ڪتاب بند ڪري، ڪنڌ ورائي پنيان نهاريم.

پر هن جو خط اچي ويو. ڏاڍو آٿت آيم. طبيعت هلڪي ۽ موج ۾ ٿي وئي. خيريت لکي هئائين ۽ ملڻ جو انتظار ڏيکاريو هئائين.

ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ پيار ڪان سواءِ زندگي گذارڻ زندگي ضايع ڪرڻ آهي. پيار ڪان اڳ منهنجي حياتي ڪيترو نه فضول هئي، تڪي جي به ڪانه هئي. شاگرديءَ جي زماني ۾ انعام کٽڻ، ڊگري حاصل ڪرڻ، ڊاڪٽري، غربت مان مڊل

ڪلاس ۾ پهچڻ ۽ جيون جون پيون خوشيون ۽ ڪاميابيون سڀ گڏجي. مومل جي اکين جي هڪ نگاهه. مومل جي چپن جي هڪڙي مسڪراهٽ. مومل جي مکڙي جي هڪڙي جهلڪ. مومل جي هٿ جي هڪڙي ڇهاءُ آڏو به تڇ آهن.

مان ذهني طرح پنهنجي پيءُ ماءُ ڀائرن ڀينرن ۾ مٽن مائٽن کان ايترو اڳيرو هوس. جو هنن جي وچ ۾ پاڻ کي سدائين تنها سمجهندو هوس. تنهائيءَ جي احساس کان بچڻ خاطر. ڪتابن کي ساٿي بڻائڻ سکي ويس. ڪتابن ۾ پيار جا قصا ۽ ڪهاڻيون پڙهي حسرت به ٿيندي هئي ۽ پاڻ کي انهن ۾ پرڀائڻ جي ڪوشش به ڪندو هوس ۽ مون کي احساس ٿيندو هو ته مان انهيءَ لائق آهيان ئي ڪونه جو ڪا ڇوڪري مون کي پيار ڪري. پاڻ کي خسيس ۽ بي اثر سمجهي، ٿڌا ساهه نڪري ويندا هئا.

هيتري اڪيلائيءَ کان پوءِ. جڏهن مومل جو پيار مليو ته مون کي خوشين جا پَر لڳي ويا. پر ساڳئي وقت هيسيل به رهڻ لڳس ته متان هنن خوشين کان محروم نه ٿي وڃان.

مان انهن ماڻهن کي ظالم سمجهندو آهيان جي نازڪ رنگبرنگي پوپٽن کي ڇيپاٽي ڇڏيندا آهن يا يا گلاب کي هٿن ۾ مهٽي ڇڏيندا آهن. مان ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي هڪ ٻئي سان لڳاءَ جي جذبن ۽ امنگن کي پوپٽ ۽ گلاب سمجهندو آهيان ۽ جڏهن انهن جذبن ۽ امنگن کي سماجي رسمن سان ڇيپاٽيو ۽ مهٽيو ويندو آهي ته منهنجي من ۾ بغاوت جي باهه پڙڪي اٿندي آهي.

مون کي لڳندو آهي ته زندگي ته اها آهي جڏهن مان مومل سان گڏ هوندو آهيان. هن کان پري واري وقت مون مان زندگيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ روح نڪري ويندو آهي، يا وري هن سان ملڻ جي آسري ۾ زندگيءَ جا رڳو اهڃاڻ وڃي رهندا آهن.

پيار ۾ ڪڏهن به پاپ جو احساس ڪونه ٿيندو اٿم ۽ نه ضمير جي ڇهنبڙي پوندي آهي. مومل کان به پڇيو اٿم. هوءَ به ساڳي ڳالهه ڪري ٿي. هڙڙي خوبصورت شيءِ ۽ خوشين جي بلندين تي پهچائيندڙ چيز ڪيئن ٿي پاپ ٿي سگهي. بين سان خال محسوس ٿيندو آهي، جڻ ڪتو به ڪاڏو ڪک به نه پري. گناهه جو احساس، ماڻهن جي مزي ۾ زهر پري ڇڏيندو آهي.

مومل هن خط ۾ لکيو آهي "مان تنهنجي چپن جي گرمائش ۽ ٻانهن جي

ڪهيري جي قيدڻ آهيان." مان سوچيان ٿو ته جيڪڏهن منهنجي جڳهه تي ڪو ٻيو هجي ها تڏهن به هن جا احساس ساڳيا ٿين ها؟..... پيار جا احساس گهڻو ڪري تصوري (Subjective) ٿيندا آهن. اهي حقيقي (Objective) نه به هجن. مون کي مومل جي آواز ۾ سنگيت، نگاهه ۾ اٿاهه سونهن ۽ مرڪ ۾ بي پناهه ڪشش محسوس ٿئي ٿي. ٻئي ڪنهن کي ائين محسوس نه به ٿئي، يا مرڪوئي ابتو اثر ٿئي. مون کي ٻين ڇوڪرين ۾ اهي خوبيون يا ايتري حد تائين محسوس ڪونه ٿيون ٿين. انهن ۾ ٻين کي اهي خوبيون اجا به سرس محسوس ٿينديون هجن. وقت گذرڻ سان اهي احساس گهٽجي سگهن ٿا. پوءِ جيڪي رهندو سو حقيقي آهي. جي وقت گذرڻ سان به انهن احساسن جي شدت نه ٿي گهٽجي يا رڳو معمولي ٿي گهٽجي ته اهو آهي پيار. پيار ۾ تصور ۽ حقيقت هڪ رهن ٿا. يا تصور سدائين ساڳيو ٿو رهي.

لکيو اٿـائين ته دل چاهي ٿي ته ڪڏهن پاڻ ٻئي جهـڙائي ڏينهن ٿي، کليل آسمان هيٺان درياهه جو سير ڪريون..... پيار کليل نظارن، درياهه ۽ سمنڊ جي ڪنارن، باغيچن ۽ گلن ڦلن واري ڏيکن ۽ آزاد فضائن ۾ اسري نسري ۽ ٽلي ڦولي ٿو. پر پنڪتي پابندين ڪري پيار کي اونداهيون ڪوٺيون ۽ ڊپ، انديشي ۽ خطري وارو وايومنڊل نصيب ٿئي ٿو. ورنه زندگيءَ جي ميدان ۾ هٿ ۾ هٿ ڏئي، هو گڏجي زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون اڪري سگهن ٿا ۽ جيون جي جاکوڙ ڪري سگهن ٿا. مون کي پڪ آهي ته جڏهن مان قدرتي نظارن ۾ مومل سان گڏ ويندس ته اهي نظارا، جي مون کي مست بنائي ڇڏيندا آهن، اتي مومل جي موجودگيءَ ۾، مومل ئي منهنجي نظرن ۽ احساسن جو مرڪز بنجي ويندي. مومل اتي وڏيڪ سندر ڏسبي ۽ نظارن ۾ وڏيڪ سونهن اچي ويندي. پڪي پڪڻ به خوش ۽ اسان جي پيار جا گيت ڳائيندا محسوس ٿيندا.

## ١٧ - سيپٽمبر ١٩٦٤ع:

مومل جو خط آيو آهي. پندرهين سيپٽمبر هوءَ به ڏاڍي اداس ۽ مايوس رهي. ملڻ واسطي بيحد بيقراري هئس. مون کي هرپل ياد ڪيائين. خط رات جو ٽين بجي شروع ڪيائين ۽ پرهه ڦٽيءَ تائين لکندي رهي. تمام ڊگهو خط لکيو اٿائين. سياڻي ملڻ جو پروگرام لکيو اٿائين. ساڳي جڳهه ۾. ٽين بجي پيپر اٿس. ماٺس چيو اٿس ته مان توسان گڏجي هلنديس ۽ جيسين تنهنجو پيپر پورو ٿئي ترسنديس ۽ گڏ واپس ورني ايندس. مومل جو خيال آهي ته هوءَ ائين ڪونه ڪندي ۽ جي ائين نه

رڪشا ڪري ڏنمانس. هوءَ رواني ٿي وئي.

پنجن منٽن کان پوءِ مومل کي پنڌ ايندي ڏٺم. ويجهو وڃي چيومانس "اڄ پريم نگر خالي ڪونهي، ٻئي پاسي ٿا هلون. ملي جيب ۾ وجهه." هوءَ هٻڪي ڪانه ۽ ملي جيب ۾ وجهي. ڏاڍي دنير ڇوڪري آهي. چيائين "تون سان هئين ته پوءِ گهبرائڻ جو سوال ئي ڪونه هو."

هي هڪڙي ڪمري وارو ننڍو گهر هو. اطمينان سان ٻه ڪلاڪ گڏ گذاريوسين. ڪيڏي نه راحت آهي، ڪيترو نه لطف آهي، ڪيترو نه سرور آهي هن پيار جي گهڙين ۾.

پڌايائين ته سخت پابنديون وڌيون ويون آهي. اڄ ماٿس گڏ اچڻ واري هئس، پر پوءِ قسم کڻايائين ته ڊاڪٽر سان نه ملنديس، تڏهن ئي اڪيلي اچي سگهي. ڇٽي وئي آهي ته وري ٢٣ تاريخ ملڻ جي ڪوشش ڪندس.

اڄ ڪپڙن جو نئون وڳو پهريل هوس. چيائين ڪيترن ڏينهن اڻ سبيو رکيو هو ۽ انهيءَ انتظار ۾ هئس ته پهرين ڏينهن تون مون کي انهن ڪپڙن ۾ ڏس.... اها اسان جي روايت ٿي وئي آهي ته جڏهن ڪو نئون ڪپڙو، زيور يا بوٽ وغيره پهريندا آهيون ته ڪوشش ڪري پهرين ڏينهن ئي هڪ ٻئي کي ڏيکاريندا آهيون. اصل خوشي ته گڏيل خوشي آهي. هونءَ به ماڻهو پنهنجي خوشيءَ ۾ دوستن، مائٽن ۽ پيار وارن کي به شامل ڪندو آهي. مومل مون سان هر خوشيءَ ۾ سات ڏيندي آهي ۽ خوشي ٻيڻي ٽيڻي ٿي ويندي آهي. اهي ننڍيون ننڍيون خوشيون ڪيڏيون نه پياريون آهن.

## ٢٣ - سيپٽمبر ١٩٦٤ع:

ٻارهين بجي وقت مقرر ڪيل هو. مان سادي ٻارهين وڃي ان جاءِ تي پهتس. ٻاهريون در لاهي اندر گهڙيس. ڪمري واري در ۾ ڏٺل ڪلف کولڻ جي ڪوشش ڪير ته کلي ئي نه. غور سان ڏٺم ته اهو ڪلف بدليل هو. طبيعت ڏاڍي خراب ٿي. مون وٽ جيڪي ٻه ٽي ڪنجيون هيون، تن سان ڪوشش ڪيم. تالو ڏاڍو مضبوط هو. ڀڃڻ جي ڪوشش به ڪري نه ٿي سگهيس، جو ته گوڙ ٿي اوڙي پاڙي جي ماڻهن مڙڻ جو امڪان هو. دل ته چاهيو پئي ته دروازو ٽوڙي ڇڏيان. مومل کي چيو هوم ته پنيون در تو واسطي کولي ڇڏيندس. هاڻي ته ڪمري ۾ گهڙڻ لاءِ به در بند هو. ڏاڍو پئي غصو آيم. سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته دوست اهو تالو ڇو بدلايو

هو. شايد ائين ٿيو هو جو اڳيون ٽالو خراب ٿي پيو هو. ڪجهه حاصل نہ ٿيندي بہ مومل جي اچڻ تائين ڪلف ۾ چاٻيون ڦيرائيندو رهيس تہ ڪنهن نموني کلي پوي. مومل، رابيل سان گڏ جي، سامهين واري در مان گهڙي آئي. ورانڊو ۽ اڱڻ تہ هو. اڱڻ ۾ هڪڙي ڪٽ پئي هئي، اها کهلي ورانڊي ۾ رکيسين. ٽيئي ڄڻا ان تي ٿي ويناسين.

اوچتو رابيل چيو "مان تہ وڃي ٿي پڙهان. امتحان ڏيٺو آهي. توهان جي مرضي." ائين چئي دربند ڪري وڃي رڌڻي ۾ ويٺي. گرميءَ جي وقت ۽ ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ وهڻ، مون کي ڏاڍو خراب لڳو. مومل کي چيم تہ چئينس تہ هيڏي اچي رهي. پر هوءَ نہ آئي. اسين ٻئي رهاڻيون ڪندا رهياسين.

ٻاهر در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. در کوليم. دوست جو هڪ عزيز هو. هن ٻڌايو تہ ٻارن ٻچن سان آيو آهيان. وجڻ کان سواءِ ٻي واهہ نہ هئي. هن ڪمري وارو دروازو کوليو ۽ پنئين دروازي مان پهرين ڇوڪريون نڪتيون ۽ پوءِ مان.

مومل ويندي ويندي چيو "پتو ناهي هاڻي الاجي ڪڏهن ملڻ ٿئي. ڪو بهانو سجهي ئي ڪونہ ٿو."

سوچيان ٿو تہ مومل کان مان ڇا ٿو چاهيان؟..... مان ان کان انڪار ڪونہ ٿو ڪريان تہ منيد ۾ مون هن کي وقتي وندر واسطي ڦاسائڻ ٿي چاهيو. پر مون کي جلد ئي محسوس ٿيو تہ منهنجي اندر. هن لاءِ ترِ جيترو بہ هوس جو جذبو نہ هو. مون هن لاءِ بيحد عزت ٿي محسوس ڪئي ۽ مان سچ پچ هن کي چاهڻ لڳو هوس. هوءَ منهنجي لاءِ مقدس شخصيت ثابت ٿي هئي. هوءَ مون کي دنيا جو پياري ۾ پيارو انسان لڳي. هوءَ منهنجي لاءِ گهڻو ڪجهہ هئي. هوءَ منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ هئي.

پوءِ پلا مون هن کان ڇا ٿي چاهيو ۽ ڇا ٿو چاهيان. اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون، اسان جي منزل ڇا آهي؟

محبت جي منزل شادي سمجهي وڃي ٿي. اها منزل صحيح آهي يا غلط. پر اسان جي ملڪ ۾ ۽ اسان جي سماج ۾ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. قرب جي اجازت رڳو پرڻيل جوڙي کي آهي. شاديءَ کان ٻاهر اهڙو قرب وڏي ۾ وڏو ۽ سنگسار لائق پاپ آهي.

اهڙي طرح دنيا جي ڪروڙين مردن مان عورت کي فقط هڪ مرد لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻو آهي ۽ مرد کي دنيا جي ڪروڙين عورتن مان فقط هڪ عورت (ڪن

وارن تي ڪچرو اڇلائن ٿا ۽ پيار ڪرڻ وارا، جي بلندين تي پهچائڻ جي لائق آهن، تن کي ڏڪاريل ۽ اڇوت بنايو ٿو وڃي. يا جيستائين هو شادي ڪن. هنن کي بدناميءَ جو نشانو بنايو ٿو وڃي. پر مومل سان منهنجي شاديءَ جو نه امڪان آهي، نه هن سان شاديءَ جي اميد اٿم ۽ نه وري منهنجي اهڙي مرضي آهي. ان ڪري هي سماج، نانگ بنجي، پنهنجو زهريلو ڏنگ هڻن کان نه مڙندو. پر منهنجي ذهن ۾ اهو احساس جاڳندو ٿي ويو آهي ته پيار بنا جيون گذارڻ، جيون جي مڙني قوتن ۽ خوبين کي ضايع ڪرڻو آهي.

هي ته آهن شاديءَ بابت منهنجا شخصي احساس. پر جنهن ديس ۽ جنهن پنگت ۾ رهون ٿا، هلڻو ته انهن جي رسمن ۽ قانونن مطابق آهي، گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طرح. هن سماج ۾ ائين ٿيڻ اڻ ٿيڻي آهي ته نڪاح بنا گڏجندا رهون يا ساري عمر ڪلم ڪلا گڏ رهي سگهون. لڪي لڪي به ماڻهو ڪيستائين ملندو رهندو. هي ڳالهيون ڳجهيون رهي نه ٿيون سگهن. ائين به ٿي نه ٿو سگهي ته هوءَ ٻئي ڪنهن جي زال بنجڻ بعد به مون سان ملندي رهي. ان ۾ ڪيترائي خطرناڪ خطرا آهن. تنهن کان سواءِ مان اهو تصور به سهي نه ٿو سگهان ته ڪو ٻيو مرد مومل جي جسم کي هٿ لائي يا پيار ڪري.

هيءَ حقيقت به چڱيءَ طرح معلوم اٿم ته زال مڙس ٿيڻ کان پوءِ، هيءَ موجوده محبت نه رهندي. ملاقاتن ۾ اها خوشي، انتظار ۾ لطف نه رهندو. شادي ته محبت جو موت ثابت ٿيندي آهي. عجب آهي ته مومل کي پڻ مون سان پرڻجڻ ۾ فقط اهوئي نقصان نظر اچي ٿو ته اسان جون هي خوشيون لائون لهڻ بعد برباد ٿي وينديون. اسين صرف زال مڙس رهجي ويندا سون.

پر سوال آهي ته جنهن سماج جو اسين حصو آهيون، ان ۾ گڏجڻ يا گڏ رهڻ لاءِ شاديءَ کان سواءِ ٻيو چاروئي ڪونهي.

جڏهن اسان جي پاڻ ۾ پريت وڌندي ويئي ۽ محسوس ٿيڻ لڳو ته اسان جو هڪ ٻئي کان پري ٿيڻ سان جڏهن جنجال ٿي پوندو، تڏهن اسان کي اهو ئي رستو سجهيو ته شاديءَ لاءِ ڪوشش ڪجي. هي احساس ان وقت اچا به وڌيو جڏهن مائٽن کي خبر پئجي وئي ۽ ملڻ تي بندشون ۽ پابنديون لڳايون ويون.

شروع شروع ۾ جذباتي ٿي اسين هڪ ٻئي کان پڇندا هئاسين:

”تون مون کي ڇڏي ته نه ڏينديءَ؟“

”توهين مون کي ڇڏي ته نه ويندا؟“

"مون سان شادي ڪندين، نہ؟"

"مون سان شادي ڪندا نہ؟"

انهن جا جواب نہ هڪ ٻئي کي "ها" ڏيندا هئاسين. پر اهو پڪرو هوندو هو تہ اهي جواب مڃاڇرا ۽ فقط هڪ ٻئي کي خوش ڪرڻ واسطي ڏيندا هئاسين. پر پوءِ آهستي آهستي يقين ٿيڻ لڳو تہ اسان هڪ ٻئي کان جدا ڪين رهي سگهنداسين ۽ ان جو هڪ ئي چارو آهي: شادي.

هڪ دفعي چيائين "وڏي ڀيڻ چوي ٿي تہ تون ڊاڪٽر سان شادي ڪري نہ ٿي سگهين، ڇو تہ هوءِ ٻي ذات جو آهي ۽ ٻي ذات وارن سان اسان جي خاندان جي ڇوڪرين جي شادي ٿي نہ ٿي سگهي."

مون يوڳ ڪري چيومانس "ماڻهو مذهب تہ مٽائي سگهي ٿو. پر ذات ڪيئن مٽائجي؟"

هن جي وڏي ڀيڻ مومل کي ڏاڍو پيائيندي آهي ۽ هن سان گهري بہ آهي، ان ڪري هن سان ڪجهہ ڪجهہ راز سليندي آهي.

پيا بہ تہ ڪيترائي مسئلا آهن. هن جو مڱڻو ٿيل آهي ۽ مان پرڻيل آهيان ۽ ٻارن جو پيءُ. آمدني بہ پوري ساري اٿم.

پيار ۽ محبت وارا ڪتاب پڙهڻ ۾ وڏيڪ مزو اچڻ لڳو اٿم. انهن ۾ جيڪي پيار، جنسيات ۽ شاديءَ بابت بحث آهن. سي وڏيڪ ڌيان ڇڪائن ٿا.

مان هن انومان تي پهتو آهيان تہ پيار ڪنهن بہ زماني ۾ عورت ۽ مرد جي وچ ۾ آدرشي ناتو (Ideal Relationship) آهي ۽ آدرش ڇنبو ئي ان شيءِ کي آهي جا حاصل ٿي نہ سگهي. موجوده سماج ۾ وقت گذرڻ سان، يا لاڳيتو ناتن ڪري دل پرچي وڃڻ سان، يا شادي ڪرڻ جي حالت ۾ پيار جو خاتمو ٿي وڃي ٿو.... ۽ پيار عورت ۽ مرد جو اهو آدرشي ناتو آهي، جو ختم ٿيڻ نہ گهرجي.

## ٣- ڊسمبر ١٩٦٤ع:

مومل جي خط مان: اڄ پڻ اکڙين پرين پنهنجا ساريا. پر تنهنجو خط يا نياپو ڪونہ آيو. تون تہ هرويرو بگڙجي ٿو وڃين ۽ مون کي خبر ڪانہ ٿي پوي تہ منهنجو سائين مون سان ڇو رنو آهي. مان تہ ايترو جڪڙيل ۽ مجبور آهيان، جو تون منهنجي مجبورين جي آڙ ۾ مون کي ڏاڍو ساڙين ٿو، ڏاڍو ستائين ٿو. بهرحال تنهنجو سئيٽر اڻي پورو ڪري ڇڏيو اٿم ۽ توکي ڏيڻو آهي، سو آچر ڏينهن ١٢-

(۵ بجہ شام) منيئو پهتو آهيان. اڄ مان موڄ ۾ آهيان. تنهنجو خط جو مليو اٿم. ڪيترو مختصر ٿي لکين. هيڏانهن هوڏانهن جون ٻہ چار ڳالهيون لکيو. ڪاغذ پريو موڪلين. مان خبر ناهي مومل وٽان ڇا ڇا ٻڌڻ جو خواهان رهان ٿو. ٻڌ، هڪڙي ڳالهہ خيال ۾ آئي اٿم. منهنجي دلي دوست ٻڌايو تہ هن جو هڪڙو هم ڪلاسي هوندو هو. هن جو نالو محمد عثمان Md. Usman هو. اوچتو هو پنهنجو نالو H. Md. Usman لکڻ لڳو. هن پنهنجي نالي ۾ "H" جو واڌارو ڪيو هو. قصو تہ وڏو آهي. پر هڪ ڏينهن هن منهنجي هن دوست کي ٻڌايو تہ "H" هن جي محبوبہ جي نالي جو پهريون حرف آهي. (هن جي محبوبہ جو نالو حليما هو) هو چوڻ لڳو تہ هن جي دل چاهي ٿي تہ هن جي محبوبہ هر معاملي ۾ هن سان پهلو بہ پهلو هجي. ايتري حد تائين جو نالي لکڻ ۾ بہ.... سو منهنجي دل بہ چاهي ٿي تہ هاڻي پنهنجو نالو ڊاڪٽر ايم - پنهون خان لکان. سمجهين ٿي "M" (مٿي نہ چڙهجانءِ)

مومل. هن وقت ڏاڍو ياد اچي رهي آهين. سردي لڳي رهي آهي. تون هجين ۽ مان هجان. پيار هجي ۽ نويڪلائي هجي، خوشي هجي، زندگي هجي. تون اچين جو نہ ٿي. مون کي تو کان هڪڙي شڪايت آهي. ٻڌايانءِ.... چڱو ڪن کولي ٻڌ. پر پهرين اهو ٻڌاءِ تہ تنهنجي ڪن جو ڪهڙو حال آهي. ائين تہ نہ آهي تہ مان چوندو رهان ۽ ڪو ٻڌندو ئي نہ هجي. نيڪ ٿي ويو نہ ڪن. چڱيءَ طرح ٻڌي سگهين ٿي نہ؟

شڪايت هيءَ آهي تہ تون مون کان پري رهڻ لڳي آهين. مان توسان ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو، تنهنجيون پيار پريون رهاڻيون ٻڌڻ چاهيان ٿو، توسان قرب ونڊڻ چاهيان ٿو، پر تون ڪٿي ٿي اچين. پوءِ تصور ئي تصور ۾ توسان ڏاڍيون ڳالهيون ۽ شڪايتون ڪندو رهان ٿو ۽ پوءِ ملڻ جي آسري ۾ دل خوشيءَ سان پرچي وڃي ٿي.

مان تہ هاڻي بہ دستور موجب دروازي تي بہ چار منٽ بيهي، پنهنجي چنڊ جي، پنهنجي ڪڙ ڪبيتيءَ جي تلاش ڪندو آهيان ۽ پوءِ اسڪوٽر تي طواف ڪندو ويندو آهيان. منهنجو خيال آهي تہ هاڻي ان قصي کي ختم ڪجي. سردي اچي وئي آهي ۽ توکي ڪليل دريءَ وٽ بيهڻو پوي ٿو، ٿڌ نہ لڳي وڃي.

شروع شروع ۾ مان سمجهندو هوس ۽ تنهنجي ڳالهين مان بہ معلوم ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تہ تون فلمون تمام گهٽ ٿي ڏسين پر هاڻي خبر پئجي وئي آهي تہ ڏاڍيون فلمون ڏٺيون وڃن ٿيون (فلميريا جو مرض ٿو پائنجي).

## ۴ - ڊسمبر ۱۹٦۴ع:

(ساڳيو خط جاري آهي): ٻڌاءِ منڙي ڪهڙو حال آهي؟ سوچيان پيو تون هن وقت ڇا ڪري رهي هوندينءَ. منجهن ڏجو هڪ وڃي رهيو آهي. شايد ماني پچائي رهي هوندينءَ. شايد سلائي ڪري رهي هوندينءَ. يا شايد ڪم ڪان واندي ٿي ليٽي ڪو ڪتاب پڙهي رهي هوندينءَ. ممڪن آهي ڪو خوش نصيب تنهنجي دل ۽ دماغ ۾ وسندو هجي. رات واري فرمائش ٻڌ.... مون ڪان پڇ "تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟" بنا پڇڻ ئي ٻڌاياڻ ٿو: حال برو آهي. زڪام زوردار ٿي ويو آهي. وري بدنصيبي اها آهي جو مون کي منهنجو ڊاڪٽر نہ ٿو ملي. ملڻ تہ پري رهيو، هو خيرعافيت بہ ڪونہ ٿو پڇي. اهڙي قوت ۾ هلي ايندي ڪر نہ. منهنجي نڪ ۾ دوا وجهڻ لاءِ. ياد اٿئي هڪ ڀيري مان ليٽيل هوس ۽ تون منهنجي نڪ ۾ دوا وجهي رهي هئينءَ تہ طوطي اچي وئي ۽ اهو نظارو ڏسي الاجي ڇو ڪهرائي واپس هلي وئي ۽ سڏڻ تي بہ اندر نہ آئي. (مان اسپتال جي چڪاس ڪوٺڙيءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان). طوطيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟ مان تہ هن کي ياد ڪندو آهيان، پر هوءَ تہ ڏاڍي خود مطلب ثابت ٿي. رابيل ڪهڙي حال ۾ آهي؟ هوءَ ڪنهن سان ناراض آهي؟ مون سان يا تون سان ڏسجي ٿو تہ تون وڏي ڪا لڙاڪو آهين.

## ۵ - ڊسمبر ۱۹٦۴ع:

(ساڳيو خط هلي پيو): گڊ مارننگ۱ سوا نوَ ٿيا آهن. مان هينئر گهر ڪان آيو آهيان. سيءُ تہ هونءَ بہ گهٽو آهي، پر اسڪوٽر تي اچڻ ڪري بدن ڪلفي ٿي ويو آهي. مان تنهنجي ياد سان پنهنجو پاڻ کي گرمائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. ٽيو ڏينهن جو تنهنجو خط مليو هو، اهو ڪيترائي ڀيرا پڙهي چڪو آهيان. هينئر بہ اچڻ سان ان جي تلاوت ڪئي اٿم. سياڻي واري ٿيندڙ گڏجاڻيءَ ڪري بيحد خوش آهيان. پر اهو سوچي مايوسي وڌي ٿي وڃيم تہ جيڪڏهن تون سياڻي نہ آئين تہ پوءِ؟ اهو بہ سوچيان ٿو تہ گڏجاڻي فقط بہ ڪلاڪ ٿيندي (مان تہ ٻہ صديون بہ ناڪافي ٿو سمجهان پوءِ اها ئي جدائي. پوءِ هڪ هفتي بعد ملڻ ٿي. يا ٻن هفتن بعد يا هفتن بعد. يا مهيني بعد يا شايد ٻن مهينن بعد.....

ڪري اڪين سختي ڪانہ ٿي ڪري. نيٺ بہ تہ عورت آهي ۽ عورت جي دل ڪي پروڙي سگهي ٿي. مان تہ سمجهان ٿي تہ بابي جي بہ مون ڏانهن دل صاف ڪري ڇڏي اٿائين. هڪ تہ ڪابہ اهڙي ڳالهہ هن تائين پهچڻ نہ ٿي ڏئي ۽ بيو تہ جيڪا ڳالهہ پريم نگر جي باري ۾ دوست ذريعي بابي تائين پهتي هئي. ان لاءِ بہ بابي کي اما يقين ڏياري ڇڏيو تہ سندس دوست کي غلط فهمي ٿي هئي ۽ اها ڪا بي ڇوڪري هئي. جنهن کي هن مومل ٿي سمجهيو. هاڻي منهنجن خطن لکڻ تي بہ پابندي ڪانهي. مطلب آهي تہ پچندي ضرور آهي تہ ڪنهن کي پئي خط موڪلين تہ مان چوندي آهيان تہ فلاڻي ساهيڙيءَ ڏي تہ هوءَ وڏيڪ ڏيگهہ ڪانہ ڪندي آهي. پر مان اندازو ڪري ويندي آهيان تہ هوءَ سڀ ڪجهہ سمجهي ٿي. ان ڪري ئي تہ وري تو ڏانهن خطن لکڻ جي منهنجي رفتار وڌي وئي آهي. ڇا ڪريان، دل ڪان مجبور آهيان. آرام ئي نہ ٿو اچيم. ٻئي ٽئين ڏينهن توکي خط موڪليان پئي. هاڻي ڇت وارو درشن نہ ٿو ٿئي تہ منجهند جو توڙي رات جو. جنهن وقت تون پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ اسان واريءَ گهٽيءَ مان لنگهندو آهين تہ مان پنهنجي گهر جي ڳڙکيءَ مان توکي ڏسندي آهيان. پر پياس آهي جا وڌندي ئي رهي ٿي. جينوٽيڪ پريم نگر ۾ بہ هفتي ۾ هڪ بہ خلاصي ملاقات ٿيو وڃي. هي ڪهڙو لڳاءُ آهي. هي ڪهڙو ناتو آهي؟..... مان پنهنجي آئيندي جو تصور ڪري ڏڪي ٿي وڃان. تون تہ ڪجهہ ڪرين ئي ڪونہ ٿو ۽ وقت ڳ ندو ٿو وڃي. جي منهنجو پلئہ ٻئي سان اٽڪايو ويو تہ مان زهر کائي مرندس. گهڻو ڪجهہ سوچيندي آهيان تہ توکي روبرو چوندس. پر توسان سامهون ايندي آهيان تہ سڀ ڪجهہ وسري ويندو اٿم. سڀ سوال، سڀ شڪايتون، سڀ ڏوراپا. ڏاڍا ارادا ڪندي آهيان تہ توکي خط نہ لکان، توسان ملڻ کان انڪار ڪريان، تنهنجو پورو بائڪاٽ ڪريان، جئن توکي احساس ٿئي ۽ تون بيتاب ٿي ڪجهہ هٿ پير هلائين. پر مان انهن ڳالهين مان ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهان. پاڻ ۾ انهن ارادن کي عملي جامو پهرائڻ جو سگهہ نہ ٿي ساريان.

## ٣- فيبروري ١٩٦٥ع:

مومل کي لکيم: منهنجي جندڙي! اڄ عيد جي رات آهي. واڄ ۾ پوٺا ٻارهن وڃي رهيا آهن. ساري دنيا سمهي پئي آهي. مگر هڪ پياري ڇوڪريءَ جي پياري ياد مون کي سمهڻ نہ ٿي ڏئي. اڄ پهريون دفعو پنهنجي گهر ۾ توڏانهن خط لکي رهيو آهيان. ڏس هي منهنجو ڪمرو! هي منهنجو پلنگ آهي. جنهن جي سيرانديءَ

کي ٽيڪ ڏئي، ليٽي لکي رهيو آهيان. هڪ ٽپائي جنهن تي ريڊيو رکيو آهي. ٻي ٽپائيءَ تي پاڻيءَ جو گلاس ۽ نڪ جي دوا رکيا آهن. هڪڙي ڪرسي پٽ سان لڳل رکي آهي. ڪمري ۾ اڇا پردا ڪونه لڳايا آهن. پٽ تي سامهون تنهنجو ڏنل ڪئلينڊر ٽنگيل آهي.

هر طرف سناٽو آهي. ڪنهن ٽانگي جي هلڻ جو آواز اچي ٿو ۽ پري ڪان ڪنهن ڪارخاني جو گهگهو وڄي رهيو آهي. مان ۽ تنهنجي ياد جاڳي رهيا آهيون. منهنجو لُڻءُ لڻءُ توکي ساري پيو. تنهنجي صورت، تنهنجيون ڳالهيون ۽ سڀ ڪان وڌيڪ تنهنجو پيار، سڀ ڪجهه ياد اچي رهيو آهي. سوچيان پيو تون ته هن ويل ننڊ ۾ هوندينءَ. توکي احساس به ڪونه هوندو ته ڪو هن سمي تنهنجي لاءِ بيچين ٿي رهيو آهي، توسان ملڻ واسطي تڙڦي رهيو آهي. اڄ عيد جي رات آهي نه! پنهنجي عيد ته تڏهن آهي، جڏهن هڪ ٻئي سان ملون. دل چوي ٿي ته روز روز توسان ملان ۽ ساري ڏينهن ۾ جو ڪجهه ڪريان يا جو ڪجهه مون سان ٿئي، اهو توکي ٻڌايان ۽ توکان ٻڌان.

چڱو ٻڌ ته منهنجو اڄوڪو ڏينهن ڪيئن گذريو: ڪيترن ڏينهن کان خيال پئي ڪيم ته تنهنجي خطن جو فائيل بنايان. فائيل ته پهرين ئي وٺي اچي رکيو هوم. اڄ ڏاڍي محنت ڪيم. پهرين ته خط تاريخن مطابق سهيڙيم يعني جيئن تنهنجا خط مون وٽ پهتا آهن، ان طريقي تي. دشواري اها هئي ته تنهنجي ڪيترن خطن تي تاريخ لڳل ڪانه آهي. تڏهن به اندازي تي پروڙيم. پوءِ ترتيب وار فائيل ۾ وجهندو ويس. سڄي ڏينهن ۾ مشڪل سان خطن جو اڌ انبار وجهي سگهيس. خبر اٿئي تون مون کي ڪيترا نه خط لکي چڪي آهين..... اڄ مون کي اميد هئي ته تنهنجو خط يا عيد ڪارڊ ضرور ايندو. ان آسري تي، هڪ ٻجي بدران ٻين ٻجي تائين ويٺو رهيس اسپتال ۾. پر ڪمبخت ٽپالي ڪونه آيو. پر شام جو جيئن ئي پهتس ته هڪ بدران تنهنجا به لفافا موجود هئا. مون دل ئي دل ۾ چيو: (Thank you Moomal Darling) تون ته منهنجي جندڪي آهين. تنهنجي هر چيز ۾ مون لاءِ سرهائيءَ جو سنيهو آهي (متان مغرور ٿين.)

گهر پهچي ماني کاڌم ۽ ڪتاب پڙهڻ لڳس. پر دل ۽ دماغ تي تون سوار هئينءَ (مون کي گهوڙو نه سمجهجان).

ڪوڙ مهل گذري وئي. سياڻي جي باري ۾ سوچيندو رهيس ته ڪيئن تنهنجي

گهر ويٺي ويٺي تنهنجي ڪا ڳالهه. تنهنجي ڪا ادا ياد اچي ويندي آهي تہ چپن ئي چپن تي مسڪراهٽ نچڻ لڳندي آهي. بيگم پڇندي آهي ڇو ٿو کلين؟ ڇا ياد آيو اٿئي؟ مان جواب ڏيندو آهيان: بس ڪا مزيدار ڳالهہ ياد اچي وئي..... ڏس هي خط لکندي لکندي مرڪي رهيو آهيان. خبر ناهي ڪمپائونڊر ڇا سمجهندو هوندو. شايد سمجهي ويو هجي تہ پريم پتر لکيو ٿو وڃي..... هڪ نرس نوڪريءَ لاءِ اچي وئي. دوستن مشورو ڏنو آهي تہ هن پاڙي ۾ نرس جي ضرورت آهي. نرس رکندين تہ تنهنجو ڏنڌو وڌندو. هن سان پگهار وغيره طئہ ڪري ڇڏيم. مون چاهيو تہ تنهنجي صلاح ۽ اجازت سان نرس رکان. پر تون الائي ڪڏهن ملين. اهو بہ خيال آيو تہ ٻي ڪا اهڙي موزون نرس ملي يا نہ. نرس ڇيو تہ مان سياڻي ڪان ئي اچي ڪم تي چڙهندس.

سوچيم تہ هاڻي مومل ملندي ۽ هن کي نرس جو ٻڌائيندس تہ هوءَ جلي ويندي. هڪدم پڇندي: هن جي عمر ڪيتري آهي ۽ شڪل شباهت جي ڪيئن آهي؟ مان هن کي ٻڌائيندس تہ هوءَ نوجوان آهي ۽ سهڻي بہ. اهو ٻڌي هوءَ اجا بہ وڌيڪ سڙي ويندي. پر ظاهري ڪجهہ نہ ڪڇندي يا شايد ڪوڙ ڪوڙ ۾ رسي وهندي ۽ پوءِ مان هن کي پرچائيندس. ڪيترو نہ مزو ايندو. پوءِ مون کي پڪ آهي تہ مومل خطرو ڪٽي بہ ان نرس کي ڏسڻ لاءِ جلد کان جلد اسپتال ۾ پهچي ويندي. جڏهن ڏسندي تہ اها نرس پنجاهہ سالن جي، ٿلهي ۽ ڪاري ڪرسچن آهي تہ هن جي من تان مٿين بار لهي ويندو ۽ خوشي ۽ مسڪراهٽ سان هن جو مکڙو ٽڙي پوندو. اهي ڳالهيون سوچي سوچي مان مرڪندو رهيس. ڇا ٿي سمجهين؟

ان ڏينهن ڪنهن وري ٻيو مشورو ڏنو (توکي خبرناهي تہ ماڻهن کي مفت مشورو ڏيڻ جي ڏاڍي عادت آهي) اهو مشورو هيءُ هو تہ هن اسپتال ۾ شام جو ڪنهن ڊاڪٽرياڻي کي وهارڻ کپي. مون خيال ڪيو تہ مشورو تہ مناسب آهي، پر ان لاءِ مومل جي موڪل تمام ضروري آهي. (مٿي چڙهندي وڃ. مون کي بہ ڏسڻو آهي تہ هي خط ختم ٿيڻ تائين تون ڪيترو نہ مٿي چڙهي ٿي وڃين) پر مومل سان ملجي ڪيئن؟ منهنجو مومل سان ملڻ جو سوال ئي ڪٿي آهي. مومل ئي مون سان ملندي آهي ۽ جڏهن چاهي اچي ملي. منهنجي چاهڻ سان ڪڏهن هوءَ مون سان ملي آهي!

منهنجي سٺي موما! پنهنجو حال ٻڌاءِ. گهر جي ڪم ڪار ۾ ڏاڍو رڌل رهين

ٿي. انهيءَ مصروفيت ۾ اهو .. ياد نه رهندو هوندءِ ته ڪو تنهنجو اوسيڙو ڪري رهيو آهي، توسان ملڻ جي آس لڳايو ويٺو آهي. شل مان به ايترو رذل رهان جو وقت اک ڇنڀ ۾ ڪٽجي وڃي. گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن جو.

تون پنهنجي صحت جو خيال نه ٿي رکين. ڏک ته اهو ٿو ٿئيم ته ان معاملي ۾ به مان تنهنجي مدد ڪري نه ٿو سگهان. مان ته چاهيان ٿو ته تو واسطي شيشين جو ڍير آڻيان.

پياري نندي بيگم! ان ڏينهن مون توکي ”نندي بيگم) ڪري سڏيو ۽ ائين چوندي ڏاڍو مزو آيم ۽ خوشي پڻ ٿي. هاڻي جڏهن به اها ڳالهه ياد اچي ٿي. تڏهن خود بخود مرڪڻ لڳان ٿو.

جڏهن تنهنجي ۽ منهنجي پسند جا راڳ ريڊئي تي ايندا آهن.. تڏهن ان جو فل آواز کولي ڇڏيندو آهيان. بيگم رڙيون ڪندي آهي ته ايڏو زور سان ڇو ٿو وڄائين. خبر اٿئي مان هن کي ڪهڙو جواب ڏيڻ چاهيندو آهيان؟ مان چوڻ چاهيندو آهيان ته منهنجي دل چوي ٿي ته مومل به هن وقت مون سان گڏ اهو راڳ ٻڌي ۽ زور سان ان ڪري ٿو وڄايان ته شايد هيءَ آواز هن تائين پهچي وڃي.

سامهون تنهنجي ڇت نظر اچي رهي آهي. تون ڇا ڪري رهي هوندينءَ ۽ ڪٿي هوندينءَ. ڪٿي به آهين، هي وٺ منهنجو پيار.....

## ١٧ - مارچ ١٩٦٥ع:

مومل جو خط مليو آهي: زندگيءَ کان پيارا پنهل! مان هي خط تڪڙ ۾ لکي رهي آهيان. موقعو ملي رهيو آهي. ان جو فائدو وٺڻ تنهنجو ڪم آهي. مون پنهنجي وڏي ۾ وڏي ڀيڻ کي توڏانهن اچڻ لاءِ تيار ڪيو آهي. هوءَ ته چوي ٿي ته ذات جو سوال اهڙو آهي جو بابو توڙي ڀيا گهر وارا منهنجي توسان شادي ڪرڻ جي هامي نه ڀريندا. اهو مان به سمجهان ٿي ۽ پنهنجي مستقبل جو سوچي گهبرايان ٿي ته تنهنجي طرف توڙي منهنجي طرف حالتون اهڙيون آهن جو دنيا وارن جو سنڌن مقرر ڪيل جائز رشتو به اسان کي ڪرڻ نه ڏنو ويندو وڏي ڀيڻ توکان ڪهڙا به سوال پڇيءَ ڪهڙا به شرط ڏيکاري پر تون پنهنجي ارادي جي پختائيءَ تي قائم رهجان. منڊيءَ جو به ذڪر ايندو. هن مون کان منڊي وٺي ڇڏي آهي ۽ توکي واپس ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي. پر اها واپس نه وٺجان، ڀلي ڪهڙيون به ڌمڪيون ڏئي، پر تون چئجان ته اها منڊي مون واپس وٺڻ لاءِ نه ڏني هئي. پريم گهر جي ملاقاتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڳالهہ هن سان نہ مڃجان ۽ چئجان تہ ڪيترن مهينن کان مون هن کي ڏٺوئي ڪونهي. هونءَ تہ تون مون کان وڏو آهين (تون الائي ڇو بار بار ياد ڏياريندو آهين تہ مان توکان ٻارهن تيرهن سال وڏو آهيان) پر هن موقعي لاءِ مون کي ئي توکي هدايتون ڏيڻيون پون ٿيون ۽ انهن تي عمل بہ ڪجانءِ. مزي جي ڳالهہ ٻڌايان تہ اڄ منجهند جو ڳڙڪيءَ مان تنهنجو درشن ڪرڻ وقت وڏي ڀيڻ کي بہ شامل ڪيم..... خبر اٿئي هن وقت رات جا ٻارهن وڳا آهن ۽ سڄو گهر ننڊ ۾ آهي.... اڙي ها، توکي جلن تہ ڪانہ ٿيندي؟ اسان جي ذات وارو هڪڙو ڊاڪٽر، جو ٻئي شهر ۾ رهندو آهي، سوبہ منهنجي اميدوارن ۾ شامل ٿي ويو آهي. بہ ٽي اميدوار تہ اڳ ۾ ئي توکي ٻڌائي چڪي آهيان.

## ٢٨ - اپريل ١٩٦٥ ع:

مون هنکي خط لکڻ شروع ڪيو: منڙي! سوا ٻارهن وڳا آهن. ڏاڍي ياد پئي اچين. شايد اچي وڃين. هر آهٽ تي اميدون جاڳن ٿيون ۽ وري سمهي پون ٿيون. معلوم ناهي تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي. مان محسوس ڪريان ٿو تہ توکي مڪمل علاج جي ضرورت آهي. پر عجيب ڳالهہ هيءَ آهي تہ جا چيز مان تو واسطي سڀ کان بهتر ڪري سگهان ٿو، اها بہ ڪري نہ ٿو سگهان. مان چاهيان ٿو تہ تنهنجي صحت فرسٽ ڪلاس ڪري ڇڏيان. مگر دنيا مون کي موقعو بہ تہ ڏئي.... منهنجي دل بہ ان نرس (جنهن شاگرديءَ جي زماني ۾ مون کي چاهيو هو) واري تمنا ڪري ٿي. خبر اٿئي هن ڇا چيو هو؟ چيو هئائين " دل گهري ٿي تہ تون بيمار ٿي هن وارڊ ۾ داخل ٿين. پوءِ مان تنهنجي ايتري خدمت ڪريان، ايتري ٽهل ٽڪور ڪريان جو پنهنجي ننڊ ۽ آرام بہ وسري وڃيم. درحقيقت مان چاهيان ٿي تہ مون کي تو واسطي ڪجهہ ڪرڻ جو موقعو ملي."

تون بہ تہ چوندي آهين تہ "مون کي ڪو ڪم ٻڌاءِ. منهنجي دل چوي ٿي تہ تو واسطي ڪجهہ ڪريان."

مگر منڙي، تون تہ مون واسطي سڀ ڪجهہ ڪرين پئي. تنهنجو پيار ئي تہ مون واسطي سڀ ڪجهہ آهي. تون مون کي بيحد پيار ڪرين ٿي. تنهنجي پيار سان ئي تہ مون کي پيار آهي. مان لفظن ۾ تہ ٻڌائي نہ ٿو سگهان. پر تو ۾ ڪا ڳالهہ، ڪا چيز اهڙي آهي، جا مون کي ڪنهن ٻئي انسان ۾ نظر نہ ٿي اچي يا محسوس نہ ٿي ٿئي. (متي چڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ. اڙي ها، تون چوندي آهين تہ مان

مست ٿي ٻنهنجي ساري سرهاڻ تو ۾ پري ڇڏين ۽ دنيا وارا انهن گلن جي سرهاڻ کان محروم ٿي وڃن. ڏس، هينئر هينئر مون کي تنهنجي خوشبوءِ اچي رهي آهي. اها خوشبوءِ جا فقط تو ۾ آهي. تنهنجي جسم منجهه آهي،منهنجي زندگيءَ ۾ آهي.

ڪالهه به تنهنجو خط ڪونه مليو. تون مون کي پريشان ڇو ٿي ڪرين. ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو اٿم ته توسان ناراض ٿي دور هليو وڃان. تڏهن شايد توکي منهنجو قدر ٿئي.

## ١ - مئي ١٩٦٥ع:

(ساڳيو خط هلي پيو): مومل ڊارلنگ! ڪالهه تنهنجو خط مليو. مان بروقت ئي جواب لکي موڪليو. شايد هن گهڙيءَ ٽپالي تنهنجي در تي توکي اهو ڏيڻ آيو هجي. تون روز روز خط ڇو نه ٿي لکين. ڏاڍو مزو ٿو اچيم ۽ ڏاڍي خوشي ٿي ٿئيم. ڇا توکي منهنجو مزو ۽ منهنجي خوشي پسند ناهن؟ رات جو توکي خواب ۾ ڏٺو هوم. چاندوڪين راتين جو گهڻو انتظار رهي ٿو. مون کي اهي ٻه چار راتيون ئي ته درشن ڪرڻ لاءِ ملن ٿيون.

دوائن جي ترڪيب جدا پرچيءَ تي لکان ٿو. متان روبرو ٻڌائڻ وسري وڃيم. انهن دوائن جي ڪِري ٻه ٻڌي ڇڏ. ڪري خاب ڪانهي. بس پنهنجي پرينءَ سان روز ملندي ڪر ۽ خوراڪ پڻ ٻڌ. تنهنجي خوراڪ رڳو خوشي هجڻ ڪپي. مون کي خبر آهي ته توکي جيتري خوشي پنهنجي پرينءَ سان ملڻ ۾ ٿيندي آهي. ايتري ٻي ڪنهن چيز مان نه ملندي آهي. تنهنڪري هن سان ملڻ واسطي هرڪو جتن ڪر. ياد اٿئي اڄ ڇنڇر آهي ۽ پاڻ اڳئين ڇنڇر تي هن ئي وقت گڏ هئاسون. ڪاش! اهڙا ڏينهن روز روز اچن. (تڏو ساهه).

ڇگو هاٿي ڪوڙ ڳالهيون ڪيم. ٻارهن وڃي رهيا آهن (سکن جا نه). گرمي چوٽ تي پهچي وئي آهي.

## ٢ - مئي ١٩٦٥ع:

(ساڳيو خط هلي پيو): مومل جان! تون اڄ به ڪونه آئينءَ. مون کي چڙ اچي وئي آهي. ان ڪري ڪجهه به نه لکندس. بس هي ناول جو پڙهان پيو. ان مان ٻه چار سٽون نقل ڪريان ٿو: تئي هينئن ٿو ته ناول جو هيرو گهڻن ڏينهن کان پوءِ پريءَ کان پنهنجي محبوبيائيءَ جي جهلڪ ڏسي ٿو. ان بعد سوچي ٿو "جڏهن پري

ڪان هن کي هڪ نظر ڏسڻ سان منهنجي هيءَ حالت بنجي ٿي ته پتو ناهي ان وقت منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو، جڏهن منهنجي جيون جي هر ساعت، ملاقات جي ساعت هوندي!"

## ٥- مئي ١٩٦٥ع:

(ساڳيو خط جاري): شاباش منهنجي منڙي! اهڙا ڊگها محبتناما لکندي ڪر. ان تي تو فخر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جڻ ته ٻيو ڪو ايترو ڊگهو Love Letter لکي نه ٿو سگهي. پر ڏس، مون ٻهرين ئي ايڏو وڏو خط لکيو آهي. پورن ويهن صفحن جو آهي. مان ان ميدان ۾ سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ۽ مان چئلينج ڏئي چوان ٿو ته اڄ تائين ڪنهن به عاشق ايترو ڊگهو خط نه لکيو هوندو. (تنهنجو خط به اٺن صفحن جو آهي). دنيا جو پهريون پهريون عاشق ڏاڏو آدم هو. پر هن کي خط لکڻ جي ضرورت ئي ڪانه پئي. ڏاڏي حوا سدائين هن سان گڏ هوندي هئي. فرهاد کي پهاڙ پٽڻ کان فرصت ئي ڪانه ملي سگهي ته ويچارو شيرين کي ڪٿان پريم پتر لکندو. مجنون ئي ڊگهي ۾ ڊگهو محبت نامو لکرايو هو (جو هو خود اڻ پڙهيل هو) ۽ اهو به صرف ڏهن صفحن جو هو. رومئي، جيوليٽ کي ڪنهن دوست کان خط لکرائي موڪليو هو. چاڪاڻ ته هو ڊنو ٿي ته متان خط پڪڙجي نه پوي..... هاڻي تون سمجهي وئين نه ته مون دنيا جي مڙني عاشقن جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو. تون منهنجي ان ڪارنامي تي جيترو چاهين فخر ڪري سگهين ٿي. (مون ۾ ڪا ٻي خوبي ته آهي ڪانه).

## ٦- مئي ١٩٦٥ع:

مومل جو خط: پنهل سائين! مون اهڙو ڪم ڪيو آهي جو تون ٻڌندين ته ضرور ناراض ٿيندين. تو ان لاءِ مون کي منع به ڪئي هئي تڏهن به مان نه مڙيس. هاڻي ٻهرين مون کي معافي ڏي. ڏس، هٺ ٿي ٻڌان. منهنجو به قصور ڪونهي. پاڻ کي گهڻو ئي روڪيم پر روڪي نه سگهيس. شوق ۾ اصل ڦاٿس ٿي. وري طوطي ۽ منيران به ان ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺيون ۽ اسين وڃي تنهنجي گهر نڪتيوسين. تنهنجي گهر ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هوم. تنهنجي زال ڏاڍي سٺي آهي. اسان سان ڏاڍي سٺي نموني پيش آئي. اسان هن کي ٻڌايو ته اسان هتان پئي لنگهيوسين ته ڊاڪٽر صاحب جي نالي جو بورڊ ڏٺوسين. ڊاڪٽر صاحب جي اسان

پيڙا ۽ هر پريشاني وساري ڇڏيان. بيٺي بيٺي خوشين جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳان. منهنجو لڻ لڻ خوشيءَ جي جذبي کان ٿڙڪڻ ٿو لڳي.

هيءَ ڪهڙو جادو آهي!

هي ڪهڙا ناتا آهن!

ڏس، هي اهو دڪان آهي، جتي اسان جي حياتيءَ جون بهترين گهڙيون گذريون آهن. جتي اسين خوشيءَ ۾ مدهوش ٿي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيرن تي ڪڙا رهيا آهيون. ڏس، هيءَ اها جڳهه آهي، جتي مون ڏانهن نهاريندو ويندي تو شيشي ڪيرائي هئي ۽ شيشي پڃي پئي هئي ۽ تو مرڪي مون طرف نهاريو هو. ان نگاهه ۾ شرمائڻ هو ۽ لذيذ ترين مسڪراهٽ هئي. اهڙو شرمائڻ، جنهن تان سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃبو آهي. اهڙي مسڪراهٽ جا دل ۾ چڀي ويندي آهي ۽ جا دنيا بدلائي ڇڏيندي آهي. اهڙي مسڪراهٽ جنهن جي ڇانوَ ۾ جيون گذارڻ واسطي دل بيقرار ٿيندي آهي.

تنهنجي ان شرمائڻ ۽ مسڪراهٽ مون واسطي خوشين جا سمنڊ موجود ڪري ڇڏيا. مون کي خيالن جي اڏند کٽوليءَ ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ مون اهڙي دنيا ڏٺي، جا ان کان اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي هئي.

ڏس، هن اسپتال جو چپو چپو تنهنجي يادين سان ڳنڍيل آهي. ڪا اهڙي وٿي ڪانهي جتي تنهنجا قدم نه پيا هجن. ڪو اهڙو ٽڪرو ڪونهي جنهن کي تنهنجي نگاهن زندگي نه بخشي هجي. هر ذري ۾، ساري ڪمري ۾ تنهنجون خوشبويون اڃا رهيون آهن. اهڙي خوشبوءِ جا دنيا جا مڙئي گل گڏجي به نه ڏئي سگهن. پر اها خوشبوءِ صرف مان ئي محسوس ڪري سگهان ٿو. مان ئي سنگهي سگهان ٿو. اها خوشبوءِ فقط مون واسطي آهي. اها خوشبوءِ پيار جي تخليق آهي.

هن ڪمري ۾ ئي ته تو پهرين مون کي ڏٺو هو ۽ مون توکي پهرين ڏٺو هو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته مون جڏهن پهرين پهرين توکي ڏٺو هو تڏهن خواهش اڀري هئي ته هيءَ ڇوڪري وري اچي ۽ ايندي رهي ۽ تنهنجي نيڻن مون کي بيحد متاثر ڪيو هو. تنهنجيون خوبصورت اکيون پنهنجا نشان پنيان ڇڏي ويون. دل چيو انهن اکين جي ساري سونهن مون لاءِ هجي. اهي اکيون مون طرف ڏسنديون رهن، گهورينديون رهن، تڪينديون رهن ۽ شوق ۽ مسڪراهٽ جي برسات وسائينديون رهن. اهي اکيون منهنجيون ٿي وڃن ته مان جيون جي ڪنن کان ڪنن

رستي تان بہ اڪري پيار ڏيندس. اهي اکيون هاڻي منهنجيون آهن. اهو خيال، اهو تصور، اهو يقين. دنيا جي هر پريشانيءَ کان بي نياز ٿو بڻائي ڇڏي. مان مومل جي محبت جي سهاري هر مصيبت جو مقابلو ڪري سگهان ٿو.

منڙي! دل ٿي چاهي تہ اسان جي وچ ۾ جي رڪاوٽون آهن، تن کي هٽائي، پنهنجي ننڍڙي دنيا آباد ڪريون. ننڍرو گهر هجي. اسان جي راهہ ۾ ڪو ڪنڊو نہ هجي. منهنجي آمدني ايتري آهي جو تو جهڙي وفا شعار ۽ ڪفايت شعار زال جي ساٿ سان ڏاڍو سکي رهي سگهون ٿا.

توکي تہ گهڻو اڳ منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ کپندو هو. مان تہ قاسي ويو آهيان ۽ اهڙن ڪنڊن ۾ قاسي ويو. آهيان جنهن جو تون صحيح ڪاٿو ڪري نہ ٿي سگهين. ان مامري ۾ جي زخم منهنجي دل تي آهن، تن جو ڪو پهو ئي پيدا ڪونہ ٿيو آهي. انهن ڪنڊن جو علاج ڳل آهن. مون کي اهو ڳل تو ۾ مليو آهي. سوچيان ٿو تہ هيءَ ڳل جي ڪنهن ٻئي جو ٿي ويو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ مان تہ اهو تصور بہ سهي نہ ٿو سگهان تہ ڪو ٻيو توکي صرف هٿ ئي لڳائي. مومل، ياد رکجانءِ تہ جي تو ڪنهن ٻئي سان شادي ڪئي تہ مان توکي ڪڏهن معاف ڪري نہ سگهندس. ڪڏهن بہ نہ. تون اهو ڇئي جند ڇڏائي يا پاڻ کي تسلي ڏئي نہ ٿي سگهين تہ تون جو شادي کيل آهين. مگر اهو ڪنڊو گهڻو اڳ جو پچيل آهي. مان ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان.

منهنجي جندڙي! لکڻ جو شروع ڪيم تہ لاڳيتو لکندو ئي رهيس. اتفاق سان انهيءَ وچ ۾ بيمار بہ رڳو ٻہ ٽي آيا. دل جو چيو ۽ دل ۾ جو آيو. سو لکندو ئي ويس. خبرناهي ڇا ڇا لکي ويو آهيان. پر اٿئي سڀ منهنجي دل جا جذبا. مان انهن کي ٻيو پيرو نہ پڙهندس. هاڻي تون ئي پڙهجانءِ....... خدا ڪري تون خيريت سان هجين. پوٽا نوَ وڳا آهن. جي تون ڇت تي نظر نہ آئينءَ تہ مان رات جو سمهي نہ سگهندس.

## ١٢- مئي ١٩٦٥ع:

(خط هلي پيو): منڙي! رات ڏاڍي خراب گذري. توکي ڏنم بہ ۽ اطمينان جو ٿڌو ساهہ کنيم. خوشيءَ جي خمار ۾ تنهنجي گهر جو طواف ڪندو گهر پهتس. اسڪوٽر تي هجان، يا ڪپڙا پيو مٽايان، يا ڪاڏو پيو ڪاوان، پڙهان يا ليٽان هر حالت ۾ دل ۽ دماغ ۾ تنهنجيون ڳالهيون هلنديون رهن ٿيون ۽ توسان گفتگوءَ

۾ مگن رهان ٿو.

خاموش ليٽيو پيو هوس. چنڊ ڏاڍو سندر لڳي رهيو هو. منهنجي دماغ ۾ تنهنجي ياد جا ستارا ٽمڪندا رهيا. بسترو به ٿڌو ٿي ويو ۽ ان سان جسم لڳوٽي ته ڏاڍي فرحت ٿي محسوس ٿي. وهاڻو ته ڏاڍو گداز ۽ نرم نرم هو. بيحد حسين وايو منڊل هو. مون پنهنجي پهلوءَ ۾ نهاريو. اهو خالي هو.

مومل ڪٿي آهي. ڪاش، هوءَ هن وقت هتي منهنجي پهلوءَ ۾ هجي ها. ڳچ دير ٿي وئي. هوا زيادہ ٿڌي ۽ زوردار ٿي وئي. مان وچي اندر ليٽيس. پوءِ ناول پڙهڻ لڳس ڪلاڪ ڪن گذري ويو ۽ مون ڏٺو ته جنهن صفحي کان شروع ڪيو هو، اهو ئي صفحو سامهون هو. مان ته تصورن جي دنيا ۾ مومل کي ساڻ ڪري پئي گهميس ڦريس.

ڊاڪٽر جو ڪو پيارو عزيز بيمار ٿيندو آهي ته هن جي دل ۾ عجيب غريب وهم ۽ ڊيڄاريندڙ وسوسا اچي واسو ڪندا آهن. ڪٿي هيءَ اها خطرناڪ بيماري ته نه آهي، متان هن مان فلاڻي خرابي نه پئدا ٿئي. هيئن به ٿي سگهي ٿو، هونءَ به ٿي سگهي ٿو.

شروع ۾ جڏهن توکي هڪ ڀيري ڪنڌ ۾ سور پيو هو ته اها رات مون ڏاڍي بيچيني ۽ وسوسن ۾ ڪاٽي هئي. دل چاهيو ٿي هينئر جو هينئر وڃي وري مومل جي چڪاس ڪريان ۽ پڪ ڪريان ته فلاڻي خرابي ته نه آهي. پر تون ايتري بي پرواهه نڪتينءَ جو منهنجي تاڪيد ڪرڻ تي به ٻئي ڏينهن نه آئينءَ.

هڪ ڀيري منهنجي ننڍي ڀاءُ کي مدي جو تپ ٿي پيو. هو مون وٽ هو. گهر ۾ ٻيو ڪوبه ڪونه هو. هڪ رات هن کي ڏاڍي تڪليف هئي. اڌ رات جو هو بيهوشيءَ ۾ وڪڙڻ لڳو. مان هن جي نبض ڏسي گهٻرائجي ويس ۽ هن کي هڪ نه پر ٽي سيون لڳايم. منهنجي ماءُ ۽ منهنجا مائٽ مون کي سخت دل سمجهندا آهن. پر اڄ ڏينهن تائين مون ان ڀاءُ کي نه ٻڌايو آهي ته مون اها رات ڪيئن بسر ڪئي. اها سڄي رات مان سمهي نه سگهيس. هر ڏهين منٽين هن جي نبض ڏسندو رهيس. سڄي رات اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا. ڏاڍو رنو هوم.

اڳئين سال جڏهن منهنجي ڪڪي بيمار ٿي هئي ته مان هن کي پهرين سئي هڻڻ لڳس. سئي لڳڻ وقت، جڏهن هوءَ رڙيون ڪري چوڻ لڳي "بابا.... بابا..... بابا!" ته منهنجو هيانءُ ڦسي پيو ۽ ٻئي ڪمري ۾ جئن ئي اڪيلو ٿيس ته منهنجي

اکين جي درياهہ جا بند ٽٽي پيا ۽ ڏاڍو رنم.

۽ تون تہ مون کي سڀ کان عزيز آهين. تنهنجي بيماري مون کي ڪٽي ٽي آرام سان سمهڻ ڏئي. ٽين بجي تائين ائين ئي جاڳندو ۽ پاسا ورائيندو رهيس. پوءِ بہ مٺاڃري ننڊ آئي. سارو وقت ائين ئي ويچاريندو رهيس تہ توکي فلاڻي ڳالهہ لکندس، فلاڻو جملو لکندس.

انسان جي حياتيءَ جو مقصد صرف "خوشي" آهي. هو جو ڪجهہ ڪري ٿو، خوشي حاصل ڪرڻ واسطي ۽ محبت نہ اهڙي چيز آهي جا خوشين جا ڦوهارا کولي ٿي ڇڏي، خوشين سان دامن ڀري ٿي ڇڏي. دنيا ۾ محبت جهڙي خوشي ٻي ٿي ئي نہ ٿي سگهي. محبت ۾ ننڍيون ننڍيون ۽ خسيس ۽ بي معنيٰ شيون پڻ خوشين جا ڍير لڳائي ٿيون ڇڏين..... تون تہ چريو آهين ڊاڪٽر. تون هتي ويهي ٿو رهين، هوڏانهن ڇت تي اونداهہ آهي ۽ نظر اچي تہ بہ فقط پاڇو. اهو بہ ايترو پري کان سڃاڻڻ مشڪل، وري تاريڪ گهٽين ۾ اسڪوٽر تي "توُن توُن" ڪندو لنگهين ٿو. هوءَ بہ توکي چڱيءَ طرح ڏسي نہ ٿي سگهي. جي ڏسي بہ ڪٿي تہ ڇا حاصل..... ڊاڪٽر هيءَ تہ حماقت آهي، ديوانگي آهي..... پر هن کي ڪهڙي خبر تہ ائين ڪرڻ ۾ مون کي خوشيءَ جو خزانو ملي وڃي ٿو. هڪ جهلڪ ڏسڻ کان پوءِ ڏاڍي ناپر جي ننڊ سمهي پوندو آهيان ۽ رنگين خواب ڏسندو آهيان. مون کي جيون جو روز روز نئون سرور ملي ٿو.

۽ تنهنجي خوشي! تو جهڙو خوش انسان تہ مون ڏٺو ئي ڪونهي.مون کي ڏسي، منهنجي سامهون اچي ۽ پيار ۾ تون ايترو خوشيءَ سان پرجي ويندي آهين جڻ جٺرو جاڳندو، جيون سان پرپور، خوشيءَ جو مجسمو. جڻ خوشي انسان جو روپ وٺي آئي آهي.

ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ هڪ ئي وقت ساڳي فرمائش ٻڌڻ ۾ دليون ڪهڙي ڪهڙي پيار جي نرالي احساس سان آشنا ٿين ٿيون.

هيءَ ڪٽي جي روشني آهي،
هي ڪهڙو جادو آهي،
هي ڪهڙا ناتا آهن!

ائين ٿو لڳي جڻ تہ اسين صدين کان هڪ ٻئي کي سڃاڻون ۽ ڪيترن جنمن کان گڏ رهيا آهيون. جن اسان سان ساري جمار گڏ گذاري آهي. اهي بہ اسان کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻترو واقف نہ هوندا. جيترو اسين هڪ ٻئي کان آهيون.

هڪڙو "صفا آزاد نظم" پڙ:

مان مومل جي پيار کي ڄاڻان ٿو.

هي اهو وڻ آهي جو

طوفانن سان نہ جهڪندو.

هي اهو گل آهي جو

سردين گرمين ۾ نہ ڪومائبو.

اي طوفانو،

اي زماني جون سرد گرم هوائو.

توهان منهنجي مومل کي ڏنو آهي،

توهان هن جي همت ڏٺي آهي.

منهنجي لاءِ محبت ڏٺي آهي،

منهنجي لاءِ محبت ڏٺي آهي،

تہ پوءِ توهان ڏٺو هوندو

تہ توهان جي هميشه هار ٿي هوندي،

۽ ٿيندي رهندي.

مان تصور ئي تصور ۾ تنهنجي منهنجي شاديءَ جي پهرين رات جو نقشو دهرائيندو رهان ٿو. هينءَ ٿيندو. هيئن ڪندس. ڏاڍو رنگين ۽ تمنائن سان ڀرپور آهي اهو نقشو: شايد تون بہ اها ڳالهہ سوچيندي آهين ۽ مان بہ اڪثر سوچيندو آهيان تہ شاديءَ کان پوءِ بہ اسين ساڳيءَ ريت لڪي لڪي ملنداسين. ساڳيا اشارا ڏئي، پريم نگر ۾ ملاقات جو پروگرام رکنداسين.

هيءَ ڪهڙي تڙپ آهي،

هيءَ ڪٿي جي روشني آهي،

هي ڪهڙو جادو آهي.

هي ڪهڙا ناتا آهن!

ڏس هينئر بہ تنهنجي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان، تون اچي وڃين تہ جيون مرڪڻ لڳي، هر چيز خوشيءَ جا گيت ڳائڻ لڳي.

اڙي هڪ ڳالهہ ياد اچي وئي. جلدي جئي وڻان، متان وساري نہ وهان. تون

منهنجي سامهون اچڻ تي هڪدم نقاب جو مٿي ڪندي آهين. اهو به خيال نه رهندو اٿئي ته هتان ڪو ٻيو به نه ويٺو هجي. پوءِ اهو ڪمپائونڊر ئي ڇو نه هجي سنئي مومل. ايتري بي صبري به هجڻ نه گهرجي. اهو ضرور لڪجانءِ ته هي خط پڙهڻ کان پوءِ تون ڪيتري قدر مغرور ٿي وئينءِ.

## ۱۳ - مئي ۱۹٦۵ع:

(ساڳيو خط هلي پيو): منڙي خيال ڪيو هوم ته تمام گهڻو لکي ڇڪو آهيان، ان ڪري وري ملڻ تائين وڌيڪ نه لکندس. ڪو اهڙو وقت نه ٿو گذري جو تنهنجي ياد جي ستارن کان خالي رهندو هجي. پنهنجي خيالن کي قلمي گل بنائڻ ۾ بيحد مزو ٿو اچيم. شيطانٰ جي آندي جيڏو ڊگهو خط پڙهندي ٿڪجي پوين ته ٻڌائجان ته اڳتي ڪويل جي آندي جيڏو لکان.

اڄ صبح، جنهن وقت موتئي جا گل پٽيندي، توکي ياد ڪري رهيو هوس. ٻه گلن جا جهڳٽا اهڙا نظر آيا. جن ۾ ٽي ٽي گل هئا. ٻه گل گڏ هوندا آهن ته دل ۾ چوندو آهيان "هڪ تون، هڪ مان" ٽيون هوندو آهي ته طوطيءَ کي تصور ڪندو آهيان. اڄ وارن ٻنهي ٽن گلن وارن جهڳٽن ۾ هڪ هڪ گل ڪومائجي لعل ٿي ويو هو. جڻ ته ڪنهن جي اميدن جون خون ٿي ويو هجي ۽ انهيءَ رت ۾ گل ريٽو ٿي ويو هجي. مان سوچڻ لڳس ته انهن ٽن گلن ۾ هڪ مومل آهي، هڪ مان ۽ هڪ تو وارو مڱيندو. هي ڪوماٽل گل اهو آهي جنهن جي اميدن جو خون ٿي ويندو. مومل واسطي عذر گهڙيئي آهن، "تون شادي ڪيل آهين، مان ڇوڪري آهيان. بيوس ۽ مجبور." ۽ ائين چوڻ ۾ دير ئي ڪيتري ٿي لڳي!

تون به ته ڏهاڙي موتئي جا گل پٽيندي آهين.

## ۱۴ - مئي ۱۹٦۵ع:

(ساڳيو خط جاري): مومل ڊارلنگ! ڪالهه اوچتو خط لکڻ بند ڪرڻو پيو. ان ڪري پڇاڙيءَ ۾ توکي پيار ڪري ڪونه سگهيس. تنهنڪري اڄ ڀريِن گهڻو گهڻو پيار ۽ پوءِ ڳالهيون. ۽ ڳالهه هيءَ آهي ته اڄ ڪنهن ضروري ڪم واسطي مون کي ڪيڏانهن وڃڻو هو. ڪلاڪ ڪن لڳي وڃي ها. پر مان ڪيئن وڃي سگهيس. منهنجي غير حاضري ۾ مومل اچي وڃي ته؟ منهنجا پير ته اوسيڙي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن. مگر اهي زنجير لوهه جا نه پر گلن جا آهن ۽ ڏاڍو منڙو

منڙو. ڪتڪتائي ڪندڙ درد پئدا ڪندا رھن ٿا. انھيءَ اوسيڙي ۾ ئي زندگي آھي. جيستائين انھن زنجيرن جي مضبوطيءَ جو واسطو آھي، اھي لوھہ جي زنجيرن کان زياده مضبوط آھن. اصل ڇرڻ ئي نہ ٿا ڏين.

اڙي اي رڪشا وارو! منھنجي اسپتال سامھون پھچي رڪشا آھستي آھستي نہ ھلايو. رڪشا آھستي ھلڻ جو آواز ٻڌي، ائين محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ تہ اھا منھنجي اسپتال سامھون رڪندي، ان ۾ مومل ھوندي، ۽ لھي اجھو ٿي اندر اچي. ان ڪري اھڙو آواز ٻڌي، منھنجي دل جي دڪ دڪ تيز ٿي ٿي وڃي ۽ نگاھون مومل جي مرحبا ڪرڻ لاءِ راھہ ۾ وڇائجي ٿيون وڃن. مگر اميدن جي ٻيڙي، ڪنڌيءَ پھچندي پھچندي ٻڏي ٿي وڃي. اھو چڪر ھلندو ئي رھي ٿو ۽ مان انتظار جي زنجيرن ۾ جڪڙيو وينو ٿو رھان.

ھيءَ ڪٿي جي روشني آھي،

ھي ڪھڙو جادو آھي،

ھي ڪھڙا ناتا آھن!

اڙي مومل، ٻڌاءِ. اڄ ڪلھہ تون ائين ڪونہ ٿي چوين تہ "ھي ڪھڙو چڪر آھي؟" پھرين تہ تون اھو جملو اڪثر چوندي ھئينءَ. ھاڻي شايد توکي خاطري ٿي وئي آھي. تہ ھي ڪو چڪر وڪر نہ آھي. پر پيار جو سنئون سڌو پيچرو آھي. جنھن تي سماج وارا ڪندا پکيڙي ٿا ڇڏين پر جي پيار ڪرڻ وارن کي روڪي نہ ٿا سگھن. (ڪيئن نيڪ ٿو چوان نہ؟"

ھينئر خيال ٿو اچيم تہ مان پنھنجي باري ۾ تنھنجي باري ۾ گھڻن ئي خوش فھمين ۾ مبتلا آھيان، جئن تو ھن خط ۾ ڏنو ھوندو. سچ ٻڌاءِ. ڪٿي ھي منھنجيون خوش فھميون، غلط فھميون تہ نہ آھن؟

ھاڻي تہ مون کي شرمندگي پئي ٿئي تہ ايڏو ڏگھو خط لکيم اٿم ۽ تنھنجي چوڻ موجب تون منھنجو ھر خط سوين دفعا پڙھندي آھين. وري لکائڻ جو مسئلو. وڏيڪ نہ لکندس. سياڻي پريم نگر ۾ ملڻ جو آسرو آھي، جيتوڻيڪ ان باري ۾ اڃا تائين تنھنجو خط ڪونہ پھتو آھي. منھنجي اميدن جا محل تہ نھندا ۽ ڊھندا رھن ٿا. شايد ھيءَ اميد پوري ٿئي. ياد اٿئي طوطيءَ وارو چرچو. ھڪ ڀيري پريم نگر ۾ توھان اچڻ ۾ ڏاڍي دير ڪئي. نيٺ آيا تہ مون چيو "مون کي ھاڻي توھان جي اچڻ جي اميد ڪانہ ھئي." ان تي طوطيءَ ھڪدم چيو ھو. "چا مرد بہ اميد

سان ٿيندا آهن."

## ٦ جولاءِ ١٩٦٥ع:

ڏهه مهينا ڪن تي ويا. ڪوڙ گهمرا ڪوشش به ڪيم پر ڊائري لکي ڪونه سگهيس. باقي ٻنهي طرفن کان خطن جي ڏم لڳي پئي آهي. مان ڪي خط ته چوڪري ٻنجي هن کي ٽپال رستي موڪليندو آهيان. ٻيا خط مان ڳلي دل سان ۽ جيءُ پري لکندو آهيان ۽ جن ۾ منهنجو موڊ شاعريءَ وارو ٿي ويندو آهي، سي لکي رکندو آهيان ۽ جڏهن به ملڻ ٿيندو اهي ته هن کي هٿئون هٿ ڏيندو آهيان.

انهن ڏهن مهينن ۾ اسان جي پيار سان لاڳاپيل ڪيترا ئي ننڍا وڏا واقعا ٿيندا رهيا. مومل تي بندشون ۽ پابنديون وڌنديون رهيون. پيهر امتحان ڏئي مئٽرڪ پاس ڪيائين. وڏيڪ ته مائٽ هن کي هونءَ به ڪونه پڙهائڻ ها. پر هن مامري ڪري، هن ضد ڪيو تڏهن به هن کي ڪاليج پڙهڻ جي اجازت نه ڏني وئي.

پريت جي ريت ۾ هن گهٽتائي نه ڏيکاري آهي. رات جو ڇت تي به روز چڙهي ٿي. خط به پوري رفتار سان ۽ ڊگها ڊگها پئي لکي، ڳڙڪيءَ تي به اچيو ٻيهي، هفتي ۾ هڪ به پيرو پريم نگر ۾ ملاقات به ڪري ٿي ۽ اهي ملاقاتون به ٽي ٽي چار چار ڪلاڪ لنبيون ٿين ٿيون. انهن ڳالهين جو ڪيئن انتظام ڪري ٿي، مان ان تي رڳو عجب کائيندو رهان ٿو. اها هن جي ذهانت آهي، دليري آهي. جو ڪجهه پي آهي، پيار ئي هن ۾ اهي شڪتيون پئدا ڪيون آهن. هوءَ سنسار ۾ سماج کي پٺي ڏيو مون سان نڀائي رهي آهي. وقت بوقت مون کي ياد ڏياريندي رهندي آهي ته شادي ڪرڻي آهي. پر اها ڳالهه اهميت نه ٿي رکي ۽ هوءَ پنهنجي جنون ۾ مست آهي. گهڻو ڪري ساهيڙين جي سهائتا سان ايندي آهي، چاڪاڻ ته هائي اسڪول جو بهانو ڪونه رهيو اٿس. پر ڪڏهن ڪڏهن ڇت تي جهندي سان اشارو ڪري سنئون سڌو اچيو پريم نگر ۾ پهچي.

## ٢٨ - آگسٽ ١٩٦٥ع:

شهر ۾ هڪ راڳ جو جشن هو. مومل کي لکيم ته هوءَ به اچي. اهڙن موقعن تي اسين هڪ ٻئي کي صرف پري کان ئي ڏسي سگهندا آهيون. منهنجي زال زور ڀريو ته مان به هن محفل ۾ توسان گڏجي هلندس. تنهن ڏينهن تي مومل جو هي خط مليو:

پيارن ڪان پيارا! مون کي جيڪڏهن خبر هجي ها تہ هيءَ دعوت مون کي صرف جلائڻ واسطي ڏني ٿي وڃي تہ مان جيڪر اوڏانهن قدم بہ نہ رکان ها. ائين توکي زال سان گڏ اچڻو هو تہ پوءِ مون کي خواهہ مخواهہ خط لکي گهرائڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي. هڪڙو تہ ڪن ۾ سور هجڻ ڪري اجازت ئي ڪانہ ٿي ملي. بيحد ضد ڪرڻ تي مس مس بابو پاڻ سان وٺي هلڻ تي راضي ٿيو. ڏاڍن امنگن سان تڪڙو تڪڙو تيار ٿي ويٺس. خوشي اها بہ هئي تہ اڄ ساڳئي هنڌ هڪ ٻئي جي نظرن جي گهيري ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺا رهنداسين. پهريون موقعو اهڙو ٿـيندو، جـو اسين رات جـو يارهين ٻارهين بجي تائين هڪ ٻئي کي ڏسي سگهنداسين. پر سڀ اميدون ان وقت غصي ۾ بدلجي ويون، جڏهن مان رڪشا مان لهي رهي هئس ۽ توهين ٻئي دروازي مان داخل ٿي رهيا هئا. مان توکي ٻڌائي نہ ٿي سگهان تہ ان مهل منهنجي حالت ڪهڙي ٿي. پر مان ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس. هوءَ تنهنجي نڪاح ٻڌي زال آهي. هن جو جيڪو حق آهي، ان جو مان ڪٿي ٿي مقابلو ڪري سگهان. مان تہ پرينءَ جو فقط نالو ٿي وٺان تہ بہ دنيا بدنام ٿي ڪري. اسان جو سماج ئي اهڙو آهي جو ڇوڪري ،سواءِ پنهنجي مڙس جي ڪنهن ٻئي مرد جو تصور بہ ڪري نہ ٿي سگهي. پتو ناهي توکي ڏسي ڇا ٿو ٿي وڃيم. مون کي تہ خواب خيال بہ نہ هو تہ مان اهڙي شخص کي پنهنجو ديوتا بنائيندس ۽ دنيا کي جڏهن خبر پوندي تہ هيءَ ڇوڪري اهڙي مرد جي پوڄا ٿي ڪري، جنهن کي اول ئي گهر ۾ زال موجود آهي تہ پوءِ هو ڪهڙو حشر مچائيندا ۽ جيڪو اسان جو حشر بنايو ويو آهي، اهو بہ تو کان لڪل ڪونهي تڏهن بہ اسين هڪ ٻئي سان ملڻ کان باز ڪونہ آيا آهيون ۽ باز بہ ڇو اچون. اسين تہ صرف پيار ڪريون ٿا. اهڙو پيار جنهن تي فرشتا معصوميت، پاڪيزگي ۽ مسرت جي گلن جي ورکا ڪندا رهن ٿا.

اڄ خبر ناهي ڇو منهنجي دل گهبرائي رهي آهي..... تون تہ منهنجو آهين نہ؟

نہ معلوم ڇو بار بار تنهنجي صورت اکين سامهون اچي رهي آهي. رات مان ڏاڍي رني آهيان ۽ توکي ياد ڪيو اٿم. هينئر بلڪل اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ توکي هيءُ خط لکي رهي آهيان. اهو ئي پنهنجي ملڻ جو پيارو وقت آهي يعني ڏينهن جي روشني، رات جي اونداهين ۾ گم ٿيڻ جي مهل.

ڏس. ڪيترو ياد اچي رهيون آهن پنهنجي پيار جون شامون. موسم بہ تہ هيءَ

ئي هئي. ياد اٿئي اها حسين شام. جڏهن مان بلڪل صحتياب ٿي تو وٽ آئي هئس ۽ انهيءَ ڏينهن کان ئي اسان جي نئين جيون جنم ورتو. جيتوڻيڪ تون نہ خبر ناهي ڪيتري عرصي کان منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هئين. توکي تہ اهو احساس بہ ڪونہ هو تہ تنهنجي ڪا چاهڻ واري دنيا ۾ پيدا ٿي چڪي آهي. مان تہ تون کان ڊڄندي هئس ۽ دعا گهرندي هئس تہ خدايا ائين نہ ٿئي جو مان دل کان مجبور ٿي زبان مان ڪا اهڙي ڳالهہ ڪڍي وهان جو ڊاڪٽر ڪاوڙجي وڃي تہ مان پرٽيل ۽ ٻارن ٻچن وارو آهيان ۽ هن احمق ڇوڪريءَ کي ڇا ٿيو آهي جو اهڙيون ڳالهيون پئي ڪري.

پيارا. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ مون کي اهي سڀ خبرون هيون. پر پتو ناهي مون کي ڇا ٿي چڪو هو. ڪيئن ان ڏينهن شيشي پڳي ۽ بہ دليون ڳنڍجي ويون. اُن گهڙيءَ واري ڪيفيت تہ مان شايد عمر ڀر وساري نہ سگهندس. ڪاش! اهي ئي پيار ۾ تمتار اکيون وري ڏسان. مان زندگي انهن جي قدمن ۾ گذاريندس.

مون ان کان اڳ ڪنهن بہ مرد جي راهہ نہ ڏني هئي. مان انهن ڇوڪرين مان هئس. جي سماج ۽ رسمن جو احترام ڪنديون آهن. منهنجي لاءِ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ ڪوبہ انسان ڪونہ هو. اها دعا ضرور گهرندي هئس تہ اهڙي شخص سان پلئہ اٽڪي. جنهن جي دل ۽ دماغ ۾ مان گهر ڪري وڃان. تون مون کي ملي وئين ۽ مان محسوس ڪريان ٿي تہ منهنجيون دعائون رائگان نہ ويون آهن. پر پتو ناهي رات مون کي ڇا ٿي ويو هو جو سارو پيار وساري. توکي ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهايم..... جيڪڏهن مون کي ان ريت جلائڻو هوس تہ پوءِ مون کي سڏائڻ جو ڪهڙو ضرور هوس. مان هاڻي هن کي ڪڏهن بہ پنهنجي صورت بہ ڏيکاريندس. ڪڏهن بہ درشن نہ ڪندس.... مان پوءِ رات لڪي وڃي وينس. جتان توکي ڏسي ٿي سگهيس ۽ تنهنجي هرڪا چرپر ڏسي رهي هئس. مان اهو بہ ڏسي رهي هئس تہ ڪيئن تنهنجون بيقرار نگاهون ڪنهن کي تلاش ڪري رهيون آهن. مزو تہ ڏاڍو ٿي آيم. پر غصو بہ تہ گهٽ ڪونہ هو.

واقعي ئي تون شاندار قسمت جو مالڪ آهين. هڪڙي پهلوءَ ۾ تہ ٻي تصور ۾. تمام ٿورا ماڻهو اهڙي قسمت پائيندا آهن.

ها. تو محفل ۾ چرڪ ڇو ڀريو هو؟ ڏاڍو مزو آيو ڪجهہ پتو پيئي تہ ڪير پيو اڇلي! اڙي مان هئس مان. تنهنجي مومل. ٻي آني جو نقصان پئجي ويو. يعني

پهرين ٿيڊي پئسا تو ڏانهن اڇلايا ويا. پر پوري نشاني تي نہ لڳا. پوءِ غصي ۾ پرجي مون ۾ منهنجي ساهيڙيءَ پنهنجيون چوڙيون پرزا پرزا ڪري، تو ڏي اڇلايون. تو چرڪ بہ پريو ۽ شايد سمجهي بہ وئين. پر توکي پوئتي نهارڻ جي همت نہ ٿي. اڻتم بہ جو پرسان موجود هو. ڦاٽي پوي ها نہ ڪٽي رهي ها سائين جن جي عاشقي، ڪٽي رهي ها پيار.

تو آخر ۾ وڏو ظلم ڪيو. پروگرام اڃا پورو ئي ڪونہ ٿيو تہ اٿي هليو وئين. ان ڪري منهنجي بہ ساري دلچسپي ختم ٿي وئي، ڏاڍي بوريت ٿي.

## ١٧ - سيپٽمبر ١٩٦٥ع:

(منهنجو مومل ڏي خط): منهنجي جيون جي اڪيلي خوشي! پيار جون ڳالهيون پوءِ ٿو ڪريان. پهرين هڪ مريضياڻيءَ جو قصو ٻڌ: هن جي چڪاس ڪري چڪو آهيان ۽ نسخو لکي رهيو آهيان. هوءَ چي ٿي "ڊاڪٽر صاحب! اهڙي دوا ڏجو جو دل جو ڌڙڪو بند ٿي وڃي." ۽ مان سوچيان ٿو تہ دل جي ڌڙڪي ئي مون کي نئين جيوت ڏني آهي. صرف ڪنهن جي آهٽ ٻڌي دل جو ڌڙڪڻ. جنهن ۾ مٺو مٺو درد هوندو آهي. جنهن ۾ اميد جا نوان ڏيا روشن ٿيندا آهن. جنهن ۾ دل جون هزارين مکڙيون ڦٽي پونديون آهن. منهنجي دل تہ اڄ بہ ڌڙڪڻ کي ڳولي رهي آهي. انهن آهٽن جي تلاش ۾ آهي. وقت بہ اهو آهي. جڳهہ بہ اها آهي. مان بہ اهو آهيان. مگر آهٽون خاموش آهن. پر دل تہ ڌڙڪڻ سکي وئي آهي. هڪ وڃڻ وارو آهي. اڄ جمعو آهي. مان ويندي ويندي مومل جي جهلڪ ڏسندس. اهو خيال ئي خوشيءَ پريو آهي. دل هينئر ئي ڌڙڪي پئي ۽ مومل کي ڏسي بہ ڌڙڪندي.

توکي شام جو ڇت تي ڏسي، دل چاهيندي آهي تہ هٽ وڏائي توکي ڇهان. هي مفاصلا هٽي ڇو نہ ٿا وڃن. ٻن سچائي وارن انسانن جي درميان هي دنيا جا ماڻهو هٽي ڇو نہ ٿا وڃن. هي ديوارون ڇو ڪڙيون ڪيون ويون آهن ۽ اهي بہ انسان بہ اهڙا جي هڪ ٻئي کي ايترو چاهين ٿا. جي هڪ ٻئي سان ملي ايتري خوشي حاصل ڪن ٿا.

۽ هي اونداهيون ڏکيون راتيون! تون ماءُ جي گرم گود ۾ ناپير ۽ سلامتي محسوس ڪرين ٿي ۽ توکي ٿورو بہ احساس نہ ٿو رهي تہ (ڪو ويران آغوش تو واسطي تڙڦندو رهي ٿو) ڪنهن جون بيوس اکيون تاريڪي. تنهائي ۽ ايتري دوريءَ تان ڳولينديون رهن ٿيون. جنگ ڪري بليڪ آئوٽ (Black-out) شروع ٿيو آهي

تہ ريڊيو جا راڳ بہ ٻڌڻ لائق نہ رهيا آهن ۽ ڪتاب پڙهي نہ ٿو سگهجي. جيون جو خال اجا بہ ويڪرو ٿي ويو آهي. هڪ آس رهندي آهي تہ اسپتال پهچڻ تي پيار جو جهنڊو نظر ايندو. يا ٽپالي پيار جو پيغام آڻيندو.

## ۱۸ - سيپٽمبر ۱۹٦۵ع:

(ساڳيو خط هلي پيو): مومل ڊارلنگ! (ڪاري ڪاري ڀيانڪ رات بہ گذري وجي ٿي. وقت ڪٿي ٿو رُڪي. ڪنهن جي ننڊ ناراض ٿي وڃي. ڪنهن جي اندر ۾ طوفان برپا هجي. ڪنهن جي دل پنهنجي وس ۾ نہ هجي. ڪنهن جو من دور ڀٽڪندو هجي. ڪو جلندو رهي. ڪو پاسا ورائيندو رهي. پر رات پنهنجي رفتار سان گذرندي رهندي ۽ نيٺ صبح جي صورت نمودار ٿيندي. رات پنهنجي گهر جي ڇت مٿان چڙهي ڏٺم. ايترو اونده جو سمنڊ، ايترو سنسان ۽ اداس ماحول ڏسڻ جو ڪڏهن اتفاق نہ ٿيو هو. پر هڪڙي ڳالهہ هئي. آڪاس بيحد سندر نظر اچي رهيو هو. بلئڪ آئوٽ ڪري، زمين تي ڪا روشني نہ هجڻ ڪري ۽ وايو منڊل جي تاريڪ پس منظر ۾ آسمان ۽ تارا ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا هئا. آسمان نيرو نيرو ۽ اهڙو صاف ڌوتل هو جڻ تہ هينئر هينئر نڪتو هو. ٽمڪندڙ تارا جڻ سرهائي وچان مرڪي رهيا هئا. ڪڏهن ڪنهن تاري خوشيءَ ڪان وني تي ڊڪ ياتي ۽ روشن ليڪ بنائي گم ٿي ويو. مان ٽڪٽڪي لڳائي تارن کي تڪيندو رهيس. مون کي پنهنجي جوت، پنهنجي پريمتا، من موهن تون مون سان گڏ هجين ها تہ هي معصوم ستارا، هي خاموش تماشائي بہ اسان جو پيار ۽ خوشي ڏسي جهومڻ لڳن ها. هنن کي بہ انسان بنجڻ جي ريس ٿئي ها...... آسمان ڏاڍو حسين آهي، تارا انتهائي دلڪش آهن، وايو منڊل بيحد ڀيانڪ آهي، عمارتون ۽ وڻ ديو نظر اچي رهيا آهن. ڌرتي اونده ۾ ٻڏل آهي، انسان خوفزده آهن ۽ گهرن ۾ لڪا وينا آهن. منهجو دل ۾ اميد جو هڪڙو اهڙو ڏيو روشن ٿئي ٿو، جنهن جي جوت، زمين آسمان جي اونداهين ۽ دنيا جي مڙني تاريڪين کي روشن ڪري ٿي ڇڏي، اهو آهي پيار جو ڏيو، پيار جو سوجهرو.

منهنجو دماغ سندر ۽ رنگين يادين سان مالامال آهي. تڏهن بہ دل بيقرار آهي ۽ دل کي وندرائڻ واسطي، دل کي ڪيڏڻ واسطي "اميد جو رانديڪو" ڏيٺو پوي ٿو (پُڇ، ڇا مرد بہ اميد سان ٿيندا آهن؟)

رات ختم ٿي. صبح جو صورت ڏٺم. هتي آيس. پيار جو پرچم نظر نہ آيو ۽ هي خط نکي رهيو آهيان.... اڙي مومل ڪالھہ هڪ بجي تو کي عجب لڳو هوندو تہ نيم پاڳل (پوري پاڳل تون هوندينءَ) (يا نيم تون نيم مان. بئي ملائي پورو پاڳل ٿيو) هہ تہ نيم پاڳل ڇا ڪري رهيو آهي. يا تنهنجي لفظن ۾ "هي ڪهڙو چڪر آهي؟" ڳالهہ هيءَ ٿي تہ مان اسڪوٽر تي چڙهي وينس تہ ڪمپائونڊر پٺيان رڙ ڪئي تہ "صاحب! ترسو ترسو. اسڪوٽر جي پوئين ڦيٿي ۾ هوا ڪانهي. ڪاڏي ڪري پوندي (ائين ڪونہ چيائين تہ صاحب توهين ڪري پوندا) مون هن جي ڳالهہ ٻڌي بہ ۽ سمجهي بہ. پر رڪيس ڪونہ. چيومانس تون ٻينو رهہ. مان اڄهو ٿو اڄان ۽ دل چيم: سهارو ڏيڻ واري ۽ اٿارڻ واري سامهون ڳڙکيءَ ۾ موجود آهي. ڪرندي ڪرندي بہ هڪ جهلڪ تہ هن جي ڏسي وٺندس..... پوءِ جو ڪجهہ ڪيم سو تہ سائين جو ڏٺو ۽ سائين جن جي مسڪراهٽ ئي مون واسطي سڀ ڪجهہ آهي. مون مسڪراهٽ ڏٺي ۽ سڀ ڪجهہ ملي ويم.

منهنجي چين جي مسڪراهٽ! تون ڪيئن آهين. خط گهٽ ٿي لکين ۽ اڄڪلهہ "پيار جو جهنڊو" چو نظر نہ ٿو اچي. مون اهو ويچاري مُشڪي ڏنو تہ "جنگ جي محاذ" وانگر پاڻ بہ "محبت جو محاذ" قائم ڪيو آهي ۽ اهو آهي سماج وارن خلاف. جهڙيءَ ريت جنگ جي ميدان ۾ فتح جي نشاني طور جهنڊو بلند ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت اسان جي جهنڊي جو مطلب هوندو آهي تہ مخالفن مٿان ڪاميابي حاصل ڪري. اسين اڃ ملاقات ڪري رهيا آهيون. جهڙي طرح محاذ تي، هوائي جهازن کي Search Light ذريعي اشارا ڪيا ويندا آهن. اهڙي طرح رات جو تون بہ ٽارچ سان مون کي ملڻ جو اطلاع ڏيندي آهين. جنگ جي ميدان تي انسانن جو خون ٿيندو آهي. اسان جي حالت ۾ خواهشن ۽ امنگن جو قتل ٿئي ٿو. جاسوسي جنگ جو اهم حصو آهي. اسان جي پٺيان بہ تہ جاسوس ۽ دشمن آهن. (ڏرني وغيرہ) ارمان اهو آهي تہ انهن جاسوسن ۽ دشمن کي چاڻندي سڃاڻندي بہ ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهون. جو تہ پيار جي ڪا پوليس نہ ٿيندي آهي، محبت جي ڪا ملٽري نہ ٿيندي آهي. محبت ڪرڻ وارا اڪيلا هوندا آهن ۽ ساري دنيا سان هنن کي اڪيلو لڙڻو پوندو آهي. هنن لاءِ هڪڙو ئي رستو هوندو آهي. "پيار جا ڪوربلا" بڻجڻ........ اسان ڪيئي مورچا فتح ڪيا آهن. (بول: جيئي جيئي..... اسان جو پيار).

## ٢٠- سيپٽمبر ١٩٦٥ع:

پريم نگر ۾ ڪنهن ڳالهه تان رسي پئي ۽ پلنگ جي ٻئي ڪناري ڏانهن سرڪي وئي. ويڪرو پلنگ هو. مان آهستي آهستي سِرڪي وري وجي ساڻس لڳس. هوءَ اتان اٿي ڪرڙي تي ۽ وڃي ڪوچ تي ويٺي. مان مرڪندي هن کي ڏسندو رهيس. هوءَ منهن سجائي، نگاهون هيٺ ڪري ويٺي رهي، ٻه ٽي ڀيرا چيومانس ته واپس اچ. نه آئي. ڪجھ مهل ٻئي ماٺ ۾ رهياسون.

پوءِ مان اٿي وڃي ڪوچ تي هن جي پرسان ويٺس ۽ ڳراٽڙي پائڻ جي ڪوشش ڪيم. هن پاڻ ڇڏايو. هوءَ رنل رهي. ڪجھه پل ماٺ ڪري، مون زور سان ٺهڪ ڏنو ۽ چيم: "تون جواب ڏين نه ڏين، پر هينئر مون کي ذهن ۾ هڪ دلچسپ خيال آيو آهي، اهو ٻڌايانءِ ٿو..... جڏهن اسان ٻنهي جي شادي ٿي ويندي، تڏهن مان، اسان ٻنهي واري ڪمري ۾ ٻيو ڪوبه فرنيچر نه رکرائيندس. اتي فقط هڪڙو پلنگ هوندو، اهو به تمام سوڙهو هوندو، يعني رڳو ٽي فوٽ ويڪرو. اهو ان لاءِ ته جي تون مون سان رسين ۽ مون کان پري ٿيڻ چاهين، ته به پري ٿي نه سگهين. منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪندينءَ پر جسم مان جسم لڳل رهندو ۽ توکي وهڻ لاءِ ڪوچ به ڪونه هوندو!"

ان تي هوءَ به کل روڪي نه سگهي ۽ پوءِ پورو سنسار ٽهڪن سان گونجڻ لڳو.

## ٢٥- سيپٽمبر ١٩٦٥ع:

مومل کي لکيم:

ڏينهن جي روشني، رات جي تاريڪيءَ ۾ ٻڏي رهي آهي.

ٻلين جا سينا روشن ٿيندا وڃن.

هر آواز تي منهنجا ڪن ڪڙا ٿين ٿا.

هر پاڇو منهنجي اکين کي ترڪائي ٿو.

ڪَنَ: هي جي آهٽ جو سنگيت ٻڌڻ لاءِ بيتاب آهن.

نظرون: هن جي راهه ۾ وڇايل آهن.

هر آهٽ،

هر پاڇو،

منهنجي دل جي تارن کي ڇيڙي ٿو ڇڏي،
هيءَ ئي تہ وقت آهي هن جي اچڻ جو،
بهارن جي ڇانئجڻ جو،
هوءَ ڏهن ڏينهن کان اچي رهي آهي،
ڀرين دوا ونڻ ايندي هئي پر هاڻ،
هاڻ تہ دوا جو رڳو بهانو آهي،
اهو هوءَ بہ ڄاڻي،
مان پر ڄاڻان ٿو،
هاڻ تہ ڪا ٻي بيماري آهي، ڪو ٻيو وڳ آهي،
نہ، هيءَ نہ بيماري آهي، نہ روڳ آهي،
هيءَ تہ تندرستيءَ جي تندرستي آهي،
صحت جي صحت آهي،
ان تہ نئين جيون ڏني آهي،
نئين خوشي بخشي آهي.

●●●

اجهوءَ منهنجي هٿن ۾ لڪندي لڪندي لرزش اچي وئي،
منهنجي دل زور سان ڌڙڪي رهي آهي،
منهنجي رڳ رڳ ۾ رباب بنجي وئي آهي،
هينئر هوءَ منهنجي سامهون لنگهي اندر وئي.
ڪا جوت جرڪي:
جا فقط مون ڏٺي،
ڪا سرهاڻ مهڪي
جا رڳو مون محسوس ڪئي،
ڪو سنگيت گونجيو
جو صرف مون ٻڌو،
مان جلدي جلدي ڪم اڪلايان ٿو.
سيني کي ڏسي ڇڏيم،

هاڻي هوءَ اڪيلي آهي،
مان هن جي سامهون آهيان،
مرڪن جون مکڙيون ٽڙي پيون،
نظرن جا ڏيا ٻري پيا،
خوشيءَ جون لهرون ڊوڙڻ لڳيون،
هوءَ چُپ،
مان چُپ،
۽ هيءَ هٻڪار،
ها، هيءَ هٻڪار!
جا صرف هن جي آهي،
هن جي بدن جي آهي،
مون کي مدهوش بنائي ڇڏيندي آهي،
حياتي ان هٻڪار ۾ گذارڻ جي تمنا!

●●●

منهنجو هٿ هن جي ڪرائيءَ تائين پهتو،
نبض ڏسڻ لاءِ،
نہ، اهو صرف بهانو هو،
منهنجي هٿ جي پڪڙ مضبوط ٿي وئي،
هن شرمائي ڏٺو،
هوءَ ٿڙڪي رهي هئي،
مان ٿڙڪي رهيو هوس،
مون اهو هٿ پنهنجي چپن تائين پهچايو
۽ هن جي ٿڌي هٿ ۾
پنهنجي چپن سان
گرمي پهچائي
زندگيءَ جي، محبت جي،
اسان جي پيار جو پهريون ڏيو روشن ٿيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي جسم ڪنبندا رهيا.
نئين خوشيءَ کان آشنا ٿيا.
پوءِ هن ٻه منهنجي هٿ کي چميو.
دل جون لکين مکڙيون ٽڙي پيون.
جيون مرڪڻ لڳي.
خوشبون جهومڻ لڳيون.
نئون اجالو. نئين سرهائي. نوان انسان.
حجاب جا ڪکر هٽي ويا.
ڏاريائپ جون ديوارون مٽجي ويون.
چميم هن جي مرڪن کي.
ٻه روح آزاد ٿيا.
ٻه دليون آزاد ٿيون.
پيار جي آزاديءَ ۾.

●●●

گذاري مون اها رات سجاڳي ڀري ننڊ ۾.
۽ ننڊ ڀري سجاڳيءَ ۾.
هيءَ ٿي اهو آتم ڏينهن آهي.
ٻه سال گذري ويا.
پيار جي طوفان ۾.
خوشيءَ ڀريا طوفان. جيون ڀريا طوفان.

●●●

انهن ٻن سالن ۾.
مون جي خوشيون ڏٺيون.
مون جو حياتيءَ جو مزو چکيو.
مون جيترو ڪم ڪيو. جيتري محنت ڪئي.
مون ۾ جيتري انسانيت پئدا ٿي.

مون جا انسانن ۾ دلچسپي ورتي،
مون کي جيتري هيءَ دنيا سندر نظر آئي.
مون جيترو جيون کي ڪشش وارو محسوس ڪيو.
عمر جي ٽيهن سالن ۾ ايترو ڪجهہ نہ ٿيو هو.
هي سڀ ڪجهہ
۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ
پيار جو ڏنو آهي.
محبت جي سوغات آهي.
هڪ چوٽي ٻڌي هئم:
"جيئو ۽ جيئڻ ڏيو"
ان جي جڳهہ تي مون سوچيو: هجڻ گهرجي:
"پيار ڪريو ۽ پيار ڪرڻ ڏيو"
پيار لاءِ آزادي.
پيار لاءِ پيار.
آزاديءَ لاءِ پيار.
پيار آزادي آهي.
آزادي پيار آهي.

●●●

اڄ بہ اهو ئي ڏينهن آهي.

ڏينهن جي روشني، رات جي اوندهہ ۾ ٻڏي رهي آهي. بلبن جا سينا روشن ٿيندا وڃن.

اڄ سالگره آهي:
اسان جي پهرين چميءَ جو!
٢- آڪٽوبر ١٩٦٥ع:

(مومل جو هي خط پهتو) منڙا پنهل! مون کي اڄ ڪنڌ ۾ ڪابہ تڪلف ڪانہ هئي. اهو تہ فقط بهانو بنايو هوم تہ ڪنهن طرح توکي اطلاع ڏيان تہ ... واري پروگرام موجب مان پريم گهر اچي ڪونہ سگهنديس. ان ڪري ...

ياٿيجي کي اسڪول مان گهرايم ۽ تنهنجي اسپتال ڏي نبڊڙي چني ڏياري موڪليم تہ مان بيمار آهيان ۽ ايتري تڪليف اٿم جو ٻاهر نڪري نہ ٿي سگهان ۽ دوا موڪليم. پاٿيجي اسڪول مان اچڻ ۾ دير ڪئي. تيستائين تنهنجي سواري پريم نگر رواني ٿي چڪي هئي. هن واپس اچي ٻڌايو تہ ڊاڪٽر ڪنهن بيمار کي ڏسڻ واسطي ٻاهر نڪري ويو هو. مون کي ڏاڍو صدمو رسيو تہ توکي ڪيڏي نہ پريشاني ڏسڻي پوندي. پنهنجي بيوسيءَ تي بي اختيار رئڻ اچي ويو. ٻہ سال ٿي ويا آهن ان ڪشمڪش ۾ سوچيو هوم تہ اڄ توسان ان باري ۾ فيصلو ڪندس. مون کي ان جو جواب ڏي تہ آخرائين ڪيستائين رهندو جو مان ملڻ جي ڪوشش ڪندي رهان. هر ڳالهہ جي ڪا حد ٿيندي آهي. ڳالهہ نہ لڪل رهي آهي نہ لڪل رهندي. ڪي ماڻهو دوست جي روپ ۾ دشمن بہ ٿي سگهن ٿا. هن مهل تائين تہ بچيا رهيا آهيون، پر ڪنهن بہ وقت ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. تون تہ مون تي ٿي رکندو آهين ۽ هر بار چوندو آهين تہ مومل پنهنجي ماءُ کي راضي ڪر. توکي تہ خبر آهي تہ پنهنجو مڱڻو ٿي ويو آهي. اما کي تہ مان ٻہ ٿي پيرا لڄ لاهي منٿ ڪئي آهي. پر هن جو چوڻ تہ اهو ٿي هوندو آهي تہ ذات کان ٻاهر شادي ٿي نہ ٿي سگهي ۽ جي ڪجهہ ٿي سگهي ها تہ مڱڻي کان اڳ چو نہ ٿي چئي. هاڻي تہ مون بہ سوچيو آهي تہ تنهنجي بزدلي منهنجو سر نيندي. ڳالهہ تہ صاف ظاهر آهي تہ رشتي جي ڳالهہ منهنجن وڏن سان توکي چورڻ کپي.

اهو تہ پتو اٿم تہ جيستائين مان توسان ملندي رهندس توکي احساس نہ ٿيندو. دل ۾ چوندو هوندين تہ اول ٿي هڪ مان ڦاسي ويو آهيان وري ٻيءَ بہ ٿي گلي پوي. مان تنهنجي جڳهہ هجان ها تہ توکي ڏيکاريان ها تہ پيار ڪرڻ وارو آرام سان ماٺ ڪري نہ وهندو آهي. جيستائين وڃي پنهنجي منزل حاصل ڪري. سوچي سوچي منهنجو دماغ تہ خراب ٿو ٿي پوي. تون مونکي چوندو آهين تہ جي تو ڪنهن ٻئي سان شادي ڪئي تہ مان توکي ڪڏهن معاف نہ ڪندس. ان چوڻ مان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ ڪوشش سان انسان ڇا حاصل ڪري نہ ٿو سگهي. مان بہ ماٺ ڪري ڪونہ ويٺي آهيان، پر تنهنجي طرفان بہ ڪجهہ ٿيڻ کپي.

منهنجيون مجبوريون ڏس تہ جڏهن ڏنم تہ گهران نڪري نہ ٿي سگهان تہ اڄو ڪو پروگرام بيهي نہ سگهيو ۽ پاٿيجي کي بہ هرويرو تو ڏي موڪليم تہ سمجهي وڃين.... پر ڏس منهنجا سائين، تڏهن بہ معافي ٿي گهران، توکي ڪيڏي

نہ پريشاني ۽ نا اميدي ٿي هوندي. معاف ڪئي نہ. هٿ ٿي جوڙيان!

## ٨ - آڪٽوبر ١٩٦٥ع:

(منهنجو مومل ڏي خط): مومل منڙي! مان توکي اهو ٻڌائڻ ٿو گهران تہ تنهنجو اهو خيال غلط آهي تہ ڪو مونکي توتي ڪاوڙ آهي. توکي ٻڌي عجيب لڳندو تہ ان ڏينهن اشاري واري جهنڊي کي هٿيل ڏسي ۽ اهو چڱي طرح محسوس ڪري تہ تون اڄ اچي نہ سگهندينءَ، ان هوندي بہ مان مقرر وقت تي جاءِ تي پهتس ۽ انتظار جو ڪلاڪ اتي ويٺو رهيس. هئي تہ اها سنئين سڌي ديوانگي. پر مون ائين ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ئي آگ ۾ جلائڻ چاهيم.

تنهنجي ملاقات جو شوق ۽ اوسيڙو تہ سدائين مونکي رهندو آهي. پر هن گڏجاڻيءَ واسطي مونکي خاص شوق ۽ اوسيڙو هو. ڪافي عرصي کان اسانجون ملاقاتون مختصر ٿينديون ٿي رهيون. جيءُ پري ڳالهيون ڪرڻ جو موقعو نہ ٿي مليو. هيءَ ڊگهي ملاقات ٿيڻي هئي. ان خوشيءَ ۾ رات جو ننڊ گهٽ آئي. ڪيتريون ئي ڳالهيون توسان ڪرڻ لاءِ سوچيون هئم. ڪجهہ ڏک ڏوراپا، ڪجهہ پيار پريو رعب، ڪجهہ مٺيون مٺيون ڌمڪيون ۽ جئن تو لکيو آهي، پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڪو قطعي فيصلو ۽ اهو تہ توکي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي ان باري ۾.

تنهنجو صبح جو ڏهين بجي جو پروگرام ڏنل هو. ساڍي نوين بجي مان پريم نگر ڏانهن روانو ٿيڻ لاءِ اٿڻ وارو هوس تہ هڪ ماٺهو پنهنجي گهر ۾ مريض ڏيکارڻ لاءِ مونکي وٺڻ آيو. ڏاڍي ڏکي ڳالهہ لڳم. سوچيم تہ ان مريض ڀنيان مونکي اڌ ڪلاڪ کان وڌيڪ لڳي ويندو. مون نہ ٿي چاهيو تہ تون پريم نگر پهچين ۽ تالو چڙهيل ڏسي نااميد ٿين يا گهٽين ۾ ڦرندي منهنجي راهہ ڏسندي رهين يا ڪٿي ويهي رهين ۽ ڪو تو ڏانهن اشارا يا ڇيڙڇاڙ ڪري. مان نہ ٿو چاهيان تہ ڪو توکي ٻين جي دروازن وٽ بيٺل ڏسي ۽ سڄاڻي چوي تہ ڊاڪٽر جي پريتما هتي ڇو؟ بهرحال ان همراهہ کي بهانو ڏئي موٽائي ڇڏيم ۽ چيم تہ شام جو هلي مريض کي ڏسندس. ندامت جو احساس بہ ٿيم. ڪمپائونڊر کي چيم تہ مان ڪنهن ضروري ڪم سانگي وڃي رهيو آهيان ۽ وري واپس اچي ڪونہ سگهندس. انڪري ڪنهن بيمار کي منهنجي لاءِ نہ ترسائجانءِ. پوءِ هن کي سمجهايم فلاڻي فلاڻي بيمار کي فلاڻي فلاڻي دوا ڏيڻي آهي.

اميدن ۽ امنگن سان پرجي اتي ڪڙو تيس. دروازي وٽ پهچي تنهنجي ڇت ڏانهن پڇاڙڪي نگاهہ مٿي ڪنيم. پر هي ڇا..... منهنجي خوشين جو قلعو پاش پاش ٿي چڪو هو. صبح جو ائين بجي اسپتال پهچڻ وقت جنهن جهنڊي کي آسمان جي بلندين ۾ لهرون هڻندي ڏٺو هوم. سو هينئر غائب هو. ان محاذ تي اسين شڪست کائي چڪا هئاسين. منهنجا پير مٿين ڳورا ٿي ويا. دل ٻيهي رهي. دماغ بيڪار ٿي ويو. پر نہ. نہ هارٽ فيل ٿي ۽ نہ بيهوش ٿي ڪريم. جيئوٽيڪ سمجهي ويس تہ جهنڊي هٽڻ جو مطلب آهي تون ڪونہ اچي سگهندينءَ. پر مان شڪست ڏسي واپس نہ مڙيس. ڪمپائونڊر کي فقط ايترو چيم تہ مان هڪڙي ڪلاڪ اندر موٽي ايندس. ٻاهر نڪري، رڪشا ڪري پريم نگر پهتس. ڪلاڪ تائين پنهنجو پاڻ کي پوسرائيندو رهيس. اهوئي خيال هوم تہ پنهنجي دل کي جلائي رک ڪري ڇڏيان تاڪ ان ۾ احساس جو مادو ئي ختم ٿي وڃي. جيئن سنياسي تپسيا ڪندا آهن ۽ جبلن ۾ وڃي پنهنجي جسم کي ايذاءُ ۽ تڪليفون ڏيندا آهن. اهڙي طرح پنهنجي اميدن جو جنازو ڪڻي اتي ويس ۽ ان گهر ۾ اميدن جي قبر ناهي تڙقندو رهيس.

پوءِ ارادو ڪيم تہ اڪتي ڪڏهن بہ. نہ تنهنجي درشن لاءِ انتظار ڪندس ۽ نہ طواف واسطي ايندس. اها سزا تنهنجي لاءِ نہ هئي. پر پنهنجي پاڻ خاطر. انهن وٽن ۾ مونکي جا لذت ملندي آهي. ان ڪان پنهنجو پاڻ کي وانجهو رکي. پاڻ کي جلائڻ ٿي چاهيم.

تو پنهنجي خط ۾ مونکي بزدليءَ جو طعنو ڏنو آهي. تنهنجو اهو فيصلو ٿو معلوم ٿئي تہ شاديءَ لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. ڇو تہ ائين لڪي ڇپي ملاقاتون ڪندي ڪندي تون مجبور ٿي پئي آهين ۽ ائين ڪرڻ ۾ خطرا بہ آهن. ڳالهہ صحيح آهي. مان شاديءَ جي ڳالهہ ڇورڻ واسطي جو طريقو توکي ٻڌايو. تون ان سان يڪراءِ نہ آهين. هاڻي سچو دوست اچي تہ هن کي تنهنجي پيءُ وٽ پيغام ڏئي موڪليندس. خبر ناهي ڪهڙو جواب ملي. پر ان مان بہ نتيجا پيا بہ نڪري سگهن ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ توتي پابنديون وڌايون وڃن يا تنهنجي مڱيندي سان تنهنجي شادي فوراً ڪرائي وڃي.

## ١٢ - ڊسمبر ١٩٦٥ ع:

اڄ مومل جي خوشيءَ جي نئون رنگ ڏٺم..... دوستن جون جڳهيون ڪڏهن ڪڏهن نہ ٿي ملي سگهيون. ٻيون ڪي دشواريون پيش ٿي آيون. انڪري هڪ گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسواڙ تي ورتو اٿم. ان گهر ۾ اڄ پهريون پيرو ملياسون.

اڃڻ سان، ان کي صفا پنهنجو گهر سمجهي. هڪ سگهڙ گهر واريءَ وانگر مومل ان جي صفائي ڪئي. پهرين پتين جي چند ڦوڪ ڪيائين. پوءِ فرش تي ٻهاري ڏنائين. آخر ۾ رئو چيلهه سان ٻڌي، وَرَ ڪٽي، پاڻيءَ جون بارديون پري، سڄي گهر کي خوب ڌوتائين.

مان هن کي حيرت، خوشي ۽ پيار جي جذبن سان ڏسندو رهيس.

هوءَ مسرت ۽ مرڪ پرئي مکڙي سان ڪم ڪندي رهي. ڪاٻه هٻڪ، حجاب يا گهٽتائي محسوس نه تي ڪيائين. سردي به ڏاڍي هئي ۽ هوءَ ٿڌي پاڻيءَ سان ڪم ڪري رهي هئي.

"هي ته اسانجو پنهنجو گهر آهي، تنهنجو منهنجو گهر آهي، اسانجي پيار جو گهر آهي. اسين هن کي پيار جو گهر ڪوٺينداسين." هوءَ ڪم ڪندي، مرڪندي، چوندي رهي.

پوءِ هن چانهه ناهي، ڪوپ پري مونکي ڏنائين. مان پيڻ لڳس. هوءَ بورچيخاني ۾ ٽيڙ نيڪ ڪندي رهي. مان چانهه جو ڪوپ خالي ڪري چڪو هوس ته هوءَ به اچي منهنجي پرسان کٽ تي ويٺي ۽ چانهه پيڻ شروع ڪيائين. پهريون ڍڪ پري هڪدم رڙ ڪري چيائين:

"اڙي هيءَ ته ڦڪي آهي، هن ۾ کنڊ وجهڻ وسري ويم!"

"ڦڪي آهي" مون عجب مان پڇيو.

"توکي ڦڪي نه لڳي" تون ته ساري پي وئين." هن پڇيو.

"اها ته مني هئي، مونکي ڦڪي لڳي ها ته رڙ ڪونه ڪريان ها." مون چيو.

"پر مون کنڊ وڌي ئي ڪانهي، هوڏانهن ڏس، کنڊ جو ڊٻو اڃا کوليوئي ڪونه اٿم."

"سچي پچي. پوءِ ته اڄ منهنجو چوڻ صحيح ثابت ٿيو ته جنهن شيءِ کي تنهنجو هٿ لڳندو، سا مني ٿي پوندي!"

پوءِ اسين ڪيترو وقت کلندا رهياسين.

سرديءَ ۾ سوڙ جو اڄ جهڙو مزو ڪڏهن نه مليو هو. ريڊيو به آٽي هتي رکيو هوم. اهو وڄي رهيو هو. جڏهن "هِڏڪيءَ" وارو لوڪ گيت وڄڻ لڳو ته مومل اوچتو اٿي جهمر هڻڻ لڳي. مان وري هن کي حيرت وچان ڏسڻ لڳس. مونکي هوءَ

اڃا بہ وڌيڪ پلي نکي رهي هئي. اڄ هوءِ بي انتها موج ۾ اچي وئي هئي ۽ منهنجيون خوشبون لفظن جو روپ وٺي نہ ٿيون سگهن.

هيءَ ڪهڙي خوشي آهي.

هي ڪهڙو جادو آهي،

هي ڪهڙا ناتا آهن!

اڄ هڪ ٻي ڳالهہ بہ ٿي. پهريون ڀيرو اسين هڪ ئي رڪشا ۾ گڏ ويناسين. وڃڻ وقت اونداهہ ٿي وئي هئي. چيائين: "مونکي ڊپ ٿو ٿئي. تون بہ گڏجي هل." ٻئي گڏ سوار ٿياسين. پنهنجائپ جو نئون احساس اڀريو. هن جو گهر ويجهو اچڻ تي مان لهي ويس.

## ١٩ - ڊسمبر ١٩٦٥ع:

(مومل کي خط لکيم): ڊارلنگ! سوچي رهيو هوس ۽ تصور ڪري رهيو هوس تہ تون هن گهڙيءَ ڪٿي هوندينءَ ۽ ڇا ڪري رهي هوندينءَ. ڪهڙي حال ۾ هوندينءَ. ڪپڙا ڪهڙا پاتا هوندءِ..... پر منهنجو تصور مس ڪان خالي فائونٽين پين وانگر. ڪوئي ڪم نہ ٿو ڪري. ڀلا مون اهي جڳهيون ڏٺيون ٿورئي آهن. جتي تون وئي آهين پڪنڪ ملهائڻ. انڪري دماغ ۾ ڪو نقشو ئي نہ ٿو ٺاهي سگهان.

ٿي سگهي ٿو تون هن وقت ڪوئيٽا جي بزارين ۾ هجين يا پهاڙن تي برف جي وچ ۾ سير ڪري رهي هجين ۽ مونکي خوشي فهمي بہ ٿي رهي آهي تہ مونکي ياد بہ ڪري رهي آهين. بس تون خيريت سان ۽ موج ۾ هجين. سردي اڪيلو ڏسي توتي حملو نہ ڪري. تڏهن بہ منهنجي ياد. يعني ڊاڪٽر جي ياد جي گرمي توکي ٿڌ کان بچائي سگهي ٿي ۽ تنهنجا ڪپڙا......... شايد نارنگي وڳو پهريو هجئي. يا سائي چيٽ وارو چولو. يا شايد نيرو سوٽ. يا اڇي سلوار يا. يا. يا پنو نسي ڪهرو فراڪ!

منڙي! تون ايترو پري وڃي منهنجي اڃا بہ وڌيڪ ويجهو اچي وئي آهين. ڪهڙو عجيب احساس ٿي رهيو آهي. اهو احساس تہ تون منهنجي جيون جو ڪيترو لازمي حصو بنجي چڪي آهين. هن وقت اهو شدت سان محسوس ٿي رهيو آهي. تو کانسواءِ مان اڌورو آهيان. تون آهين تہ هر چين، هر ڪم، هر چرپر ۾ هڪ انوکو لطف. هڪ انوکي خوشي پيدا ٿي پوندي آهي. هلندي هلندي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ تہ ڪي بيحد پياريون پياريون اکيون. ڏاڍي شوق ۽ محبت پرين نگاهن

سان ليا پائي رهيون آهن. پل پل نظرون مٿي کڄي ٿيون وڃن. شايد پيار جو پرچم نظر اچي وڃي..... تون هتي نه آهين تڏهن به منهنجي نيڻن، منهنجي دل، منهنجي نس نس ۾ اهوئي شوق، اهوئي اوسيڙو موجود آهي. هاڻي به اٿي ڪيترائي مرتبا مٿي ڇت ڏانهن نهاريندو آهيان. پنهنجي "چنڊ" کي ڏسڻ لاءِ انتظار ڪندو آهيان. اسڪوٽر جو "ٽون ٽون" جو پڙاڏو دستور موجب تنهنجي گلين ۾ گونجڻ لڳندو آهي.

هڪ "صفا آزاد نظم" ته لکانءِ:

نگاهون جي پيتين تي نشان ڪري ٿيون سگهن.
تون ڏسجانءِ پنهنجي گهر جي پيتين تي.
ڪنهن جو شوق پريون نگاهون.
ڪيترا هزار ڀيرا ٽڪرايون هيون.
هوائون، جي تنهنجي ڇت مٿان لنگهن ٿيون.
جي پکي پرندا اتان اڏاميا آهن.
مٿان ۾ يا چون چون ٻوليندا، يا ٽڙ ٽڙ ڪندا.
جي ڇت تي روشنيون ٿيون.
يا اونداهيون.
سڀ توکي ٻڌائي سگهن ٿيون:
ڪو نظرن ۾ پيار پري،
من جي گهراين مان.
زندگيءَ جي مسرور ترين تصور سان
ڏسندو رهيو. ڏسندو رهيو. ڏسندو رهيو.
پيتين جا ٿيندا آهن ڪن،
جي هجي ها انهن کي زبان.
ته تنهنجي گهر جون ديوارون.
ٻڌائن ها توکي تفصيل سان.
انهن روزانو رات جي تاريڪيءَ ۾.
ٻڌو آهي باقاعدگيءَ سان هو ساز.
"ٽون، ٽون" جو انتظار پريو آواز.

## ٢١ - ڊسمبر ١٩٦٥ع:

(ساڳيو خط هلي پيو): ڀڏاءِ تون هن مهل ڪٿي آهين. منڙي؟ ۽ ڇا ڪري رهي آهين؟ هينئر هينئر تنهنجي ڇت ڏانهن نهاري وينو آهيان. هاڻي مٿي نهارڻ سڪي ويو آهيان. منهنجو ڳاٽ هاڻي اوچو رهي ٿو. اميد جون مڪڙيون ڦنندي ڦنندي منهنجي دل ۽ دماغ، ڌرتي ۽ آڪاس جي وچ ۾ پــرجي ويون. دل جي شــوق پڪــاريو: باقي چار ڏينهن آهن. پنجويهه تاريخ ڀيا ماڻهو رمضان جي چنڊ جي تلاش ڪندا ۽ مان پنهنجي چنڊ جي انتظار ۾ بيٺو هوندس. ان ڏينهن تون اسڪول جي ڇوڪرين سان گڏجي پڪنڪ تان واپس موٽنديءَ.

ڀڏ. ان ڳالهه بابت ائين ٿيو جئن تو مذاق ۾ چيو هو. تنهنجي وڃڻ جي ٻئي ڏينهن تنهنجي پيءُ ونءُ تہ دوا آئي هئي. پر مون کي يقين آهي تہ هوءَ اهو ڄاڻڻ آئي هئي تہ ڪٿي هي ڪمبخت وڃ رستي. تان اسان جي ڇوڪريءَ کي اڏائي نہ ڪونہ ويو. ٻئي ۽ ٽئين ڏينهن پڻ آئي. مون ڪان ڇُڪ تي وئي نہ تہ هينئن ڪريان ها جو تنهنجي وڃڻ جي ٻئي ڏينهن اسپتال مان غائب رهان ۽ ڪمپائونڊر کي چئي وڃان ها تہ مومل جي گهر جو ڪو ماڻهو دوا ونڻ اچي تہ ڀڏائجانس تہ ڊاڪٽر صاحب ڪالهہ کان ٻاهر ويل آهي. ڏاڍو مزو ٿئي ها. تنهنجا مائٽ ٽرٽلي ۾ اچي وڃن ها. شايد فون ڪيو وڃي ها. يا تار ڪئي وڃي ها تہ مومل موجود آهي يا وڃ رستي تي اغوا ٿي وئي. جي پيار نہ تا ڄاڻن. يا جن پيار نہ ڪيو آهي، سي فقط جسمن کي ئي ڏسن ٿا. جسمن کي دور ڏسي، هنن کي اطمينان ٿي ٿو وڃي تہ هي الڳ الڳ آهن. هو اهو ڇو نہ ٿا ڏسن تہ منهنجو من، منهنجي دل، منهنجو دماغ هن مهل بہ مومل وٽ آهي. هن ڪان جدا نہ آهي. مون کي ائين محسوس ٿي رهيو آهي جڻ تہ مومل منهنجي پاسي ۾ ويٺي آهي. ڏس، اهو سوچيندي ئي تنهنجي سرير جي سڳنڌ جون بهارون اچي پهتيون.

## ٢٣ - ڊسمبر ١٩٦٥ع:

(ساڳيو خط جاري): منڙي! اڄ وري آڪاس تي ڪڪرن جو قبضو آهي. ٿڌي هوا پئي لڳي. اڪيلو وينو آهيان. تنهنجي ياد سان پاڻ کي گرم پيو ڪريان. تيرهين ڊسمبر وارو ڏينهن سدائين ياد رهندو. هي ماڻهو، جي اسان کي برو سمجهن ٿا ۽ بدنام ڪندا رهن ٿا. اهي ان ڏينهن جو نظارو ڏسن ها..... مومل پنهنجي

ريشمي پوشاڪ جي پرواهہ ڪرڻ بنا. اينري سرديءَ هوندي، ٿڌي پاڻيءَ سان هڪ غير شخص جو گهر (سماج لاءِ اسين هڪ ٻئي لاءِ غير ئي تہ آهيون) ڌوئي رهي آهي. پتيون صفا ڪري رهي آهي. ائين ڪرڻ ۾ نہ هٻڪ محسوس ڪري ٿي ۽ نہ بيعزتي سمجهي ٿي. هن جي منهن مان تہ خوشي ۽ فخر جهلڪي رهيا آهن. جنهن ڇوڪريءَ جو مقصد صرف عيش هجي ها. اها ائين ڪيئن ڪري ها..... ۽ مان سچ پچ خاوند بنيو. ڪٽ تي پلٿي ماريو ويٺو آهيان ۽ هن ڏي خوشي، حيرت ۽ پيار سان ڏسي رهيو آهيان. مومل مرڪندي، رهاڻيون ڪندي، ڪم ڪري رهي آهي.

هيءَ ڏيک تہ سدائين لاءِ نقش ٿي ويو ۽ ان ١٣- ڊسمبر تي اسين ٻئي هڪ ئي رڪشا ۾ ونڊسون ۽ پهريون ڀيرو گڏ سوار ٿياسين. اڳ ۾ هڪ ڀيري هڪ ئي جيپ ۾ سوار ٿياهئاسين. پر وڃا جدا هئاسين.

## ٢٧- جنوري ١٩٦٦ع:

هاڻي پنهنجو گهر آهي. ان جون چابيون مومل کي ڏئي ڇڏيون اٿم تہ ڪڏهن رکيل پروگرام موجب مون کي دير ٿي وڃي تہ پاڻ تالو کولي اندر ويهي رهي.

مومل جي ساهيڙي طوطيءَ جو هڪ ڇوڪرو سنگتي آهي. هو پرٽيل ۽ ٻارن ٻچن وارو آهي. طوطيءَ هن جي زال وٽ اچ وڃ ڪري هن سان ساهيڙپ رکي ڇڏي آهي. اهڙي طرح هوءَ پنهنجي سنگتيءَ جي گهر ايندي ويندي آهي. مومل بہ چاهيو ٿي تہ هوءَ بہ منهنجي زال سان واقفيت وڌائي، جئن هن کي منهنجي گهر اچڻ وڃڻ جو بهانو ملي. پر مون ان خيال جي مخالفت ڪئي.

ٻہ ٽي ڀيرا ائين ٿيو جو مومل سان پريم نگر منهنجو پروگرام هو تہ طوطيءَ بہ پنهنجي سنگتيءَ سان اچي نڪتي ۽ هن کي پنيون ڪمرو ڏيڻو پيو. مون کي اها ڳالهہ نہ ٿي وڻي ۽ مومل کي چيم تہ ڪنهن نموني طوطيءَ کي ائين ڪرڻ کان منع ڪري جو اهو گهر اسان کي بہ اوڌر جو هو. ٻہ ٽي ڀيرا مومل اهو بہ ٻڌايو تہ هوءَ طوطيءَ جي ان سنگتيءَ سان، برقعي اندران ڳالهائيندي آهي. مون هن کي روڪيو تہ هن سان سامهون اچڻ يا ڳالهائڻ جو ضرور ڪونهي. وري بہ ڪنهن هنڌ هن سان مومل ڳالهايو. هوءَ اهڙيون ڳالهيون مون کان لڪائي نہ سگهندي آهي ۽ پاڻ ئي ٻاسيائين. ان تي مون هن کي ڏاڍي ڇنڊ ڪئي. منهنجو ڇوڻ هو تہ غلط ماڻهو اهڙي حالت ۾ غلط فائدو وٺي سگهن ٿا يا بلئڪ ميل ڪري سگهن ٿا. هن اها ڳالهہ مڃي ۽ وري ائين نہ ڪرڻ جو واعدو ڪيائين. هن مون کي اهو بہ چيو تہ تون مون سان

سچو ۽ لکن ۾ هڪ آهين. ٻين ساهيڙين جي عاشقن بابت هن جو اندازو هو تہ اهي اوباش قسم جا آهن. هن اهو بہ ٻڌايو تہ هن جي ڪن سهيلين کي ٻہ ٻہ ٽي ٽي يار بہ آهن.

اڄ جيڪو هن جو خط پهتو آهي، سو هن ريت آهي: جاني! مان توکان هيءَ ڳالهہ لڪايان تہ لڪائي بہ سگهان ٿي. پر منهنجو اندر مون کي ڇهنڊڙيون هڻندو رهندو. اهو احساس ٿيم تہ غلط ڪم ڪيو اٿم ۽ تون ڏاڍو ناراض ٿيندين ۽ تون ناراض ٿيندو آهين تہ منهنجي جان نڪري ويندي آهي. پر مان بہ تہ مجبور هئس. طوطيءَ جا اسان تي هزار احساس آهن. هن جي ڪري ئي اسان جو ايترو ميل ميلاپ ٿيندو رهي ٿو. بهانا ڪري ۽ اما کي پلستر لڳائي، مون کي گهر مان ڪڍندي آهي. پوءِ پاڻ پنهنجي گهر يا ڪاليج هلي ويندي آهي ۽ مان "پيار گهر" پهچي ويندي آهيان. يا مان اما کان اها موڪل وٺي نڪرندي آهيان تہ طوطيءَ وٽ ٿي وڃان. پوءِ هن جي گهر وڃي، هن کي توسان ملڻ جو پروگرام ٻڌائي، پيار گهر پهچي ويندي آهيان ۽ پنيان جي سنڀال جو هن جو ذمو هوندو آهي. هوءَ منهنجا نياپا توکي پهچائيندي آهي يا خط ڏيندي آهيانس، جي ٽپال جي دٻي ۾ وجي وجهندي آهي. هن کي اسان جا سڀ راز معلوم آهن. هن بري وقت ۾ منهنجو ساٿ پئي ڏنو آهي، ايتري قدر جو پنهنجي چتر زبانيءَ سان امان کي ناري ڇڏيندي آهي. يا تہ اسين بہ ٻين کان ڪم نہ وٺون، جو هلندڙ حالتن ۾ محال ٿو ڏسجي.... ايتري ڪٿا ورجائڻ جو ضرور ان ڪري پيو طوطيءَ کي خبر آهي تہ مون وٽ گهر جون چاٻيون آهن. هن مون کان گهريون ۽ مان کو بهانو نہ ڪري سگهيس. هوءَ پنهنجي سنگتيءَ سان ان گهر ۾ ملاقات ڪري آئي.... ڏس، ڏس، گهٽو ناراض نہ ٿجانءِ.... پر مان توکي پرچائڻ جاڻان ٿي. توکان بہ تہ مون کي ڏسي ڪاوڙ وسري ويندي آهي.

جاني! گذريل گذجاڻيءَ جا خمار اڃا ڪونہ لٿا آهن. اهڙين خوشين ۽ راحتن جو مون ڪڏهن تصور بہ ڪونہ ڪيو هو. اها اسان جي بهترين عيد هئي. اها پهرين عيد هئي جو خود عيد ڏينهن اسان خلاصا ملي سگهياسين. پنهنجو گهر جو آهي. رات جو دير دير تائين انهن خوشين جو تصور ڪندي رهان ٿو. پر هڪڙي ڳالهہ آهي. جيستائين تنهنجو خيال رهي ٿو تہ ڏاڍو مزوٿو اچي، پر جڏهن مستقبل جي تصوير ٿي اکين ۾ گهمي تہ ڏکي ٿي وڃان.

ڊاڪٽر Eustace Chesser جي ڪتاب Cost of Loving جا هيٺيان نُڪر ڏيان ڇڪائيندڙ آهن:

...... مذهبي پيشوائن، ڊاڪٽرن، نفسيات ۽ جنسيات جي ماهرن، شادي ڪرائڻ وارن ادارن، دوستن ۽ مائٽن، رسالن ۽ ڪتابن جي مشورن هوندي به نڪاح ٽٽندا رهن ٿا، شاديون ناڪام ٿينديون رهن ٿيون.

...... سماج جي اخلاقي ماپن موجب اسان کي ان وقت پيار ٿيڻ کپي، جڏهن اسين پرڻجڻ لاءِ آزاد هجون. پر قاعدي يا قانون موجب هلي پيار ڪونه ٿيندو آهي. نه اها چونڊ اسان جي هٿ ۾ هوندي آهي ته اسين ڪنهن کي پيار ڪريون ۽ نه پيار اهو ڏسندو آهي ته اسين پرڻيل آهيون يا ڇڙا.

...... جنسياتي خواهش ۽ پيار ۾ فرق آهي. پيار جي حالت ۾ جنسياتي خواهش جي پورائيءَ سان پورو لطف ملي ٿو. ..... پيار ۽ پيار جي مڪاميلي جهڙي خوبصورت شيءِ دنيا ۾ ٻي ٿي ئي نه ٿي سگهي. اهڙي خوبصورتي پاپ ٿي نه ٿي سگهي. ان سان جو پاپ جو پوت ٻڇيو ٿو وڃي، سو ان خوبصورتيءَ تي ڪوجهو داغ آهي. اها دل جي چاهنا ۽ جسم جي ضرورت آهي ۽ دنيا ۾ ٻي ڪابه وَٿ اسان لاءِ ايترو لطف ۽ لذت ميسر ڪندڙ نه آهي.

..... سماج جا قانون سائنسي ۽ سياويڪ نه هجڻ ڪري، سدائين انهن جي پڇڪڙي پئي ٿئي. جي ماڻهو سچ پچ انهن تي هلن ٿا، سي ذهني مريض بڻجي پون ٿا ۽ پيڙا پوڳين ٿا.... ..... هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن سان هڪ ئي وقت پيار ٿي سگهي ٿو.

...... پيار جي پوک اهو نه آهي ته اسين ڇا ٿا محسوس ڪريون، پر ڇا ڪريون ٿا. پيار "ڏيڻ" آهي.

## ١٥ - مارچ ١٩٦٦ع:

ڇڪاس ڪوٺڙيءَ ۾ کهڙيس ته رابيل کي وينل ڏٺم. مون ۾ خوشيءَ ڀري اميد جاڳيءَ ۽ دل ڌڙڪي ته مومل وٽان ڪو نينهن جو نياپو آيو هوندو. آجيان ۽ ڪيڪار کان پوءِ پڇيومانس:

"مومل ڪيئن آهي؟"

"توهان کي مومل کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪجهه به نظر اچي ٿو!" هن مرڪندي ۽ شرمائيندي وراڻيو.

هي ڇوڪريون اهڙي قسم جا ٻوڪ مون سان ڪنديون رهنديون آهن. هن ڪي اهي ٻوڪ وڻندا آهن ۽ انهن ڪي مومل سان پنهنجي محبت جي تصديق سمجهي فخر محسوس ڪندو آهيان.

"هوءَ چيز ئي اهڙي آهي." مون خوش ٿيندي چيو.

"پر اڄ مان مومل طرفان نه آئي آهيان." رابيل مرڪڻ ۽ شرمائڻ جاري رکندي چيو.

مون کي ٿوري نا اميدي ٿي.

"ڇا تنهنجو ڪو ڪم آهي؟ ڪا بيماري سيماريءَ جي ڳالهه آهي؟" هن سوال ۾ به منهنجي دلچسپي قائم رهي. مان مومل جي ساهيڙين جي ڪم اچڻ ۾ سرهائي محسوس ڪندو آهيان. ان کي عيوضو سمجهندو آهيان، هن جو اسان جي مدد ڪرڻ جو.

"ڇا ڊاڪٽر ۾ رکو بيماري سيماريءَ ۾ ڪم پوندو آهي؟ مون کي ڏسو. ڇا مان بيمار لڳان ٿي؟"

مان هن جي نيٽڻ ڏي نهاريو. رابيل هڪ پل مون کي چتائي ڏٺو ۽ اکيون جهڪائي ڇڏيائين. ڇاهوءَ ڪا شرارت ڪري رهي آهي، مون کي ڇيڙي رهي آهي. مان هن جي هلت چلت ۽ گفتگو ٻڌي، اول ئي ويچاريندو آهيان ته هي شهري ڇوڪريون، مئٽرڪ جي عمر ۾ هوندي به ڪيتريون ته چالاڪ آهن. مون هينئر غور سان ڏٺو ته رابيل سدائين واري حالت ۾ نه هئي. هوءَ گهبرايل ۽ منجهيل هئي، هن جي جسم ۾ اڻ لکي ڏڪڻي هئي ۽ هن جون نظرون هڪ هنڌ ٽڪي نه ٿي سگهيون.

رابيل گهٽ خوبصورت نه هئي. بدن بيحد ناهوڪو. جڻ ڪنهن بت تراش، سونهن جو آدرشي بت تراشيو هجي. جسم جون گولايون ڏاڍيون چٽيون: پنيان پولهه جون به گولايون، اڳيان ارهن جون به گولايون. سنهڙي چيلهه ڪري ٻنهي پاسن کان گولايون. گولايون. تنگ ٿيڊي لباس ڪري اڃا به وڌيڪ چٽيون ۽ چيندڙ. منهن تي ڳٽن جون گولايون. هوءَ مٿولڙي هئي. هن جا مٿون پريل ۽ اپريل هئا. مٿن جي اپار هن جي شرمائڻ وقت ڳاڙهي ٿي ويندي هئي ۽ هن جي سونهري رنگ تي سهاڳي جو ڪم ڪندي هئي ۽ هوءَ شرمائيندي به هرَهرَ هئي.

"ڪجهه ٻڌائي ته خبر پوي؟" مون وري پڇيو.

پيرا مون سان عملي پوڳ ڪيا هئائون. جيتوڻيڪ مومل اهڙين حرڪتن ۾ هن جو ساٿ نہ ڏيندي هئي ۽ جي خبر پوي پوندي هئس تہ هن کي جهليندي هئي يا مون کي اڪوات اطلاع ڏيندي هئي. وري اها اميد جاڳيم تہ رابيل سياڻي پيار گهر ۾ اچڻ جو جيڪو ٽائيم ڏنو آهي، سو حقيقت ۾ مومل سان ملاقات جي مقصد سان آهي ۽ جنهن جي تصديق هن لفافي اندر ٽيل هوندي.

واندڪاڻي ملڻ تي، هڪدم لفافو ڪڍيم. لفافو کوليندي منهنجي دل ائين ٽپا ڏيڻ لڳي جو مون کي ڪڏن کوہن ۽ ڪڙہڙ واري رستي تان هلندڙ موٽر جا لوڏا ياد اچي ويا. هڪڙي ڪاغذ جي ننڍڙي ٽڪري تي لکيل هو: "پيارل! سياڻي پيار گهر ۾ موجود رهجو. مان يارهين بجي پهچي ويندس. هن ملاقات جي خبر مومل يا ٻين ساهيڙين کي نہ پوي. تنهنجي پيار جي بکي: رابيل"

هي پڙهي، مون کي حيرت پيري ۽ چڙ ڏياريندڙ مايوسي ٿي. هن رابيل جي ٻچيءَ آخر مون کي ڇا سمجهي هي لکيو آهي. هيءَ وينتي آهي، حڪم آهي يا ڏاڍ مڙسي! پر اتي ئي خط جو پهريون اثر ختم ٿي ويو ۽ منهنجي دل ۾ خوشيءَ جي لهر اٿي. ههڙي سهڻي ۽ ههڙي ننڍي نيٽي ڇوڪري پاڻمرادو ۽ بنا چار مون وٽ ڦاسي رهي هئي. مون سدائين محسوس ڪيو هو تہ مان انهن ماڻهن مان نہ آهيان جي عشق ۾ نصيب وارا (Lucky in Love) هوندا آهن. مون ڏٺو هو تہ ڪا من موهن يا چڱي ڇوڪري تہ مون کي رخ (Lift) ئي نہ ٿي ڏئي. رڳو هڙپ ۽ چالو عورتون ئي منهنجي دام ۾ ڦاسنديون هيون يا مون کي ڦاسائڻ جو جتن ڪنديون هيون. پوءِ مان ان نتيجي تي پهتو هوس تہ جيتوڻيڪ مان شڪل صورت جو برو ناهيان، پر مون ۾ جاذبيت Glamour ۽ جنسياتي ڪشش (Sex Apeal) ڪانهي. ڪي عورتون ۽ ڪي مرد، معمولي شڪل صورت وارا هوندا آهن، پر هن ۾ بي جنس واسطي وڏي جنسياتي ڪشش (Sex Apeal) هوندي آهي ۽ اهڙا مرد ۽ اهڙيون عورتون ئي عشق ۾ نصيب وارا (Lucky in Love) بنجي ويندا آهن. مان انهيءَ آسري ۽ خوشي فهميءَ ۾ (پنهنجي شڪل ۽ ڊاڪٽريءَ جي حوالي سان) رهيس تہ ڇوڪريون پاڻ مون تي عاشق ٿينديون ۽ پاڻ اچي منهنجي جهوليءَ ۾ پونديون. باقي مون ۾ انهن ڏانهن پاڻ قدم وڌائڻ جي دليري يا اٽڪل ڪانہ هئي.

پوءِ اوچتو ئي اوچتو مومل منهنجي جيون ۾ آئي، پيار جا انبار ڪٺي، خوشين جي فئڪٽري بنجي. جهڙي هئي سهڻي، ههڙي من موهڻ ۽ دلڪش. مون کي اعتبار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي نہ ٿي آيو تہ سونهن جو ههڙو سچو ترڪيل گل. مون جهڙي ٿڏيل تي هرڪ هاري سگهي ٿو. نہ رڳو ايترو. پر پيار جي شروعات ئي مومل ڪئي ۽ پنهنجو اٿاهہ پيار ڏنئي. مون کي جيون ۽ خوشين جي نين بلندين سان اشنا ڪري ڇڏيائين. مون کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ مون کي مومل جي شڪل ۽ شخصيت سان پيار نہ ٿيو آهي. پر هن جي [illegible] سان پيار ٿي ويو آهي.

ڇني پڙهي، مان رابيل جي نيت پروڙي ويس. مومل ٻڌائيندي آهي تہ سندس ساهيڙين مان گهٽو ڪري هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ڇوڪرو سنگتي (Boy Friend) آهي. هي ڇوڪريون سامائجڻ ۽ جنسياتي خواهشن جاڳڻ سان ئي چاهين ٿيون تہ ڇو نہ اها اشتها پوري ڪئي وڃي، جئن پيٽ جي بک جي اشتها پوري ڪئي وڃي ٿي. شايد هو سمجهن ٿيون تہ پيٽ جي بک وانگر هيءَ اشتها بہ رڳو جسماني ضرورت آهي ۽ پوري نہ ٿيڻ جي حالت ۾ خواهہ مخواهہ ذهني ۽ جذباتي بوجهہ بڻجي ٿي.

انهن ويچارن سان گڏ، مون کي خيال آيو تہ رابيل جي اڄ منهنجي اندر ۾ خوشيءَ جون ڪتڪتايون تہ پيدا ڪيون آهن، پر ڇا ائين ڪرڻ، مومل سان ويساهہ گهاتي ٿيندي. وڏي ۾ وڏي ويساهہ گهاتي! هوءَ مون کي ڪيڏو نہ پيار ڏئي ٿي، هن ۾ ڪيتري نہ سچائي آهي. منهنجي دل جي دنيا پري ڇڏي اٿائين. اڳي جو مان سدائين بکيو رهندو هوس، سو هاڻي پيار جو اوور ڊوز (Over Dose) ملي رهيو آهي. وري سوچڻ لڳس تہ اها رڳو جسماني حرڪت هوندي، منهنجي دل تہ مومل سان آهي. بهرحال مان ياڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ هن کي بہ سمجهائيندس تہ انهيءَ خيال کان باز اچي..... پر جي هوءَ باز نہ اچي ۽ پنهنجي خواهشن جي مريد بڻجي بيهي تہ پوءِ؟ ۽ جي ڌمڪي ڏئي تہ پيءَ حالت ۾ مان مومل جو ۽ توهان جو راز کولي ڇڏيندس ۽ هن جي ماءُ کي وڃي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس تہ پوءِ؟ يا سياڻي پيار گهر ڏي مرڳو وڃان ئي نہ..... پر ان حالت ۾ بہ بلئڪ ميلنگ تہ ڪري سگهي ٿي!

مون وري سوچيو تہ ان چوڻ ۾ بہ سچ آهي تہ ڪچ ڇوڪريون، ڊاڪٽرن سان ناتو رکڻ چاهينديون آهن. هڪ تہ ڊاڪٽر وٽ پئسو جام ٿيندو آهي ۽ هر انسان پئسي جي چمڪي ڏانهن ڇڪجي ايندو آهي. ٻيو تہ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ ۽ هن سان ملڻ سولو هوندو آهي. اسپتال ۾ ڪير بہ ڪنهن وقت پيو اچي وڃي. ٿيون تہ

ڇوڪرين لاءِ وڏي ۾ وڏو خطرو ڳرڀ ٿي وڃڻ جو انديشو هوندو آهي. ڊاڪٽر ان کي روڪڻ جون تدبيرون ڄاڻي ٿو ۽ اتفاق ٿي وڃڻ جي حالت ۾ به تدارڪ هن جي وس ۾ آهي. سو رابيل به اهي ڳالهيون ته ڪونه سوچيون آهن..... ممڪن آهي ته اهي سڀ منهنجيون خوش فهميون هجن ۽ رابيل جي نيت ڪا ٻي هجي. مثال طور هن کي جڳهه پنهنجي ڇوڪري سنگتي (Boy Friend) سان ملڻ لاءِ گهربل هجي ۽ ان وقت هو ٻئي گڏجي اچي اتي پهچن. هوءَ به ته پنهنجي ساهيڙيءَ سان ويساهه گهاتي ڪرڻ نه چاهيندي.

## ١٦ - مارچ ١٩٦٦ع:

پيار گهر ۾ پهچڻ تائين به منهنجي دماغ ۾ سوچ جي ڪڇٽي پچندي رهي۱ اميد، انتظار، بي يقيني، وفا، بي وفائي، خواهشن ۽ خوشين جي ڪڇٽي. اتي به سوچڻ لڳس ته وفائي ۽ بي وفائي جا تصور به عجيب ۽ غير سياويڪ آهن. ان ۾ به جاگيرداري ذهنيت جو خانگي ملڪيت وارو اصول ٽنبيل آهي. مون جي به چار گهڙيون رابيل سان خوشيءَ ۾ گذاريون ته ان ۾ مومل کي ڪهڙو نقصان آهي؟ هن کي ناراض ٿيڻ ڇو کپي؟ هوءَ ته مون کي پيار ڪري ٿي ۽ هن کي منهنجي خوشيءَ ۾ خوش ٿيڻ کپي. ان ڪري هن لاءِ منهنجي پيار ۾ ته ڪمي ڪانه ايندي. پاڻ ان ۾ پيار جو قدر وڌندو، جو هن جي پيار ۽ هن سان ناتي ڪري هڙو حسن منهنجي هنج ۾ ڪري رهيو آهي. پر مان اهي ڳالهيون ڇو پيو سوچيان؟ مومل کي هن مامري جي خبر ٿوروئي پوندي..... مان ته الائي ڇا جو ڇا پيو سوچيان. جي رابيل اڪيلي نه آئي ۽ پنهنجي سنگتيءَ سان اچي پهتي ته پوءِ منهنجي موجوده خواهشن ۽ تمنائن جو بلب فيوز ٿي ويندو!

هوءَ گهڙي ته يو- ڊي- ڪولون جي هير گهلي وئي. برقعي جو نقاب متي ڪنيائين ته ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن مها چترڪار جي بهترين چترن جي مهورت جي موقعي تي، هن جي هڪ شاهڪار چتر جي، خاص مهمان نقاب ڪشائي ڪئي آهي. هن جي مک تي شرم ڪاڏڙ مرڪ هئي. مون بي يقينيءَ واري مرڪ مرڪي. هن برقعو لاٿو ته منهنجيون نگاهون هن ۾ کپي ويون. تيڏي تنگ ڪپڙن ۾ هن جي جسم جون گولايون تمام چٽيون هيون. تمام اپريل، سامهون واري کي ڇهڻ لاءِ بيتاب. ارهن جي گولاين جا متيان اڌ ته اڻ ڍڪيل هئا. مفلر جهڙي پوتي هئس. جا ڳچيءَ ۾ هئي ۽ پٺيءَ ڏي ورايل هئي. مون کي لڳو ته هوءَ ڄڻ سونهن جي مس

ورلڊ (Miss World) جي چٽاپيٽيءَ لاءِ تيار ٿي آئي آهي. هيءَ ته شايد پنهنجي سنگتيءَ لاءِ هيٺرو هار سينگار ڪري آئي آهي. جنهن مومل مون واسطي ڪندي آهي. اهو ويچار ڪري منهنجي نگاهن ۾ حسد ۽ حسرت پرجي وئي ۽ اندر ڪامڻ لڳو. رابيل لاڳيتو مرڪي رهي هئي. مُکڙي ڦٽي ته بند ٿورو ئي ٿيندي.

هوءَ اندر آئي هئي ته مان کٽ تان اٿي کڙو ٿيو هوس. هوءَ برقعو لاهي ڪرسيءَ تي رکي چڪي ته هن کي ڪرسيءَ طرف اشارو ڪري وهڻ واسطي چيم. هوءَ ويٺي ته مان به کٽ تي ويٺس. رابيل ڪرسيءَ تي ويٺي مس ته هڪدم اٿي بيٺي. جڻ ڪا ڳالهه ياد اچي وئي هُئس.

”مومل اڄڻ سان پهرين توهان لاءِ چانهه ناهيندي آهي. مان چانهه ٿي ناهي اچان.“ هن چيو.

”نه نه. انهيءَ تڪليف جي ضرورت ڪانهي.“ مون زور پريو

”تڪليف ڪهڙي. اها ته مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي“ رابيل چيو ۽ رڌڻي ڏانهن وڃڻ لڳي هن جي ڳالهائڻ توڙي چرپر ۾ گهبراهٽ ۽ ناپختگي هئي.

رڌڻي مان ڪتلي، ڪوپن ۽ چمچن جو ڪڙڪو اچڻ لڳو. مومل جا اهي ڪڙڪا ته مون کي سازن جو آواز محسوس ٿيندا هئا. پر اڄ مون کي ڪجهه محسوس ٿي نه رهيو هو. منهنجي اندر ۾ وڏو طوفان متل هو.

چانهه جون سرڪيون پريندي ٻئي ماٺ ۾ هئاسين. شايد ڪو موضوع ڪونه ٿي سجهيو يا دل جي ڳالهه چپن تي آڻڻ جي همت نٿي ٿي. هيءَ ڇوڪري هونءَ ڪيڏي نه کوڙيلي ۽ چلولي هوندي آهي. ڏاڍيون مستيون ڪندي رهندي آهي. ڪالهه ڪان هن کي ڇا ٿي ويو آهي. ڪيتري نه گم سم ۽ گنڀير ٿي وئي آهي. مان انهيءَ روش ڪري ڪيترين ئي غلط فهمين، خوش فهمين ۽ مونجهارن ۾ ونجي ويو هوس.

ڪوپ خالي ٿيا ته هوءَ اهي کڻي واپس رڌڻي ۾ رکڻ وئي. موٽي آئي ته ڪرسيءَ بدران کٽ تي منهنجي پر ۾ اچي ويٺي. اجا تائين ٻئي پنهنجين گهبراهٽن ۽ ڌڙڪڻين سان ماٺ ۾ هئاسين.

”تو پئي چيو ته تنهنجو ڪو مون ۾ ڪم آهي. هاڻي ٻڌاءِ پلا؟“ منهنجي آواز ۾ ڪنبڻي هئي.

ڪم ته مان ڪالهه اسپتال ۾ به توهان کي ٻڌائي ٿي سگهيس. اهو ڪم توهان جي وس ۾ آهي ۽ مون کي اها پڪ آهي ته توهين اهو ڪم ڪندا به ضرور

پر مان اڄ توهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ توهان کي پهريون گهمرو ڏسڻ کان وٺي مان پنهنجي اندر ۾ ڪي امنگ ساندينديءَ پاليندي پئي اچان ۽ انهن امنگن ئي مون کي، توهان کي هتي اچڻ جي تڪليف ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو.“ ڏسجي پيو تہ هوءَ هيءَ تقرير اول ئي سوچي آئي هئي. هينئر هن جو ڪنڌ هيٺ هو.

”پر بہ ٻڌاءِ تہ سهي تہ ڪم ڪهڙو آهي؟“

”هينئر ٻڌائڻ ضروري آهي؟“

”ڪو حرج آهي ڇا؟“

”نہ. ڪو حرج تہ ڪونهي.“

”پوءِ ٻڌاءِ ڪٿي، مون کي هر ڪر تي پئي آهي.“

”تہ ٻڌو. مون کي ڏينهن چڙهي ويا آهن....“

هوءَ ماٺ ٿي وئي. مان بہ ماٺ رهيس. فقط بہ منٽ.

پوءِ مون هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ هوءَ اسپرنگ وانگر اڇل کائي، منهنجي ڀنج ۾ اچي پئي.

## ۱۸ - مارچ ۱۹٦٦ع:

ڇهن هفتن کان تور ڪرڻ جي نئين مشين خريد ڪري رکي هئم. خيال ڪيو هون تہ پهرين پهرين مومل جي تور وٺي ان جو مهورت ڪندس. ان وچ ۾ هوءَ بہ چار گهمرا اسپتال ۾ آئي بہ، پر مون کان ڳالهہ وسري ويندي هئي. گذريل ڳذجاڻيءَ ۾ چيو هومانس تہ اسپتال ۾ اچين تہ ياد ڏيارجان تنهنجي تور وٺي نئين مشين جو مهورت ڪريان. اڄ پنهنجي پاڄاڻيءَ سان ڪن جي سور جي دوا وٺڻ آئي. پوءِ چيائين ”ڊاڪٽر صاحب، توهان وٽ تور جي مشين هجي تہ منهنجو وزن تہ ڏسو.“

هن جو وزن پورا هڪ سؤ پائونڊ هو.

”تاڙي وڄايو، تون سينچري ڪري چڪي آهين!“ مون مذاق ۾ چيو. پاڄاڻيءَ بہ اسان سان ڪلڻ ۾ ساٿ ڏنو.

## ۲۱ - مارچ ۱۹٦٦ع:

پيار گهر ۾ مليا سين. ڪيترائي ڀيرا خيال ڪيو هوم تہ مومل کي اها ڳالهہ ٻڌائيندس. پر اتفاق سان سدائين وسري ويندي هئي. اڄ نيٺ ياد اچي وئي. ڳالهہ

هيءَ هئي تہ شروعات ۾ مومل ڏانهن خط لکي. لفافي کي، عادت موجب ٽڪ لڳائي بند ڪندو هوس. هڪ دفعي خيال آيم تہ اهڙي پياري هستيءَ ڏانهن ويندڙ خط کي مان ٽڪ ٿو لڳايان. اها تہ بي ادبي آهي. ان کان پوءِ سدائين پاڻي لڳائي لفافو بند ڪندو هوس.

جڏهن پنهنجي ان خيال ۽ جذبي جو ٻڌايومانس تڏهن رڙ ڪري چيائين "تو تہ اهو غضب ڪري ڇڏيو!"

"ڪيئن؟" مون عجب مان دريافت ڪيو.

"تنهنجا ٽپال ۾ آيل سڀ لفافا، مون قيمتي چيز سمجهي سانڍي رکيا آهن. جو تہ انهن تي تنهنجو لعاب لڳل هوندو آهي. مان تہ انهن لفافن کي پاسي کان ڦاڙيندي آهيان جئن جتي تنهنجو لعاب لڳل آهي، اهو سلامت رهي. تو تہ اج منهنجي هڪ حسين حقيقت کي غلط ڪري ڇڏيو."

اهو ٻڌي مان هن جي پيار جي اونهاين جو سوچڻ لڳس. ان سان گڏ خوشي ۽ فخر پڻ محسوس ڪئي. آئيندي لاءِ يقين ڏياريومانس تہ لفافو لعاب سان ئي بند ڪري موڪليندو رهندس.

هن جون اهي ڳالهيون ٻڌي، رابيل سان مامري ڪري مون کي ضمير جي جهنڊڙي پئي. جيتوڻيڪ مومل لاءِ پنهنجي پيار ۾ ڪا ڪمي يا فرق محسوس نہ ڪيو هوم.

## ٢٩ - مارچ ١٩٦٦ع:

ڇت تي جهنڊي رستي مومل ملاقات لاءِ اشارو ڏنو. مقرر وقت کان اڳ ئي پيار گهر ۾ پهچي ويس. هوءَ رابيل سان گڏ آئي، پر اج رابيل هن کي ڇڏي پاڻ واپس نہ وئي. هوءَ بہ ترسي پئي. ٿورو وقت ڳالهائڻ کان پوءِ، مومل مون کي چيو تہ هل تہ پاڻ ورانڊي ۾ هلي ٿورو خلاصو ڳالهايون..... هن چيو تہ مون کي اهڙي ڳالهہ لاءِ توهان کي چوندي شرم ٿو اچي ۽ هونءَ مان نہ ٿي چاهيان تہ توهان اهڙو ڪوجهو ڪم ڪيو جهڙو مان توهان کي چوڻ واري آهيان. پر رابيل ڏاڍي مجبور آهي ۽ ڪنهن مجبور انسان جي مدد ڪرڻ جڳائي ۽ هيءَ تہ منهنجي ساهيڙي آهي ۽ اسان کي ڪم پئي آئي آهي ۽ هينئر ٿي سگهي تہ موٽ ۾ اسان بہ هن جي مدد ڪريون. پوءِ نهايت رازداريءَ جي انداز ۽ هلڪي آواز ۾ ٻڌايائين تہ رابيل کي پيٽ تي پيو آهي. ڏاڍو رئي پئي. هن جي سنگتيءَ ڪنهن ڊاڪٽر وٽان هن کي دوائون بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونئي ڏنيون ۽ سبون به هٽايون. پر ڪم ڪونہ ٿيو. هن کي ٻڌايو ويو تہ هاڻي فقط آپريشن سان جان ڇٽي سگھي ٿي. هاڻي ڪنهن ڊاڪٽرياڻيءَ کان آپريشن ذريعي صفائي ڪرائڻي پوندي. هي نہ رڳو رابيل جي عزت ۽ حياتيءَ جو سوال آهي. پر رابيل جي مائٽن جي عزت جو بہ سوال آهي. هن جو سنگتي بہ ڪنهن وڏي خاندان جو ڇوڪرو آهي. انهن جي عزت جو بہ سوال آهي. ڪالھہ مون وٽ ڏاڍو اچي رني ۽ چيائين تہ پنهنجي ڊاڪٽر کي چئو تہ ڪنهن ڊاڪٽرياڻيءَ کان منهنجي صفائي ڪرائي نہ تہ مان آپگھات ڪندس. هن جو سنگتي، جيڪو بہ خرچ ايندو ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

حقيقت ۾ ڪالھہ رابيل مون وٽ اسپتال ۾ آئي هئي ۽ ٻڌايو هئائين تہ دوائن ۽ سين ڪم ڪونہ ڪيو آهي. پوءِ هن ۽ مون هي ڊرامو رچايو هو جو ٿي رهيو هو. هن جو سنگتي پئسا ڇا ڏيندو. اهي تہ مون کي پرٺا هئا. شايد هوءَ هن کان بہ وصول ڪري.

## ١١ - اپريل ١٩٦٦ع:

مون پنهنجي واقف ڊاڪٽرياڻيءَ کي فون تي اها ئي ڳالھہ چئي جا هر پير چوندو آهيان تہ هيءَ ڇوڪري منهنجي دوست جي نڪاح ٻڌل زال آهي ۽ ٻئي اجا ڪاليج ۾ پڙهي رهيا آهن. ان ڪري ٻار نہ ٿا چاهن. ڊاڪٽرياڻي بہ دستوري وراڻي ڏني تہ مان اهڙو ڪم نہ ڪندي آهيان. خدا کي جواب ڏيڻو آهي. قانون جي پڪڙ جو بہ خطرو آهي. ڳالھہ ڪلي پوڻ جو انديشو آهي ۽ خواري ٿي تہ پرئڪٽس تي اثر پوندو ۽ عزت جو سوال آهي. پر پڇاڙيءَ ۾ چوندي آهي تہ ڇگو موڪليوس تہ مان ڏسندس. پوءِ من گھري في وٺي ڪم ڪندي آهي.

ان آپريشن لاءِ پنج ڇھہ ڪلاڪ ڊاڪٽرياڻيءَ جي اسپتال ۾ رهڻو پوندو آهي. ان لاءِ گھر مان ڪيڻ لاءِ هن جي ساهيڙين بندوبست ڪيو. ہہ ساهيڙيون هن سان گڏ اسپتال ۾ رهيون. انهن بن مان مومل نہ هئي. مون ئي هن کي ائين ڪرڻ کان جھليو هو.

ٻئي ڏينهن جيڪو مومل جو خط مون کي مليو. ان ۾ رابيل جي مامري ۾ مدد ڪرڻ تي منهنجي ڪردار تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هئائين تہ هڪ ڇوڪريءَ جي عزت ۽ حياتي بچائي هئم.

## ١٨ - جون ١٩٦٦ع:

ايرڪ فرام (Erich Fromm) جي ڪتاب Art of Loving ۾ پڙهيم.

...... پيار به هڪڙو فن آهي ۽ جڏهن پيار تي وجي ته ان سان ائين نباهجي جئن ڪنهن به ٻئي فن سان. مثال طور: چترڪاري، راڳ، ساهت.

..... شادي، پيار جي قاتل آهي.....

مومل کي هي خط لکيم: منڙي! اڄ هي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇو ٿي رهيو آهي؟ صفا شروعاتي ڏينهن وانگر تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهيان. ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ ته تون اڄ ضرور ايندينءَ..... بس اجهو آئي، اجهو پهتي. صفا پهرين وانگر ڪاري برقعي واريءَ کي پنهنجي دڪان طرف ايندو يا اندر داخل ٿيندو ڏسي، بلڪل انهن ڏينهن جئن دل ڌڙڪڻ لڳي ٿي. هر آهٽ ۽ ڪڙڪي تي ڪن کڙا ٿي ٿا وڃن. دل ڪنهن خوشيءَ سان ٿمتار آهي ته مومل اجهو ٿي اچي.

ڪلهه تون ائينءَ ۽ مون کي بيقراريءَ جو تحفو ڏيئي هلي وئينءَ. مان تنهنجي خوشين ۾ ته حصيدار بنجان ٿو، پر تنهنجيون تڪليفون توکي مون کان جدا ڪري ٿيون ڇڏين. دل چاهي ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه وقت توکي سمهڻ ڏيان ۽ تنهنجي اميءَ جي سنڀال ڪريان يا ٻئي گڏجي جاڳندا رهون. (ڪهڙو خيال آهي سائين جن جو؟)

ڪالهه توکي ڏاڍو ياد ڪيم. تنهنجي اکين جي سرخيءَ کي چمڻ ٿي چاهيم. هيءَ سرخي تنهنجي محبت، سچائي ۽ نرم دلي (اميءَ لاءِ جو ثبوت هئي. دل چاهيو ته مان به بيمار ٿيان ۽ منهنجي دل جي پياري ۾ پياري خوشي، منهنجي زندگيءَ جي بلندي، منهنجي نس نس ۾ سمايل مومل، منهنجي پير ۾ ويٺي رهي، مونکي دوا جي اجرَ پياري، پيار پريون رهاٽيون ڪري..... مون توکي نرس جو قصو ٻڌايو هو نه، جنهن چيو هو "دل چاهي ٿي ته توهين سخت بيمار ٿي منهنجي وارڊ ۾ داخل ٿيو ۽ مان توهان جي خدمت ڪريان، تمام گهڻي خدمت!

هاڻي ته خود مان چاهيان ٿو ته بيمار ٿي پوان. پر مومل مون وٽ اچي سگهندي؟

هڪ لڳا، قبرستان ۾ هڪ خوبصورت ڇوڪري (توکان وڌيڪ خوبصورت نه) کي هڪ قبر وٽ دعا گهرندو ڏسي، دل ۾ چيو هوم: "اهڙا انسان پلي مرن!"

نوڪريءَ جي زماني ۾، اسپتال ۾ جن مريض جون سنڀاليندڙ سنيون

چوڪريون (توکان سنيون نہ) هونديون هيون تہ ريس ٿيندي هئي ۽ دل ۾ چوندو هوس: اهڙا خوش نصيب پلي بيمار ٿين!"

مگر مان اهڙو خوش نصيب ڪٿي!

## ٢١ - جون ١٩٦٦ع:

برٽرينڊرسيل جي ويچار اسان کي ڪيترو نہ عجيب لڳن ٿا. پنهنجي ڪتاب Marriage and Morals ۾ هن جا ڪي ويچار هن ريت آهن:

...... جسماني ناتو عورت ۽ مرد جي هڪ ٻئي جي خوشي ۽ خواهش. لطف ۽ لذت لاءِ هجي. پئسي جو وچ ۾ اچڻ هاڃيڪار آهي.

...... "آزمائشي شاديءَ" جو اصول ڪارائتو آهي. ان لاءِ هي ٽي شرط ضرور هجڻ کپن: پهريون، ڳپ روڪ جا طريقا استعمال ڪيا وڃن. ٻيو، ناتو ناگوار يا ناموافق ثابت ٿئي تہ طلاق آسان ۽ پاڻمرادو هجي. ٽيون، الڳ ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن تي بہ مالي مدد جو شرط نہ هجي.

....... جيڪي شاگرد پرڻيل آهن، سي اڻ پرڻيل شاگردن کان بهتر ثابت ٿين ٿا.

...... شادي فقط ٻار پئدا ڪرڻ ۽ ڪٽنب نباهڻ لاءِ هجي. باقي پيار شاديءَ جو محتاج نہ هجي.

........ پاڻ تي ضابطو رکڻ چڱي ڳالهہ آهي. پر پيار جهڙي اتم جذبي تي ضابطو رکڻ کان بهتر آهي تہ رقابت جهڙي هاڃيڪار جذبي تي ضابطو رکجي.

...... پيار کان ڀڄڻ، جئڻ کان ڀڄڻ آهي ۽ جو جئڻ کان ڀڄي ٿو، سو مُجو مئل آهي.

...... ٻين جي آزاديءَ ۾ دخل اندازي ڪرڻ کان پاڻ تي ضابطو رکڻ بهتر آهي.

...... جنسيات جي باري ۾ پاپ جو احساس، جوننڊي هوندي کان ئي انسان ۾ پوکيو ٿو وڃي، سو هن جي زندگي زهر بنائي ٿو ڇڏي ۽ جيون جي بهترين لذتن کان وانجهو رکيو ڇڏي.

...... پيار ۽ لڳاءَ کان سواءِ مڪامبلي ۽ جسماني لوڙ تہ پوري ٿئي ٿي پر ذهني ءِدلي ڌاپَر نہ ٿي ملي.

...... مختلف ساٿين سان جسماني ناتي کان پوءِ ئي انسان ۾ ارادي ۽ فيصلي

جي پختائي اچي ٿي. شاديءَ لاءِ ساٿي چونڊڻ واسطي.

## ٢۴ - جون ١٩٦٦ع:

"رابيل کي گهٽي لفٽ نہ ڏيندا ڪريو" مومل رهاڻين دوران اوچتو چيو.

"ڇا مطلب؟" منهنجي اندر جو چور جاڳڻ لڳو.

"مون کي خبر پئي آهي تہ هن جو ڪنهن سان پيار ڪونهي. پر آوارہ نمونو اٿس ۽ بہ ٽي يار اٿس."

"منهنجي تہ تنهنجي حوالي سان هن سان واقفيت ٿي آهي. تنهنجي سفارش تي ئي تہ مون هن جي مدد ڪئي هئي."

اهو تہ توهان چڱو ڪم ڪيو هو. نہ تہ توهان کي خبر آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ هن سماج ۾ ڇوڪرين سان ڪهڙا ويل وهايا ٿا وڃن."

مون کي پنهنجو اندر ڪاٺي رهيو هو. ان ڪري رابيل جي باري ۾ وڌيڪ اپتار نہ ڪيم. مومل ۽ مان هڪ ٻئي سان ايترو گهرا ٿي چڪا آهيون جو آسانيءَ سان هڪ ٻئي جي نبض سڃاڻي سگهون ٿا. مون کي انديشو جاڳيو تہ منهنجي رابيل سان ڳالهائڻ يا ڪنهن ٻئي نموني مومل کي اسان جي ناتن جو شڪ نہ پئجي ويو هجي. ان ڪري ڏاڍي اڻ تڻ ۽ بي آرامي ٿي پئي اٿم. پڇتايان بہ ٿو تہ صرف وقتي وندر واسطي ڇو رابيل سان رستو رکيم. وقتي ان ڪري جو مڪاميلي کان پوءِ هوءَ مون کي ياد بہ نہ رهندي آهي. هن ڪري مان مومل وڃائڻ نہ ٿو چاهيان. شل هن کي خبر نہ پئي هجي. جي هن کي پئي تہ هوءَ ڇا ڪندي ۽ مون ڏانهن ڪهڙو رويو ٿيندس؟"

رابيل جو گهر مون واري اسپتال جي پاڙي ۾ نہ آهي. هوءَ اتان ڪان پري ڪنهن ٻئي پاڙي ۾ رهندي آهي ۽ هينئر ڪاليج ۾ پڙهي پئي. ڪڏهن ڪڏهن پيار گهر ۾ مڪاميلي لاءِ ايندي رهي ٿي.

## ٢٩ - جون ١٩٦٦ع:

تازو ڊاڪٽر يوسٽيس چيسر (Dr. Eustace Chesser) جا ڪجهہ ڪتاب پئي پڙهيا اٿم.

هو پنهنجي ڪتاب Sex and Married Woman ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو...

اسين ڄاڻي واڻي بہ اهو عقيدو رکندا آهيون تہ اسين هڪ ئي نڪاح ٻڌل ساٿيءَ سان

سچي عمر خوش گذاري سگهون ٿا ۽ ساري ڄمار هن کي ساڳيو پيار ڏئي سگهون ٿا. اناڙي يا تجربيڪار. پوءِ ڪٿي شاديءَ وقت محبت ۾ هجن. تہ بہ ان جوڙي مان اها اميد رکي نہ ٿي سگهجي تہ مرڻ تائين هنن جو ناتو ساڳئي پيار وارو ۽ ساڳي خوشي ۽ لذت ڏيندڙ رهندو. عمر گذرڻ سان خيال ۽ جسم متجن ٿا. ڦيريون گهيريون اچن ٿيون. رڳو نالو ساڳيو رهي ٿو باقي شخصيتون تبديل ٿي وڃن ٿيون. جڏهن پيار شروع ڪرڻ وقت واريون اصل صورتون ئي ڦري اجنبي ٿي وڃن ٿيون تہ پوءِ اهو پيار ڪيئن تـو رهي سگهي؟ ۽ نہ اهڙي اميد رکڻ کپي..... جنسيات جي سلسلي ۾ جهالت کي گڻ سمجهيو ٿو وڃي ۽ تجربي کي پاپ.

هو پنهنجي ڪتاب Is Chastity Outmoded ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو.....
پاڪدامني يا عصمت جو ماپو هي آهي تہ جي مرد ۽ عورت، خلوص ۽ خوشيءَ سان گڏ رهن ٿا، پر نڪاح جي رسم پوري نہ ڪئي اٿن تہ هنن کي بي عصمت ۽ پاپي چيو ويندو. پر هڪ اهڙو مرد ۽ هڪ اهڙي عورت جي هڪ ٻئي کي ڏنا نہ ٿا وڻن ۽ هڪ ٻئي کان بيحان اٿن پر چاڪاڻ تہ نڪاح جي نوڙيءَ ۾ ٻڌل آهن، ان ڪري هو باعصمت ۽ پاڪ آهن ... زال کي ملڪيت ٿو سمجهيو وڃي ۽ هن جو ٻئي مرد سان ناتو ان ملڪيت جي چوري..... اجوڪي دور ۾ پاڪدامني يا عصمت ان کي چئي سگهجي ٿو تہ اڻ گهربل ٻار پيدا نہ ڪيو وڃي. ان لاءِ سائنس اسان کي ڳپ روڪ جون سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون آهن.

هو پنهنجي ڪتاب Woman and Love ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو...... پيار ۾ هجڻ جو اهو مطلب نہ آهي تہ توهان کي پيار ڪرڻ پڻ اچي ٿو. توهان کي راڳ سان پيار آهي، پر راڳ ڳائڻ لاءِ توهان کي اهو فن سکڻو پوندو.

## ٣- جولاءِ ١٩٦٦ع:

"هلو......"
"ڪير؟"
"توهان کي ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي؟"
"ڇا مان ڪا نئين آهيان؟"
"آواز تہ نئون پيو لڳي."
"اڙي واهہ، پنهنجي مومل کي......"
"اڙي تون آهين. فون تي آواز صفا بدليل پيو لڳي."

”توهان جو آواز تہ مان هڪدم سڃاڻي ويس. ڪو فرق ڪونهي.“

”پوءِ چو پڇيئہ. ڪير؟“

”پهرين تہ رڳو هڪڙو اکر هلو چيو. اهو ڪافي نہ هو آواز جهٽڻ لاءِ.“

”بهرحال فون جو مهورت ٿي ويو.“

”واڌايون!“

”هن گهڙيءَ کان فون جو لڳڻ سڄايو ٿي ويو.“

”پر ڏاڍو عجيب پيو لڳي ۽ پياس پئي وڌي. توهان جو آواز هجي ۽ توهين نہ هجو. ائين ڪڏهن ڪونہ ٿيو آهي. دل ٿي تانگهي تہ توهان کي ڏسان ۽ توهان کي ڇهان.“

”ڳالهائين تہ منهنجي ڪن ۾ پئي. ايڏو ويجهو هوندي بہ ايڏو ڏور. محسوس ٿو ٿئي تہ تون هن فون اندر آهين ۽ دل چاهي ٿي تہ فون کي ئي سيني سان لڳايان.“

”ايتري بي صبري!“

”تون فون جي نئين قسم جي برقعي ۾لڪي ويٺي آهين. مان تہ پڌري پٽ ويٺو آهيان.“

”پڌري پٽ تہ مان ويٺي آهيان. مرد ٿي ڪري تون برقعي ۾ بند ٿي ويو آهين.“

”ڀلا ٻڌاءِ تہ ڪهڙا ڪپڙا پاتل اٿئي تہ تنهنجي هن وقت جي منهن مهانڊي جو تصور ڪريان.“

”تصور جي ڪهڙي ضرورت آهي. حقيقت اچي ڏس.“

”سچي. ڪٿان پئي ڳالهائين؟“

”پنهنجي ساهيڙي منيران جي گهران. پاسي ۾ ويٺي آهي. پيار گهر ۾ ڪيتري دير ۾ پهچي سگهندا؟“

”وڌ ۾ وڌ پندرهن منٽ.“

”ڪهڙو ڪري مان توکان اڳ ۾ ٿي پهچي وڃان ۽ تنهنجو انتظار ڪريان.“

## ١٢ - جولاءِ ١٩٦٦ع:

اينگلس جو ڪتاب ”ڪٽنب جو بنياد“ (Origin of family) ۾ هڪ هنڌ هي پڙهيم....... روايتي شاديءَ ۾ بہ مسئلا پڌرا آهن. هڪ تہ مڙس حاوي رهي ٿو

۾ حاڪم جي حيثيت حاصل اٿس. زال غلام آهي. ان جو ڪارڻ اصل ڪان اقتصادي پئي رهيو آهي. مڙس ڪمائيندڙ ٿئي ٿو ۽ زال هن تي گذر سفر لاءِ پاڙيندڙ. شاديءَ ۾ ٻيو مسئلو آهي تہ شادي ٿيڻ ڪان پوءِ اهو رشتو ٽوڙڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي. ان جو سبب پڻ اصل ۾ معاشي آهي. پر سماج ۽ مذهب جي رسمي پابندين جي حوالي سان. جي زال بہ ڪمائيندڙ هجي تہ مڙس جو حاڪم ۽ حاوي ٿيڻ جو سوال نہ رهي ۽ جيڪڏهن شادي پيار جي بنياد تي ٿئي تہ هڪ ٻئي ڪي پنهنجي مرضيءَ لاڙي سان چوندڻ سان گڏ، پيار ۾ هڪجهڙائيءَ ۽ برابريءَ جو جذبو سمايل آهي. تنهنڪري ڪنهن بہ هڪ جو ٻئي تي حاوي ٿيڻ جو تصور ئي ڪونہ رهندو. ان ڪري اخلاقي شادي ان ڪي چئبو، جنهن جو بنياد پيار آهي. جيڪڏهن پيار جي بنياد تي ٿيل شاديون ئي اخلاقي آهن تہ پوءِ اهو ناتو ايستائين اخلاقي رهندو جيستائين ٻنهي ۾ پيار ڪيترو هلي ڪو ڪيترو. جڏهن باهمي پيار نہ رهي ۽ ٻنهي مان ڪنهن جو ڪو نئون پيار شروع ٿي وڃي تہ پوءِ هن رشتي جو وڌيڪ قائم رهڻ اخلاقي ٿي نہ ٿو سگهي ۽ جدا ٿيڻ ۾ دير نہ ڪن. جئن هو پاڻ توڙي سماج اجائي گهلبازي ڪان بچي وڃن ۽ نوان مسئلا وجود ۾ نہ اچن.

جڏهن پرماري سماج ختم ٿي ويندو ۽ اهو نسل، جنهنڪي پئسن يا طبقاتي سگهہ سان عورت جو بدن خريد ڪرڻ جو موقعو نہ ملندو ۽ عورت ڪي پيار ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ سبب مرد جو سات ڏيڻ لاءِ نہ سنيرائيندو، تڏهن شادي ۽ پيار جي باري ۾ اهو نسل پنهنجا نوان تصور ۽ نيون روايتون قائم ڪري پنهنجي نئين دنيا وسائيندو.

## ٢٨ - آگسٽ ١٩٦٦ع:

هاڻي فون جي سهوليت ڪري، ملاقات جو پروگرام فون تي بہ ٻڌائي سگهندي آهي. اجڪلهہ اسان جي ملاقاتن ۾ گهڻو ڪري هن جي ساهيڙي منيران مددگار ٿئي ٿي.

اڄ هن ڪي هي خط لکيم: مومل ڊارلنگ! ڏس، تو اڄ وري مون ڪي آسرو ڏنو. فون تي تو چيو تہ طوطي پارٽي ڪري رهي آهي. مان ان خوش فهميءَ ۾ پئجي ويو آهيان تہ پيار گهر ۾ ملاقات ٿيندي..... ڏس، اڳتي مون ڪي ڪڏهن بہ اهڙن آسرن ۽ انجامن تي نہ رکندي ڪر. توکي پتو ناهي تہ منهنجي ڪهڙي حالت ٿي بنجي. يا شايد توکي خبر آهي تہ منهنجي ڪهڙي حالت ٿي بنجي، ان ڪري ئي

ستائين ٿي..... اڄڪلهہ تہ پڪي بہ ستائڻ لڳا آهن. ڇت جي پٽ تي اٿين ٿا وهن، جو جيستائين ڇتائي نہ نهارجي تيستائين گمان ٿو پوي تہ جهنڊو آهي..... ۽ پوءِ اڏامي ٿا وڃن. هيڏانهن مان خوشيءَ جي آسمان تان ڪريو. مايوسيءَ جي پاتال ۾ وڃيو پوان...... اڄ نہ تون ٿي فون تي ڳلي ڳالهائي سگهينءَ ۽ نہ مان موج سان ڳالهائي سگهيس، ڇو تہ ماڻهو ويٺا هئا.

## ١١ - آڪٽوبر ١٩٦٦ع:

مومل خط ۾ لکيو آهي تہ سندس شاديءَ جي تت هفتي کن اندر ٻڌجڻ واري آهي. ذهن ۾ تہ ڳالهہ رهندي ٿي آئي تہ اٿين هڪ ڏينهن ٿيندو. پر جڏهن اٿين ٿي رهيو آهي تہ مون کي پنهنجن پيرن هيٺان تختا سرڪندا محسوس ٿين ٿا. مون کي سر جي اچي لڳي آهي. مان ڪنهن بہ قيمت تي مومل کان محروم ٿيڻ نہ ٿو چاهيان. هاڻي پڇتايان پيو تہ مون اڳواٽ ڪجهہ ڇو نہ ڪيو. منهنجو سچو دوست ٿي اهڙو ماڻهو سمجهيم ٿي جو انهيءَ معاملي ۾ مون کي مشورو ڏئي ٿي سگهيو ۽ عملي طرح ڪجهہ ڪري ٿي سگهيو. هو ٻئي شهر ۾ رهندو آهي. مان وڃي هن کي هڪدم حيدرآباد اچڻ جي تار ڪري آيس..... مون کي خط ۾ مومل ڏوراپا بہ ڏنا هئا ۽ منٿون ڪيون هيون ۽ واسطا وڌا هئا تہ ڪجهہ ڪريان. شايد ڪجهہ ٿي سگهي، نہ تہ هوءَ پنهنجو انت آڻيندي.

منهنجو سارو سک ڦٽي پيو. منهنجي بيقراري چوٽ چڙهي وئي. مون کي ڪيترائي خيال اچي رهيا هئا. هن پنگت ۾ مومل سان ملندو رهڻ لاءِ شاديءَ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. هن سان ملڻ بند ٿي وڃي. مان اهو تصور ڪرڻ بہ سهي نہ ٿو سگهان. ان لاءِ مان هر ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هن جي ٻئي سان شادي ٿي تہ هن سان ملڻ جون مڙئي واهون بند ٿي وينديون. اهو تصور بہ ڪيڏو نہ پيڙا ڀريو آهي تہ ڪو ٻيو هن جي جسم جو مالڪ بڻجي. ان لاءِ مان پنهنجي زال جي بہ پرواهہ ڪونہ ٿو ڪريان. ڀلي ڇڏي وڃي يا مان خود ٿي هن کي ڇڏي ڏيندس.

انهيءَ بيچينيءَ ۾ پنهنجي دلي دوست وٽ ويس. هو هن شهر ۾ رهندو آهي. مومل جي باري ۾ هو منهنجو رازدار دوست آهي. هن سان مومل جي باري ۾ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍي راحت ايندي اٿم ۽ دل جو بار هلڪو ٿيندو آهي. هن کي هر ڳالهہ تفصيل سان ٻڌائيندو آهيان. ضرورت وقت مشورو ۽ مدد وٺندو آهيان. اڄ هن سان

ملڻ ضروري هو. هو منهنجي مومل سان شاديءَ جو مخالف پئي رهيو آهي ۽ اڄ به مخالفت ڪيائين. اصل ۾ هو شاديءَ جي سرشتي جي ئي خلاف ٿي پيو آهي. هن کي پنهنجي شاديءَ جو ڏاڍو ڏکيو ۽ ڏکوئيندڙ تجربو حاصل ٿيو آهي.

هن کي شاديءَ کان پندرهن سالن پوءِ پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻي پئي هئي. هن پنهنجي وڏن جي پسند تي شادي ڪئي هئي. هن کي پنهنجي هن زال جي باري ۾ نه ڪا ڄاڻ هئي ۽ نه هن کي ڪڏهن ڏٺو هئائين. شاديءَ کان پوءِ سگهو ئي هن کي سُڌ پئجي وئي ته ٻنهي جي طبيعتن، لاڙن ۽ پسندن جي وچ ۾ وڏو فرق آهي. تنهن کان سواءِ هوءَ آواره مزاج جي عورت هئي. پيءُ ماءُ ۽ خاص ڪري خاوند، اهڙا آخري ماڻهو ٿيندا آهن جن کي عورت جي بدڪاريءَ جي خبر پوندي آهي. پاڙي وارن، واقفڪارن ۽ ٻين ماڻهن کي هن جي ڪردار جي خبر به هوندي آهي، تڏهن به ڪو هن جي پيءُ ماءُ يا مڙس کي اها خبر نه ٻڌائيندو آهي يا ٻڌائڻ جي همت نه ٿيندي اٿس. هن کي زال جي ڪردار جي پهلوءَ جو پتو تڏهن پيو جڏهن هوءَ ٻن ٻارن کي ڇڏي، پنهنجي هڪ يار سان ڀڄي وڃي مريءَ پهتي. پوليس جي مدد سان هن کي واپس ورايو ويو. اوڙي پاڙي ۽ دوستن عزيزن کي ساري خبر پئجي چڪي هئي. سيني اهوئي سمجهيو ته هو هن زال کي واپس نه وٺندو ۽ طلاق ڏئي ڇڏيندو. پر هن ائين نه ڪيو.

"شايد مان دل جو ڪمزور هوس، يا شايد شهري هجڻ ڪري مون ۾ غيرت جو روايتي مادو نه رهيو هو، يا شايد مطالعي مون کي ذهني طرح انساني اوٿاين کي سماجي پس منظر ۾ ڏسڻ سيکاريو هو. يا شايد ٻارن سان جو مون کي لڳاءُ هو تن جي بي ماءُ مستقبل جو ٿي سوچيم، يا شايد نڪاح وقت مهر جي نالي ۾ مون کان جا ڀاري رقم لکرائي وئي هئي سا نه ڏئي سگهڻ جا سور ٿي سمجهيم ۽ مون اهو قدم نه کنيو جو انهن حالتن هيٺ ٻيو ڪو به مڙس کڻي ها." هو مون کي ٻڌائيندو آهي.

ڪن سنگتين ۽ ماڻهن هن کي اهڙا اشارا به ڏنا ۽ ڪن ته هن تي زور به رکيو، پر هن زال کي طلاق نه ڏني ۽ هوءَ وري هن جي گهر ۾ رهڻ لڳي. هو چوندو آهي ته ان کان پوءِ هن زال سان گڏ گذارڻ ۾ ڪو رس نه رهيو هو. پر وقت گذري رهيو هو. ٽن چئن سالن کان پوءِ وري اوچتو هن کي خبر پئي ته سندس زال پنهنجي ڪنهن يار سان ملندي رهي ٿي. ان جي تصديق به ٿي وئي. هاڻي ته ڪجهه سوچڻو

ٿي ڪونہ هو. زال ڪي سندس پيءُ وٽ مـــوڪلي ڏنائين ۽ هن ڪي طلاق لکي موڪليائين. هن مهل تائين شاديءَ کي ڏهہ سال ٿي چڪا هئا ۽ هن کي ٽي ٻار ٿي ويا هئا. هن لاءِ پيڙا جاري هئي. ٻار سندس گهر ۾ هئا. هو ٻار سنڀالي يا ڏنڊي جو ڪري. هن طلاق فئملي لا مطابق ڏني هئي ۽ ان قانون موجب هن ٽن مهينن اندر هو اها طلاق وٺي بہ ٿي سگهيو. زال جي پيءُ ماءُ طرفان هن کي منٿون ميڙيون ڪيون ويون ۽ زال کان انجام ۽ واعدا وٺي ڏنا تہ هوءَ آئيندي شڪايت جو ڪوبہ موقعو نہ ڏيندي.. وري بہ هن ڪمزوري ڏيکاريندي "بي غيرتيءَ" جو ثبوت ڏنو ۽ طلاق واپس ورتي ۽ سڀني واقفڪارن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. گهر جي حياتي تہ ائين ئي بي رس ۽ اڻ نهڪندڙ هئس، پر هاڻي اوڙي پاڙي ۽ يارن دوستن ۾ هرويرو بہ ڪنڌ ڪڍڻ جهڙو نہ رهيو هو. هو بعضي بعضي سوچيندو هو تہ ڪارو ڪاري ڪري ماريان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ سماج ۾ تہ ههڙي بيعزتيءَ واري زندگي نہ گهاريان ها ۽ ڳالهہ اوچو ڪري هلان ها..... پنج سال ٻيا بہ گذري ويا. وري هن کي ثبوتن سان معلوم ٿيو تہ سندس هڪ گهاٽو دوست، هن جي زال سان ڪيتري وقت کان عيش ڪندو رهيو آهي. هن کي اعتبار نہ ٿي آيو. ڇا ماڻهو ائين اکيون ٻوٽي ٿا ڇڏين؟ هاڻي حد ٿي چڪي هئي. هيءَ طلاق قطعي طلاق هئي. چـــار ئي ٻار هن وٽ آهن. هن کي وڏيون دشواريون پيش اچي رهيون آهن پر هو منهن ڏئي رهيو آهي. هو چوندو آهي "غيرت تہ مون ۾ مري وئي هئي، پر اسان جي طبيعتن ۾ جو تضاد، اڻ نهڪائي ۽ فرق هو، ان جو علاج ئي ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو ۽ طلاق جو اصلي سبب اهو هو." هو چوندو آهي تہ زال جي يارن تي ڏاڍي ٻاهہ ايندي اٿم. پر اهو سوچيندو آهيان تہ اهڙي بد ڪردار عورت واسطي ڇو جان جوکي ۾ وجهجي. البت اها ڳالهہ ٻڌائيندو آهي تہ ڪيئن ان دوست، جنهـن سندس زال سان ياري رکي هئي، تنهن جي ڏيءُ ٻُل ۾ اچي ويس ۽ هن اهڙو ڪم ڪيو جو هوءَ هو ڪنهن بہ صورت ۾ ڪرڻ جو سوچي بہ نہ ها.

سو هو شاديءَ جي سرشتي جي ئي خلاف آهي. هن مون کي چيو "مومل سان شادي ڪرڻ جو خيال بہ دل ۾ نہ آڻ. شادي ڪرڻ سان پيار تان تہ هٿ ڌوئڻا پوندءِ، پر پنهنجي حياتي بہ جنجال بنائي ڇڏيندين ۽ پنهنجي گهر جي ٻين ڀاتين جي بہ تباهي آڻيندين. جي مومل جو توسان پيار آهي تہ پوءِ بہ توسان ملندي رهندي. جي هن جي مقصد شادي آهي تہ شادي ڪرڻ وارا ڪوڙ ملي ويندس. پيار وارو نہ

ملندس. هن سماج جي نظر ۾ پيار پاپ آهي ۽ ان پاپ جي سزا اهي سماج ٻين سزائن کان سواءِ، شاديءَ جي صورت ۾ به ڏيندو آهي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ."

## ١٢ - آڪٽوبر ١٩٦٦ع:

سچو دوست منهنجي تار تي اچي پهتو. هن پاڻ پيار جي شادي ڪئي هئي ۽ پنجن سالن کان ڏاڍي خوشين ڀري جيون گذاري رهيو هو. هن کي منهنجي ڦڪي ۽ بي رس پرٽيل حياتيءَ جي ڄاڻ هئي. هن کي جڏهن مومل سان پنهنجي پيار جو ٻڌايو هوم ته ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ آرزو ظاهر ڪئي هئائين ته شل اهو پيار تون سدائين ماڻين.

ڪالهه کان مان هن معاملي تي سوچي سوچي پاڳل ٿي پيو هوس. هن دوست سان به خيالن جي ڏي وٺ ٿي. نيٺ هن پڇيو ته هاڻي ٻڌاءِ ته تون ڇا ٿو چاهين ۽ مون کي ڇو گهرايو اٿئي؟ مون کي ڇا ڪرڻ جي اميد رکين ٿو؟ هو ڏاڍو بردبار ۽ جهان ديدو ماڻهو آهي. مون هن کي چيو ته مان هينئر ٻيو ڪجهه سوچي نه ٿو سگهان ۽ اهو ئي جنون سوار اٿم ته هينئر جو هينئر مومل جي پيءُ وٽ وڃ ۽ جئن پاڻ وٽ دستور آهي، هن کان مون واسطي مومل جي ٻانهن وجهي گهر. هو تبيءَ ۾ پئجي ويو ۽ ڪي پل سانت ٿي چيائين: "مان وڃڻ لاءِ تيار آهيان، پر ان کان اڳ هڪ ڳالهه وري به سوچڻي آهي. حالتون اهڙيون آهن جو مومل جو پيءُ هرگز ها نه ڪندو. پر اتفاق سان، جنهن جو لک ۾ هڪ امڪان آهي، هو هائو ڪري ٿو، ته پوءِ تنهنجي طرفان انڪار جي گنجائش نه رهندي. هي ڪو چرچو ڪونهي يا پڙيءَ تان ٻڪري ونڻي ڪانهي جو وري واپس ڪجي. انهيءَ کي پاڻ سنڌي چوندا آهيون هڪ پيرو ڳار ڪائڻ."

هن جو اهو به چوڻ هو ته تنهنجون گهرو ۽ معاشي حالتون اهڙيون آهن، جو ٻئي اهڙا مسئلا پئدا ٿيندا، جو پيار قلبي قولي نه سگهندو ۽ ٻين جي زندگيءَ لاءِ به ڏچو پئدا ٿيندو.

مان به اهي ڳالهيون سمجهيون ٿي. منهنجا به ٻار آهن، زال آهي، ٻارن جي مستقبل جو سوال آهي. مان هنن کي پاڻ کان ڏور ڪرڻ جو تصور به ڪري نه ٿو سگهان. جي مون واري زال رسي يا طلاق وٺي هلي وڃي ته گهر ۾ ٻي عورت ايندي، جا هنن جي ماءُ نه هوندي، جنهن کي ماٽيلي ماءُ چيو ويندو ۽ ماٽيلي ماءُ جو ظلمن ڀريو ڪردار دنيا ڀر ۾ ڄاتل سڃاتل آهي. پوءِ اها ماٽيلي ماءُ مومل ئي ڇو نه هجي.

جي ٻئي ڀاڄوڻ هڪ گهر ۾ رهڻ ٿيون ته ڀاڄين جا جهيڙن ۾ ڇنڊا پٽ به هڪ تاريخي حقيقت آهي.

هن دوست جو چوڻ هو ته هي توهان جو جيڪو سنبنڌ آهي ۽ اهو پيار جو ئي سبنڌ آهي. ان ڪري مومل پنهنجو ناتو نه ڇنندي ۽ توسان نباهيندي ايندي. پاڻ ئي ملڻ جون راهون تلاش ڪندي ۽ وڏيڪ اطمينان سان ملاقاتون ڪندي. هو مون کي يقين ۽ تسلي ڏيندو رهيو.

## ٢١ - آڪٽوبر ١٩٦٦ع:

پيار گهر ۾ ملاقات ٿي. رئندي رهي ۽ مان پرچائيندو رهيس. ٻڌايائين ته ١٦- ڊسمبر هن جي شاديءَ جي تاريخ رکي اٿن. مون پنهنجا بهانا ڪونه ورجايا ۽ هن به اڳ ۾ ئي ڏنل ڏوراپا ڪونه ڏنا. مان سمجهان ٿو ته هوءَ توڙي مان ذهني طرح ان لاءِ تيار ٿي رهيا آهيون ته اسان جي شادي ڪانه ٿي سگهندي.

## ٢٣ - آڪٽوبر ١٩٦٦ع:

(مومل جو هي خط مليو): پيارا پنهل! مون کي خبر نه هئي ته هي پهاڙ جو مون تي ڪريو آهي. سو ايتري پيڙا ڏيندو. مون کي عمر قيد جي سزا سڻائي وئي آهي. هاڻي ڇا ٿيندو؟ مان پاڳل ٿي پوندس. ڪنهن وٽ فرياد ڪريان. توسان ته وڏيون اميدون ٻڌايون هئم. خبر ناهي توکي مون ۾ ڪهڙيون برايون نظر آيون جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيئي. مون ته پنهل، سڀ ڪجهه تنهنجي قدمن ۾ رکي ڇڏيو. هي منهنجو پهريون ۽ آخري پيار آهي. منهنجي هنن اکين ۾ تنهنجي محبت کان سواءِ ڪجهه نه به آهي. مان فقط تنهنجي درشن جي بکي آهيان.

مان ته پنهل، ڏاڍي ڊرپوڪ ڇوڪري هئس، پر تنهنجي پيار منهنجي سيني ۾ شينهن جي دل پئدا ڪري ڇڏي آهي. پر هي شاديءَ جو مامرو اهڙو هو جو مان اڪيلي ڪجهه ڪري نه ٿي سگهيس، ان ۾ تنهنجي سهڪار جي ضرورت هئي. هڪ دفعو تو مون کي چيو هو ته ان سلسلي ۾ جلدي گفتگو ڪندس. خبر ناهي تنهنجيون اهي ڳالهيون ڪيڏانهن ويون. تو منهنجي حال تي رحم چو نه کاڌو.

تنهنجو خلاصو خط سامهون پيو آهي. تون مون کي ڪيڏو نه پيار ڪرين ٿو. مون کي ڪهڙي خبر ته تنهنجا لفظ مون کي ايڏي بلنديءَ تي پهچائي وري اونداهي غار ۾ ڪيرائيندا. جڏهن ساٿ نه ڏئي سگهئين ته پوءِ تو مون کي ايترو پيار ئي چو

ڪيو. پر ان ۾ رڳو تنهنجو دوش بہ نہ آهي.

مون کي احساس اهي تہ هي خط پڙهي، تنهنجي دل تي ڇا گذرندو. پر منهنجي دل غم ۾ ٻڏل آهي ۽ نظرون انهن اکرن تي آهن تہ مومل مان توکي ڪنهن بہ جو تيئڻ نہ ڏيندس، اسين ٻنهنجي دنيا وسائينداسين. وري بہ مان پڇان ٿي تہ توکي مون ۾ ڪهڙي برائي نظر ائي. ڪهڙ ۾ ڪهٽ ڪجهہ نہ چوندس. تون پريشان ٿي ويندو آهين. منهنجو چاهي، تنهنجي ياد سرس ايندي ۽ پنهنجي پنهل کي خوب پيار ڪندس، تمام گهڻو گهڻو پيار ڪندس. منهنجي لڙڪن جي پرواهہ نہ ڪجانءِ، مان تہ سدائين کلندي رهندي آهيان. اڄ خبر ناهي ڇو صبح کان ئي ڳوڙها وهي رهيا آهن. ڏس، مون کي خط هڪدم لکجانءِ. نہ تہ مان رُسي ويندي سانءِ.

## ١٢ - نومبر ١٩٦٦ع:

اڄوڪي ملاقات ۾ ٻڌايائين تہ سندس مڱيندو سندن گهر ۾ ان وقت اچي نڪتو جڏهن هوءَ گهر ۾ اڪيلي هئي. ٿوريون ڳالهيون ٻولهيون ڪري هن، هن سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هوءَ پڇي ڪمري مان نڪري ٻاهر اڱڻ ۾ آئي. هو بہ هن جي پٺيان آيو. هوءَ پت کي پٺي ڏئي بيٺي. هن، هن کي چمي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. مومل هن کي چيو ڪير اچي نہ وڃي..... هن جي اها ڳالهہ ٻڌي مان سڙي ڪامي ويس. ان جو مطلب تہ هن کي ٻيو اعتراض ڪونہ هو. صرف اهو اعتراض هو تہ ڪو ڏسي نہ وٺي. مون چاهيو ٿي ۽ منهنجي خيال ۾ پيار جي اها تقاضا هئي تہ هن جي ڇيڙڇاڙ تي هوءَ هن کي منھ جي ٻڌائي ها ۽ هن کي ٺڪڙ وهائي ڪڍي ها.

## ١٣ - نومبر ١٩٦٦ع:

(مومل ڏي خط): منڙي! تون ان کي دوکو سمجهين يا ائين چوين تہ مان توکي بيوقوف بنائي رهيو آهيان. پر اها حقيقت آهي تہ منهنجي خوشي ۽ منهنجو غم، منهنجي صحت ۽ منهنجي بيماري، وڏي حد تائين توسان لاڳاپيل آهي. ان رات مون کي ڳچ تڪليف هئي نزلي جي. صبح جون تون آئينءَ تہ بہ مٿي ۾ سخت سور هو. پر توسان جو بہ چار گهڙيون مسرت ڀريون گذاريم تہ مان خوشين جي آسمان تي اڏامڻ لڳس. نزلي واري تڪليف نہ رهي ۽ چار پنج ڏينهن دوا جي لوڙ ئي ڪانہ پاتيم. مگر گذريل رات اها بيماري وري واپس اچي وئي. خراب حالت رهي.

پر منهنجي راتوڪي ڏک جو ڪارڻ بيماري نہ هئي.

هڪ ڀيري اسڪوٽر تان ڪري پيو هوس. معمولي ڌڪ لڳا هئا. ان وقت ڪا خاص تڪليف محسوس نہ ٿي. رواجي دوا لڳايم ۽ بس. مگر رات ٽيڻ تي جڏهن ڦٽ زخم ٺريا تہ انهن ۾ ڏاڍو سور ٿيو. ڪالهہ ڪجهہ ائين ئي ٿيو. تو پنهنجي مڱيندي جو واقعو ٻڌايو. هڪ تير هو جو چڀي ويو. ان وقت مستيءَ جو عالم هو. يا ڇاڻي واٽي مزو خراب ڪرڻ نہ چاهيم. ان ڪري زخمن تي معمولي ڦهو رکيم. پر رات جي تنهائيءَ ۾ اهي تير ۽ ترارون دل کي چيريندا تڙپائيندا رهيا. مون محسوس ڪيو تہ اها تمام وڏي ڳالهہ تي چڪي. سوچيم تہ مون کي مومل کي اهڙي چماٽ هڻڻ کپندي هئي، جو هن کي محسوس ٿئي ها تہ هوءَ ڪنهن جي پيار جي امانت آهي ۽ ان امانت کي هٿ لڳائڻ تہ پري رهيو. پر اجائي سجائي ڳالهہ چوڻ واري تي بہ اهڙو ئي ٺقڙ پوڻ کپندو هو.

۽ تون ڪيتري نہ مزي ۽ فخر سان خوش ٿي اها ڳهتنا تي ٻڌائي. تنهنجي باري ۾ منهنجو پوڄا لائق حسين تصور هو. تو ان تصور کي پاش پاش ڪري ڇڏيو. تو مون کي ڪيترن ئي شڪن ۽ خدشن جو شڪار بنائي ڇڏيو. جڏهن تون منهنجيون معمولي معمولي ڳالهيون نہ مڃيندي آهين تہ ڏک ٿيندو اٿم ۽ اها مايوسي دائمي نشان قائم ڪري ڇڏيندي آهي. مثال طور منهنجي منع هوندي بہ تنهنجو نائلان جا ڪپڙا پائڻ يا منهنجي پسند واري پنهنجي تصوير نہ ڏيڻ..... خبر ناهي مان ڇو اهي ڳالهيون وسري نہ ٿو سگهان. شايد مان دل جو ننڍو آهيان (ننڍي دل، جنهن ۾ فقط مومل ئي ماپي سگهي ٿي.)

پر جيستائين تنهنجي مڱيندي واري ڳالهہ جو واسطو آهي تہ مون کي ائين محسوس ٿو ٿئي تہ ان کان وڏي ڳالهہ ٻي ٿي ئي نہ ٿي سگهي. تو ڇو هن کي برداشت ڪيو؟

## ١٦ - نومبر ١٩٦٦ع:

(مومل جو خط): منهنجي من جا سائين! اڄڪلهہ تون ڏاڍو خوش پيو نظر اچين. شل سدائين مرڪندو نظر اچين. خبر ناهي ڇو توکي ڏسي مان بہ مرڪڻ کان رهي نہ ٿي سگهان ۽ تون سمجهين ٿو تہ مان خوش خرم آهيان. پر مان پنهنجو حال توسان ڪهڙو بيان ڪريان. تون تہ ٿوري ڳالهہ تي بہ پريشان ٿي ٿو وڃين.

ان ملاقات واري ڏينهن سوچيو هوم تہ توسان خوب ڳالهيون ڪندس ۽ چوندس تہ مان ٻي ڳالهہ نہ ٿي ڄاڻان، مان صرف تنهنجي آهيان. پر پوءِ ويچاريم

تہ اها ڳالهہ تہ مان ڪوڙ پيرا چئي چڪي آهيان. هو مون کي پنهنجو سمجهي ها تہ شايد هيءَ مصيبت نہ اچي ها. جيتوڻيڪ اجا پورو هڪ مهينو آهي. پر جتي چار سال گذري ويا انهيءَ ڪشمڪش ۾، اتي هڪ مهيني ۾ ڇا ٿيندو. هاڻي ڏسجان پنهنجي "جندگي" يعني مومل جي تباهي. مان پنهنجي باري ۾ توکي ڪجهہ نہ چوندس، ڇو تہ تنهنجو مون سان بيحد پيار آهي ۽ جڏهن پياري شيءِ کي تڪليف ٿيندي آهي تہ پاڻ کي بہ سور ٿيندو آهي. پر مان ڪوشش ڪندس تہ توکي منهنجي ڪنهن دک جي خبر ئي نہ پوي جئن توکي ڪوبہ دک نہ ٿئي. تون گهبراءِ نہ، مومل تنهنجي آهي ۽ تنهنجي رهندي.

## ٢٢ - نومبر ١٩٦٦ع:

(مومل جو خط): پيارا! اڄ تنهنجي درشن لاءِ سڄو ڏينهن تڙڦندي رهيس. آخر پاڻ کي روڪي نہ سگهيس ۽ تنهنجي اسپتال ڏي آيس. پر نااميدي ٿي. تون ڪونہ هئين. اڪين واري ڊاڪٽر ڏي وئي هئس. اکين ۾ ڏاڍي تڪليف آهي. بہ راتيون ڏاڍي بي آراميءَ ۾ ڪٽيون. خير، مون کي ڪجهہ بہ ٿئي، مان تنهنجي تصور کي پنهنجي دماغ کان جدا ٿيڻ نہ ڏيندي آهيان ۽ جڏهن ڪا تڪليف ٿيندي اٿم تہ دل چاهيندي آهي تہ تون مون وٽ هجين.

اڄ تون ڪيڏانهن ويو هئين. هڪ ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ، جڏهن بہ هي شهر ڇڏين تہ مون کي ضرور اطلاع ڪندو ڪر. خبر اٿئي اڄ گهبرايل حالت ۾ ڦيرا لڳائي رهي هئس ۽ تنهنجي انتظار ايڏو بيقرار ڪري ڇڏيو آهي جو ٻڌائي نہ ٿي سگهان.

ٻڌو اٿم پنهل، تہ پيار ۾ سڀ ڪجهہ هارائڻ کان پوءِ بہ جيت ٿيندي آهي. پر مون کي پڃاڙيءَ ۾ رڳو پيڙا حاصل ٿي آهي. جيتوڻيڪ سڀ ڪجهہ هارائي چڪي آهيان. دل جي هر ڌڙڪڻ تنهنجي نالي سان ڳنڍيل آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ تون ئي سڀ ڪجهہ آهين. منهنجي پيار کي تہ ياد رکندين نہ. ياد رکجانءِ تہ مون جهڙي توکي ٻي نہ ملندي. مون توکي تمام گهڻو پيار ڪيو آهي ۽ پيار ڪريان ٿي، تون بہ تہ مون کي تمام گهڻو پيار ڪرين ٿو.

## ٢ - ڊسمبر ١٩٦٦ع:

(مومل جو خط): منڙا جاني! ڳچ انتظار کان پوءِ ڪالهہ تنهنجو خط مليو.

طبيعت مزي ۾ نہ آهي. ان ڏينهن جو توهان منهنجو وزن ڏٺو هو تہ هڪ پائونڊ گهٽ هو. هاڻي شايد هڪدم ڪيترائي پائونڊ گهٽجي ويو هوندو. پر ها. مون سان گڏ تون پنهنجو وزن ڇو گهٽ ڪري رهيو آهين. خبر اٿئي ان ڏينهن کان وٺي مان تنهنجي صحت جي باري ۾ فڪرمند آهيان. شل تون سدائين خوش خرم رهين. منهنجو ڇا هي، جتي بہ هوندس، تنهنجي يادن سان ٽمٽار رهندس. تون جتي جتي ويندين اتي اتي منهنجو پاڇو توسان هوندو. تون اداس ٿيندين تہ مان بہ اداس ٿي پوندس. مان تنهنجي ڪابہ پريشاني برداشت ڪري نہ ٿي سگهان. ايتري قدر جو منهنجي ياد ۾ توکي جيڪا بيقراري ٿئي ٿي سا بہ نہ. مان توکي هر حال ۾ خوش ڏسڻ جي تمنا رکان ٿي.... شايد اسين هڪ ٻئي جي پيار ۾ ايترو مگن ۽ مدهوش رهياسين جو آئيندي جو سوچڻ لاءِ ڪڏهن خيال ئي نہ آيو. پرهيل تائين جو ڪجھ اسان حاصل ڪيو آهي، ڇا اهو ڪافي نہ آهي!

## ٣ - ڊسمبر ١٩٦٦ع:

”مون کي زهر ڏي، مان پنهنجو انت آڻيندي يس.“ رئندي رئندي چيائين.

”اهڙيون ڇريائپ جون ڳالهيون نہ ڪر. تون تہ پيار ۾ سدائين دلير رهي آهي. هي بزدليءَ واريون ڳالهيون ڇو؟ پيار تہ زنده رهڻ سيکاريندو آهي، زنده رهڻ لاءِ چاهہ وڌائيندو آهي. تون ئي تہ چوندي آهين تہ مون کي سر ڏيڻو پيو تہ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ ڏيندس. پوءِ هي خود ڪشيءَ جو خيال ڇو؟“

”پوءِ ٻيلا مان ڇا ڪريان، تو تہ ڪجھ نہ ڪيو؟“

”پيار، شاديءَ جو محتاج نہ ٿيندو آهي. مان بہ تہ پرٽيل آهيان. ان هوندي بہ توسان پيار ٿيو ۽ پيار ڪريان پيو. جهڙي طرح هن وقت تائين، اسان کي ڪو روڪڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهي، اهڙي طرح اڳتي بہ ٿيندو. مون کي بہ تہ تنهنجي پرٽي ڪري وڌ پئجي رهيا آهن. تون سمجهين ٿي تہ مرد لاءِ اهو سهڻ آسان آهي تہ هن جي محبوبہ ڪنهن ٻئي جي حوالي ٿئي.“

هوءَ رئندي ۽ سڏڪا ڀريندي رهي.

سوچيان ٿو تہ جي پيار جون هڙئي حدون حاصل نہ ٿين ها تہ پوءِ مان مومل کي حاصل ڪرڻ واسطي. شادي ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجھ ڪريان ها. هن وٽان سڀ ڪجھ ملي چڪو هو ۽ ملندو ٿي رهيو. مون کي يقين هو تہ ٻئي ڪنهن سان شادي ٿيس تہ بہ مون سان ملندي رهندي. يا سمجهيم ٿي تہ شاديءَ جي حالت ۾ پيار جو

خاتمو ٿي ويندو. يا هاڻي شاديءَ کان پوءِ باغي ٿي ويو هوس.

مان اهڙي زماني جي تصور ڪريان ٿو جڏهن زوريءَ ناتي جو تصور نه هوندو. ڪنهن سان سندس مرضيءَ خلاف مڪاميلي جو تصور نه هوندو. معاشي طرح نه عورت مجبور هوندي نه مرد. جو جسم خريد ڪرڻ جو تصور هجي. ڪوبه جئن نه پيٽ جو بکيو هوندو تئن مڪاميلي کان به وانجهو نه هوندو ۽ مڪاميلي تي پابندين جو تصور ڪونه هوندو. گرپ ٿيڻ جو انديشو يا ٻار ڄڻڻ جي سورن سهڻ جو تصور ڪونه هوندو. جنسياتي خواهش ۾ جنسياتي بک جي ڪري هيچ جو تصور نه هوندو. هڪ ٻئي جي ملڪيت هجڻ ۽ هڪ ٻئي تائين محدود هجڻ جو تصور نه هوندو. نه طبقاتي فرق جو تصور هوندو. نه نسلي نند وڏائيءَ جو ۽ نه ڌرمي ويڇي جو. پاپ ۽ ڏوهه جو تصور نه هوندو. اونداهين ڪوئنين ۽ گندين جڳهين ۾ قرب جو تصور نه هوندو. رقابت ۽ غيرت جو تصور نه هوندو.... رڳو پيار جو تصور هوندو. پيار جي حقيقت هوندي. پيار جو ناتو هوندو. خوبصورت ۽ اطمينان ڀريو پيار..... هي شاعر جو خواب نه، پر هڪ سائنسدان جي اڳڪٿي آهي.

## ١٦ - ڊسمبر ١٩٦٦ع:

اڄ مومل جي شادي آهي. هن جي نيڏڙي ياڻتي آئي. پڇيو مانس ”تنهنجي پڪي چا پئي ڪري؟“ جواب ڏنائين ”ڪنوار بني ويني آهي.“ دل تي هڪ تير لڳو. ڪير منهنجي غم جو ڪاتو ڪري سگهي.... جي هن جي شادي مون سان ٿيندي هجي ها ته اهي ئي لفظ ڪيترو نه مٺا لڳن ها ۽ انهن کي ماڪيءَ سان روايتي تشبيهه ڏيڻ بدران، ڪنهن نئين تشبيهه جي تلاش ڪريان ها. اهڙي ڳالهه ٻڌڻ تي دل وري چاهي ها.

## ١٩ - ڊسمبر ١٩٦٦ع:

مومل جي شادي ٿئي ٽيون ڏينهن آهي. صبح جو هوءَ منهنجي انتظار ۾ بيٺي هوندي هئي. مان سندس گهر وٽان لنگهندو هوس ته ڇت تي نظر ايندي هئي. جڏهن کان وئي ونواهه ۾ ويٺي آهي ۽ شاديءَ ڪار: پوءِ به اڃا تائين نظر ڪانه آئي آهي. مون کي اميد هئي ته ضرور نظر ايندي. سندس مڙس جو گهر به سندس پيءُ ماءُ جي گهر سان لاڳيتو آهي. ڏاڍو پيو سوچيان. اداس به رهان ٿو. ڪڏهن ڪڏهن خيال پيو اچيم ته هاڻي هن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪجي.

هيءَ ڳالهه مون کي ڪنڊي وانگر چڀندي رهي آهي ۽ اهو چڀڻ هاڻي تمام تير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويو آهي تہ مومل منهنجي جذبن جو پورو خيال نہ پئي ڪيو آهي. ڪيترين ڳالهين ۾ منهنجي چوڻ ڪي نہ مڃيو اٿئين. مثال طور، مون جڏهن چيو هوندومانس يا لکيو هوندومانس تہ فلاڻي ڏينهن مون سان مل تہ هن چئن سالن ۾ ڪڏهن بہ منهنجي اها ڳالهہ نہ مڃي اٿائين. پڇڻ تي ڪڏهن بہ ان جو سنئون سڌو جواب نہ ڏنو هوندائين. هونءَ ملڻ تي ايندي تہ ڏينهن جا ڏينهن لاڳيتو ۽ بعضي بعضي تہ هڪ ڏينهن ۾ بہ بہ، ٽي ٽي ڀيرا بہ ملي هوندي. سو هوءَ پنهنجي سهوليت ۽ مرضيءَ تي پئي هلي آهي. اهي ڳالهيون هيئنر سوچي بيحد ڏک پيو ٿئيم.

شاديءَ کان ڏهہ ٻارهن ڏينهن اڳ اسپتال ۾ آئي. چيومانس تہ سياڻي ٽين بجي پيار گهر ۾ ضرور ملجانءِ. پڪ هئم تہ ايندي پر ڪانہ آئي. مون هن جي معمولي معمولي خواهشن کي ڪيتري نہ خوشي ۽ پيار سان پئي پورو ڪيو آهي. پوءِ هن اهڙو جذبو ڇو نہ ڏيکاريو آهي؟ بيحد ڏک پيو ٿئيم. ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ تہ هن مون کي پنهنجي اشارن تي پئي نچايو آهي..... ۽ شادي ڪيترو نہ خاموشي ۽ اطمينان سان ڪري ڇڏيائين. چوندي هئي تہ ٻئي ڪنهن سان شادي ڪرائي وئي تہ زهر کائيندس.

آخري ڏينهن ۾ هن کي اهو ئي ڊپ هو تہ سندس مڙس کي پهرين رات اهو شڪ نہ پئجي وڃي تہ هن جي ڪنوارپ ختم ٿي چڪي آهي. ان شڪ کان بچڻ خاطر مون کان طريقا پڇيائين.

ائين تہ نہ آهي تہ پنهنجو اهو غرور قائم رکڻ واسطي تہ هڪ ڊاڪٽر هن کي ايترو چاهي ٿو ۽ هن جي اشارن تي نچي ٿو، هوءَ مون سان نباهيندي رهي آهي ۽ هن جو مون سان ايترو پيار نہ آهي، جيترو مان سمجهندو رهيو آهيان...... ڇا هن مون کي رانديڪو پئي سمجهيو آهي!

مان هن سان شادي ڪرڻ واسطي تيار ڪونہ هوس، پر هن مون سان نہ ضد ڪيو ۽ نہ مون کي مجبور ڪرڻ جو جتن ڪيو.

## ٢٦ - ڊسمبر ١٩٦٦ع:

گذريل خميس ڏينهن اسپتال ۾ آئي، ڪنوار جي ويس ۾ ۽ مڙس سان گڏ. دل تي ٻرڇي لڳي. اندر سڙي ويو. ڏاڍي چڙ آيم. ظاهر هو تہ بيماريءَ جو فقط بهانو ڪيو هئائين. گلي ۾ سور جو بهانو. گلي ۾ دوا لڳائڻ واسطي آئي هئي. مڙس بہ سندس نازڪنيو، نہ تہ اهڙي معمولي تڪليف واسطي نئين ڪنوار کي اسپتال آڻڻ جو ڪهڙو ضرور هو ۽ سو بہ پنهنجي رقيب وٽ، جنهن لاءِ افواهہ ٻڌي چڪو هو.

منهنجي اکين مان چٽنگون نڪري رهيون هيون. بيحد غصو آيم. هوء زناني ڪونڙيءَ ۾ اڪيلي هئي. پر مون نه هن ڏي نهاريو ۽ هن سان اکيون ملايم. ڳالهايومانس به خشڪ نموني ۾ صرف بيماريءَ بابت. پوءِ هوءَ هلي وئي.

مون کي بيقراريءَ جي درياهه ۾ لوڙهي وئي. سڄي رات پاسا ورائيندي گذاريم. ڇا هوءَ اڄڪلهه قرار ۽ چين سان وقت ڪاٽي رهي آهي؟

## ٣٠- ڊسمبر ١٩٦٦ع:

ڪالهه عيد هئي. گذريل ڇئن سالن ۾ هو عيد تي، راڻي باغ ۾، اسان هڪ ٻئي جو ڏور کان درشن پئي ڪيو آهي. اها ئي منهنجي عيد هوندي آهي. پر ڪالهه مون عيد نه ملهائي. ٿيو ڏينهن ٽپال رستي عيد ڪارڊ موڪليو اٿمانس.

پرينءَ جي هڪ جهلڪ منهنجي ساري ٿيون عيدن سان پري ڇڏيندي آهي. هن جي جهلڪ نه ڏٺم ته عيد جي ساري ڏينهن جون دوستن جون دعوتون ۽ مائٽن جون ملاقاتون، ڪابه سرهائي ۽ ڪوبه اتساهه اپاري ڪونه سگهيون هر چيز ڦڪي ۽ بي مزي رهي.

هن ڀيري ڏاڍو غصو اٿم. غصو ته اڳي به ڪڏهن ڪڏهن ايندو رهندو آهي. پر جڏهن ئي هوءَ سامهون ايندي آهي، سڀ ڪجهه وسري ويندو اٿم ۽ سراپا پيار ۽ مرحبا بنجي ويندو آهيان ۽ پنهنجي غصي جو پورو اظهار ڪري ڪونه سگهندو آهيان. پوءِ سوچيندو آهيان: "برو ٿئي ان پيار جو. جو پرينءَ جي سامهون اچڻ سان سارو غصو غائب ٿيو وڃي."

هن دفعي سوچيو اٿم ته جڏهن ئي خلاصي ملاقات ٿيندي، خوب ڇماٽون هڻي چوندوسانس: "بزدل..... خود غرض..... پٿر دل..."

ڏسجي ته پنهنجي ان ارادي تي قائم رهي سگهان ٿو يا نه. ائين نه ان ڏينهن جو بيماريءَ جي بهاني، مٽرس سان گڏجي اسپتال ۾ آئي ته ڪاوڙ قائم رکي سگهيو هوس.

هاڻي شاديءَ جو اثر اسان جي ملاقاتن ۽ ناتن تي ڪهڙو پوندو؟ نئين ڪنوار کي اڪيلو ٻاهر ڪونه ڇڏيندا. ٻاهر نڪرڻ جي ضرورت پوندس ته يا سس ساڻ نڪرندس يا گهر جو ڪو ٻيو ڀاتي. وڏي ڳالهه ته اڄهو تي گرپ سان ٿئي ۽ ويم هن جي سهڻي بدن تي بد زيبا نشان ڇڏي ويندو. وري ٻار جو گود ۾ هجڻ. ٻاهر نڪرڻ اڃان به مشڪل ٿي پوندس.

اهو سوچي به مايوسي ويڙهي ٿي وڃيم ته جسماني پورت ٿيڻ ڪري، هوءَ شايد مون کان بي پرواهه بنجي وڃي. روايتي ماحول ته گهر ۾ اٿن. روايت جو احساس ۽ خوف به هن کي مون کان ڏور ڪري سگهي ٿو.

## ٢- جنوري ١٩٦٧ع:

چڙ، غصو ۽ شڪايت هوندي به هن جي انتظار رهيم ٿو. هن جي واٽ واجهايان پيو. شل اچي وڃي، شايد ملاقات جو نياپو موڪلي. هن جي گهر جا ننڍا ٻار اچن پيا. انهن کي ڏسي به دل کي هڪڙي قسم جي آسيس ٿئي ٿي. هن کان مومل بابت پڇڻ کان به رهي نه ٿو سگهان: هوءَ ڪٿي آهي؟ ڇا پئي ڪري؟

ڪالهه هن جي گهر جو ڇوڪرو آيو ۽ مومل جو نالو وٺي چيائين ته هوءَ ڇوي ٿي ته ٿورو اسپرٽ موڪليو. دل کي ڏاڍو ڏڌ آيم.

منجهند جو مونيس پئي ته هوءَ پنهنجي گهر جي ڇت تي، دستوري جاءِ تي موجود هئي. دل ڌڙڪي، خوشيءَ جي لهر سرير مان لنگهي وئي. هن مون کي وساريو ناهي. هوءَ اڃا به مون کي چاهي ٿي. ڏينهن ڏاڍو ڇڱو گذريو.

مان به صفا ياڙيو آهيان. پڪو پهه ڪيو هوم ته هن کي ڇت تي ڏسي ڪڏهن به هارن ڪونه وڄائيندس. هارن وڄائڻ جو مطلب آهي ته مان ٽوڪي ڇڱيءَ طرح ڏسان پيو. يا پري کان هارن وڄائيندو ويندو آهيان ته هوءَ ٻڌي، ڊوڙندي ڇت مٿي پهچي.

اڄ منجهند جو پڻ هوءَ ڇت تي موجود هئي ۽ منهنجو هٿ پاڻمرادو هارن دٻائيندو رهيو.

سانجهيءَ جو هوءَ مڙس سان اسپتال ۾ آئي. ڪونڙيءَ ۾ گهڙيس ته هوءَ اڪيلي هئي. پاڻ روڪڻ جي باوجود مرڪي وينس.

چيائين "اڃا غصو نه لٿو؟"

مون جواب ڪونه ڏنو.

ڪرائيءَ کي نبض ڏسڻ جي نموني جهليومانس ۽ ننهن هن جي ماس ۾ کپائي ڇڏيم. منهنجو هٿ ڪٽي جهليائين ۽ ٻنهي جا ڇنبا هڪ ٻئي ۾ سوکها ٿي ويا. وڏيڪ ڳالهائي ڪونه ٿي سگهياسين. ٻاهر آواز صاف ٻڌجي ها. مون محسوس ڪيو ته اکين ۾ آنسو اچڻ وارا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشاري سان چيائين ٻاهر وڃ.

چيومانس "تمام گهڻو ڊپ ٿو ٿئيئي؟"

هوءَ شرمندي ٿي وئي.

پوءِ مون هن جي دوا خود ئي وجي ناهي. جڏهن ٻه هنجي دوا ناهڻي هوندي آهي تہ ڪمپائونڊر هوندي بہ هن جي دوا مان پاڻ ناهيندو آهيان. ڪن ۾ دوا پاڻ وجهندو آهيان. اک ۾ ڦڙو پاڻ وجهندو آهيان.

دل ۾ خيال ايرندو رهيو تہ مان هن ڇوڪريءَ کان ڪڏهن بہ نفرت ڪري نہ سگهندس ۽ هوءَ بہ مون کان سواءِ رهي نہ سگهندي.

هنڪي سٺا ڪپڙا پهريل ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيندي اٿم. منجهند جو جنهن مهل هوءَ ڇت مٿان بيٺي هئي، ان وقت بہ هن کي نئون ۽ سٺو لباس پهريل هو. خوشي تہ ٿي پر پوءِ ان خيال کان صدمو پهتم تہ هيئر هن جي مڙس جي اچڻ جو وقت آهي، شايد هن واسطي ئي هوءَ نهي نڪي تيار ٿي ويٺي آهي. سانجهيءَ جو جنهن وقت هوءَ اسپتال ۾ آئي، ان وقت پڻ هن کي ناهوڪا ڪپڙا ڍڪيل هئا ۽ اينري ميڪ اپ ڪيل هئي جو اڄ تائين مون هن کي اينري ميڪ اپ ۾ نہ ڏٺو هو.

هوءَ جي هن شاديءَ ۾ دکي هجي ها تہ پوءِ اينرو هار سينگار ڇو؟ بس اهڙا خيال اندر ساڙيو ڇڏين!

## ٩ - جنوري ١٩٦٧ع:

ڪڏهن ڪڏهن ڇت تي نظر ايندي آهي ۽ هفتي ۾ هڪ بہ ڀيرو بيماريءَ جي بهاني مڙس سان گڏجي ايندي آهي. شاديءَ کان پوءِ اجا پيار گهر ۾ ملاقات ڪانہ ڪئي اٿائين. شايد وجهہ نہ ٿو مليس.

گذريل دفعي اچي اندر ڪونڙيءَ ۾ ويٺي. اڪيلي هئي مان گهڙيس تہ هڪ فوٽو ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين ۽ چيائين تہ کيسي ۾ رک. مون ائين ڪيو. مڙس ٻاهران ويٺو هو. وڌيڪ گفتگوءَ جو وجهہ نہ هو. هن جي وڃڻ کان پوءِ، اهو فوٽو ڏسي ٻاهہ وٺي ويم. هوءَ ڪنوار جي ويس ۾ هئي...... ڇا هوءَ سمجهي ٿي تہ مان هن جي ڪنوار بنجڻ ۾ خوش هوس، جو فخر سان فوٽو ڪٽي آئي آهي؟ فوٽو ڦاڙي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪري ڇڏيم ۽ هر ٽڪري جي پٺيان لکيم "مون لاءِ مومل مري وئي" اهي سڀ ٽڪرا لفافي ۾ بند ڪري رکيا اٿم ۽ جي ڪڏهن بہ خلاصي ملاقات ٿي تہ روبرو ڏيکاريندومانس.

غصو هوندي بہ حد کان وڌيڪ انتظار رهي ٿو. هن جي چت ڏانهن پيار گهر ۾ اچڻ جي اشاري لاءِ واجهائيندو رهان ٿو ۽ اسپتال ۾ هر وقت اوسيڙو رهي ٿو شايد اچي وڃي.

## ۱۲ - جنوري ۱۹٦٧ع:

اسپتال ۾ سامهون گهڙي، مرڪندي ساٿس گڏ نندي ڇوڪري هئي. مان پنهنجي مرڪ لڪائڻ جي ڪوشش هوندي، مرڪي ويٺس. ڇوڪريءَ کي زناني ڪوٺڙيءَ ۾ وهاري، پاڻ ڇڪاس ڪوٺڙيءَ ۾ اچي ويٺي. اها ئي پراڻي پنهنجائپ.

اڌ ڪلاڪ ڪن هئي. بيمار بہ آيا ويا پئي. انهن کي بہ ڏٺم پئي. گهڻو وقت خاموش ويٺا رهياسين. الهيءَ خاموشيءَ ۾ بہ طوفان هئا. پر ايتري خلاصگائي ڪانہ هئي جو طوفانن کي ڇيڪ ڇڏي ڏجي. مون ڇاٽي واٽي هن سان اکيون نہ ٿي ملايون.

"توهان جي اجازت سان منهنجي هيءَ شادي ٿي آهي، پوءِ بہ ايترو غصو." هن چيو.

"منهنجي اجازت!" مون عجب مان چيو.

"توهان شاديءَ کان انڪار ڪيو. مون کي ٻئي سان ڪرڻي پئي. توهان پاڻ کي بہ جلايو ۽ مون کي بہ جلايو."

مان ماٺ ۾ رهيس.

"ڪالهہ خط پوسٽ ڪيم اٿم. اڄ ملي ويندو."

مان ماٺ.

"هاڻي مان وڃان!" هن ڪمزور آواز ۾ چيو.

"تنهنجي مرضي."

"ائين چو ٿا چئو؟" جڻ هوءَ سڏڪو پرڻ واري هئي.

"منهنجي مرضيءَ تي اڳ ۾ ڪير هليو آهي." مون وٽ رڳو ڏوراپا هئا.

"ائين نہ چئو!"

ايترو وقت مون هن کي پيار ڪرڻ جي چرپر ڪانہ ڪئي، جينوٽيڪ ايتري نويڪلائي هئي. وڃڻ کان اڳ ۾ دستور موجب، هٿ لڪائي مون ڏانهن ڊگهيريائين. مون هن جو اهو هٿ، جنهن سدائين ونندو هوس، تنهن پنهنجي هٿ ۾ ڪونہ دٻايو. ڪنڌ نوڏي انڪار ڪيم.

اسڪول ۾ ويندي ۽ ڪن ساهيڙين سان ملندي.

”پلا پهرين رات لاءِ توکي جيڪو انديشو هو. ان جو ته ڪجهه نه ٿيو هو؟“ مون پڇيو.

”شاديءَ جي پهرين رات توکي ياد ڪيو ويو“ مومل چيو.

”تون ته مون کي ائين ئي ياد ڪندي آهين.“

”مان پنهنجي ڳالهه نه ٿي ڪريان. منهنجي مڙس توکي ياد ڪيو.“

”ڪيئن پلا؟“

”مون کان پڇيائين ته وچ ۾ تنهنجي ۽ ڊاڪٽر جي باري ۾ ماڻهن بڪواس ڪئي هئي. ان جي حقيقت ڪهڙي هئي؟ مون هن کي پوري اعتماد سان ٻڌايو ته ڊاڪٽر مون ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو هو. پر هو ايترو شريف آهي جو هن ماڻهو موڪلي منهنجي مائٽن کان منهنجي سنگ جي گهر ڪئي. جڏهن هن کي جواب مليو ته ڇوڪري اول ئي مڱيل آهي ته ڊاڪٽر وري ان ڳالهه جي اپٽار نه ڪئي ۽ ڪن ماڻهو جو اها سڱ گهرڻ واري ڳالهه ٻڌي ته هو ڪيتريون ئي ڳالهيون ناهڻ لڳا. هن کي اهو به ٻڌايم ته ڊاڪٽر منهنجي ڏاڍي عزت ڪندو آهي. پر خبر اٿئي هن وري پنهنجو قصو ٻڌايو.“

”ڪهڙو قصو؟“

”هن چيو ته مون جو اهي افواهه ٻڌا ته مون چا ڪيو جو هڪ ته تنهنجي ان اسپتال ۾ اچ وڃ جي جاسوسي ڪرڻ لڳس. مون توکي هڪ ٻه دفعو اتي ويندي ڏٺو پر توسان ڪو گهر جو ٻيو ڀاتي به هوندو هو. ٻيو ته مون ڪمپائونڊر سان دوستي رکي ۽ هن کان ڊاڪٽر جي ڪارنامن جو پڇندو هوس. پر هن ڪڏهن به ڊاڪٽر جي ڳالا نه ڪئي ۽ تو بابت به ٻڌايائين ته ٻاڙي جون جئن ٻيون مايون بيماريءَ جي حالت ۾ دوا وٺڻ ايندڀون آهن، تئن هوءَ به ضرورت وقت پئي ايندي آهي.“

## ١٦- نومبر ١٩٦٧ع:

وري وچ ۾، ڪوشش ڪندي به ڊائري لکي ڪونه سگهيس.

پيار گهر ۾ اسان جون خلاصيون ملاقاتون وري شروع ٿي ويون آهن. البت دير دير سان ملون ٿا ۽ وڏيڪ خبرداريءَ سان. هڻ هاڻي خط لکڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. اتفاق سان ڪو لکي ٿي. ساهيڙي کان هاڻي مدد وٺڻ مناسب نه ٿي سمجهي.

”آسري ۾ رکي ڪالهه ڇو نه آئينءَ؟“

”جلدي جلدي ملاقات چڱي ناهي.“

منهنجو پارو چڙهي ويو.

”پوءِ مون کي اجائي آسري ۾ ڇو رکي؟“

هن منهنجي ڪاوڙ کي محسوس ڪيو.

”پر توهين بگڙي ڇو ٿا وڃو؟“

”اجا به نه بگڙان؟“

”پر منهنجيون مجبوريون!“

”اهو نه تنهنجو نهيل نڪيل بهانو آهي.“

”هينئر هلون ٿا. ڪالهه نه سهين، اڄ سهين.“

”مان نه هلندس.“

”مان هلي ٿي اتي تنهنجو انتظار ڪريان. ڏسان ڪيئن نه ٿو اچين!“

مان اتي هنڪان اڳ ۾ پهچڻ ضروري سمجهندو آهيان. سڌو پيار گهر ويس. پندرهن منٽن کان پوءِ هوءَ به پهچي وئي.

مان منهن سُجائي کٽ تي ليٽي پيس.

هوءَ به چپ. مان به چپ. ويهه منٽ کن ان مانٺ ۾ گذري ويا. پنهي جي اندر ۾ طوفان برپا هو. منهنجو هٿ، پنهنجي هٿ ۾ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين. مون پنهنجو هٿ ڇڏائي پري ڪري ڇڏيو. منهنجي پرسان سمهي پئي.

”ڪجهه ته ڳالهايو.“

مان پريو وينو هوس. من جو بار هلڪو ڪرڻ ٿي چاهيم.

”توکي جڏهن ملڻو ناهي ته مون کي اجايو آسرن ۾ ڇو ٿو رکين. يا ته تنهنجو پيار ايترو ڪونه رهيو آهي جو جو ڪٿي مون سان ملڻ اچين. يا ته تون ايترو مجبور آهين ۽ تو تي ايتريون پابنديون آهن، جو مون تائين پهچي نٿي سگهين. پنهي حالتن ۾ مناسب اهو آهي ته مان هاڻي توسان ملڻ صفا ڇڏي ڏيان اهو انديشو ته متان تنهنجي خاوند کي ڪُڙڪ پئجي وڃي ۽ تنهنجي زندگي تباهه ٿئي، پنهنجي جڳهه موجود آهي. ان ڪري هاڻي مان توسان نه ملندس. بس هيءَ آخري ملاقات آهي. هونءَ به تو ۾ مون سان ملڻ لاءِ بيتابي ڪانه رهي آهي. ٻئي شهر ۾ مهينو مائٽن وٽ وڃي رهڻ ۽ اتان آئڻ تي ڏهن ڏينهن تائين مون سان ڪونه ملڻ. وري هاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهينو ڪن ٿيو جو ڪونہ آئينءَ ۽ هن پيري اچائي آسري ۾ رکي..... بس هاڻي مون پڪو ارادو ڪيو آهي تہ مان حيدرآباد جو شهر ڇڏي. ڪنهن ٻئي شهر لڏي ويندس."

منهنجو تير نشاني تي لڳو. مون کي خبر آهي تہ هن جي دل جي نازڪ تارن کي منهنجي اها ڌمڪي ڇيڙڻ ۾ دير نہ ڪندي. هن پاسو ورائي پاڻ ڏي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي. مون منهن ٻئي پسي ڦيرائي ڇڏيو. هوءَ مانٺ تي وئي ۽ ڪجهہ ساعتن بعد، هن جي سڏڪن جو آواز آيو. پوءِ هن جا ڳوڙها ٽم ٽم ڪرڻ لڳا. هوءَ مون مٿان جهڪيل هئي. هن جا ڳوڙها سڌو ئي سڌو منهنجي اکين ۾ ڪرڻ لڳا. هن جا لڙڪ، منهنجا لڙڪ بنجي ويا. مون بہ چار منٽ پاڻ کي روڪيو ۽ ڄُريس پُريس ڪونہ. پر پوءِ پاڻ کي روڪي نہ سگهيس ۽ هن کي زور سان ڀڪر ۾ پاتم. هن جو هيانءُ ڦسي پيو ۽ زور زور سان رئڻ لڳي.

مان هنکي پرچائيندو رهيس.

اهڙيون نعمتون، اهڙو پيار، اهڙي ڏڙڪڻ، اهڙيون خوشيون جنهن کي نصيب نہ ٿيون آهن، انهن جي زندگي ٽڪي جي نہ آهي.

هن روئي بس ڪيو. هن جي جيءُ هلڪو ٿيو. منهنجو جيءُ تہ هلڪو ٿي چڪو هو.

"تون مون کي ايترو رئارين ٿو."

"مان توکي ڇيڙيان ٿو تہ اسان جو پيار نئين سرسائو ٿئي. تنهنجا اها ڳوڙها، اسان جي پيار جي پودي جي آبياري ڪن ٿا."

"تون منهنجو جياپو آهين، پيو جو وٽئي سو سمجهہ، پر ائين ڪڏهن بہ نہ سمجهندو ڪر تہ منهنجي محبت ۾ ڪا ڪمي اچي وئي آهي."

پيار جي ڳالهين جي ورڪا ٿيندي رهي.

"پر توکي اهو ٻڌائڻو پوندو تہ ڪالهہ ڪهڙي مجبوري هئي جو تون واعدي تي قائم رهي نہ سگهينءَ؟"

"سچ ٻڌايان؟"

"ڀلي ڪوڙ ئي ٻڌاءِ، پر اهڙو ڪو عذر ڏجانءِ جو مون کي تسلي ٿي وڃي. مان تنهنجي اهڙي ڪوڙ کي سچ کان وڌيڪ سمجهندس."

"شل مان ان ڏينهن مري وڃان، جنهن ڏينهن توکي ڪو ڪوڙ ٻڌايان."

هجي ها ته مون کي ڦري فقير ڪري ڇڏي ها يا ته مان منجهه ئي هن جي نيت پاڻپي هن کان اڳ ئي وڃان ها. منهنجي بي ڪميٽي خواهش اها ٿيندي هئي ته هنجي شادي ڪامياب نه ٿئي ۽ هوءِ مون ڏانهن موٽي اچي. يا ون ۾ انتقامي جذبو ايرندو هو ته ڪنهن بي چوڪريءَ سان ياري رکي ڏيکاريانس ته مان تنهنجي مکاميلي جو محتاج نه آهيان. پر جڏهن هوءِ اچي ملندي آهي ته سڀ ڪجهه وسري ويندو آهي ۽ هن جي گرمجوشي ڏسي، سڀ شڪ دور ٿي ويندا آهن. وري جڏهن سوچيندو هوس ته هن جي مجبورين جو پورو احساس ٿيندو هوم هوءِ چوڪري آهي. ڪهر جون جوابداريون اٿس، ٻارن کي سنڀاڻو اٿس. مڙس ٿان لڪي مون وٽ اچڻو اٿس ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي ڏکيائون ۽ رنڊڪون اٿس.

## ٧ - جنوري ١٩٧٣ع:

مومل جي مڙس، منهنجي هٿ ۾ مومل جي چٺي اچي ڏني. مون کي ڏاڍي حيرت لڳي. پر اها چٺي کولڻ ني ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. هن منهنجي زال جي وفات تي پرچاڻي جو خط لکيو هو ۽ افسوس ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو هئائين.

## ٢٨ - مارچ ١٩٧٣ع:

تازو ٻه ٽي ڀيرا اسپتال ۾ مڙس سان گڏجي بنا برقعي آئي ۽ لڪي لڪي مون ڏي نهاري مرڪندي رهي. جڏهن نويڪلي ملي ته ٻڌايائين ته آهستي آهستي ڪري مڙس کي ان ڳالهه تي آندو ته برقعو غير ضروري آهي. باقي جيڪا ڪسر رهي، سا برقعي جي قيمت پوري ڪئي. چيومانس ته هاڻي نئين برقعي جي ضرورت آهي ۽ برقعو ريشمي ڪپڙي مان نهي ٿو. جنهن تي الاهي خرچ اچي ٿو. مڙس چيو ته حالي ته ايتري گنجائش ڪانهي. هيترا ٻار ٿي ويا اهن. ڪهر جو خرچ وڌي ويو آهي. مومل چيو ته پراڻو برقعو اجا چڱي حالت ۾ آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پئي پائيندس. خاص ڪري جڏهن توسان ملڻ پئي ايندس.

ٻارن ڄڻڻ جي ڏم لڳائي ڏني اٿائين. ڇهن سالن ۾ چار ٻار ٿيا اٿس. مان هر ڀيري سمجهائيندو آهيانس ته چو ٿي هٿ وٺي پنهنجي صحت ۽ سونهن برباد ڪرين ۽ مالي مشڪلاتون الڳ. پر هوءِ سجو دوش مڙس تي ڏيندي آهي ۽ مون کي چوندي آهي ته تون سمجهائينس. گرڀ ۽ ويم دوران هوءِ بيمار به ڏاڍي ٿي پوندي آهي ۽ ڏاڍي پيڙا ڏسڻي پوندي اٿس. هن جو گذريل ويم ۾ مهينا اڳ ٿيو هو ۽ ان دوران اهڙي تڪليف ٿيس جو هن جو مڙس گهٻرائجي ويو ۽ مون کي وٺڻ آيو ته هلي ڊاڪٽرياڻين کي پارٽ ڪريو. ٻار ڦاسي پيو هو ۽ مومل کي سول اسپتال ڪٺائي ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سانديندي هئي.

هوءَ هيسجي وئي.

" پر سچي ڳالهه ٻڌو: هتي واري عورتن جي قومي تنظيم جون ڇوڪريون چندي لاءِ مون وٽ پيون ايندريون آهن. پڇت آهر هنن جي امداد پئي ڪندي آهيان. گذريل ٻوليءَ جي هنگامن دوران، جيڪي شاگرد گرفتار ٿيا هئا. تن لاءِ هنن ڪي ڪي وڏا وڪيل ڪرڻا هئا. انهن جي فيءَ لاءِ وڏي رقم گهربل هئي. ڇوڪريون ٽيون ڏينهن مون وٽ آيون هيون. مون کي چيائون ته متئين طبقي وارا هن معاملي ۾ اسان جي مدد اصل نه ٿا ڪن. سو جيترو وڌ ۾ وڌ ڏئي سگهين اوترو ڏي. مون وٽ ٻي ڪهڙي ملڪيت هئي. اها منڊي وچي وڪيم. انن سالن ۾ سون جي قيمت ٽيٽي چوٽي تي وئي آهي. ان منڊيءَ جا اٺ سو رپيا مليا. سي سيئي انهن شاگردياڻين جي جهوليءَ ۾ وڌم....."

منهنجو چهرو مرڪن سان ٻهڪي اٿيو. اکين ۾ خوشي ۽ عقيدتمنديءَ جون ڏياٽيون روشن ٿي ويون. هن کي اهڙي زور سان ڀاڪر ۾ ڀاتم جو رڙ نڪري ويس.

## ١٠ - آڪٽوبر ١٩٨٤ع:

اسپتال ۾ آئي. سدائين وانگر ڏاڍي خوش ۽ هشاش بشاش هئي. هن جي هٿ ۾ هڪڙو ڪتاب هو. جڏهن اڪيلا ٿياسون ته چيائين:

"تون کي منهنجي پسند جو داد ڏيڻو پوندو."

"سو ته ورهين کان پيو ڏيان."

"پر اڄ نئين سر داد ڏيڻو پوندو."

"ڪهڙي خاص ڳالهه ٿي آهي؟"

"سنڌ جي عظيم دانشور ۽ تاريخدان سائين حسام الدين راشديءَ منهنجي پسند جي پنيرائي ڪئي آهي."

"ڪيئن ڀلا؟"

"مان توکي ٻڌائيندي آهيان ته نه نجم عباسي ۽ امر جليل منهنجي پسند جا ڪهاڻيڪار آهن. سائين راشديءَ به انهن جو حوالو ڏنو آهي."

هن جي هٿ ۾ تازو شايع ٿيل "سهڻي" رسالي جو نسيم کرل نمبر هو. ان جو صفحو نمبر ٨٨ کوليائين. ان تي ڪن سٽن هيٺان ڳاڙهيون ليڪون ڪڍي ڇڏيون هئائين. چيائين ته اهي پڙهي ڏس.

سائين حسام الدين راشديءَ جي مضمون جون اهي سٽون هن ريت هيون.

هلندڙ دور جي ڪهاڻيڪارن جي، موضوع جي لحاظ سان هيئن گروه بندي ڪري ٿي سگهجي:

ڪي مارڻ جي ڪوشش ڪئي.“ مومل چيو.

”ڪوشش ڪئي جو مطلب ڇا؟“ مون پڇيو.

”غصي ۾ اچي هن مون کي ٿڦڙ هڻڻ لاءِ پنهنجو هٿ کنيو ته مون اهو هٿ ڪٽي جهليو ۽ اهو هٿ مروڙي، هن کي زور سان ٺيلهو ڏنم. هن کي اميد ڪانه هئي ته مان ڪو هن جو مقابلو ڪندس. منهنجي ٺيلهي ڪري ٿيڙ کائيندو وڃي پٽ تي ڪريو. ٻي ته ڪا شيءِ نظر ڪانه آئي، سو ويلڻ کڻي، الاري، چيومانس ته جي مون تي هٿ کنيو اٿئي ته مٿو ڦاڙي ڇڏينديسانءِ. مان شينهڻ بڻجي وئي هئس.“

”تون ته آهين ئي شينهڻ!“ مون وچ ۾ چيو.

”پوءِ هو اٿيو ۽ بي اعتباري ۾ شرمندگي مان مون ڏي نهاريندو رهيو ۽ پوءِ اندر ڪوٺيءِ ۾ هليو ويو.“

”ٻار به گهر ۾ هئا ان وقت؟“

”تڏهن هو ڪيڏانهن ويندا. هو مارڻ وقت ڪڏهن به ٻارن جي موجودگيءِ جو خيال نه ڪندو آهي.“

”اهڙي حالت ۾ هن جو موٽ عمل ڪهڙو هوندو آهي؟“

”هو رئڻ نڪندا آهن ۽ ڪالهه به رنائون.“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“

”مان به وڃي سمهي پيس. ٻار راند ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويا. ڪجهه دير کان پوءِ هو به سهي سنيري گهر مان نڪري ويو. رات جو موٽيو. مون گهر ۾ ڪجهه ڪم نه ڪيو هو ۽ نه ماني پچائي هئم. ٻارن کي جيم نه پيءُ کي چئو ته هوٽل تان ڪاڌو وٺي اچي ته کائون. مجبور ٿي هن کي ائين ڪرڻو پيو. صبح جو به دستور موجب مان سوير نه اٿيس ۽ نه گهر جو ۽ بورچيخاني جو دستوري ڪم ڪيو. هو سمجهي ويو ۽ وڃي ڊبل روٽي وٺي آيو ۽ ٻارن جي مدد سان چانهه ٺاهيائين. هاڻي سوچيو اٿم ته جيستائين معافي نه گهرندو ۽ آئيندي اهڙي ذليل حرڪت ڪرڻ کان توبهه نه ڪندو، مان گهر جو ڪم ڪار نه ڪندس.“

”تون ڇا ٿي سمجهين ته هن جو موٽ عمل ڇا ٿيندو؟“

”جيڪي وٺيس سو ڪري.“

”جي انتهائي قدم کڻي ۽ توکي طلاق ڏئي ته پوءِ؟“

”هن کي ايتري همت نه ٿيندي. اهو مان به سمجهي وئي آهيان ته هو Dependant (ڊپينڊنٽ) قسم جو ماڻهو آهي. هو مون کان سواءِ هلي نه سگهندو. هو نه گهر هلائي سگهندو ۽ نه ٻار سنڀالي سگهندو ۽ نه ٻار ڇڏي سگهندو. وڏي ڳالهه ته مان نه رڳو هن جي گهر جي نوڪرياڻي ٿي هن جي گهر جو ڪم ڪريان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پر سموري پگهار بہ اٽيو سندس هٿ تي رکان. سو هو سونا آنا ڏيندڙ ڪڪڙ کي ڪيئن ڇڏيندو. پر جي طلاق ڏني تہ بہ مون کي پرواهہ ناهي. مان ڏنديں ڏاند تي وئي آهيان. پاڻ ڪمايان تي. ڪنهن تي بار ڪونہ بنيس. باقي مٿو لڪائڻ لاءِ تنهنجو گهر آهي، پيار گهر آهي، بابي اما جو گهر آهي. انهن هنڌن تي بہ مان زوريءَ ڪونہ وڃي ٽڪندس. جي ڪو پيار سان وٺي ويو تہ واهہ. نہ تہ مان پنهنجي جڳهہ مسواڙ تي وٺي رهندس، نہ تہ بہ لٽي پٽي ماسترياڻين جي هاسٽل آهي. اتي بہ آسانيءَ سان جڳهہ ملي ويندي."

"ڏسجي ٿو تہ تو سڀ ڪجهہ اڳواٽ پئي سوچيو آهي"

"سوچڻ بہ ڪپي." هوءَ کلڻ لڳي.

"مان هن معاملي ۾ تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟"

"ڇا تنهنجو پيار مون لاءِ ڪافي نہ آهي؟"

"تون مون کي پنهنجي زال جي موت کان پوءِ ٻي شادي ڪرڻ بہ نہ ڏني."

"خبر ناهي ٻي عورت جو توسان ساٿ جو تصور برداشت ڪري نہ ٿي سگهان."

## ۴- جنوري ۱۹۸۱ع:

وري هڪ گمنام خط مليو اٿم. ڪنهن لکيو آهي تہ هو مومل کي خراب ڪري رهيو آهي ۽ مون کي ڌمڪي ڏني اٿائين تہ تون شرافت جو چوغو پهريو پيو هلين. سو مان توکي خوار ڪندس ۽ جي تو مومل جي پچر نہ ڇڏي تہ هن جي مڙس کي سڀ ڪجهہ لکي موڪليندس. هن بہ مومل جي پوشيده بدن جا ڪي نشان لکيا آهن.

هن خط مون کي نئون صدمو رسايو. پر ڏسجي ٿو تہ ان مومل جو اهڙي قسم جو ڪردار ڪنهن حد تائين ذهني طرح سهسائي ويو آهيان. هن خط تي بہ مون کي ان قسم جي رقابت تي عجب لڳو. هي ماڻهو، جو مومل جو مڙس ناهي، سو ٻئي ماڻهوءَ جو هن سان لاڳاپو سهي نہ ٿو سگهي. هر ڪو مرد، هر عورت تي، پنهنجي هڪ هٽي چاهي ٿو.

مومل سدا جوان ڇوڪري آهي. هوءَ ڇهن ٻارن جي ماءُ آهي ۽ هن جا ٻار جوان ٿي ويا آهن تہ بہ هوءَ ڇوڪري پئي لڳي. پنهنجي ٻارن جي ڀيڻ. هن جي هاڻي اهڙي آهي. اڄ بہ هن جي سونهن سحر، وڻندڙ ۽ بيحد ڪشش ڪندڙ. جسم هلڪو ڦلڪو، چست چالاڪ ۽ سمارٽ. سو ان ڳالهہ تي عجب ڪونہ ٿو لڳيم اڄ بہ هن الاهي چاهڻ وارا آهن. پاڻ ئي ٻڌائيندي آهي تہ ڪيئن رستن ۽ بازارين تي هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهان ٿو تہ عورت لاءِ شادي. ان ڪان بہ وڏي ٽريجڊي آهي. مرندڙ ڇڏي ويندو آهي. پر خود مرندڙ ماڻهو دل، دماغ ۽ روح جي خاتمي ڪري، اهڙي پيڙا نہ ڀوڳيندو آهي. پرڻجڻ وقت بہ ڇوڪري پنهنجي پيءُ ماءُ. مٽن مائٽن ۽ ساهيڙين ساٿياڻين لاءِ غمر. وڇوڙي ۽ صدمي جو سيلاب ڇڏي ويندي آهي. پر وڏي پيڙا خود هن کي سهڻي پوندي آهي. جمڻ کان وٺي ويهن ورهين تائين، هوءَ جن ماڻهن سان گڏ رهي آهي، جن سان کيڏي ۽ کُڏي آهي. جن سان ڏک سک ۾ شامل رهي آهي، جنهن ماحول ۾ گذاريو اٿائين. جن جڳهين سان هن جو جيءُ جڙي ويو آهي. جن شين سان هوءَ هري مري وئي آهي. جيڪي وٿون هن جي جيون جو حصو بنجي ويون آهن. انهن کي هڪدمر ڇڏڻو پوي ٿو ۽ سدائين لاءِ ڇڏڻو پوي ٿو. هن کي پيءُ ماءُ. اڪيچار مائٽن. سوين سهيلين ۽ پاڙي وارن کي ڇڏڻو پوي ٿو. هن کي پنهنجو گهر. پنهنجو پاڙو ۽ پنهنجو شهر ڇڏڻو پوي ٿو. هن کي اهو سڀ ڪجهہ ڇڏڻو پوي ٿو جنهن سان ويهن سالن کان هن جو ڳهاٽو ناتو رهيو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڇڏي، صفا اجنبي ماحول ۾ نون ماڻهن جي وچ ۾ ويڄو ۽ گذارڻو پوي ٿو. جيستائين انهن ماڻهن سان هِري مِري وڃي. جيستائين ان ماحول ۾ پاڻ کي نهڪائي ان لاءِ عرصو درڪار آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ ماءُ پيءُ جهڙو پيار ۽ پنهنجائپ اتي ملڻ جو سوال ئي ڪونہ ٿو اٿي.

ان ڪري سوچجي ٿو تہ انسان جي سماجي سرشتي ۾ اهڙي انقلابي تبديلي پئي پاڻ ڏي پڪاري، جنهن ڪري مرد توڙي عورت کي پنهنجو پنهنجو گهر هجي ۽ ڪنهن کي بہ دائمي طرح پنهنجو گهر ڇڏڻو نہ پوي ۽ جيڪي رشتا پنهنجو گهر ڇڏائڻ ٿا. تن کي بدلايو وڃي.

فرائيڊ جي نظريي موجب ڪيترين ذهني بيمارين ۽ جنسياتي (Sexual) اوڻاين. ڪٽنبي زندگيءَ (Family Life) ڪري پئدا ٿين ٿيون. يعني ماءُ پيءُ جي ٻارن تي اثر ڪري، ماءُ پيءُ جي ناتن ڪري، پيءُ جي ٻارن ڏانهن رويي ڪري، ماءُ جي ٻارن سان روش ۽ هنن جي پالنا جي طريقي ڪري، رڳو ماءُ يا رڳو پيءُ هجڻ ڪري، ٻارن جي پيءُ يا ماءُ سان ڳانداپن جي نوعيت ڪري...... تنهن ڪان سواءِ ڪٽنب ۽ رت جو رشتو ڪيترن موروثي مرضن جا ڪارڻ بنجن ٿا.

ڪرپ ۽ ويمر. عورت جي ڏنڌي يا نوڪريءَ ۾ رکنو وجهن ٿا ۽ ملڪ جي زرعي ۽ صنعتي پئداوار تي خراب اثر پوي ٿو.

ماهواري بہ هڪ دائمي بيماري آهي، جا هر عورت کي ڀوڳڻي پوي ٿي. هر مهيني ان جي ڪري چار پنج ڏينهن هن کي بيزاري، ڪراهت ۽ گندگي ۾ ڪن حالتن ۾ هن کي سور ۾ گذارڻو پوي ٿو..... هن دور ۾ ايتري طبي ترقي ٿي چڪي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٢٥ - سيپٽمبر ١٩٨٣ع:

سال جو اڄوڪو ڏينهن اسين پيار جو سالگرهه ڪري ملهائيندا آهيون. هن ڏينهن تي اسين يا پيار گهر ۾ ملندا آهيون، يا اسپتال ۾. نه ته ٽيليفون تي ضرور ڳالهائيندا آهيون. جي انهن ڳالهين مان ڪابه ڪري نه سگهندا آهيون ته هڪ ٻئي کي خط لکندا آهيون. اڄ به پيار گهر ۾ ڏاڍي پياري ملاقات ٿي..... اسان جو پيار هلندو اچي. ڪڏهن وڙهندا ۽ لڙندا به آهيون، هڪ ٻي سان رُسندا به آهيون، شڪايتون به ڪندا آهيون، ڏوراپا به ڏيندا آهيون. مان ته وڌيڪ هن سان ناراض ٿيندو آهيان، هن تي وڌيڪ ڪاوڙ ڪندو آهيان. هن سان تمام گهڻو رسندو آهيان...... سوچيندو آهيان ته مومل ۽ منهنجو پيار ايترو عرصو ڪيئن قائم رهيو آهي؟ مرڪي ويچاريندو آهيان ته جواب صاف ظاهر آهي ته هن کي ڪو ٻيو ڪونه ٿو ملي ۽ مون کي ڪا ٻي ڪانه ٿي ملي. پر ائين به نه آهي. هن جا يار آهن. جن مان ٻن ته مون کي به خط لکيا آهن، انهن ڪان سواءِ ٻيا به ٿي سگهن ٿا. پر هن جي مون سان سڪ ۽ گرمجوشيءَ ۾ گهٽتائي ڪانه ٿي آهي. مان به ٻين ڇوڪرين سان ناتا پئي رکيا آهن. پر انهن لاءِ ڪڏهن به منهنجن جذبن لڳاءُ واري يا دائمي صورت اختيار نه ڪئي. البت ائين آهي ته انهن ڇوڪرين مان ڪنهن جو به مون سان پيار وارو ناتو نه هو. جي پيار وارو ناتو هجي ها ته مون ۾ به گهري لڳاءُ وارا جذبا پئدا ٿي سگهيا ٿي. پر ان حالت ۾ هرويرو ائين ته نه ٿئي ها ته مومل واسطي منهنجا جذبا ختم ٿي وڃن ها ۽ ٿڌا ٿي وڃن ها. اها نه خبر ڪانه اٿم ته مومل کي منهنجن ٻين ڇوڪرين سان ملڻ جي خبر پئي يا نه. پر مون کي ته هنجي يارن جو پتو آهي، تنهن هوندي به هن کي ڪونه ڇڏي سگهيو آهيان.... مومل سان ناتي قائم رکڻ جو اهو به سبب ٿي سگهي ٿو جو هن سان نڪاح جي فرض واري رشتي ۾ ڪونه ڳنڍيس. تنهن ڪان سواءِ هن جي مڙس ۽ مائٽن ڪان اسان جو لاڳاپو لڪل رهيو آهي.

اڄ اسان جي پيار جو سالگرهه آهي ۽ مان ڪتابن جي اڀياس ۽ پنهنجي شخصي جذبن جي مطالعي مان، پيار بابت ذهن ۾ ايري آيل ويچار لکڻ ويٺو آهيان..... پيار ڇا آهي؟ پيار آزادي آهي. هر پابنديءَ ڪان آزاد. نه پنگتي پابندي، نه ڌرمي پابندي، نه اخلاقي پابندي، نه شاديءَ جي پابندي، نه عمر پر نباهڻ جي پابندي، نه هڪ ٻئي تائين محدود هجڻ جي پابندي، نه هڪ ٻئي جي ملڪيت هجڻ جي پابندي، نه طبقاتي پابندي، نه اقتصادي پابندي، نه ٻار پئدا ڪرڻ جي پابندي، نه ٻار پالڻ جي پابندي.

اهو خيال غلط آهي ته پيار سان دنيا کي بدلائي سگهجي ٿو يا انقلاب آڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي ٿو. اصل ۾ پيار لاءِ دنيا بدلائڻي آهي. پيار لاءِ انقلاب آڻڻو آهي. پيار انسان جي منزل آهي ۽ نہ ذريعو. انسان جي زندگي خوشي ۽ سک حاصل ڪرڻ خاطر آهي. پيار جهڙي خوشي ۽ سک، ٻي ڪا وٽ يا پيو ڪو عمل ڏئي نہ ٿو سگهي. صحت جو سک ۽ سونهن جي خوشي پنهنجي جڳهہ بنيادي ۽ ضروري آهي، پر پيار ڪانسواءِ هر سک، هر خوشي ۽ خود انسانيت اڻپوري آهي. انڪري پيار انسان جي منزل آهي. ان جي راهہ ۾ جيڪي طبقاتي سماج ۽ قومي غلاميءَ جهڙيون رڪاوٽون آهن، تن کي هٽائڻو آهي. ان طرح اسانجي جيون جي پوري جاڪوڙ پيار جي منزل واسطي هجڻ کپي. ڌرتيءَ سان پيار، پيار جي آزاديءَ جو اهڃاڻ آهي. جو نہ ڌرتيءَ جو پيار قومي ۽ غلامي طبقاتي سماج کان ڇوٽڪاري لاءِ جيون جي پوري جاڪوڙ جو روح ڦوڪي ٿو.

معاشي بي فڪري ۽ اقتصادي خوشحالي بہ ان لاءِ آهي تہ انسان پيار جون خوشيون پوري طرح ماڻي سگهي. پيار جي ڪري دنيا جي ٻين سکن ۾ بہ سرس خوشي محسوس ٿئي ٿي.

خيال اهو آهي تہ اهڙو سماج پئدا ڪيو وڃي. جو پورهيو بہ تفريح بنجي پوي، جنهن ۾ ماڻهو ٿڪاوٽ، بيزاري ۽ بي دلي محسوس نہ ڪري. ان جي حل واسطي سوچيو ويندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي پسند ۽ لاڙي مطابق هڪ کان وڌيڪ هنر ۽ ڪم سکي. ڪي جسماني ۽ ڪي ذهني. جسماني ڪم مان ٿڪجي تہ ذهني ڪم ڪري. ڪم جون حالتون ۽ ڪم جو واڀو منڊل بہ وڻندڙ بنايو وڃي. پيار واري ماڻهوءَ جو زندگي ۽ زندگيءَ جو هر ڳالهہ ۾ چاهہ وڌيو وڃي. پورهيو پڻ وڌيڪ شوق ۽ وڌيڪ محنت سان ڪري ٿو. جي پنهنجي محبوب سان گڏ ڪم ڪري تہ هن جي ان پورهئي ۾ دلچسپيءَ جي حد ئي نہ رهندي ۽ پئداوار گهٽي وڏندي.

سمجهيو ائين ويندو آهي تہ پيار بستري تي ملاقات واسطي آهي، يا پيار جو مطلب ۽ منزل شادي آهي. اها سوچ موجوده طبقاتي سماج جي پابندين ڪري آهي. يا پيار ڪندڙ دنيا جهان کان لڪي ملڻ ۽ اها فقط بستري تي ملاقات ٿي سگهي ٿي، يا جي حالتون سٺايون آهن تہ پيار ڪندڙ دنيا جي آڏو فقط شادي ڪرڻ جي صورت ۾ ئي ملي سگهن ٿا. سماجي پابندين ڪري، پيار جي جيون جو ڪارج ايري نہ ٿو سگهي. نہ تہ پيار جو اثر، انسان جي هر چرپر، هر عمل، هر سوچ ۽ پوري زندگيءَ کي گهيرو ڪري ٿو. ۽ اهو اثر انسان جي شخصي توڙي گڏيل اوسر ۽ خوشحاليءَ جي بنيادي سگهہ ٿي سگهي ٿي.

طبقاتي سماج ۾ پيار جو جذبو دائمي ۽ سدائين هڪ جهڙو رهندڙ نہ آهي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجڻ ڪري، پنهنجي ٻوليءَ ۾ پيار جو اظهار ڪندؤ ته هنجي سمجهه ۾ ڪونه ايندو. جي هنجي ٻوليءَ ۾ پيار جو اظهار ڪندؤ ته پوري طرح اظهار ڪري نه سگهندؤ. اهڙي طرح توهانجون ريتون رسمون هن کي عجيب لڳنديون ۽ دلي طرح انهن ۾ ڀهرو وٺي نه سگهندو. توهانجي تاريخ هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نه سگهندي. توهان درياهه خان يا شاهه عنايت جا ڏڻ ملهائيندا ته هن کي انهن ۾ ڪا دلچسپي محسوس ڪانه ٿيندي. توهان پنهنجي ڌرتيءَ جي واڪاڻ يا بلنديءَ جي ڳالهه ڀڏندا ته توهانجو ڳاٽ اوچو ٿي ويندو. پر هن ۾ اهڙو جذبو ڪونه ايرندو. موهن جي دڙي تي فخر ۽ ان سان ذهني ۽ قومي لڳاءُ جو هن ڌرتيءَ وارن کي آهي، اهو غير ڌرتيءَ وارن کي ٿي نه ٿو سگهي. پيار اها شيءِ آهي، جا ٻن پيار ڪندڙن جي وچ ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هم آهنگيءَ جي ڪري وجود ۾ ايندي آهي.

طبقاتي سماج ۾ انسانن تي ايتريون هٿ ٺوڪيل پابنديون مڙهيل هونديون آهن جو پيار جو اپريل سلو ڦٽي ۽ ڦولي نه ٿو سگهي. مردن ۽ عورتن کي الڳ رکيو ويندو آهي. جڏهن مرد ۽ عورت ملندا ئي ڪونه ته محبت ڪيئن پئدا ٿيندي؟ جي پئدا ٿيندي ته پروان ڪيئن چڙهندي؟

طبقاتي سماج ۾ پيار وارن لاءِ گڏجڻ جو شاديءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي ۽ شادي پيار جي قاتل آهي.

هڪ طرفو جذبو پيار نه ٿيندو آهي. پيار باهمي جذبو آهي. جي اهو باهمي نه آهي ته اهو پيار ئي نه آهي. جي تنهنجو پيار، تنهنجي محبوب ۾ تو لاءِ پيار پئدا ڪري نه ٿو سگهي ته ۽ پيار نه آهي. ٻين لفظن ۾ جيستائين تنهنجو پيار، پيار پئدا ڪري نه ٿو سگهي ته اهو پيار نه آهي. پوءِ اهڙي عاشق جي خودڪشي ڪرڻ اجائي آهي. ٿڌي دل سان غور ڪرڻ ۽ ٿورو وقت گذرڻ ڪانپوءِ خودڪشي ڪرڻ جو جنون ختم ٿي ويندو.

سونهن جو شعور نه هوندو ته سونهن جو مزو ماڻي نه سگهبو. پيار جو شعور نه هوندو ته پيار ماڻي نه سگهبو. پيار پئدا ڪرڻ لاءِ، پيار وڌائڻ لاءِ، پيار جو شعور پئدا ٿيڻ جا موقعا موجود ڪرڻ کپن. سونهن جو قدر اهو ڪندو، جنهن کي سونهن جو شعور هوندو. پيار جو قدر اهو ڪندو، جنهن کي پيار جو شعور هوندو. سونهن اهو محسوس ڪندو اهي، سونهن اهو ماڻيندو آهي جنهن ۾ سونهن جي ساڃهه هجي. سونهن جي ساڃهه ان شخص جي پوري جيون ۽ ڪردار تي خوشگوار ۽ خوشحال اثر ڪري ٿي. پيار جي ساڃهه جيون ۽ ڪردار کي خوشحال ۽ خوشگوار بنائڻ لاءِ اجا به وڌيڪ اثر انداز ٿئي ٿي.

پيار تمام پلو جذبو آهي، پيار انسانن جي وچ ۾ آدرشي ناتو آهي. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهندو هوس تہ نتائي ٽي يا ڪنهن ٻئي معاملي ۾ جوڻ نہ مجيندي هئي تہ مون کي پرپٺ هزارين شڪايتون ڏيندي هيون ۽ ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي ۽ دل ۾ هن کي ٻڌائڻ ۽ چوهہ چنبڻ لاءِ پوري تقرير تيار ڪندو هوس. پر جڏهن ئي هوءَ ملندي هئي تہ سڀ ڪجهہ وسري ويندو هو. هن جي قرب ۾ ايڏي گرمجوشي، ايڏو خلوص، ايڏي پنهنجائي ۽ ايڏي خوشي هوندي هئي جو مان پنهنجي وجود کي هن جي وجود جو محتاج سمجهڻ لڳندو هوس. هوءَ چوندي هئي: مان توسان چاهي هفتن کان پوءِ ملان، چاهي مهينن کان پوءِ، چاهي سالن کان پوءِ، پر منهنجيون خوشيون توسان ڳنڍيل آهن. توکي منهنجي پيار ۾ ترِ جو تفاوت محسوس نہ ٿيندو ۽ اهو هئو بہ سچ. (هڪ ٻئي پٺيان ٽرڪ، موٽر سائيڪل، موٽر ۽رڪشا جيل نڪهڻ جا آواز. مان واچ ۾ نهاريان ٿو) هاڻي تہ بہ وڄي ويا آهن. ايتري دير ڇو؟ اها تہ هن جي پراڻي ريت آهي. ڪڏهن بہ ڏنل وقت تي نہ پهچندي آهي. ڪڏهن چوندي رڪشا دير سان مليو. ڪڏهن مهمان اچي ويا، ڪڏهن ٻار بيمار ٿي پيو. واقعي ئي اهي بهانا ٿي سگهن ٿا يا دير ڪرڻ هن جي ادا بنجي وئي آهي. پر اڄ تہ حالتون سٺايون هيون، وقت تي اچڻ ڪپندو هوس، ٿي سگهي ٿو تہ رڪشا جو مسئلو درپيش آيو هجي...... اٺ سال ٿيا تہ ڪنهن نموني معلوم ٿيم تہ هن هڪ ٻئي ماڻهوءَ سان بہ ياري رکي آهي. منهنجو اندر ڪامي ويو. سڪ ڦتي پيو، ننڊ حرام ٿي وئي (مان اتي ڪمري ۾ چڪر هڻڻ لڳان ٿو) هن جي ڪن ڳالهين مان مون کي هاڻي وڌيڪ شڪ ٿيڻ لڳو. وري پڪو ثبوت مليو تہ رقيب موجود آهي. ڏاڍو صدمو رسيم، دل پرزا پرزا ٿي پئي، فخر ڀڃي پيو. خبر ناهي ڪيتري وقت کان اهو رقيب پئدا ٿي چڪو هو. پر رقابت جا جذبا تڏهن ٿا ايرن، جڏهن رقيب جي موجودگيءَ جي ڄاڻ ٿي پوي. مڙس جي اندر ۾ زال واسطي نفرت جي باهہ تڏهن ٿي ڀڙڪي، جڏهن هن کي هن جي يار جي موجودگيءَ جي خبر ٿي پوي. جي خبر نہ پوي تہ سالن جا سال يا سڄي عمر مڙس لاءِ مڙئي خير آهي. مومل چوندي آهي تہ تنهنجي پيار ڪري مون ۾ جيڪا خوشي پئدا ٿئي ٿي، ان خوشيءَ ۾ مان پنهنجي مڙس کي ڪجهہ چاهہ ڏيکاري ٿي سگهان..... مان سڙندو ڪامندو رهيس، پر هن کي ڇڏي ڪونہ سگهيس. سڌي طرح هن کان ڪيئن پڇان؟ وقتي وقتي مذاق ئي مذاق ۾ چوندو هومانس: وچڻ جي تڪڙ پئي ڪرين، منهنجو ڪو رقيب تہ پئدا ٿي ڪونہ چڪو آهي؟ ان تي اٿلندو مون کان سوال پڇندي هئي: ڇا توکي منهنجي پيار ۾ فرق نظر اچي ٿو. ڇا مان جڏهن بہ توسان ملان ٿي تہ توکي ڀرپور پيار نہ ٿي ڏيان،پوءِ تون اهڙا وهم ڇو ٿو ڪرين. ڀيو ڀلا توکي ڇا کپي؟.... ها. سوال تہ اهو ئي هو تہ مون کي ٻيو ڇا کپي؟ مان اهو سوال سوچيندو ئي رهجي ويندو هوس

۽ پنهنجو پاڻ کي بہ ان جو جواب ڏئي ڪونہ سگهندو هوس. (واچ ڏسان ٿو) حد ٿي چڪ. ڏهائي ٿي ويا آهن. هن کي منهنجو ڪو احساس ئي ڪونهي. هن کي اهو حساس ئي ڪونهي تہ سندس اچڻ جو واعدو، مون ۾ ڪيترين اميدن جا انبار پيدا ڪري ٿو. انهن اميدن ۾ مان ڪيڏو نہ انتظار ۽ انتظام ڪريان ٿو...... شايد ڪا مجبوري ٿي پيس. ايندي ئي ڪانہ. يا شايد وچ ۾ ڪنهن رقيب رستو روڪي وڌس ۽ اڏائي ويس. (ڪرسيءَ تي وهان ٿو) ٿوري گهڻي تي منهنجو اهو رقابت جو زخم اکڙي پوندو آهي ۽ پڪو فيصلو ڪندو آهيان تہ هاڻي مومل سان ناتا ضفا ڪاٽا ڪري ڇڏيندس. مون کي ياد آهي تہ رقيب منهنجي ذهن تي چڙهي ٻيٺو هو. هن جو سوچي سوچي، مان پنهنجو پاڻ کي جلائيندو، جهوريندو ۽ ڳاريندو ٿي رهيس. مومل تي سخت ڪاوڙ ايندي هئي ۽ هر ڀيري پڪو پهہ ڪندو هوس تہ هن سان ملڻ جلڻ بند. سڀ لاڳاپا ختم. وقتي وقتي اهو ويچار ايندو هو تہ ڇو پيو پاڻ کي ڳاريان ۽ ايترو وهلور وڃان، هوءَ ڪا منهنجي نڪاح ٻڌي زال تہ ڪانهي. پر خبر ناهي ڇو اهو خيال ايندي مان پاڻ کي خسيس ۽ نيچ محسوس ڪندو هوس.....
هاڻي ڪڏهن بہ هن ڪان ملاقات وغيره جي سلسلي ۾ ڪا اتفاقي ڪوتاهي ٿي ويندي هئي تہ منهنجو پارو چڙهي ويندو هو ۽ ائين سوچيندو هوس ۽ هوءَ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي مردن کي بيوقوف بنائي رهي آهي ۽ سمجهي ٿي تہ ڪنهن کي خبر ڪانہ پوندي. هوءَ مون سان بہ کيڏي رهي آهي. اتي پهچي مان پنهنجو پاڻ کان سوال پڇندو هوس تہ مون سان ڀلا ڪيئن کيڏي رهي آهي؟ مون کي جيڪا محبت ڏيندي رهي آهي، ان ۾ مان ڪمي محسوس ڪونہ ٿو ڪريان. هوءَ اڄ بہ منهنجي زندگيءَ لاءِ وڏو اتساهہ آهي. هن جي محبت مون ۾ اهڙو نفسياتي ڏڍ پيدا ڪري ٿي جو مون ۾ ڪيتريون دليريءَ واريون خوبيون پيدا ٿي ويون آهن. هن جي پيار منهنجي دماغ جون قوتون روشن ڪري ڇڏيون آهن. هن سان هر ملاقات ۾ محسوس ڪندو آهيان تہ هن جو پيار منهنجي اندر سحر روح. سحر زندگي ۽ سحر قوتون ڀري ٿو ڇڏي..... مان اڪيلو ڪجهہ بہ نہ آهيان. هن سان مان سڀ ڪجهہ آهيان. مان اڪيلو اڌورو آهيان. هن سان منهنجي شخصيت جي تڪميل ٿئي ٿي...
هوءَ اڄ بہ بدنامي ۽ زندگيءَ جا سوين خطرا ڪٽي، مون سان پوري گرمجوشيءَ سان نباهيندي اچي. ائين بہ نہ آهي تہ هن جي مون ۾ ڪا لالچ آهي. پاڻ ڪڏهن بہ پئسن جي تقاضا نہ ڪندي آهي. ورهين ڪرهين ڪا هلڪي سلڪي فرمائش ڪئي هوندائين ۽ مان پنهنجي شوق سان ڪڏهن ڪڏهن هن کي ڪا سوکڙي يا ڪپڙن جو جوڙو وٺي ڏيندو آهيان ۽ عيدن تي خرچي. پوءِ ڀلا مان اهو ڪيئن ٿو سوچي سگهان تہ هوءَ مون کي بيوقوف بنائي رهي آهي يا مون سان کيڏي رهي آهي. هن جي بہ تہ ڪا

آخر شخصي زندگي آهي. مان هن کي پنهنجي ملڪيت بنائڻ ڇو ٿو چاهيان. هي رقابت جا جذبا. انهيءَ نظام جي پيدائش آهن. جنهن جو " ذاتي ملڪيت" پهريون اصول آهي. مان هن جي خيالن جي سونهن. جذبن جي سچائي. دل جي دليري ۽ بغاوت جو لاڙو ڇو نه ٿو ڏسان؟...... مان اهڙن ئي خيالن سان پاڻ کي دلاسو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. پر جئن ئي هن کان ڪا شڪايت ٿيندي اٿم يا رقيب سان هن جي لهه وچڙ ۾ اچڻ جو شڪ پوندو اٿم. نه وري رقابت جو زخم کلي پوندو آهي. نه رڳو کلي پوندو آهي. پر پوسرڻ لڳندو آهي. هڪڙي عجيب ڳالهه اها به سوچيندو آهيان ته جيڪڏهن هوءَ مون کان پڇي ته: جي مان انهيءَ نموني جوڙيل آهيان. جو گهٽن کي پيار ڏئي سگهان ته پوءِ مان پنهنجي دل جي دنيا ڇو نه آباد ڪريان؟ ته مان ان جو ڪهڙو رد ڏئي سگهان ٿو!.... هوءَ نوڪري ڪري ٿي. هن کي چار ٻار آهن. مون ڏٺو آهي ته مومل جي سگهڙائپ. تدبر. پيار ۽ محنت ڪري، هي گهر انهن ٿورن گهرن مان هڪ آهي. جنهن کي "گهرو سک" وارو گهر چئي سگهجي ٿو. (ڪرسيءَ تان اٿي. اچي پلنگ تي ليٽان ٿو)..... پوٽا ٿي ٿيا آهن. هاڻي ته هن جي اچڻ جي اميد ڪرڻ اجائي آهي. ڪيڏو نه مون کي دوکو آيو. ڪيڏي نه نااميدي ٿي. هن جي ڪري مون اجا ماني به نه کاڌي آهي. جي نه آئي ته کائيندس به ڪونه. هينئر جي آئي ته صفا رُسي وهندس ۽ جيستائين منٿون ايلاز ڪري پرچائيندي نه. تيستائين ڳالهائيندس به ڪونه. نه. انهيءَ مان ڇا ٿيندو. اڄ ڪورو جواب ڏيندومانس ته موٽي وڃ انهيءَ يار وٽ. جنهن وٽان اچين پئي.... ها، هي آواز! رڪشا در تي اچي بيٺي آهي. (منهنجي دل ڌڙڪي ٿي).

مومل گهر مان واقف آهي. دروازا کليل آهن. لڏندي. لمندي. مرڪن جو ڇٽڪار ڪندي، سڌو هن ڪمري ۾ پهچي وڃي ٿي. مون کان وسري وڃي ٿو ته مون ڇا سوچيو هو. ظاهري منهن سجائي چوان ٿو.

"ايتري دير؟"

هوءَ زبان سان ڳالهائڻ بدران، پنهنجي جسم سان جواب ڏئي ٿي. مون کي لڳي ٿو ته وقت جي ڪٽ ۽ عمر جي اڌوهي عمومل جي سرير جو ڪجهه به بگاڙي نه سگهيا آهن. مونکي هڪ پيرو وري به محسوس ٿئي ٿو ته منهنجي تڙپ ۽ مومل جي گرمجوشي امر ٿي چڪا آهن!



[ جمال صحبت ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو ساڻباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book